جڏهن مخدوم محمد هاشم طرفان مذڪور ڪتاب ۾ نظر عام تي آيو تڏهن مخدوم ابوالحسن جي شاگردن ۽ معتقدن ۾ مارا مڱي ۽ جي لهر ڊوڙي وئي. ۱۹ ۽ ڇهائٽن مخدوم محمد قائم اصلاح ڏيڻ ۾ مشغول هو. ان ڪتاب جي رد ۾ ڪتاب "الشفاء الدائم" پڌرو ڪيو. ۲۰ ان ڪتاب ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ مخدوم ابوالحسن جي علميت متعلق هيءَ راءِ ڏني ٿي:

"شيخ ابوالحسن سندي جيتوڻيڪ پرهيزگار انسان هو، الله تعالىٰ ان کان انسائي نعوذ ڀڃائي، پر هو علم حديث جو ڄاڻو نه هو، فقط فارسي ڄاڻندو هو، جيئن عبادات ۾ مجموعه خاني ۽ مجموعه ... ڄاڻندو هو." ۲۱

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 117

مخدوم محمد هاشمؒ جي هي ءَ راءِ وٺي جوش ۽ بحث جي گرما گرمي جو نتيجو ٿي پاڻجي، جا کانڊ تہ ان کان اڳ پاڻ مخدوم ابوالحسنؒ جي بزرگي ۽ پرهيزگاري سان گڏ سندس علميت کي به تسليم ڪيو هئس[۲۲] ٻئي طرف پنهنجي بزرگن جي عزين جي وچ ۾ تقريباً منهنجي هڏي جو فرق هو. جنهن سبب مخدوم محمد هاشمؒ لاءِ مخدوم ابوالحسنؒ جي تعليمي معيار جو پورو اندازو لڳائڻ آسان نہ هو[۲۳] والله اعلم بالصواب

بهرحال مخدوم محمد هاشمؒ جي هن راءِ جي قطع نظر بياڪيرا ٻيرونئين خواه مقدمة الصلوٰة مان اندروني شواهد ملن تا جي ڏيکارين ٿا تہ مخدوم ابوالحسنؒ هڪ وڏو ديني عالم هو.

ٻيرونئين شواهد ۾ مخدوم محمد قائمؒ جي راءِ ۽ مخدوم محمد هاشمؒ جو هيٺيون قول ڪافي آهن.[۲۴] ان ڪانسواءِ نٽي جهٽي علمي مرڪز ۾ مسجد جو امام هجڻ، هڪ وڏي عالم جو ڪم هو. جهوڪا مان مسئلي جي پيش نظر تہ بي علم پيش امام جي پٺيان عالمن جي نماز پڙهڻ سان سڄي جماعت جي نماز ٻڌندي، جو مسئلو خود مخدوم ابوالحسنؒ مقدمة الصلوٰة ۾ لکيو آهي،[۲۵] هن ڪانسواءِ نٽي سوورهيه ڪ جي ديني ۽ علمي ماحول ۾ نماز جهڙي اهم فرض نٽي قلم کڻڻ جهڙن گهڻن علمي مايه رکندڙ شخص لاءِ ممڪن نہ هو. ڪي مصنف تہ مخدوم ابوالحسنؒ جي ٻڌل عربي ڪتابن جو به ذڪر ڪيو آهي.[۲۶]

اندروني شواهد طور ڪتاب ۾ ڏنل فقهي معلومات، عربي دعائن جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ عربي ڪتابن مان آندل حوالا، پيش ڪري سگهجن ٿا. جن ڪتابن متعلق مخدوم محمد هاشمؒ اشارو ڏنو آهي انهن مان هڪ مان به مخدوم ابوالحسنؒ مقدمة الصلوٰة ۾ کو حوالو نہ ڏنو آهي.[۲۷]

مٿيون مٿي ڏنل حقيقتون ۽ ٻيا ڪيترا هئڻ مخدوم ابوالحسنؒ هڪ عالم

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 118

ء فاضل شخص هو.

بزرگ ابوالحسن ؒ لاءِ مخدوم يا ميان جو خطاب

بزرگ ابوالحسن ؒ کي تحفة الکرام ۽ تحفة الطاهرين ۾ بنهي کتابن ۾ مخدوم نه پر ميان لکيو ويو آهي.[۲۸] الهيءَ سبب ڪري پر بعض ذهنن ۾ سندس علمي تبحر متعلق ڪي شبهات ملن ٿا. جنهن جو اصلي سبب هي آهي ته ڪن مصنفن جي غلط سوچ مطابق مخدوم ۽ ميان جڙ ڪي پر علحده معين علمي فضيلتون ياد رهيا هئا، جن بنهي ۾ وچين علمي تبحر جي بنياد تي ڪاڏي فاضل مقرر هئي. مثلاً: مخدوم عبدالله ؒ واعظ جي بيان ۾ اڪثر ٻڌل ڏسو ويو آهي ته "پاڻ علمي فضيلت جي ڪري ميان جي درجي مان مخدوم جي عاليشان درجي تي پهتو هو."[۲۹] پر غور سان ڏسو جي ته اهڙو ڪو به فرق موجود نه هو.

سنڌ ۾ ان زماني ۾ علماء ڪرام لاءِ مولوي، مولانا يا علامه جهڙا خطاب مروج نه هئا. عام طرح ميون ۽ مخدوم اهي به لفظ هئا جي سنڌ جي عالمن جي نالن سان احتراماً شامل ڪيا ويندا هئا. اڪثر ساڻي ماڻهو لاءِ ميون ۽ مخدوم ٻئي لفظ استعمال ٿيندا رهيا آهن. مثلاً: مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي ؒ يا ميون عبدالرحيم گرهوڑي.[۳۰] مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي ؒ جي استاد محترم کي به ميون مبين ؒ چيو ويندو هو. باوجود ايڪ هي بزرگ ان وقت جو نيارن جي نامور مدرسي جو مدارالمهام هو،[۳۱] ميون محمد ؒ سيد علي محمد شاهه ڏاڙي واري جو استاد هو ۽ ان وقت ۾ سنڌ اندر مشهور محدثن ۾ شمار ٿيندو هو. ۽ هڪ ماهر فقيهه هو. جنهن ڪتاب فتح العزيز جي تحرير رد ڪئي هئي. ميون محمد شجاع هالائي ۾ ماهر فقيهه هو، جنهن ڪتاب نهر الفائق جي عبارت کي پڪو هو.[۳۲] هي ٻئي بزرگ ميان ۽ سڏيا ۽ لکيا ويا آهن. تنهنڪري جيئن سگهجي تو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 119

ٿيون ۽ مخدوم جا القاب کڻن به علمي ياڻت جي بنياد تي جڏ ته جڏا علماء لاءِ استعمال
ڪيا ويندا هئا. اڄڪلهه ان بنهي لفظن جي استعمال ۾ جيڪو ٿورو فرق نظر اچيو، ان جي وضاحت
لاءِ هيٺيان نڪتا پيش ڪجن ٿا.

۱ ۽ ٻيون احترام ۽ تعظيم ظاهر ڪرڻ لاءِ هر بزرگ جي نالي سان استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته علماء
سيد، مرشد، فقراء ۽ ٻيا فضيلت جا صاحب شامل هوندا آهن، پر نه حاڪم، امير، دولت مند وغيره ۳۴
ٻيون لفظ عام طرح عام ماڻهن جي زبان تي چڙهيل هوندو هو ۽ اڄ تائين به آهي. مخدوم محمد هاشم ۳۵
کي اڄ تائين لاڙ جا عام ماڻهو ٻيون هاشم سڏيندا رهيا آهن. هالن جي پنهي بزرگ مخدوم ابراهيم جي
سنڌي ترجمي ڪتاب شان ٻيان ابراهيم جي سنڌي تڪميل آهي ۽ انهن ٻنهي بيشمار مثال آهن. شاه ۳۶
عبداللطيف جهڙي عظيم شاعر ذات باري تعالىٰ لاءِ به جڏهن لفظ ٻيون استعمال ڪيو آهي تڏهن
جڏهن سڳڀو نه لفظ ٻيون احترام جي جڏهن وسعت جو اظهار ڪري ٿو، سا لفظ مخدوم جي معنيٰ جي
دائري ۾ هرگز سمائجي نه ٿي سگهي. حقيقت هيءَ آهي ته ٻيون عوامي لقب آهي، جڏهن ته
عزت ۽ احترام سان گڏ محبت ۽ اخلاص جا جذبا به شامل آهن.

۲ ۽ لفظ مخدوم لاءِ سمجهيو ويو ٿو ته پهرين کن عالمن کي هي لفظ سندن
علمي حدن جي اعتراف طور ڏنو ويو. ان کان پوءِ ۳۶
اڃا ٻئي هلي هي لقب علمي حلقن ۾ مقبول ٿيو ۽ علماء لاءِ سندن شاگردن ۽ معتقدن طرفان
تحريري تصنيف ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح هي لقب فقط علماء لاءِ مختص ٿي ويو. جڏهن
ته لفظ ٻيون هر ڪنهن درويش، ملا يا آخوند کان وٺي عظيم عالمن پيرن ۽ مرشدن لاءِ استعمال
ٿيڻ لڳو ۽ اڃا تائين ٿيندو رهي ٿو.

۳ ۽ مشهور انگريز مصنف رچرڊ برٽن ميرن جي صاحبي ۾ سنڌ اندر تعليمي سرشتي
جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ان وقت تعليم لاءِ درسگاهون بن درجن ۾ ورهايل
هيون. ابتدائي درسگاهن کي مڪتب ۽ ثانوي درسگاهن کي مدرسو چيو ويندو هو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 120

جي هن وقت جي عالمن جي مساوي درجي جا هئا. انهن مدرسن ۾ ڏنل درجن جي طالبن کي تعليم ڏيندڙ معلمن کي 'مخدوم' چيو ويندو هو، جن جو تعداد هڪ يا ٻن کان زياده نه هوندو هو. باقي بين استادن جو تعداد جي هيٺين درجن جي شاگردن کي پڙهائيندا هئا، زياده هو، 'مخدوم' کي عام استادن کان پگهار به زياده ملندو هو ۽ عوام الناس انهن جي عزت ۽ احترام به زياده ڪندا هئا.[۳۷]

هي مٿين سموري بيان مان ڪٿي به هيئن سمجهه ۾ نه ٿو آهي ته 'مخدوم' جو لقب ڪنهن خاص علمي لياقت حاصل ڪرڻ سبب کين عطا ٿيندو هو. البت هيئن ٿي سگهي ٿو ته تعليمي درسگاهه ۾ 'مخدوم' هڪ ممتاز عهدو هجي جو تجربي جي بنياد تي ڏنو ويندو هجي. جڏهن ته عام استادن ۾ به سائگي علمي لياقت رکندڙ استاد موجود هجن.

مٿين سڀني بحث مان هي ثابت ٿيو ته مخدوم ابوالحسنؒ کي 'بيان' لکڻ سان سندس علمي معيار بابت گهڻائي طرف اشارو نه ٿو ملي. هي لفظ فقط رواج موجب استعمال ڪيو ويو هو.

مخدوم عبدالله[۱]ؒ واعظ به پنهنجي علمي فضيلت حاصل ڪرڻ سبب 'مخدوم' سڏجڻ جو حق نه ٿي آيو. هي 'مخدوم' جي لقب جي عام رواج پوڻ سبب. چاڪاڻ ته مخدوم عبدالله[۱]ؒ سموري تعليم فقط مخدوم ابوالحسنؒ کان ئي ورتي هئي.[۳۸]

حج، حرمين شريفين ۾ وفات

هڪ اندازي موجب مخدوم ابوالحسنؒ سنه ۱۱۲۷ھ/۱۷۱۵ع ڌاري حج بيت الله شريف لاءِ روانو ٿيو هو، جتان واپسي کان پوءِ پاڻ وفات ڪيائين. هن سندس وفات جي پوري تاريخ معلوم نه آهي. مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي سندن وفات سنه ۱۱۲۸ھ/۱۷۱۶ع ۾ ٻڌائي آهي.[۳۹] سندن آخري آرامگاهه مڪي ۾ جي شبرڪ سڏائي ٿي.[۴۰]

سندن تصنيفات:

سندن عربي تصنيفات جو محققن ذڪر ڪيو آهي پر انهن ڪتابن مان ڪنهن هڪ جو به هاڻي نه جاڻايو ويو آهي.[۴۱] تحفة الڪرام جي مؤلف سندن سنڌي فقهي ڪتابن جو اشارو ڏنو آهي پر هن وقت انهن مان ڪو به دستياب نه آهي. [illegible] احوال ۾ ڏنل آهي،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 121

مقدمة الصلوٰة عرف ابوالحسن جي سنڌي.

تاليف، مخدوم ابوالحسن بن عبدالعزيز رح.

مقدمة الصلوٰة سنڌي بوليءَ جو عربي رسم الخط ۾ لکيل سڀ کان پهريون ڪتاب آهي. بلڪ هيءُ ڇوٽ زيادہ مناسب ٿيندو تہ هن ڪتاب کي ڪنهن لاءِ ئي سنڌي بوليءَ جي هاڻوڪي الف ـ ب جي ابتدائي صورت ايجاد ڪئي وئي، جنهن کي پوءِ ضروري ڦير ڦار سان موجوده شڪل ڏني وئي. ۴۳

مقدمة الصلوٰة جي تاليف جو تاريخي پس منظر

سنڌ جي سمن، ارغون ءِ انهن کان پوين مسلمان حاڪمن جي ڏينهن ۾ جڏهن ٺٽو اسلامي دنيا جي چند بين مشهور شهرن وانگر هڪ وڏو ديني، ثقافتي، علمي مرڪز ءِ سياسي حوالا تہ ٻڌي شهرت رکندڙ شهر هو، تڏهن ٻاهرين مسلمان ملڪن مان عالم، شاعر، مؤرخ، ماهر، هنرمند، سياح ءِ مبلغ پنهنجي پنهنجي مقصد تحت هن شهر کي وقت بوقت روني بخشيندا رهيا ءِ هتي جي مسلمان حاڪمن جي مهمانيءَ ۾ شناسائي ءِ اخلاص سبب ان کي انواع و اقسام جي پلارن سان پريندا رهيا. ۴۴ انهيءَ دور ۾ ئي بغداد مان سيد يوسف الدين جيلاني رح عن الهاشمي المدني جي تحصيل ۾ علوم و برڪات جي اوٽ اوٺڻ لاءِ ٺٽي تشريف فرمائيا. ۴۵ اهو سڌ ورو سمو ڪن مؤرخن جي راءِ موجب سمي گهراڻي جي فرمانروا مرڪب خان يعني جام رائدان جو دور هو. ۴۶ پرڪن وري ان کي ٺٽي جي گورنر نواب حفظ الله خان جو زمانو ٻڌايو آهي يعني ۱۱۰۳ھ/۱۶۹۲ع کان ۱۱۱۲ھ/۱۷۰۰ع تائين واري زمانو. ۴۷ بهرحال سيد يوسف الدين جيلاني رح جي وعظ ءِ نصيحت جي اثر سبب سنڌ ءِ ڪڇ جا ڪيترائي هندو مسلمان ٿيا. هي مومن سنڌ جو ۾ آيا ۽ پوءِ ميمڻ جوائن لڳا. ۴۸ ان وقت سنڌ ۾ ديني علم جو چرچو عروج تي هو، پر تحرير خواهه ڪتابت جو هر هڪ شيءِ وڏو ڪم رڳو عربي يا پارسي بولين ۾ ٿيندو هو. ۴۹ تنهنڪري هن نومسلمن جي تعليم لاءِ نماز جي مسئلن بابت سنڌن ٻولي مادري زبان ۾ هڪ ڪتاب جي شديد گهرج محسوس ڪئي وئي. مخدوم ابوالحسن ٺٽوي رح هن ضرورت جي مد نظر عربي رسم الخط مان سنڌي تلفظ جو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 122

لحاظ رکندي هڪ الف۔ ب مرتب ڪئي ۽ ان نئين سنڌي الف۔ ب ۾ مقدمة الصلوٰة تاليف ڪري
۵۰ وقت جي اهادنين ۽ تعليمي خدمت سرانجام ڏني جنهن لاءِ سنڌي مسلمان جون ديون ڪڏهن به نه ڪڏهن ٿيون

مقدمة الصلوٰة جي تاليف جو سال

مقدمة الصلوٰة جي تاليف ٽئين واري سال بابت لکندي جناب داڪٽر
۵۱ بني بخش خان بلوچ صاحب جن فرمايو آهي. تنهن ڪتاب جو هڪ قلمي
نسخو جنهن تي تحرير جو سال ۱۱۱۵ھ/۱۷۰۳ع لکيل آهي، سو سندن نظر هيٺ آهي. الحاج
خانبهادر محمد صديق ميمڻ مرحوم وري ڪتاب جي تاليف جو عيسوي سال ۱۷۰۰ء بڌايو آهي،
۵۲ جو جناب داڪٽر بلوچ صاحب جن واري نسخي تي ڏنل سال سان پوري مطابقت رکي ٿو.
باقي ٽن سالن جو فرق خانبهادر مرحوم طرفان هجري سن کي عيسوي سن ۾ بدلائڻ لاءِ
اختيار ڪيل طريقي سبب پيدا ٿيل ٿو پائجي. ٻئي طرف آغا بهائي مسٽر پيروز ل آذوائي هن
۵۳ سلسلي ۾ خانبهادر مرحوم سان مڪمل طرح همراءِ ٿيو آهي. جيڪڏهن سيد يوسف الدين
۵۴ جيلاني جي ٻڌايل سال ۱۱۰۳ھ/۱۶۹۲ع ڪمان ۾ آڻجي ته غالب گمان
موجب مقدمة الصلوٰة جي تاليف جو سال ۱۱۱۵ھ/۱۷۰۳ع ئي ٿئي ٿو.

Gul Hayat Institute

پر جناب داڪٽر بني بخش خان بلوچ جن، شاهه لطف الله قادري جي سنڌي رسالي
جي دستياب ٽئين جي پيش نظر مقدمة الصلوٰة جي تاليف جو سال شاهه صاحب مرحوم جي وفات جي
لڳ ڀڳ يا ٿورا وڌيڪ آڳاٽو بڌايو آهي. سندن تحقيق موجب شاهه لطف الله
قادري جي پنهنجو پارسي ڪتاب منهاج المعرفت ۱۰۷۸ھ/۱۶۶۸ع ۾ لکيو ۽ ان ڪان پوءِ سنڌي
رسالو تحرير ڪيو، جنهن ڪمان پوءِ سنه ۱۰۹۰ھ/۱۶۷۹ع ۾ پاڻ وفات ڪري ويو. تنهن ڪري
ممڪن آهي ته مقدمة الصلوٰة جيڪو سنڌي ۾ جو سڀ ڪان پهريون تحريري آئٽم ڪتاب
آهي سوان وقت ڪان آڳ ئي لکجي چڪو هجي ۽ ان ڪان متاثر ٿي شاهه لطف الله
پنهنجو سنڌي رسالو تيار ڪيو هجي. پاڻ هن راءِ جا به آهن نه ٿي سگهي ته خود
مقدمة الصلوٰة شاهه صاحب جي سنڌي رسالي ڪان [illegible] لکيو ويو هجي. ۵۵

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 123

جيئن ته مقدمة الصلوٰة جي تحرير جي سيد يوسف الدين جيلاني جي ٿئي ۽ تشريف آوري سان خاص نسبت آهي، تنهنڪري هن بزرگ جي ٿئي ۽ آمد جي تاريخي تحقيق، مقدمة الصلوٰة جي تحرير جي سال تي پوري روشني وجهندي. سائڪي طرح مخدوم ابوالحسن جي ولادت ۽ وفات جا صحيح سال به هن سلسلي ۾ گهٽي رهبري ڪري سگهندا. خانبهادر سيٺ مرحوم ادبي تاريخ ۾ مخدوم ابوالحسن جي ولادت ۽ وفات جا ٻئي سال ڏنا آهن، پر سندس ٻئي ڇوڙ موجب اهي ٻئي محض اندازي تي لکيا ويا آهن. تنهنڪري مشڪوڪ ڇڏيا. ادبي تاريخ ۾ سيد يوسف الدين جي ٿئي ۾ آمد ۱۱۰۳ھ کان پوءِ بڌائي وئي آهي پر هڪ ٻي روايت موجب سيد موصوف سنڌ ۾ سمن جي دور ۾ آيا هئا. تنهنڪري ڊاڪٽر ٻني بخش خان بلوچ جن جي ٿيسز تحقيق کي تقويت پهچي ٿي ۽ معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم ابوالحسن اوائل يارهين صدي هجري ۾ تولد ٿيو هو ۽ مقدمة الصلوٰة اواخر يارهين صدي ۾ لکي ان عوامي طلب جي تڪميل ڪيائين جا بين صدين دوران وڏي هاڻ ٿيو ٿي پر هي جي

مقدمة الصلوٰة جي مقبوليت ۽ اهميت

مقدمة الصلوٰة ٻوڌ ابوالحسن جي سنڌي ٻولي جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ روايت پسند ٻين سندس مطالعو ڏاڍي چاهه سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جاري ٿيو ۽ مڪتبن ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ٿي لڳو. ايتري قدر جو نماز جي مسائل ٻڌائڻ جي ٻي دستور العمل ليکجڻ ۾ آيو. وقت گذرندو رهيو ۽ ان سان گڏ ابوالحسن جي سنڌي جي مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو ويو. آخر عام نوڙي حاصل ماڻڻ جي دلين ۾ هن ڪتاب امڙو ته اعليٰ مقام پيدا ڪيو، جو ڪيترن عالمن ٻڌائي سائڪي پيرايي ۾ ديني ڪتاب لکڻ جي رغبت پيدا ٿئي ۽ ڪيترا ديني ڪتاب هن طريقي تي لکيا ويا. جي سڀ ابوالحسن جي سنڌي ۾ لکيل ڪتاب سڏ جڙ ۾ آيا. جڙ پڙهن جي موضوع، اظهار جي طريقي ۽ رسم الخط جي لحاظ سان علم جي هڪ نئين صنف وجود ۾ آئي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 124

مقدمة الصلوٰة جي طباعت ۽ اشاعت

جڏهن چپائي جو دور آيو تڏهن پهرين ببئي ۾ چاپخانا قائم ٿيا. جن ۾ ابوالحسن[۶۷] جي سنڌي ۽ ۾ ڪيل ڪتاب پهرين علحده علحده ۽ پوءِ مجموعن جي صورت ۾ چاپيا ويا. مقدمة الصلوٰة به پهرين علحده ۽ پوءِ ٻين ڪتابن سان گڏ طبع ٿيندو رهيو. هن وقت ببئي جي زماني جو جيڪو قديم ترين چاپو سنڌ ۾ موجود آهي، ان ۾ مقدمة الصلوٰة سان گڏ ڇهه ٻيا ننڍا ڪتاب به هڪ مجموعي جي صورت ۾ طبع هيٺ آيل آهن. جن جا نالا هي آهن:

(۱) نور نامون (۲) سايڊيون ڇهه ويهون فرمن جون (۳) ڇو علمي (۴) عهد نامون (۵) مدح پيران پير جي (۶) لب لباب منهاج الزاهدين ۽ سراج العابدين.

هي مجموعو ۱۸۶۱ع ۾ چاپخاني محمدي تماشي محمد ابراهيم تماشي فورهند وتان ببئي مانڇپيو.[۶۸] هن ڪتابن مان فقط به يا ٻه يعني سايڊيون ڇهه ويهون فرمن جون ۽ ڇو علمي فقه ٻي ڪيل آهن.[۶۹] ننڍي زاڪر الحروف جي سامهون ببئي جي مطبع هرپيي جو چاپيل نسخو آهي جنهن ٻي طبع جو سال ڪيل نه آهي.

مقدمة الصلوٰة جي اشاعت جو تسلسل

ٽن سون ورهين گذري وڃڻ ڪان پوءِ به مقدمة الصلوٰة جي افاديت ۽ اهميت ۾ ڪو به فرق نه آيو آهي ۽ ببئي ۽ ڪراچي جي مختلف مطبعن مان بار بار ڇپجڻ ڪان پوءِ احاتائين به ان جا نوان چاپا ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندا رهن ٿا.[۷۰] بلڪ ان جي تشريح ۽ تصحيح جي سلسلي ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪم به ڪيو ويو آهي، جنهن جو هڪ مثال شيخ عبدالحق فريشي صاحب جو ڪتاب آهي.[۷۱]

مخدوم محمد هاشم ٽرفان مقدمة الصلوٰة جي اصلاح

مخدوم ابوالحسن[۷۲] پاڻ هي ڪتاب ننڍي ۾ پڙهائيندو هو ۽ پوءِ ڪنهن سبب مقدمة الصلوٰة جي پڙهائن جو ڪم مخدوم محمد هاشم[۷۳] جي سپرد ڪيو ويو، جو ان وقت ننڍي جو هڪ برڪ عالم ۽ فقيه هو. ڪن جو چوڻ آهي ته ان وقت مخدوم ابوالحسن[۷۴] حج بيت الله جو فرض ادا ڪرڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 125

لاءِ حرمين شريفين روانو ٿي ويو هو. پاڻيئن ۾ ئي سڳيو ٿيو ته مخدوم ابوالحسن[ر] جي انتقال ڪان پوءِ مقدمة الصلوٰة جي پڙهائڻ جو حڪم مخدوم محمد هاشم[ر] جي حوالي ٿيو هيو. ڇو ته فقهي اعتبار ڪان مقدمة الصلوٰة ۾ اصلاح جي گنجائش هئي. اهڙي راءِ کيس کن ٻين معزز دوستن ڪان به ملي. تنهنڪري اصلاح مقدمة الصلوٰة[ر] جي نالي سان هڪ ڪتاب فارسي ۾ لکيائين جنهن ۾ مخدوم ابوالحسن[ر] لاءِ نهايت عقيدتءِ احترام جو اظهار ڪندي اصلاح جي لکڻ جي ضرورت ۽ مناسبت ڪيائين. ۽ مخدوم محمد هاشم[ر] جي هڪ همعصر ۽ بلند پايه عالم مخدوم ابوالحسن محمد قائم[ر] بن صالح[ر] اصلاح مقدمة الصلوٰة[ر] جي رد ۾ هڪ رسالو الرد علی اصلاح مقدمة الصلوٰة[ر] عربي ۾ لکيو. هن رد جو مخدوم محمد هاشم[ر] وري هڪ سخت جواب حمل السلاح علی معاند الاصلاح[ر] جي نالي سان ۱۱۵۲ھ/۱۷۳۹ع ۾ رقم ڪيو. جنهن جو مالوپوءِ بدلائي الشفاء الدائم عن اعتراض القائم[ر] ۽ تنوير الاصباح علی مسالك الاصلاح لکيائين.[۶۴] جون ٽئي مخدوم محمد هاشم[ر] جي تجويز هيٺ ته آئنده مقدمة الصلوٰة جي جاءِ تي سند جي عربي ڪتاب فرائض الاسلام[ر] جو سندس ئي پڙهايو وڃي. ۽ مخدوم ابوالحسن[ر] جي پراڻن شاگردن ۽ معتقدن جو رخ ڏسي پاڻ ان تجويز ۾ زياده زور نه ڀريائين. ۽ مقدمة الصلوٰة ۾ چند ضروري درستين ڪري پوءِ ان جو اڳيون وانگي درسي ڪتاب طور پڙهايو رهڻ قبول ڪيائين.[۶۵] اهي درستيون اڄ ڏينهن تائين ڪتاب جي سيني اشاعتن ۾ موجود رهنديون اچن، جن لاءِ حاشيي ۾ اشارو ڏنل هوندو آهي.

مخدوم محمد قائم[ر] جوان وقت مدينه شريف ڏانهن هجرت ڪرڻ جي تيارين ۾ مشغول هو سو به من فيصلي ڪان مطمئن ٿي ويل ٿو پائنجي. ان ڪان پوءِ مخدوم موصوف[ر] جاڪاڻ ته پنهنجي تيارين کي مڪمل ڪري جيڪو هو، سنه ۱۱۵۴ھ/۱۷۴۱ع ۾ حرمين شريفين ڏانهن هجرت ڪري ويو جتي سنه ۱۱۵۷ھ/۱۷۴۴ع ۾ هن دارفانيءَ ڪان دارالقرار ڏانهن رحلت ڪيائين.[۶۶]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 126

مقدمة الصلوٰة جي تاليف جو مقصد

مقدمة الصلوٰة خاص ڪري ديسي ۽ تبليغي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هو، جنهن جو اظهار ڪتاب جي آخر ۾ مؤلف هيٺين لفظن ۾ ڪيو آهي.

جيڪو مسئلو هيڪڙو سکي شريعت جو — فضل تنهنجو مصطفيٰ محمد فرمايو،
جاليهه ورهين جي عبادت سندو — پاڙو ڏينس بادشاهه خالق خلق جو،
عاصيءَ تنهين آسري هيءَ خدمت خاص ڪئي — نه مان عذابان ايهي تنهين وسيلي ٿئي،
ابول عبدالعزيز پٽ پُڇي پڙهين ڪان — هي مسئلا نماز جا ساري سنڌيءَ ڏاءِ،
نه مان مومن تن ڪي سکي سچ منجهان — هن عيني ڪي ڪن ڪاڪارڙ ڏني ڏءِ دعا،
سبب تنهين شال چٽي هي ماهي عذابا — سين مڙني مومنين جي امتي بنيءَ جا،
الٰهي ابوالحسن ڳئي تو — ملاءِ — مولا مهربان ڏٺي سائين سباجها،
طلب ڏي توفيق سين مومنين ميان — نه پڙهي پارين سڀ هي مومن مسئلا،
مان پي ڏيين ڏات ساجاب تو ڏڙا — رازق رڪين سڀ جو، سائين، شيطانا،
ڪر قبول ڪريم تون ڪيلي ڪا — برڪت ڏيارن جيئن جي طالب توسندا،
ڪارڙ طلب طالبين رسالو ڪيوم — مقدمة الصلوٰة سنڌي نالو تنهن رکيو ۱۹۶۷ء

شين سٽن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندس اولين مقصد ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان سکڻ، سيکارڻ ۽ تبليغ ڪرڻ هو، جنهن لاءِ مادري ٻوليءَ کي ڪاميابيءَ سان ذريعو سمجهي هي سڀ جڳ ڪشي ڪيائين.

مقدمة الصلوٰة جي سٽاءِ ترتيب

مقدمة الصلوٰة جي شروعات يا آخر ۾ عنوانن جي فهرست نه ڏني آهي پر حاشيءَ ۾ ڪن مضمونن جا عنوان ڏيکاريل آهن. ان سان سواءِ افتتاحي ۽ اختتامي فقرا ۽ هڪ مقرر طور ديباچي جي پڙ نه ڏني آهن جي نيٽي گڏ جي ديباچي يا تمهيد جي جاءِ ۾ رهين ٿا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 127

مقدمة الصلوٰة جو ديباچو } ديباچي ۾ نماز جي اهميت ۽ فرضيت جو ذکر ڪيو ويو آهي. ان جي فائدن ۽ ثواب بابت ۾ حديثون سگورين ترجمي سميت ڏيئون ويون آهن ۽ بڌايو ويو آهي ته نماز جو اجر بين سڀني نيڪين جي اجر کان وڌيڪ آهي مثلاً: روزو، حج، زکوات، صدقات، جهاد وغيره فرضي عبن خواهه نفلي. الغرض سڀني کان نماز جو ثواب زياده آهي. تفڪري قيامت جي ڏينهن توحيد کا پنوءِ پهرين نماز بابي پڇا ٿيندي.

هاڻي سڀني سڀاڻ ٿون هيون جن کي ـ ته صحيح پڇبو سيکو عارن پاڻ کي.

پر پڇ پهرين قيامر ڏينهن وحدت ڏيڻان ٻوءِ ـ ٿيندي صحيح صلوٰة جي شڪ نه پاڻ ءِ کوءِ ۶۸

تفڪري اهڙي اهم فرض جي ادائگيءَ لاءِ ان جي سڀني ننڍن وڏن احڪامن جو علم هڻڻ ضروري آهي. پر نماز جي شرطن جي علم کان سواءِ نماز پڙهندڙ شخص جي نماز درست نه ٿيندي ۽ شرطن سکڻ کان پوءِ، اڳ پڙهيل نمازون سڀ قضا ڪرڻيون پونديون.

شرط سڀاڻي ياد ڪر جي نماز ڪا ـ جيئن ري سکئي شرطين نماز نه رهاءِ ڪا،

جيڪا نماز اڳ ٿي سکئي شرطن ري ـ ساسيئي ٻهار ڪر ڏٺيءَ جو ڏپ ڪري، ۶۹

مخدوم محمد ابراهيم ٻٽي هالائي رح شين مسئلي ۾ مخدوم ابوالحسن رح جي تائيد ڪئي آهي ۽ مخدوم محمد هاشم رح ٺٽوي ان سان اختلاف ڪندي، هيٺيون پنج سٽون درستي طور مقدمة الصلوٰة ۾ داخل ڪرايون.

آهي احتياط ان ۾ منجهه ڪتاب ڪئي ـ پر آهي ٻي روايت ۾ پڙهڻ کان ٻڌيو،

سکڻ ڌاران شرطن جي نماز درست هوءِ ـ مگر نه سکڻ ۾ ان جي آهي گناهه وڏو،

برڪو نهي اختلاف ان ۾ عالمن سڏو ـ ته جيڪي فرض نماز ۾ سکڻ ڀڻا فرض سو.

واجب سکڻ واجبين سنت سنتن جو ۷۰

ان کان پوءِ ڪتاب جي اصل عبارت کي ٻن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين باب طهارت جو ۽ ٻيو نماز جو. هر هڪ باب ۾ هيٺيان عنوان اچي وڃن ٿا.

باب پهريون:- وضوءَ ـ وضوءَ جا فرض، سنتون، مستحب ۽ پيمندڙ.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 128

غسل:- غسل جا فرض ۽ سنتون.

تيمم:- تيمم جا فرض، تيمم ڪرڻ جو طريقو ۽ پيچيدگيون.

ميت کي غسل:- ميت کي غسل ڏيڻ جو طريقو، غسل ڏيڻ وقت سنڌي ۾ دعائون، ڪفن جا ۽ غاسل متعلق مسائل ۽ ٻيا متفرق مسائل.

باب ٻيو: نماز جا وقت، فرض، واجب، سنتون، مستحب، سهو جا سجدا، ڪراهت جي معنيٰ ۽ نماز جا پيچيدگيون.

قرائت:- اهي چند جايون جن جي تلفظ غلط پڙهڻ سبب نماز ۾ پيچيدگي پوڻ جو انديشو آهي ۽ وقف، وصل ۽ اعراب متعلق چند مسائل.

مٿين عنوانن هيٺ تفصيلي مسائل جمع ڪيا ويا آهن. جي سڀ دوباره نقل ڪرڻ جي ضرورت نه ڏسي ضروري آهن ۽ نه امڙي گنجائش آهي. تنهنڪري انهن مان انتخاب ڪتاب جي مواد جي تعارف طور هيٺ لکجي ٿو.

وضو:- وضوءَ جي اهميت سمجهائيندي چيو ويو آهي ته وضو نماز جي ڪنجي ۽ نماز بهشت جي ڪنجي آهي. ان ڪري وضوءَ جا فرض، سنتون ۽ مستحب سمجهايا ويا آهن، جي فقه جي سڀني ڪتابن ۾ موجود آهن. وضو ڪرڻ وقت دعائون پڙهڻ تي جي فقهي اعتبار کان فقط مستحب آهن، مؤلف خاص زور ڀريو آهي. تنهنڪري ٿو نه فقط اهي دعائون ياد ڪرڻ ۽ پڙهڻ، پر انهن جي معنيٰ به سمجهڻ ڪيي نه جيئن جتي سمجهن هجي اتي مٿن عمل ڪري سگهجي.

تان پيي دعائون وضوءَ جون پڙهه پروڙي سي- جن پڙهي پاڙون تنهين رب ٿئي،
پهرين شهادت هلمون تهان پوءِ پڙهه دعا - نه سندا مڙئي انگڙين مرهي ڏوهه خدا.
دعائون وضوءَ جون مڙئي معنيٰ سان - اتي انگڙين سيکڻهن پڙهه پروڙي پاڻ ۲۲

تنهنڪري وضوءَ جي دعائن جي معنيٰ به منظوم سنڌي ۾ ڪيي آهي، جنهن جو هڪ مثال هي آهي:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 129

وضوءَ ۾ منهن ڏوڙڻ وقت جي دعائن مان هڪ دعا: اللّٰهم بيض وجهي بنور معرفتك يوم تبيض وجوه اوليائك وانبيائك ولا تسود وجهي يوم تسود وجوه اعدائك.

هيٺين دعا جو سنڌي منظوم ترجمو:

يارب روشن مون کريں منهن معرفت نور،
جڏهن اچائيندا اوليائين مرسلان منهن موڙ،
کريم کارو نه کريں مولا منهنجو نم،
جت کارائيندا ڪافرين محشر ڏينهن ڏيوم ۴۳

اهڙي طرح وضوءَ جي هر موقعي لاءِ هڪ دعا جي معنيٰ لکي وئي آهي.

وضوءَ جا پيچيدڙ: هن عنوان هيٺ جيڪي مسائل آيل آهن تن ۾ اهي ٻئي مسئلا به آهن جن ۾ مخدوم محمد هاشم" مؤلف سان اختلاف ڪيو ۽ سندس اختلافي تسليم ڪري، سندس ڪيل درستيون مقدمة الصلوٰة ۾ داخل ڪيون ويون. تفصيلي بيا تفصيلي مسئلا طوالت جي ڊپ کان هت نه ٿا لکجن ۽ فقط مذڪر جن مسئلن ۾ ڪڙ ٿي اختلاف جي ٿي.

(۱) مخدوم ابوالحسن" هڪ مسئلو مڪمل طرح بيان ڪيو آهي ته جسم مان جيڪڏهن ڪهن ڦٽ يا ڪن وغيره مان ڪوپهو يا ڪيئون يا ڪو ڏرو سڙيل گوشت جو يا ڪاتڙ وغيره ڪري پوي ۽ اهي سڀ شيون آليون هجن، تڏهن حالت ۾ وضو ٽٽي ويندو، پر جي سڪل هونديون ته وضو نه ٽٽندو. ۴۴ مخدوم محمد هاشم" جي راءِ موجب هتي آلائن جهڙي حد جي وضاحت ڪرڻ ضروري هئي جا پاڻ هن لفظن ۾ ڪئي آهي:

پرهريائي پنبي ۽ پردي جي پيچي وضوءَ کي - ٽوڙي ڇڏي ته ٽوڙي سگهي يا نه ڇڏي.
۽ ڪيئن ۽ ماهه ۽ تندسين وضو تهريچي - جڏهن هريائي ان جي وهوتي نٿي،
تاتي پڇ ناهه کو سڻي سو سگهي. ۴۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 130

(۲) ٻئي مسئلي ۾ مخدوم ابوالحسنؒ لکيو آهي ته مباشرت، فاحشة سان گڏ هالن جي راءِ موجب دمنو نه ٿو پيجي ۽ گي جون ٽانڊ پيجي ٿو.[۷۶] هن ۾ مخدوم محمد هاشمؒ صراحت ڪئي آهي ته صحيح قول جنهن تي فتويٰ آهي، سو اهو آهي ته دمنو پچندو.[۷۷]

(۳) مؤلف جي هيٺين بن سٽن ۾ مخدوم محمد هاشمؒ لفظ 'ٽوٽي' سان لفظ 'مگر' بدلايو.

مخدوم ابوالحسنؒ:- ٻهو مڪ ڪيل ننڊي ٽوٽي پر پين،
دمنو پيجي نه تن سين **مگر** گهٽا ٽين.

مخدوم محمد هاشمؒ:- دمنو پيجي نه تن سين **ٽوٽي** گهٽا ٽين.[۷۸]

هن مسئلي متعلق مخدوم ابراهيمؒ ڀنڀڻي سنڌيءَ ۾ سيد علي محمد شاه جي مصلح المفتاح ۾ ذڪر آيو آهي جنهن جو تفصيل آڏين ٻنڌو ويو آهي.[۷۹]

ميت جي غسل جا مسائل

ميت کي غسل ڏيڻ وقت جنهن ڪامل مسئلي طرف مؤلف ڌيان ڇڪايو آهي، سو آهي دعائون پڙهڻ. دعائن پڙهڻ متعلق فقهي حڪم مولف جناب مولوي مسعودي جي حوالي سان ثابت ڪري ٿو، پر سندس چوڻ آهي ته مذڪور ڪتاب ۾ اهڙين دعائن جو ڪو به متن ذڪر نه آهي. تنهنڪري پاڻ اهي دعائون سنڌيءَ ۾ جوڙي موقعي جي مناسبت سان پڙهڻ جي صلاح ڏني آهي. سندس چوڻ آهي ته ميت کي غسل ڏيڻ وقت ڪو موجود ذڪر ڪرڻ گهرجي پر ان ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ مقصود نه آهي پر دعائون گهرڻ بهتر آهن. سندس لفظ هيٺيان آهن:

ڪاري دمنو تنهن کي سپوئي سونهار - ڪري ذڪر تنهن ۾ مڙدي موچار،
پر پڙهي قرآن کين، پڙهي دعائون - ڇڪي نه آواز تن ۾ ڪري هيٺائون،
اي پڙهڻ دعائن جو مسعودي ۾ آهي - پرات نه آهن لکيون نه ڪو پڙهي سي،
تڏهن موافق حال ميت جي اسان هي ڪيون - پنهنجي دائي بدرڻون آهن جي ٽيون،
ڪريم قبول تن کي مولو مان ڪري - پاڇو جنهن جي سيڪو آهي آسري.[۸۰]

سندس جوڙيل دعائن مان هڪ جامي ميت جي وات صاف ڪرڻ وقت پڙهڻ لاءِ تجويز ڪئي اٿس

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 131

ساهيءَ آهي:

لب تنهنجا اگهان اميد ايءَ ڪري - ڏي جواب صواب سين مهندا ملهن ڪي ،
ڏند تنهنجا اگهي سي ٻڙ ڪريان ماف - سائين ڪري تنهنجا ڏاتار ڏوهه معاف ، [۸۱]

غاسل متعلق مسئلا:- غاسل ويجهن عزيزن مان کوهه هڻڻ گهرجي يا ته کوپيو پرهيزگار الله تعالى کان ڊجندڙ شخص هجي، جو غسل جا شرط ساري سنپاري ادا ڪري . چاڪاڻ ته هي ميت جو آخري غسل آهي . غاسل کي گهرجي ته ڪنهن قسم جي طمع نه رکي . ميت کي الله ڪارڻ غسل ڏيڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، پر جي ازخود ڪنهن کي ڪجهه ملي ته واپس نه ڪري . ميت کي غسل ڏيڻ سمان پوءِ غاسل کي خود به وضو يا غسل ڪرڻ گهرجي، پر غسل ڪرڻ بهتر آهي. چاڪاڻ ته ٿئي سگهي ته ڪي جندا سندس بدن تي پيا هجن . [۸۲]

ڪفن جا مسئلا:- ڪفن بابت سڀ ضروري مسئلا هتاب ۾ ڏنل آهن جن مان خاص هت ڏجن ٿا.

(۱) ڪفن جي مقرر ڪپڙي جي ماپ سمان گهٽ يا زياده ڪپڙو ميت جي ڪفن ۾ استعمال ڪرڻ جڻ ميت سان ظلم ۽ تعدي ڪرڻ جي برابر آهي . هتاب ۾ مرد، عورت ۽ ٻار جي ڪفن جي مختلف حصن جو تفصيل ماپن سميت ڏنل آهي . [۸۳]

(۲) بزرگن ۽ پلارن جي ڪفن ۾ دستار شامل ڪرڻ جو طريقو مڪمل وضاحت سان سمجهايو ويو آهي، پر ساڳئي وقت تنبيهه ڪئي وئي آهي ته ڪفن سان دستار شامل ڪرڻ عوام خواهه خواص ڪنهن به حالتن ۾ مڪروهه آهي . خود آنحضور صلى الله عليه وسلم جن جي ڪفن مبارڪ ۾ دستار شامل نه هئي . [۸۴]

هي ساڳيو مسئلو مخدوم ضياء الدين پنهنجي سنڌي تفسير ۾ ڏنو آهي.

نماز جا وقت:- ظهر ۽ عصر نمازن جي مسنون وقتن جو دارومدار اصلي پاڇي سڃاڻڻ تي آهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 132

تفنگري ڪتاب ۾ ان جي سمجاڻ ڏني وئي آهي جا هنڪر آهي: فقهي اصطلاح ۾ اصلي پاڇو جدالجد آثار ۾ جن شي هر ڪنهن شي جي پاڇي جي ٻڌي يا ٻڌي قد کي چئبو آهي. مخدوم محمد هاشم[۸۷] جي تحقيق آهي ڏسڻ ۾ آئي

امام پٺيان مقتدي ڪي پيل سهو جو مسئلو

امام پٺيان مقتدي ڪي پيل سهو جو مسئلو عالمن جي بحث جو موضوع پئي رهيو آهي ۽ منجهس راين جو ڪافي اختلاف آهي جن جو تفصيل مناسب جاين تي ايندو رهندو[۸۸]. سردست هن مسئلي ۾ مخدوم ابوالحسن[۸۹] جي راءِ لکجي ٿي مقدمة الصلوٰة ۾ هن سلسلي ۾ سندس آيل پنهنجا لفظ هن طرح آهن.

ع سهو سندي مقتدي اتي نانه امام،

اڳ سهو ٿي امام پٺ عفو ڪئي علام[۹۰]

هن ستن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مؤلف[۹۱] جي راءِ موجب جيڪڏهن مقتدي ڪي امام پٺيان سهو پئي ته امام سهو معاف آهي ۽ سهو جي سجدن ڏيڻ کان سواءِ ان جي نماز درست ٿي. جڏهن ته ڪن ٻين عالمن جي راءِ موجب چاهيان ته امام جي مطابعت سبب مقتدي سهو جا سجدا نه ڏيئي سگهن ۽ انڪري سندس اها نماز درست نه ٿيندي. تفنگري ٻڌايو پڙهڻي پوندس[۹۲].

Gul Hayat Institute

نماز جون سنتون:- ڪتاب ۾ نماز جون ڪيتريون ئي سنتون ترتيبوار لکيل آهن. مثلاً: قيام جون سنتون، رڪوع جون سنتون، سجود جون سنتون وغيره. انهن مان ڪجهه مستحب ڪري هيٺ لکجن ٿيون.

(۱) ڪن عالمن جي راءِ موجب نماز ۾ ٻنهي پيرن جا مڙيا ڳڻڻ ٻڌي ڇڏڻ، پر صحيح قول هي آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ فقط ڇهن آڱرين جو فرق هجي[۹۳].

(۲) قوم مان سجدي ۾ وڃڻ وقت پٺ سڌي رکجي، چاهيان ته پٺ نماڻي وڃڻ سان پئي رڪوع جي صورت ٿي پوندي[۹۴].

(۳) سجدي کان اٿڻ وقت جوٽن تي هٿ رکي اٿڻ بهتر آهي، پر جي ضعيفي يا ڪمزوري

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 133

۹۳ ٻئي عذر سبب هٿ سان زمين يا بيٺ تي آڌار رکي اٿي نه ان ۾ خوبصورتي کوڻي.

تشهد ۾ آڱر جو اشارو مقدمة الصلوٰة ۾ نماز جي تمام گهڻين سنتن ۽ مستحبن جو ذڪر آيل آهي. پر تشهد ۾ وڃين آڱر ۽ آڱوٺي سان حلقو ناهي شاهد آڱر سان اشارو ڪرڻ جو ڪوبه ذڪر ڪونهي. جيئن ته هي مسئلو پڻ گهڻي اختلاف جو موضوع رهيو آهي ۽ عن عالمن جي راءِ آهي نه اهو اشارو ڪرڻ نه فقط سنت يا مستحب ٿاهي بلڪ هڪ غير ضروري فعل آهي. جنهن سمان اجتناب ڇڪائي، تنهنڪري مقدمة الصلوٰة ۾ ان مسئلي جو ڪوبه ذڪر نه ڏسي، گمان پيدا ٿئي ٿو ته مخدوم ابوالحسن ؒ به انهيءَ راءِ جو حامي هو. ۹۴

عورتن جي جماعت:- عورتن جي جماعت لاءِ مؤلف جي راءِ آهي نه عورتن کي پاڻ ۾ جماعت ڪري نماز پڙهڻ مڪروهه آهي. پر جي هو جماعت ڪري نماز پڙهن نه امام آڏيان نه بيهندي بلڪ صف جي وچ ۾ بيهندي ۽ عورتن جي جماعت لاءِ نه بانگ ڏبي، نه اقامت چئبي. پر انهيءَ سان هي مطلب ونڊ نه گهر جي نه عورتن کي مردن جي پيٺ ۾ ثواب حاصل ڪرڻ جي موقعن سمان محروم رکيو ويو آهي. جاڪاڻ ته انهن لاءِ پلاڻين حاصل ڪرڻ جا پيا به گهڻيئي طريقا آهن. مثلاً: ستر، شرم، ادب، حلم وغيره سڀ ناهين جنهن ۾ هي مقصد پنهان آهي نه ستر، شرم، ادب ۽ حلم سان ثابت قدم رهڻ واري عورت انهيءَ ثواب سان جي مستحق آهي جو مردن کي جماعت سان نماز پڙهڻ يا بين اهڙن اجتماعي عملن سبب بخشيو وڃي ٿو. ۹۵

ڪراهت جي سمجهاڻي:- مؤلف ڪراهت جي سمجهاڻي هيٺين لفظن ۾ ڏني ٿو.

جيڪي خلاف سنت ۽ واجب سو مڪروهه ٿيڻ ۔ مڪروهه جيڪي تنهنکي جو سمجهاڻي نه ڪيو ويو آهي، خوشي سان ڪونه ڪري قبول کي تنهين ۔ الڪراهت منه المجتنب اي منهي جنهين، ۹۶ ڪراهت تحريم هجي واجب جي وڃين ۔ ۽ وڃي سين سنت جي تنزيهي شئي.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ؒ پڻ ڪراهت جي سمجهاڻي لکي آهي جنهنجو مفصل ذڪر اڳتي اينڌو. ۹۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 134

مذکور مسئلن سمانسواءِ صلوٰة تم نماز جا مستحب، مقتدین جي سکڻ جا ارڙهن مسئلا، نواهي حکم جي امام نه ڪري ته به مقتدين کي ڪرڻا آهن ۽ پنجاه اهي سبب جن سان نماز پوري ٿي، سي سڀ مڪمل وضاحت سان سيکاريا ويا آهن[98]. مذن مڙني جا تفصيل ڪٿ هت ضروري سمجهيا نه ويا. چاڪاڻ ته اهي فقه جي سڀني ڪتابن ۾ ملي سگهن ٿا. هت فقط نماز جي مفسدن مان نوڙا جي توجه لاءِ خاص طرح چونڊ ڪري آهن سي لکجن ٿا.

نماز جا مفسد: صلوٰة تم نماز جا مفسد تفصيل سان لکيا ويا آهن پر هيڪاري خاص آهن سي هي آهن.

۱ • نماز ۾ قرآن شريف جي قراءة کان سواءِ ڪجهه به پوڙهڻ سبب نماز درست نه ٿيندي. سواهن جي نه ڄاڻندڙ شخص عربي سمان اچلاڻ آهي سو جيڪڏهن قرآن شريف پارسيءَ ۾ پڙهي ۽ ان ۾ نماز درست ٿيندي. يعني قرآن شريف جي قراءة به ان جيڪڏهن اهڙو شخص ان جو فقط ترجمو پڙهي ۽ ان ۾ نماز نه پڇندي.[99]

۲ • نماز ۾ اهڙين دعائن گهرڻ سان جن جو تعلق دنيوي طمع سان هجي، جهڙوڪ اللّٰهم زوجني اومكفني يعني اي سڀنجا الله! مون جي شادي ڪراءِ يا مون کي بادشاهي ڏي، نماز پڇندي.[100]

۳ • سهوءَ جو نماز ۾ ڪاٽي واڌو ٿيڻ تي سجدا سهو جي لاءِ ساڄي پاسي سلام ڦيرائڻ سان نماز پڇندي. باوجوديڪ ان تي امام جي مطابعت تم سهو جا سجدا اڏيڙ لازم آهن[101]

۴ • اڪيلو پڙهيل امام پٺيان پڙهيل مقتديءَ سبب سڄي جماعت جي نماز پڇي ويندي ويسيءَ وري پڙهيل جي پٺيان نماز پڙهندا. پر ماڃين جي قول موجب، فقط پڙهيان جي نماز پڇندي، باقي جيڪي امام جهڙا ٿي هوندا تن جي نماز ٿي ويندي.[102]

هن مسئلن سان متعلق هن مثالي تم کي بين جاين تي به ذڪر آيل آهي،[103]

قرآن شريف جي تلفظ، وقف ۽ اعراب جي صحت بابت مسائل

قرآن شريف جي قراءة سان تعلق جي خاص مسائل هيٺ لکجن ٿا.

۱، جيڪڏهن عظم جي ظاهر اڌوري سڀجي ته عظم به ان کي پڙهڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 135

۱۰۴ جي اجازت آهي.

(۲) صلوٰة جو مُس جيڪڏهن 'س' وانگي پڙهبو ته نماز جي پنجن جوابن ۾ شو آهي، پر ان ۾ عالمن جو اختلاف آهي. جيڪي انهيءَ راءِ جي حق ۾ آهن ته ان حالت ۾ نماز نه ٿي ٻڌي سي هي ٿحجت پيش ڪن ٿا ته عربي حرفن جو صحيح تلفظ فقط عرب ئي ادا ڪري سگهن ٿا، ۽ بيا من سلسلي ۾ عاجز آهن انهن تي فقط حتى الامڪان ڪوشش ڪرڻ لازم آهي ناڪامي جي حالت ۾ الله تعالىٰ اهڙن عاجزن کي پنهنجي ڪرم سان معاف فرمائيندو ۱۰۵

(۳) وقف، وصل ۽ اعراب جو اهڙي طرح ملاحظو ڪرڻ گهرجي جيئن نحي معنيٰ ۾ فرق پئي ۽ نه ڪو جملو ٿئي. پر عالمن جو هن هنڌ به اختلاف آهي. هڪ راءِ هي آهي ته وقف، وصل ۽ اعراب جي غلطي سبب نماز نه ٿيندي جا هي معنيٰ ڦري وڃي يا ڪا بڌري غلطي ٿي پوي. سواءِ هن جي ته ان حالت ۾ نماز جي مڪروه ٿيڻ جو اندیشو ضرور ٿنهنجي بهتر آهي ته اهڙي نماز ڏهرائجي.

وقف، وصل، اعراب جو ملاحظو ڪجي - ڪٿان معنيٰ ڦيرٿئي ڪلمون نه ڇڇي، ان ۾ عالمن جو اختلاف آهي - وصل، وقف، اعراب کي جيڪو ٻڌائي، صحيح قول ڪتاب ۾ پنجن نمازن مڪروه - ٿوڙي تغير معنيٰ شئي غلط ڪاهشته هوء، پر ملاحظو مڪروه جو ٻڌايو لاهيوتوء - جڏهن ته نفل نماز ۾ واري وراڻو، ڪل صلوٰة اديت مع الڪراهت تعاد على وجه غير مڪروه آهي فرمايو. مان مولا قبول ڪري پاڻ ڀاڄايو - رحمتا رحمان جي اميد ۾ لاهيو ۱۰۶

مقدمة الصلوٰة جو مرسري تجزيو

مقدمة الصلوٰة منظوم سندي ۾ نهايت آهي ۽ فن ۾ ڪيل آهي هڪ سبب سندس اسلوب ۽ ٻڌڻ ۾ ڏاڍو ٿو ڀائي آهي. پر منجهس ڪاڪي لفظ اهڙا آهن جي هن وقت مروج بولي ۾ ڪا ڪهايا نه ٿا وجهن. خاص ڪري شهري سندي ۾. ٿنهنجي شايد ٽين ڏورجي پڙهندڙ ڪي ڪيئن جهڙن ٿي معنيٰ اسمجهن ۾ وقت ٿئي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 136

ازاسواءِ نظر جي پورائي ڀاڪر کي مسئلا اهڙن لفظن ۾ بدايل آهن، جن جي وضاحت لاءِ يا ڪتاب ڏسڻا پوندا يا استاذ جي مدد وٺي پوندي. مثلاً:

(۱) ڇورڻ وات کي پر پاڻيءَ پرلو. معنيٰ گرڙلون ڪرڻ.

(۲) ڇونٽيون نڪ جون آڇ اکين کي. معنيٰ نڪ جي طرف ڏسبو رهجي. وغيره.

مقدمة الصلوٰة تي رحمت ۽ روحانيت

مقدمة الصلوٰة لکڻ وقت مخدوم ابوالحسنؒ جو خاص مقصد تبليغ دين هو. جنهن لاءِ پاڻ الله تبارڪ وتعالىٰ جي رحمت ۾ اميد رکڻ جي وسيلي تي زياده آڌار رکيو آهي ۽ پين کي به اهڙڏي مشورو ڏنو آهي. الله جل شانهٗ جي مرهه ۽ رحم جو ذڪر پراثر لفظن ۾ بار بار ڪري بندن کي ان جي طرف جهڪڻ جو جنهن طرح اشتياق ڏياريو آهي، ان جو هڪ مثال هي آهي

سڀاڄهو سپني پرين قادر رب ڪريم - جيڏن کي جان ڏني مڻ کي مرهي،

ايڏا احسان رب ري پيو ڪير ڪري؟

مطابق شرع مصطفيٰ، جو امت جو آڌار - شفاعت سين تنهن شفيع جي سپ پسند اپار.

خوف خدا ياد ڏياري، بندن جي دلين کي نرم ڪرڻ به تبليغ جو پيو جائز ذريعو آهي مگر مخدوم ابوالحسنؒ جهڙي رقيق القلب ۽ انسان دوست بزرگ، خلق خدا کي رحمت خداوندي جي عشق سان متعارف ڪرڻ زياده مناسب ڄاتو. تنهنڪري ڪتاب ۾ خوف خدا ياد ڏيارڻ جا مثال رحمت ۾ اميدوار رهڻ جي هدايتن سمان نسبتاً گهٽ آهن.

ان ڪاوش ۾ سندس توجه فقهي احڪام جي فقط ظاهري پابندي طرف ناهي، پر نماز جي اصلي مقصد يعني تقويٰ حاصل ڪرڻ يا اندر اجارڻ کي به پاڻ وٽ ڏني اهميت ڏني آهي. جنهن لاءِ عربي دعائن جي سنڌي معنيٰ سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. جنهن لاءِ عربي دعائون مٺيون نه آهن ان موقعي لاءِ سخت ٻڌي خاص زور ڏنو آهي. جنهن موقعي لاءِ عربي دعائون مٺيون نه آهن ان موقعي لاءِ عربي دعائون نه هڻڻ سبب ڪري ۽ تڪليف وٺي سندي ترجمو دعائون جوڙيون آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 137

ان موقعي تي هي سنڌي عورتون دعائون پڙهي سگهن. هي ڪتاب سنڌ جي عظيم ديني، علمي ۽ قومي خدمت آهي.

نماز جي ظاهري قانون جي پابندي سان گڏ اندروني اخلاقي تقوي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ جي هدايت شريعت ۽ طريقت جي جوڙجڪ جو نمايان مثال آهي.

جڏهن جنبي ٿون ڪرين سار سجود جي ،
تڏهن جو تڪبير کي چوڙي هيس هڙدن [112]

مقدمة الصلوٰة جو فقهي معيار

هن ڪتاب جو فقهي معيار گهڻو اعليٰ آهي، منجهس گهڻو ڪري نماز جي اندر سيني مسئلن جو فقهي حل ڏنل آهي، جيڪي عام طرح نمازين کي پيش اچن ٿا. ان علمي دور ۾ جڏهن فقه جي باري ۾ نڪتن جي به فقيهن وٽ وڏي اهميت هئي. سندن محمد هاشم ڪهڙو قابل ۽ ماهر فقيه به مقدمة الصلوٰة ۾ درستيءَ لاءِ فقط کي ٿورڙن جاپون هٿ ڪري سگهيو. [113]

ڪتاب فقه جي درسي ڪتاب جي حيثيت ۾ جاکاڻيا ٻي حاصل ڪئي، تنهن باوجود اڃا ڪا اڻ ڪوڪر آهي. [112] ڪتاب جو اسلوب هيئن آهي ته مؤلف فقهي مسئلن کي درسي ضرورت کي سامهون رکي جمع ڪيو آهي. مثلاً: اهي مسئل جي فقط مقتدين جي ڪرڻ جهڙا آهن سي جمع ڪري هڪ هنڌ لکڻ، يا جن ۾ مقتدين تي امام جي متابعت لازم نه آهي، سي به هڪ هنڌ جمع ڪري لکڻ وغيره.

ڪتاب جي فقهي عظمت هن حقيقت مان به ظاهر آهي ته محمد هاشم ابوالحسن [113] کان پوين عالمن پنهنجي تصنيفن ۾ مقدمة الصلوٰة جا به حوالا ڏنا آهن. هن وقت به سنڌي ۽ ٻاهرين عالمن ۽ فقيه هن راءِ جا آهن ته فقه جا ڪيترا مسئلا عربيءَ جي وڏن وڏن ڪتابن ۾ ملي نه ٿا سگهن سي مقدمة الصلوٰة ۾ موجود آهن. [114]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 138

مُحدوم ابوالحسن ؒ کي فقهي مسائل ٻڌائي ٿو عبور هو، جو مقدمة الصلوٰة
ڪنڊ وقت تمام ٿورن ڪتابن تان استفادو ڪيو اٿس. جن جا نالا هي آهن .

(۱) امداد الفتاح من ۷۷ . (۹) متانه من ۷۷ .
(۲) بحر من ۷۵ ۽ من ۱۱۵ .
(۳) درمختار من ۱۱۵ .
(۴) شرح مشڪواة من ۷۲ .
(۵) شرح منيه المصلي من ۱۰۸ .
(۶) شرح وقايه من ۸۰ .
(۷) صلوٰة مسعودي من ۶۹ .
(۸) فتح القدير من ۷۵ ۽ من ۱۱۵ .

مطلب ته مقدمة الصلوٰة يقيناً هڪ متبرڪ ۽ بارگاهه خداوندي ۾ مقبول ڪتاب آهي. جيڪڏهن ته هن وقت جڏهن ٻيا ڪيترا ڪتاب هن موضوع تي مروج سنڌي ٻولي ۾ ۽ ٻين شايع ٿي چڪا آهن ۽ دلچسپي ۽ رجحان به گهٽ نه ٿو آڇي، تڏهن به مقدمة الصلوٰة جي اشاعت جو سلسلو جاري رهڻ ذيڪاري ٿوته ڏسي اهو ڪردهايل آهي جو ٻئي پراڻو ڪڏهن نه ٿيندو .

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 139

حوالا ۽ تعليقات

۱. ڊاڪٽر داؤد پوٽو : ماهوارئين زندگي جنوري ۱۹۵۰ء ص ۱۲
۰ خانبهادر سيٺ : ادبي تاريخ پهرئون حصو ص ۵۹ء ص ۶۰
سنڌ پيرومل : سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ص ۲۲۸ء ص ۲۲۹
مولانا وفائي : تذڪرو ص ۱۲۵
ڊاڪٽر غلام علي الانا : سنڌي مورخن ص ۶
مولانا قاسمي : ماهوارئين زندگي جنوري ۱۹۶۵ء ص ۲۴
سنڌ الهه بچايو سوان جي برعڪس جا ٽائي ٿو ته مخدوم ضياءالدين
پهرئون سنڌي عالم هو، جنهن مخدوم ابوالحسن کي سنڌي کان به اڳ پنهنجو سنڌي ڪتاب
ضياءالدين جي سنڌي لکيو هو. (لاڙ جو سير ص ۲۴) جڏهن ته آڻي ٿو ڏسڻ ۾ ان جو ڪو ثبوت موجود
هو يا نه. چاڪاڻ ته پاڻ هن ڏياس جا ڪي بنياد يا اسباب نه ٻڌايا آهن. حالانڪ هن
سلسلي ۾ مخدوم ابوالحسن جي سنڌي سپ کان آڳاهو ڪتاب عام طرح تسليم ڪيو ويو آهي ۽ تاريخي
حقائق به ان جي تائيد ڪن ٿا.
۲. ڏسو هن مقالي جو ص ۸۷
۳. ڊاڪٽر داؤد پوٽو : ماهوارئين زندگي سنڌ ۱۹۵۰ء ص ۴۹
۴. ڊاڪٽر عبدالجبار : سنڌيون ص ۳۷
. سنڌ الهه بچايو : لاڙ جو سير ص ۴۳ء ص ۴۵
۵. مولانا قاسمي : ماهوارئين زندگي جنوري ۱۹۶۵ء ص ۲۴
۶. " " ـــــ ايضاً ـــــ ص ۲۴
۷. خانبهادر سيٺ، ادبي تاريخ ص ۱۶۱ء ص ۱۶۸
خانبهادر سيٺ مرحوم مخدوم ابوالحسن جي ولادت جو سال فقط اندازي موجب لکيو آهي
۸. جڏهن ته ٻئي ماڻ مخدوم ابوالحسن جي ولادت جو سال ۱۰۷۵ھ/۱۶۶۴ء ڪيئن ڳهوڻ آڳ معلوم ٿئي ٿو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 140

داخر بني نجش خان بلوچ جن سنہ ۱۱۱۵ھ/۱۷۰۳ء ۾ ڪيل مقدمة الصلوٰة جي جنهن قلمي نسخي جو ذڪر ڪيو آهي، (ڏسو من تالي جو س ۹۳) اچوٽيم اچيٿو ته اهو مؤلف جي هٿ جو ڪيل آهي. (مخدوم امير محمد": بذل القوة من ۲۸) جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ۱۱۱۵ھ/۱۷۰۳ء تائين مخدوم ابوالحسن" حياتا هو.

مخدوم محمد هاشم" اصلاح مقدمة الصلوٰة ۾ مخدوم ابوالحسن" لاءِ جيڪي الفاظ استعمال ڪيا آهن تن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪتاب ڪجڻ وقت مخدوم ابوالحسن" وفات ڪري چڪو هو. اهي الفاظ هي آهن، "العارف الڪبير والصالح الشهير الشيخ ابوالحسن بن الشيخ عبدالعزيز رحمهما الله تعالىٰ ونور مرقدهما" يا اهي لفظ جن مان مخدوم ابوالحسن" جي روح جي خوش ٿيڻ جو مطلب نڪري ٿو، جي هي آهن، "ان هذا الامر فيه خير وروح المولف راضيه به". (بذل القوة من ۲۷)

اصلاح مقدمة الصلوٰة جي رد ۾ مخدوم محمد قاسم" ڪتاب "الرد علی اصلاح مقدمة الصلوٰة" سنہ ۱۱۵۲ھ/۱۷۳۹ء ڪان پوءِ آڳ ڪيو هو. چاڪاڻ ته ان رد جو جواب مخدوم محمد هاشم" ملهار سنہ ۱۱۵۲ھ/۱۷۳۹ء ڪان ٿورو ويو هو ۽ (ڏسو من تالي جو من ۹۶) جنهن مان ثابت آهي ته اصلاح مقدمة الصلوٰة ۱۱۵۲ھ/۱۷۳۹ء ڪان گهڻو آڳ ڪجي چڪو هو. بين لفظن ۾ مخدوم ابوالحسن" جو ۱۱۱۵ھ/۱۷۰۳ء ۾ حياتا هو ۽ اصلاح مقدمة الصلوٰة جي ڪجڻ ڪان آڳ گذاري ويو هو. سو ۱۱۱۵ھ/۱۷۰۳ء ڪان پوءِ ڪي ٿورا سال زنده رهيو هوندو.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ سنڌ جا حج ڏانهن روانگي جي تاريخ ۱۱۲۷ھ/۱۷۱۵ء لکي آهي (ادبي تاريخ من ۶۱) ۽ مولانا غلام مصطفیٰ صاحب قاسمي سندس وفات جي تاريخ ۱۱۲۸ھ/۱۷۱۶ء لکي آهي. (سندي ديني ادب جو ڪئٽلاگ: قلمي تصنيفات واري حصو من ۱۵) تنهنڪري مخدوم ابوالحسن" جي وفات جي اها تاريخ قرين قياس آهي. جيئن ته سندن وفات وڏي عمر ۾ تقريباً نوي ورهين ۾ ڄڻي وڃي ٿي. (ادبي تاريخ من ۶۸) تنهنڪري سندن ولادت ڪنهن طرح به ۱۰۳۸ھ/

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 141

۱۶۴۹ء کان پوءِ نه ٿي هوندي ڀلڪ ان کان آڳاڻي ٿي سگهيي.

۹. حاجي الله بخش عقيلي: ماهوار نئين زندگي جولاءِ ۱۹۵۰ء ص ۳۲
۱۰. ايضاً ——— ايضاً ص ۳۲ ۽ ص ۳۳
. مولانا قاسمي : ماهوار نئين زندگي جنوري ۱۹۶۵ء ص ۲۴
۱۱. علي شير قانع : تحفة الڪرام ص ۵۶۰
ڊاڪٽر بلوچ : سنڌي ٻولي جي تاريخ ص ۲۲۸
۱۲. خانبهادر ميمڻ: ادبي تاريخ ص ۶۰
ڊاڪٽر بلوچ : سنڌي ٻولي جي تاريخ ص ۲۲۹
۱۳. علي شير قانع : تحفة الڪرام ص ۵۵۹ ۽ ص ۵۶۰
ڊاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۵
مخدوم اميراحمد: مقدمه بذل القوة ص ۲۷
مولانا دائي : تذڪره ص ۱۲۴
۱۴. ميان عبدالله عرف ميان سوريي جي احوال لاءِ ڏسو من مٿاڻي ڇ ص ۳۴۹
۱۵. علي شير قانع: تحفة الڪرام ص ۵۵۹ ۽ ص ۵۶۰
۱۶. ڊاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۷
مولانا قاسمي: ماهوار نئين زندگي جنوري ۱۹۶۵ء ص ۲۴
۱۷. مولانا قاسمي : ماهوار نئين زندگي جنوري ۱۹۶۵ء ص ۲۴
مخدوم اميراحمد: مقدمه بذل القوة ص ۲۷
۱۸. ——— ايضاً ——— ص ۲۷
۱۹. ڊاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۶
خانبهادر ميمڻ : ادبي تاريخ ص ۶۱
۲۰. مولانا قاسمي : ماهوار نئين زندگي جنوري ۱۹۶۵ء ص ۲۴

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 142

۲۱. مولانا خاسمي : ماهوار نئين زندگي آگسٽ ۱۹۵۹ء ص ۱۹

۲۲. مخدوم اميراحمدؒ : مقدمة بذل القوة ص ۲۷

۲۳. ڏسو هن مقالي جو ص ۸۶ ۽ ص ۱۱۰ - ص ۱۱۲

۲۴. ڊاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۶ ۽ ص ۲۷

مخدوم اميراحمدؒ : مقدمه بذل القوة ص ۲۷

۲۵. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۰۵

۲۶. ڏسو هن مقالي جو ص ۸۶

۲۷. ڏسو هن مقالي جو ص ۸۷ ۽ ص ۱۰۹

۲۸. علي شير قانع : تحفة الڪرام ص ۵۶۰

شيخ محمد اعظم : تحفة الطاهرين ص ۶۸

۲۹. خانبهادر ۽ : ادبي تاريخ ص ۹۲

محمد سومار شيخ : ڪچين جا قول ص ۱۴۳

۳۰. علي نواز جتوئي : مخدوم شهيد ۽ ان عبدالرحيم گرهوڑي جو سنڌي ڪلام ص ۱۰

ڊاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۴۰ ۽ ص ۴۲

۳۱. ڊاڪٽر اوڊيلون : ڪلام گرهوڑي ص ۱۱

سيد علي محمد شاه : مصلح المفتاح ص ۳۳۱

۳۲. ڊاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۱۶

سيد علي محمد شاه : مصلح المفتاح ص ۴۹

۳۳. ـــــ ايضاً ـــــ ص ۳۳۶

۳۴. ڪاهوڑن جا ڪن ڪي به ٻيان ڇيو ڏنيو ۽ هو پر اهو سندن پيري ۽ سبب ڪين ڇيو ڏنو هو ۽ نه بادشاهي ۽ سبب.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 143

۳۵. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۴۱

۳۶. هڪ مثال ملا عبدالله سلطان پوري جو آهي جنهنکي شيرشاهه سوريءَ جي زماني ۾ ڪان مخدوم الملڪ جو لقب ملڻ هو. (تذڪره ابوالڪلام آزاد ص ۲۲)

۳۷. رچرڊ برٽن : سنڌ يا سنڌي ماڻهو ۽ سندن ڪچهري ص ۱۲۶

۳۸. خانبهادر ميمڻ : ادبي تاريخ حصو پهريون ص ۹۲

ڊاڪٽر بلوچ : ٽيهه اڪرپون پاڻ ڦهريون ص ۱۳

۳۹. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۱۱

۴۰. مولانا قاسمي : ماهوارنئين زندگي جنوري ۱۹۶۵ء ص ۲۴

ص ۸۶

۴۱. ڏسو هن مقالي جو ص ۵۹ء ص ۵۶۰

۴۲. علي شير قانع : تحفة الڪرام

۴۳. ڏسو هن مقالي جو ص ۸۵

۴۴. ظفر قريشي : ماهوارنئين زندگي جولاءِ ۱۹۴۹ء ص ۴

۴۵ خانبهادر ميمڻ ادبي تاريخ حصو پهريون ص ۵۹

۴۶. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي چوڻ موجب سومرن جي دور ڪان وٺي قادريءَ غوثي درويشن سنڌ ۾ تبليغ جي مقصد لاءِ ايندا رهندا هئا. (سنڌي مجراڻ ۽ عشر سال ۱۹۶۰ء ص ۱۴۹) مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۱۱۵ء ص ۱۱۶.

۴۶. مسٽر پيرڊل : سنڌي پوي جي تاريخ ص ۲۲۶

مرڪب خان يا جام راڻدان جي سنڌي ڏيم جام راڻو (تاريخ معصومي ص ۸۵) يا جام راڻڙ (تحفة الڪرام اردو ترجمو ص ۱۶۶) ٿيڪوڻو آهي. هن جام جي شخصيت مؤرخن لاءِ هڪ معمار جو سبب پئي رهي آهي. بعض ان کي جام نندڻ ۽ بعض جام نظام الدين سمجهيو آهي. (تحفة الڪرام اردو ترجمو ص ۱۶۶) مخدوم اميراحمد ان جي تطبيق هن ريت ڪئي آهي،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 144

جام راڻو نو : حڪومت جو دور ۸۵۸ھ/۱۴۵۴ء کان ۸۶۶ھ/۱۴۶۲ء تائين .
جام سنجر : حڪومت جو دور ۸۶۶ھ/۱۴۶۲ء کان ۸۷۴ھ/۱۴۷۰ء تائين .
جام نظام الدين: حڪومت جو دور ۸۷۴ھ/۱۴۷۰ء کان ۹۲۳ھ/۱۵۱۷ء تائين .
(تحفة الڪرام اردو ترجمو ص ۱۶۶ ۽ ص ۱۶۷)

جام راڻو نو هڪ هردلعزيز عمدو حاڪم هو جو جمهور جي راءِ سان تخت نشين ٿيو هو ۽ جمهور جي راءِ سان شوريٰ کي پنهنجي حاڪمي ۾ تعاون ڪرڻ ۾ جي تابعداري لاءِ پابند رکيو هو . (تاريخ معصومي ص ۸۶)

۴۷. خانبهادر سيٺ : ادبي تاريخ ص ۵۹

نواب حفظ الله مغل بادشاهه شاهه جهان جي وزير سعد الله جو پٽ هو . ۱۱۰۳ھ/۱۶۹۲ء ۾ دهليءَ جي مغل حڪومت طرفان ٺٽي ۾ ميرشاهه جو نائب ٿيو ، سخي ۽ صاحب توفيق اميرهو . حضور صلي الله عليه وسلم جي عرس جي موقعي تي هزارن مهمانن لاءِ شاهاڻو دسترخوان ڪڍندو هو ۽ اول توڙي آخر ۾ پان ڪونرو ڪٽي ماڻهن جا هٿ ڏيندو هو . ڪمالات ۽ بلاغت جي صاحب هجڻ سبب لطيف شعر چوندو هو .

بادشاهه جي حڪم تي اسمٰعيل ۽ ميرسمان واري درياءَ ٺٽي پل جي ڪم جي نظرداري ڪندي گرمي ۽ جو اثر ٿيس جنهن سبب ۱۱۱۲ھ/۱۷۰۰ع ۾ ڳٺ اري ويو . (علي شير قانع تحفة الڪرام ص ۲۴۳)

۴۸. خانبهادر سيٺ : ادبي تاريخ ص ۵۹
سٺ پيرومل آڏواڻي : سنڌي ٻولي جي تاريخ ص ۲۲۶

من سلسليءَ ۾ سٺ پيرومل جو ڏنل احوال منقول ڪجي ٿو جيڪا ڪا ٻي معلومات ۾ دلچسپي سمان خالي نه آهي .

* ايٿوون صاحب هڪ ڪتاب بمبئي جي قومن ۽ ذاتين بابت لکيو آهي . انهيءَ ۾ هو صاحب لکي ٿو (R. E. Enthoven : 'The Tribes and Castes of Bombay

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 145

پيران پير دستگير" سنه ۱۱۶۵ع بغداد ۾ رحلت ڪئي. دنيا مان موڪلائڻ کان اڳ
پنهنجي پٽ تاج الدين" کي هدايت ڪيائين ته "تون هندستان ۾ وڃي رهه، اتي
جي ماڻهن کي اسلام جي روشني ڏيکار. سيد تاج الدين" کان پنج پيڑهيون پوءِ
سيد يوسف الدين" قادري پيدا ٿيو تنهنکي (۱۲۴۱ع خواب ۾ آيو ته "تون سنڌ ۾
وڃي اتي جي ماڻهن کي اسلام جي راهه ڏيکار. هو صاحب جنهن وقت سنڌ ۾ آيو
تنهن وقت سنڌ جي گادي ڏوهڙن تي هئي ۽ اتي جو حاڪم سما گهراڻي جو رڪن خان
هو. جو شايد جام رائدان (۱۴۵۴ع) هو، تنهن سيد صاحب کي جهجهي عزت ڏيئي
پنهنجو مهمان ڪري رهايو.

اتفاق ڪاوڙت مائٽجي مالي هڪ سيٺ برڪ هو، جو لهاڻن جي چوراسي
نکن يا برادرين جو ڪلي هو. تنهن جو حاڪم هن سيد صاحب جو مريد ٿيو ته سيٺ
مائٽجي ۽ ٻيو تنهن جي حاڪم جي ٻيروي ڪئي ۽ تنهن جن تن پٽن مان ٻن پٽن ۽
لهاڻن جي ست سو آڪمين (خاندان) سميت شاهه صاحب جو مريد ٿيو ۽ دين
اسلام اختيار ڪيائين

Gul Hayat Institute

انهن سيني تي ميڙ ڪئي مومن ٿالويو.....

ايئن مسلمانن جو تعداد سترهين صدي ع ڌاري وڏي گهڻو ٿيو. ان وقت
کن مسلمان عالمن مرورڪ سمجهيو ته سنڌي ع جي اهڙا ڪتاب لکي جن جي
وسيلي ميڻن ۽ سنڌن اولاد کي اسلام جي عقيدن ۽ مومن جان چٽي ريت واقف
ڪجي. ان وقت ٿٽي ۾ هڪ مولوي ابوالحسن ٿالي هو جو مسلمان ٻارڻا کي مذهبي
تعليم ڏيندو هو. سنه ۱۷۰۰ع ڌاري هن صاحب هڪ ڪتاب مقدمة الصلوٰة ٿالي
لکيو، جنهن ۾ نماز پڙهڻ، وضو ڪرڻ ۽ ٻين اهڙين ڏينهن جاڻين جو ذڪر آهي.

(سنڌي بولي جي تاريخ ص ۲۲۶ تان ص ۲۲۸)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 146

۴۹. مولانا دين محمد وفائي: ماهوار رسالو نئين زندگي مارچ ۱۹۵۰ء ص ۱۶

۵۰. ڏسو ڏاهتي نوٽ نمبر ۴۸ هن مقالي جو ص ۱۱۵

۵۱. ڊاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ۳۸

۵۲. خانبهادر ڊبليو: ادبي تاريخ ص ۶۱

۵۳. خانبهادر محمد صديق ميمڻ: هجري سال ۷ ۽ عيسوي سال ڏنا آهن تنهن ڪري نقوي تاريخي شايع ڪيل مرڪزي ادارہ تحقيقات اسلامي ڪراچي سان ڀيٽ ڪري ڏٺو، هر جڳهه تي سال جو فرق نظر اچيو.

۵۴. سٽر پيرڊل: سندي بوليءَ جي تاريخ ص ۲۲۸

۵۵. ڊاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۵ ۽ ص ۳۸ ۽ مقدمه سندي رسالي منهاج المعرفة ص ۱۱

۵۶. ڏسو هن مقالي جو ص ۹۲، ص ۹۳، ص ۱۱۵ ۽ ص ۱۱۶

۵۷. ڊاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۵ ۽ خانبهادر ميمڻ: ادبي تاريخ ص ۶۰

۵۸. ڊاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ۳۹

۵۹. پير حسام الدين راشدي: ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر ۱۹۵۳ء ص ۱۶، ڊاڪٽر عبدالجبار: سنڌيون ص ۹۳

۶۰. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۵۵ ۽ ص ۲۹۹

۶۱. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۲۱

۶۲. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۴۷۳

۶۳. خانبهادر ميمڻ: ادبي تاريخ ص ۶۱

۶۴. ڊاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۷

۶۵. خانبهادر ميمڻ: ادبي تاريخ ص ۶۱

ڊاڪٽر عبدالجبار: سنڌيون ص ۶۱ ۽ ص ۶۲

ڪتاب فرائض الاسلام اصل عربي ۾ مڪمل آهي جو ان وقت تائين سندي ۾ ترجمو ٿيل نه هو جا ڪاڻ ته هن ڪتاب جو پهريون ترجمو مخدوم محمد هاشم ۾ جي وفات کان ڇهه سال پوءِ ڪيو ويو. (ڏسو هن مقالي جو ص ۲۶۴)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 147

برسکن آهي ته مخدوم محمد هاشم ؒ کي ان وقت ۾ فرائض الاسلام جو سنڌي ترجمو هٿ جو اردو هجي .

۶۶ . علي شير قانع : تحفة الکرام من ۵۶۶

مير علي شير جي لقب موجب مخدوم محمد خادم ؒ اصل هراتي ۽ جو ماڻهو هو .
شيخ مخدوم رحمت الله ؒ جي شاگرد جي ۽ پير جي علمي فيض سان مالا مال ٿيو .
۽ هڪ بلند مرتبه عالم ليکيو ويندو هو . من هڪ حج ڪيرين سال ۱۱۴۵ھ / ۱۷۳۲ء
۾ به ڪيو هو . (تحفة الکرام من ۵۶۶)

۶۷ . مخدوم ابو الحسن ؒ : مقدمة الصلوٰة من ۱۱۲

۶۸ ـــــــ ايضاً ـــــــ من ۴۸ — من ۵۱

۶۹ . ـــــــ ايضاً ـــــــ من ۵۲

۷۰ . ڏسو من متاڻي جو من ۱۴۲

۷۱ . مخدوم محمد هاشم ؒ : مقدمة الصلوٰة من ۵۲

۷۲ . مخدوم ابوالحسن ؒ : مقدمة الصلوٰة من ۵۴

۷۳ . ـــــــ ايضاً ـــــــ من ۵۸

۷۴ . ـــــــ ايضاً ـــــــ من ۶۲ ۽ من ۶۳

۷۵ . مخدوم محمد هاشم ؒ : مقدمة الصلوٰة من ۶۳

۷۶ . مخدوم ابوالحسن ؒ : مقدمة الصلوٰة من ۶۳

. مباشرت فاحشة فقهي اصطلاح آهي جنهن جي معنيٰ آهي مرد ۽ عورت جي جنسي
جي پوشيدن حصن جو هڪ شيءِ کي بنا پردي يارکاوٽ ٽاڪرائڻ . (عنز فارسي من ۳)
مباشرت فاحشة کي التقاختنين به چوندا آهن . (خلاصة الفقه سنڌي من ۱۴)

۷۷ . مخدوم محمد هاشم ؒ : مقدمة الصلوٰة من ۶۳

۷۸ . مخدوم ابوالحسن ؒ ۽ مخدوم محمد هاشم ؒ : مقدمة الصلوٰة من ۶۳

۷۹ . ڏسو من متاڻي جو من ۱۴۲ ۽ ۴۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 148

٨٠. مخدوم ابوالحسنؒ: مقدمة الصلوٰة — ص ٦٩
٨١. ——— ايضاً ——— — ص ٧٣
٨٢. ——— ايضاً ——— — ص ٨٣، ص ٨٤
٨٣. ——— ايضاً ——— — ص ٧٩، ص ٨٠
٨٤. ——— ايضاً — ص ٧٨

معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ تنبيه به مخدوم محمد هاشمؒ يا ڪنهن ٻئي عالم جي طرفان مقدمة الصلوٰة ۾ پوءِ داخل ڪيل آهي. جڏهن ته مخدوم ابوالحسنؒ جڏهن هڪ دفعو مڪمل اعتقادي ۽ مناحت سان هڪ مسئلو صحيح سمجهي ڪي ڇڪو ته پوءِ ساڳئي هنڌ ان مسئلي جي ڪراهت بابت زور دار تنبيه پاڻ نه ڪي هوندا هئن. جهڙوڪ جڏهن مخدوم ضياءُ الدينؒ. مخدوم محمد هاشمؒ جي استاذ محترم پاڻ هي مسئلو پنهن جي سنڌي قديم اهڙي طرح ٻڌي ڪيو آهي. (ڏسو هن مقالي جو ص ١٣٣) جا ڪجهه ذڪاري ٻڌائي ته ان وقت هي مسئلو صحيح سمجهيو ويندو هو، ازانسواءِ مقدمة الصلوٰة جي ڪن قلمي نسخن ۾ هي تنبيه موجود نه آهي. مخدوم ابوالحسنؒ جي سنڌي ڪتاب مقدمة الصلوٰة جا صحيح قلمي خطوطا سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهن.

٨٥. ڏسو هن مقالي جو — ص ١٣٣
٨٦. مخدوم ابوالحسنؒ: مقدمة الصلوٰة — ص ٩٣
٨٧. ڏسو هن مقالي جو — ص ١٢٩ - ص ١٣٣
٨٨. ——— ايضاً ——— — ص ٦٤٠ ۽ ص ٦٩١
٨٩. مخدوم ابوالحسنؒ: مقدمة الصلوٰة — ص ٩٣
٩٠. ڏسو هن مقالي جو — ص ٦٤٠ ۽ ص ٦٩١
٩١. مخدوم ابوالحسنؒ: مقدمة الصلوٰة — ص ٩٣، ص ٩٤ ۽ ص ٩٥

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 149

۹۲. مخدوم ابوالحسن: مقدمة الصلوٰة ص ۹۵

۹۳. ——— ایضاً ——— ص ۹۶

۹۴. مولانا غلام مصطفیٰ صاحب ناسمي پنهنجي ڪتاب "خلاصهٔ عيدانيه" ۾ تشهد پڙهڻ وقت شاهد آڱر سان اشاري ڪرڻ جي منع ڪيل آهي، پر سندن راءِ موجب فقه جو هي ڪتاب غير معتبر آهي. مزيد هي ته جيتوڻيڪ امام ربانيؒ جن پڻ اهڙي ساڻت ڪئي آهي پر هي اشارو ڪرڻ سنت آهي ۽ ان جي سنت هئڻ جي تائيد ۾ سيد ميرعلي نواز علوي شڪارپوريؒ هڪ نهايت عمدو ۽ تحقيقي رسالو لکيو آهي. جنهن جو نالو آهي "البشارة لاهل الاشارة". (ماهوار نئين زندگي فبروري ۱۹۶۰ء ص ۱۹)

من سلسلي ۾ مخدوم اميرلحمدؒ به متين سموري حقيقت جي توثيق ڪئي آهي ۽ وڌيڪ چاڻايو آهي ته مخدوم محمد هاشمؒ جن سنت جي ثبوت ۾ هڪ عربي رسالو لکيو آهي جنهن جو نالو "نورالعين في اثبات الاشارة في التشهدين" آهي. جن رسالي ۾ مخدوم محمد هاشمؒ صحيح حديثن سان هي سنت ثابت ڪئي آهي.

(مقدمه بذل القوه ص ۱۳) مزيد ڏسو من مقالي جو ص ۶۴۱

۹۵. مخدوم ابوالحسن: مقدمة الصلوٰة ص ۹۹

۹۶. ——— ایضاً ——— ص ۱۰۰

۹۷. ڏسو من مقالي جو ص ۲۸۶

۹۸. مخدوم ابوالحسن: مقدمة الصلوٰة ص ۱۰۰ ـ ص ۱۲۱

۹۹. ——— ایضاً ——— ص ۱۰۹

هي حڪم فقط اهڙي ماڻهوءَ لاءِ آهي جو قرآن شريف پڙهڻ نٿو چاهي ۽ نڪي ان جي سکڻ جي اميد آهي. جيڪو قرآن شريف پڙهڻ نه ٿو چاهي پر عوض ڪرڻ سان سکي سگهي ٿو ان لاءِ هي اجازت ناهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 150

۱۰۰. مخدوم ابوالحسن: مقدمة الصلوٰة — ص ۱۱۱

۱۰۱. ——— ایضاً ——— — ص ۱۱۴

۱۰۲. ——— ایضاً ——— — ص ۱۱۵

مقدمة الصلوٰة هن هنڌ پڙهيل يعني قاريءَ جي ومناهب کيل نه آهي نه ڪيترين پڙهيل تي قاريءَ ڪيترين تي غير قاريءَ پوٺ گهر جي، پرهن سلسلي ۾ مولوي حافظ عبدالحميد صاحب صراحت فرمائي آهي ته فقهي اصطلاح ۾ قاريءَ ان کي چئبو آهي جنهنڪري ايترو قرآن شريف ياد هجي جنهن سان نماز ۾ سگهي ۽ امي (ان پڙهيل) اهو آهي جنهن کي ايترو به ياد نه هجي. (تحفة الفقيه حصه ۱ ص ۸۶)

۱۰۳. ڏسو هن مقالي جو — ص ۳۹۰، ۴۲۲، ۴۲۸ ۽ ص ۴۹۳

۱۰۴. مخدوم ابوالحسن: مقدمة الصلوٰة ص ۱۱۹ — مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۳۸ ۽ ص ۶۹۳

۱۰۵. ——— ايضاً ——— — ص ۱۱۹ مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۱۰۱، ۱۰۲ ۽ ص ۳۸

۱۰۶. مخدوم ابوالحسن: مقدمة الصلوٰة — ص ۱۲۰ ۽ ص ۱۲۱

۱۰۷. ——— ايضاً ——— — ص ۵۳

۱۰۸. ——— ايضاً ——— — ص ۹۷

۱۰۹. ——— ايضاً ——— — ص ۶۷ ۽ ص ۶۸

۱۱۰. ——— ايضاً ——— — ص ۶۶ ۽ ۶۷

۱۱۱. مخدوم امير احمد: مقدمه بذل القوه — ص ۲۷ — مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۹۸ ص ۱۰۰ ص ۱۰۱ ۽ ص ۱۱۹

۱۱۲. ڏسو هن مقالي جو — ص ۹۴

۱۱۳. سيد علي محمد شاهه: مصلح المفتاح — ص ۵۴

۱۱۴. مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي: ماهوار الڊين زندگي حيدرآباد جولائي ۱۹۶۵ء ص ۲۴

۱۱۵. مقدمة الصلوٰة جو هڪ چاپو جديد الف- بيم ادارو احمد برادرس حيدرآباد سنه ۱۹۶۱ء ۾ ڇاپيو ۽ ٻيو ڀيرو آفيسر بک ڊپو حيدرآباد جو ڇاپيل آهي. (ڏسو ڊاڪٽر عبدالجبار شاڪر ص ۳۹) ان کان سوا هڪ ڇاپو مان هن ڪتاب جو هڪ ڇاپو حاجي يار محمد بلوچ سنه ۱۳۳۸ھ ۾ ڇاپيو ۽ ٻيو ڇاپو ۱۹۲۹ء ۾ مشايخ ڪرايو هو. ڪراچيءَ مان هڪ ڇاپو اشاعت ۱۹۷۱ء ۾ مدني پبلشنگ ڪمپني واران مشايخ ڪرايو هيو. (ڏسو ص ۶۰)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 151

مخدوم ضياءالدينؒ

۱۰۹۱ھ/۱۶۸۰ع کان ۱۱۷۱ھ/۱۷۵۸ع

يارهين ۾ يارهين صدي هجريءَ ۾ ٺٽي جي ديني درسگاهن مان علم، عرفان ۽ فيض جا جيڪي چشما جاري ٿيا تن ۾ ڪو سنڌ پرسنڌ مان ٻاهر به اسلامي دنيا کي سيراب ڪيو. علم جي هن ضياء پاش ڏيئن ۽ نامياري عالمن مان مخدوم ضياءالدين ٺٽويؒ ۾ علم ۽ عرفان جو هڪ روشن چراغ هو. پاڻ سهروردي طريقي جي مشهور بزرگ ۽ پيشوا شيخ شهاب الدين عمر صديقي سهرورديؒ جي اولاد مان هو[1]. سندس نسب مان کي ٽوريلون پيڙهيون هنطرح آهن. ضياءالدينؒ بن ابراهيمؒ بن هارونؒ بن عجائبؒ بن الياسؒ[2].

مخدوم الياسؒ مخدوم ضياءُالدينؒ جو پڙڏاڏو سنڌ جي سومرن حاڪمن جي صاحبيءَ ۾ عراق مان لڏي سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ جي نامياري تاريخي شهر ٺٽي جي پنهن جي سونهن ۽ پنهنجائين[3]. ميرعلي شير قانع جي ٻڌائ موجب هي بزرگ پهريائين گونڊ رياهه ۾ اچي رهيو هو[4]. سندس پوٽو مخدوم هارونؒ مخدوم ضياءالدينؒ جو ڏاڏو ۽ بزرگوارانان لڏي ٺٽي آيو جتي ۱۰۹۱ھ/۱۶۸۰ع ۾ مخدوم ضياءالدينؒ ٽولد ٿيو[5].

مخدوم ضياءُالدينؒ ٺٽي ۾ وقت جي علامه مخدوم عنايت الله[6] ڪان تعليم حاصل ڪئي. جتي مخدوم محمد معين ٺٽويؒ پڻ سندس هم درس هو. تعليم ڪان فراغت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ درس تدريس جو شغل شروع ڪيائين. پري پري کان شاگرد ڪڇي اچي ويٺس جنهن پراثر ٿيندا هئا[7]. علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ به سندس هڪ نامور شاگرد هو ۽ سندس مدرسي ۾ ئي علم جي تحصيل ڪري فارغ ٿيو[8].

مخدوم ضياءالدين ٺٽويؒ وسيع النظر ۽ هميشه لوڪ فائدي ۽ انڪساريءَ ۾ رهندڙ هو. پاڻ صدق، صفاءِ تقويٰ جو مالڪ هو[9]. سندس جمار اسي ورهيه هئي. پاڻ ۱۱۷۱ھ/۱۷۵۸ع ۾ انتقال ڪري ويو[10]. سندس سنڌي تصنيف جامع ضياءالدين جي سنڌي بيتالي شاهه مشهور آهي. باقي احوال اڃان ڳولڻ ۾ ڏنو ويو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 152

ضياءالدين جي سنڌي
مولف: مخدوم ضياءالدين ؒ

ڪتاب ضياءالدين جي سنڌي قديم منظوم طرز جو ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو هڪ پراڻو ڇاپو ببئي مان جناب قاضي محمد ابراهيم ولد قاضي نور محمد ؒ جي سڃي سان ڇپايو ويو هو. پر انهيءَ اشاعت ۾ ڪيترن ٻين ڇاپن ۽ غيره جو ڪو به سالم نسخو راقم الحروف عاجز کي هٿ اچي نه سگهيو. جناب مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي پروفيسر شاهه ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد سنڌ جن وٽ هڪ مخطوطي نسخي جا چند ابتدائي ورق موجود هئا، جن مان سرورق نه ٽڙيل هئاشر جي مالي جي خبر پيڄي سگهي نه ٻاقي تاليف يا اشاعت جي ڪا به تاريخ ٽڪل نه آهي.

ضياءالدين جي سنڌي ۽ جو موضوع

جيئن ته ضياءالدين جي سنڌي ۽ جو ڪو به مڪمل نسخو منهنجي نظر مان نه گذريو نه ئي هي ڪتاب مڪمل آهي نه اصل ڪتاب ڪهڙن ڪهڙن عنوانن تي مشتمل هو. پر ڪتاب جي موضوع متعلق به ڪيڏي اشارا ڪتاب جي ابتدائي ورقن ۾ موجود آهن. جي هي آهن.

۱. پنج فرض بنا مسلماني جا سلوسين سيار ،
پهريائين ڪلمو ڪهو تهان پوءِ نماز ،
ڏيو زڪواة مال جي ٻيو روزن نيت ڌار ،
پنجون فرض حج جو جنهن کي سمر سار ،
بيان فرض پنجن جو ڪنهن ڏاروئن ڏار !!

۲. جيئن عنايت اسلام تو ٿيو پلي ٿيءَ پٽ ،
سڪ احڪام اسلام جا وٽ موجاري مٽ ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 153

سائڊ پون ڇهه ڏيهون فرمن جون ساري ٿون سگيج ،

بيان تن جو علحدو آخر ۾ پڙهيج [12] ،

ٽين ٻني اشارن مان صاف طرح معلوم ٿئي ٿو ته مصنف اصلي ڪتاب ۾ فقط اسلام جي پنجن ئي رڪنن جا فقهي مسئلا علحده علحده ڪيا هئا پر هڪ سو ٽيهن منتخب فرمن جو بيان پڻ آندو هئائين ، جن جو ڪن ٻين مصنفن به ذڪر ڪيو آهي. [13] جناب ڊاڪٽر ٻني بخش خان بلوچ جن فرمايو آهي ته ضياء الدين جي سنڌي قلمي جسماني صفائي ، پاڪائي ، نماز ، روزي ۽ حج جا مسئلا موجود آهن. [14] ڊاڪٽر عبدالجبار جويٽي عنوان جي هن فهرست ۾ زڪواة جو اضافو ڪيو آهي. [15] پر ها نهار رحمت صديق سيڻ جي لفظن مان معلوم ٿئي ٿو ته ضياء الدين جي سنڌي قلمي فقط وضوء ۽ نماز جو ذڪر ڪيل آهي. سندس اصل لفظ هي آهن ، " ابوالحسن جي سنڌي قلمي جيڪو مضمون وضوء ۽ نماز بابت ڏنل آهي سو سڀ ڪيو (ڏيرن ڪالي نمونو سان) ۽ بيا گهڻا وڌيڪ مسئلا گڏ ڪري مخدوم ضياء الدين [16] نهن جو علحده ڪتاب تيار ڪيو ، جنهن کي ڪالو ڏنائين مخدوم ضياء الدين جي سنڌي سيڻ صاحب جي هن عبارت مان ظاهر آهي ته ضياء الدين جي سنڌي نماز جي مسئلن ٻني ئي محدود هو . حضوڙ ماجد هن سيڻ صاحب ڪتاب جو آخري بيت به نقل ڪيو آهي .

سنڌي رسالي الرحيم ۾ ضياء الدين جي سنڌي جون چار قسطون

مولانا غلام مصطفيٰ صاحب خاسخيلي جن جي اهتمام سان سنڌي رسالي الرحيم ۾ ضياء الدين جي سنڌي ڪتاب جون ابتدائي چار قسطون شايع ڪرايو ويون آهن . مولانا صاحب جن کان معلوم ٿيو ته اصل ڪتاب سموروئي سنڌن نظر کان گذريو هو ، جنهن ۾ نماز کان سواءِ ٻين عنوانن تي مسائل جمع ڪيل نه هئا . ڪتاب جون جيڪي چار قسطون الرحيم ۾ شايع ٿي چڪيون

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 154

آهن تن ۾ هيڻان مضمون شامل آهن.

۱. ايمان ۽ انجون مفتون ۲. بلوغت جو بيان ۳. وضوء غسل لاءِ پاڪ پاڻي جو بيان ۴. قضاحاجت جو بيان ۵. پليتي ۽ غليظ جو بيان ۶. اذباري جو بيان ۷. وضوء جو بيان ۸. غسل جو بيان ۹. حيض ۽ نفاس جو بيان ۱۰. غسل جا مسائل ۱۱. ميت جو غسل ۽ ڪفن جا مسائل ۱۲. نماز جنازه ۱۳. سفر ۽ تيمم ۱۴. نمازِ ڳجهي يا جهري قرأة ڪرڻ ۱۵. نمازِ ۾ بي وضوئيڻ. ۱۶

مٿين عنوان تحت جيڪي مسائل ڪليل آهن تن مان ٻن جو بين سنڌي عالمن به ذڪر ڪيو آهي، اهي به مسئلا هي آهن. ۱. ۱ صلي پاڻي جي قد جو مسئلو ۲. ڪفن بزرگ شخصيت جي وفات ڪانپوءِ ڪفن سان گڏ دستار پهرائڻ جو مسئلو. انهن ٻن مسئلن ڪانسواءِ ڪتاب جي ابتدا ۾ مسلمان پارجي تعليم متعلق اهم سمجهايون ڏيون ويون آهن ٿنهنڪري انهن ٿيڻ جاڳين بابت ڪجهه ڪنهن وضاحت هيٺ ڪجي ٿي.

مسلمان پارجي تعليم جا چار مرحلا

مسلمان پارجڻ ۾ پهريائين ٻالهاڻ شروع ڪري ته ان جي ڪنڌ طيب ياد ڪرائڻ گهرجي. جنهن ڪانپوءِ جڏهن ڇڪي طرح ٻالهاڻ ٻولهاڻ جهڙو ٿي ويجي ته ان جي قرآن شريف پڙهائجي ۽ ٽيهين پارو ۽ ٻيون ٻه سورتون ياد ڪرائجي. تعليم جي ٻي ڏاڍي ٿي ان جي سجو قرآن شريف حفظ ڪرائجي. ٽين منزل ٿي ان جي فقه جو علم سيکارجي ۽ آخري مرحلي ٿي حديث شريف ۽ قرآن مجيد جي تفسير جي علم سان ان جي واقفيت حاصل ڪرڻ گهرجي. ۱۸

مسلمان پار جي تربيت

ماءُ پيءُ جي گهر جي ته اولاد جي تربيت خاطر مقرر وقت ٿي ان جي مڪتب ۾ ويهارين ۽ ڪنهن اهڙي مڪتب جو انتخاب ڪن جتي هاڻي تعداد ۾ ٻيا شاگرد به پڙهندا هجن. ۱۹ پار جي مڪتب ۾ ويهارڻ جي عمر تعدد ۾ ساڻ ڏاڻي نه ڪئي آهي. برعڪس ان جي راءِ هن مقالي ۾ ٻڌي هنڌ موجود آهي. ۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 155

فرض آهي ماءُ پيءُ ڀي سڀي سوڏي ٻيٽ ،
نہ موڪلي مڪتب ۾ صغير وڏيءَ سٺ ،
نہ تابع شيءِ طبيعت جو مومن وڏيءَ متا ۲۱۸

ان کانسواءِ والدين تي هي به فرض آهي تہ پنهنجي ٻارن کي نماز جو تاڪيد ڪن. ايتري قدر جو ڏهن سالن جي ٻار کي نماز نہ ڏيڻ تي سيکت ڏيڻ ۽ چابڪ سان به مارين تہ جيئن اهڙي اهم فرض کان بيخبر نہ ٿين.

ڏهن ورهن جو جي شيءِ تہ مر ان ماري ،
نديءِ کي نماز لاءِ چابڪ چڪائي ،
جي غافل شيءِ نماز ۾ ڪڏهن اسارو ،
نہ هٽج هڪلج ان کي تان اڏشيءِ اسارو ۲۱۹

نماز جي وقت لاءِ اصلي پاڻي جي سڃاڻپ

نماز جي وقت جو بيان ڪندي مخدوم صاحب سڀ کان پهريان نديءَ ۾ پاڻي جو قد پنهنجي تجربي جي بنياد تي ٻڌايو آهي. جيئن تہ اسلامي سال قمري حساب موجب ڪڏهن ڪڏهن هڪ مهينو ڪڏهن ٻه مهينا موسم ۾ مفرق ٿي نہ ٿو سگهي. مخدوم صاحب پنهنجي والدين کان مشڪل جي حل لاءِ هڏ ۽ سنڌ جي مهينن جي نالن جو استعمال ڪيو آهي. جاڪاڻ تہ اهي نالا ان وقت واپاري خواه زراعتي مقصدن لاءِ عام طرح استعمال ٿيندا هئا. ٻيو وقت ۾ مزيد تغير ۽ رمناڻ لاءِ هر مهينو ۽ جيڪي موسمي حالات هوندا آهن انهن جو ذڪر ڪيو اٿس. مذڪور مهينن جو تعين سڄ جي هڪ برج ۾ داخل ٿيڻ جي تاريخ مان ان برج جي سنڌ ۾ نڪرڻ جي تاريخ تائين ڪيو ويندو آهي ۽ اهي تاريخون علم نجوم جا ماهر مقرر ڪندا آهن. مخدوم صاحب موصوف اصل پاڻي کي سڃاڻڻ جي مقصد لاءِ ڪنهن حد تائين علم نجوم کي به هڪ ذريعو سمجهيو آهي. محل وضاحت لاءِ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 156

مخدوم ضياءُالدينؒ جي سنڌي ۽ سان اصلي پاڻي سنگت بيت نقل ڪجن ٿا.

ساڻوسيهين ماهه جو پرٻت روهي ۽ ٽيو - جيئن گهوڙن ٽايم ڪهين ۾ ٽوڙو ،

چيٽ: بيان سڀڪنهن ماهه جو هڏي ۽ پٽ بڌو - جورسيو سج حمل ۾ جنهن سنڌي چيٽ چون ،

جيئن واڻي وهن ڪيت ۾ آڻين ۾ جَوَن - پندرهن ڏينهن قدم ڪي ۽ به پوين ۾ ڪهن ،

وهاڪ: جورسيو سج ٽوريه وهاڪ سنڌي ونن - جي لابارا گهڻن ۾ ڏاڻي جَوَ لُبن ،

ڄيٺ: سڄهين انهيَ ماهه جو قدم هيڪ ڪن - جورسيو سج جوڙا ۾ جنهن سنڌي ڄيٺ اُتن ،

جيئن ٻلا سپوهين ۾ منڍ آب آڻين - پهرلون ثابيت سان آراڻ ڪيت پڇن ،

ميڙوان حساب ڪن - پڙ سپ ڏينهن ان ماهه جا خالي تاڪن ،

آڙ: جورسيو سج سرطان ۾ جنهن سنڌي آڙ اُتن - جيئن ڪاراڻي ڪهر ماندا ٿا سينهن ،

پج پاري سار جو ۽ ورلون جيئن پرهن - اٺيهه ڏينهن خالي ٽنهن باقي هيڪ ونن ،

ساڻوٽ: جورسيو سج اسد ۾ جنهن سنڌي ساڻوٽ چون - جيئن ٿئي موجو جهاڻ جو وڻ ٽيز وهن ،

ٻڌو: سڙ ستاويهه ڏينهن ان ٻاڻيا قدم ٽنهن سُڄ - جورسيو سج سنبل ۾ سنڌي ٻڌو ٽنهن چون ،

ڄيئن ڪٽيون سنهن ساميون واڻ اساڙين - چوڏهن ٽاريخون ٽنهن جون به قدم پڄهن ،

اسو: سورهن روز سنبل جا ٽي قدم ڪهن - جورسيو سج ٽاريخون ٽنهن اسو جنهن اٽن ،

جيئن چڪ چلهو ٿيا واڻن ۾ آيا هرهارين - ٽئي ٽڏائي ان ماهه ۾ پاڻيَ ۾ ڪوڙن ،

ٽي ٽاريخون قدم ٽي پندرهن چار ڏجن - بارهن ٽاريخون باقيَ ڪي ساري ڏجن ،

ڪتي: جورسيو سج عقرب ۾ جنهن ڪتيَ ٽاچون - جيئن گاهجن سنبلون موڙ ٻاهه ۾

سڪرٽين سنگ لاٽريا پڪا مونهه سڏن - به ٽاريخون ٽنهن ڏينهن ڪاريهن روز ڇهه ،

ڌاهري: سترهن ڏينهن باقيَ ۾ قدم ست ونن - جورسيو سج ڌنو ۾ جنهن ڌاهري چون ،

جيئن ڳڙ پرلو آڳيئن سوڙ ۾ سهن - ان قدم ان ماهه جا پنجن ۾ ڏينهن ،

پوهه: باقي پنجويهن ڏينهن ۾ لوَ قدم ڪن - جورسيو سج جديَ ۾ جنهن سنڌي پوهه چون ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جيڻ واڪارون اترجون سيءُ ٻيئي ڪن - چڏي هاڻ هرن جي سنڊي پوڪ گهڻن ،
ڇهه تاريخون ماهجون نو قدم گهرجن - بين ڀرات چوءُ قدم باقين ،
ماڳهه : جو رسيو سڄ دلو ۾ جنهن سنڊي مڱهه چون - آيو اترپاند سو پرڏارا ڏين ،
سنريا سنگ ڳينهن جاءِ ڏيڏاڙه جون - ان قدم هيڪ ڏينهن ۾ سورهن ڏينهن ستن ،
بارهن ڏينهن قدم چهه هيڪڙي پچن - باقي قدم ۾ سترهين ساري پنج ونن ،
قلڳ : جو رسيو سڄ حوت ۾ جنهن ٽلگ ماه انن - ٽيو ٻهار گلن جو ڏڻ ٽڻ واس ونن ،
جو سنريا سنگ چيهه ٿي ڳينهن جاچون - بارهن تاريخون ان ماه جون پنج قدم پچجن ،
پندرهن ڏينهن چار جو تون قدم باقين - پرساد سڳهن قدم ٿي اگرو مرڪن ،
جو ڏيو وقت اگين جو ڏچين جوآين - اگين ڏچين ڏچيم ڪي مهمل وقت لکن ،
پرفتوىٰ ڏني عالمين نه مهمل ناهه ڏچين - جو ٿيو غائب سڄ در ۾ سانڍجيءَ ڪي پڙهن ،
جي پگاڙها يا ڪارائي ٿي غائب ٿي شفقن - ٿي گهڙيون رکي ڪري سو مٽي پڙهن ،
اڳي طلوع فجر جي وتر جي وقتن - اي بيان وقتن جا مٽان ٻيو ٻجهن ،
الاهي آسان ڪرين ٿي عاجزن - سين حرمت حبيب جي جو اجهو مڏنبن ،

ضياءالدين ضعيف ٿي ڇڏي وطن ڪن ٿا

Gul Hayat Institute

ٽئين بين ۾ اصلي پاڇي جي قد جي ڏيگهه جي وضاحت لاءِ قدم کي ماپ جو پيمانو مقرر ڪيو ويو آهي . جنهن جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي .

اصلي پاڇي جي ماپ لهڻ لاءِ قدمن جي تعداد جي تشريح

سڄ ايرٽ ماپڻو هجي ٻين ٽئين ٿي چڙهندو ايندو آهي ٽئين ٽئين هر شئي جو پاڇو گهٽبو ويندو آهي . جڏهن سڄ پنهنجي پنڌ جو پورو اڌ ختم ڪري ڪاپار تي ايندو آهي تڏهن هر شئي جو پاڇو سڌي ۾ نند وٺندو آهي . جنهنڪري فقه وارن جي اصطلاح ۾ اصلي پاڇو يا منتهي الزوال ڇيو ويندو آهي[25] . سڄ لڙڻ سان گڏ جڏهن پاڇو پهرين وڌڻ شروع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 158

ڪندو آهي ان وقت کي زوال چئبو آهي. جيئن ته "شئي الزوال" ۽ زوال جو نماز جي وقتن سان گهڻو تعلق آهي تنهنڪري فقيهن لاءِ ضروري ٿيو ته جنهنجا مقامن تي جدا جدا زمانن ۾ "شئي الزوال" جي قدر بابت تحقيق ڪري ان جي ڌڳهه مقرر ڪري ڇڏين. هن مقصد لاءِ آساني ۽ سبب هڪ سرد جي قدر کي تحقيق ڪاپو ۽ سندس ٻي ستن پيرن جي ڌڳهه جيترو ڌڳهو نشيم ڪيو ويو. ان ڪاڻ پوءِ سال ۲۶ جي مختلف موسمن ۾ پاڇي جي ننڍي ۾ ننڍي ڌڳهه تجربو ڪري مقرر ڪئي وئي ۽ ان ڌڳهه جو اظهار قدمن يعني پيرن جي قدر ادا ڪيو ويو.

اصل پاڇي متعلق مخدوم محمد هاشم ؒ جي تحقيق

ڪيترن ئي سنڌي عالمن مذڪور طريقي ۽ اصلي پاڇي جي قد متعلق پنهنجي پنهنجي راءِ سنڌي بيٽن ۾ لکي آهي. پر سنڌ ملڪ جي موسمي حالتن مطابق ڪنهن به ان جي تحقيق نه ڪئي آهي. مخدوم محمد هاشم ؒ فرمايو آهي ته "ڪن سنڌي عالمن امڙ فقهي ڪتابن ۾ لکيل اصلي پاڇي جو قد سنڌ ملڪ لاءِ به لاڳو قرار ڏنو آهي جي سنڌ لاءِ لکيا نه ويا هئا. اصلي پاڇي جو اهو قد انهن ملڪن لاءِ ڪامو آهي جن لاءِ اهي ڪتاب لکيا ويا هئا ۽ نه سنڌ لاءِ". تنهنڪري پاڻ ذاتي طرح ٻن سالن جي تجربي ۽ تحقيق ڪاپو سنڌ لاءِ اصلي پاڇي جو قد مختلف موسمن ۾ مقرر ڪيائين. هي مسعود احوال پاڻ پنهنجي فارسي رسالي "رشف الزلال في معرفة وقت الزوال" ۾ ڏنو آهي. جن سنڌي عالمن سنڌي بيٽن ۾ اصلي پاڇي جو احوال ڏنو آهي پر جن کي مخدوم صاحب سنڌ جي حالتن سان موافق نه ٿو سمجهي تن جا ڪي مثال مخدوم صاحب "رشف الزلال" ۾ ڏنا آهن، پر انهن عالمن جا نالا نه ڄاڻايا آهن. مخدوم صاحب جي راءِ موجب مفتاح الصلوٰة ۾ ڏنل اصلي پاڇي جو قد به سنڌ سان لاڳو ڪري نه ٿو سگهجي. سنڌي بيٽن جا مثال جي مخدوم صاحب "رشف الزلال" ۾ نقل ڪيا آهن سي هيءَ آهن:

۱ ان ڏنائين پوءِ ڪي ان ڏنائين ماه،
جڏهن سيارو سين ڪي ڪ ڪاري راه،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 159

چھ ڏنائين ڦگڻ کي چار ڏنائين چيت - جڏهن جوَ پچي آيون تياراهي رکن کيت .
ٽي ڏنائين وهاءِ کي به ڏنائين جيٺ - جڏهن واريءَ پکا گهر آماپکا ميٺ .
هڪ ڏنائين آرڙ کي ساڻو ڏنائين هيڪ - جڏهن وهڙ وهن برلو درياءَ تلي ٽيڪ ،
به ڏنائين ٻڌي کي ٽي اسوءِ کي - جڏهن هارين هر آيا کيا کيڙن لوڻ کي ،
چار ڏنائين ڪتي کي ڇهه ٻهاري کي - جڏهن ٻيهون ڪنڊن اکرين واري کاند پيئي ،
پٽ وري وڏائون مٺان ٽي سايڏين کي . ۳۱

۳۰ ان ڦيرين پوءِ ڦگڻ ، ڇهه ٻهاري ءِ چيت - جڏن ڪٽي ءِ وهاري اسوءِ چيٺ ،
ٻن ٻڌوءِ آرڙ ، ڏهه ڏٽي ماهه کي ساڻو آڻي هيڪ - سايڏين کي گهر جي چيٺ . ۳۲

املي پاڻي بابت مخدوم محمد هاشم جي تحقيق ڏسڻ جي بيٺ ۾ .

مٺان بيٺ ڪهڙن سنڌي بزرگن ڇا آهن ٽن بابت ڪجهه معلومات ملي نه ٽي سگهي . پر هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ فقه جي موضوع تي ٻيو به ڪيترو مواد موجود هو . جو هن وقت ناپيد آهي . مخدوم محمد هاشم" بهرحال هن بيٺ کي سنڌ ملڪ لاءِ ڪارائتو نہ ٿو سمجهي چاڪاڻ تہ هڪ تہ هي بيٺ سنڌ جي حالات موسمي حالات موجب تحقيق ڪري لکيا نہ ويا آهن ءِ ٻيو تہ جن موسمي علامتن سان مهينن جي نشان دهي ڪئي وئي آهي سي ڪٿ ڪٿ گهڻ آهن ءِ يقيني نہ آهن . مٺين بيٺ ۾ مخدوم ضياءُ الدين جا بيٺ شامل نہ آهن . پر جيئن تہ مخدوم محمد هاشم" جي ڪل تحقيق سان اهي به نہ ٽاڻيو ، تنهنڪري مخدوم محمد هاشم" جي تنقيد جي دائري کان خارج نہ ڪيا . مخدوم محمد هاشم" جا تحقيقي بيٺ هن لکڻ تائين

سايو املي ملڪ سنڌ جو سڻهو موسما - لکي ڪريان پٽا ۾ ڪارڻ ريٽ رهنا ،
ڪيم محنت تنهن ٽي چوديهه ماهه سچا - اڏاڻ مهيني جا سيڪ هن ليکيان پيرجبا ،
درهيه ويهي وهاءِ کنا ڪريان شروع ٽيا .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 160

وهاڻ

پهرين اڏيم وهاڻ جي ادائي پيرٿين - پوئين اڏيم به ٽياسٽي ياد ڪجن ،

چيٽ

پهرين اڏ کي چيٽ جي ڏيڊ پير ڏلو - پوئين اڏ کي ٽنهن جي قدم هيٺ رو ،

آرڙ

اڏيم پهرين آرڙ جي اڏ پير ليسجي - ٽهان پوءِ اچي سڄ برابر ٿئي پاڻ هين ڏيئي ،

سانوڻ

نڪي پوئين اڏيم آرڙ جي نه سانوڻ منجهه سڄي - جو سانوڻ لڳي ڪليوٽه وري سوڌي ،

ڀدرو

اڏ ليسجي پير جو پنڌ رهن ڏينهن ٻڌي - پويان پنڌ رهن ٽنهن جا سڄو پير ٿئي ،

اسو

اسوءِ پهرين اڏ ڏيڊ ٿئي پوئين به پورا - ڪٽي پنڌ رهن ڏينهن پهران پيرتي پويان چار ٻڌا ،

ڪٽاري

پنج پهرين اڏ ڪٽاري جي سادا پنج پيا - ڇهه پير پهرين اڏ پوءِ جي پوئين ڇهه سادا ،

ماهه

پهرين اڏيم ماهه جي پورا ست ٽيا - مورنه وڏي سنڌيم سالو ستئا ،

وري موٽي واڌ ڏا اچي ان ماڳا - ڦري سادا ڇهه ٽيا پوئين اڏ ماها ،

ڇهه پير پهرين اڏ ڦڳڻ جي پوءِ سادا پنج ٽيا - سادا چار پهرين پنڌ رهن چيٽ جي پوئين سادا ٽي ،

پاڇا پاڻ رهن ماهن جا اچي ٻنا اي - پر پون ڦري انڌ پار ڏانهن ڏڪ نه ڪوي ،

سڪي سڪي ياد ڪر هوند ته آنکي رب تسي - پر آءُ نو کي جهان ڳاهه جا سڄ ساري ،

ته جنهي سادا ان پير لکيا پوه ماهه ۽ - او ڪر نه انڊي ڳالهڙي مورن سنڌين کي ،

سنڌيم ستن پيرنون پاڇي ڪين وڏي - ڪر جهل ٻئي ملڪ سين جي ڪر هوند جڙي ،

سالو سيني ڪين نفارت ڪري - پڙ جنهن ڏنو سانوڻ کي ڏيڊ پير سڄو ،

او نه جڙ نه وسنڌ سين چوڪاري ڏسو - سنڌ منجهه سانوڻ ماهه ۽ پاڇو مورنه پوءِ ،

مگر فڊ رهن ٽن آگرين جو جنهي اقبار نه ڪجوءِ - سڀ ڏين شريعت کي سڪي ياد ڪجو ،

وٺ اسي ايمان سين ڪلمو جن چير - لا الٰه الا الله محمد رسول الله ۳۳

مخدوم محمد هاشم صاحب جيڪي پنهنجي مائٽن جي سنڌي بيانن جا شال ڏاڏا آهن سي آخبار الاخيار جي سنڌ ۾ آندل ڪتاب مخدوم محمد هاشم جي متعلق تحقيق کان پوءِ هاڻي ڪارائتا نه رهيا . تنهنڪري مخدوم محمد هاشم جي تحقيق کي واضح ڪري نئين سر لکڻي ٿوءِ هندي سندن بدران هيءَ سموي سمين جا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 161

نالا نکجن تا نہ جيئن سمجھوٽ ۾ آساني ٿئي. اصلي پاڇي جي ڊيگھ ٿريم به پيرن جو تعداد جاڻائڻ سان ظاهر ڪئي وئي آهي. پيرمان مراد ڪنهن به درمياني ڏاري جو پير آهي. جيئن ته مخدوم محمد هاشمؒ پنهنجي تحقيق جي ابتدا جمين جمادي الاول ۱۱۳۲ھ/ سورهين مارچ ۱۷۲۰ع کان ڪئي هئي. تنهنڪري هت به پيرون سمينو سورهين مارچ کان ۱۵- اپريل تائين ڪيو ويو آهي.

مخدوم محمد هاشمؒ جي سڏ ملڪ ۾ اصلي پاڇي جي ڊيگھ جي ڪل تحقيق عيسوي سال جي سمين ۾.

۱. ۱۶ مارچ کان ۳۱ مارچ تائين اصلي پاڇي جي ڊيگھ درمياني ڏاري ڪنهن به مرد جي ايڏائي پيرن جي ڊيگھ آهي.

۲. ۱- اپريل کان ۱۵- اپريل تائين ـــــ ايضاً ـــــ به پير ـــــ

۳. ۱۶- اپريل کان ۳۰- اپريل تائين ـــــ ايضاً ـــــ ڏيڍ پير ـــــ

۴. ۱- مئي کان ۱۵ مئي تائين ـــــ ايضاً ـــــ هڪ پير ـــــ

۵. ۱۶- مئي کان ۳۱ مئي تائين ـــــ ايضاً ـــــ اڍ پير ـــــ

۶. ۱- جون کان ۱۵ جولاءِ تائين ـــــ هن عرصي ۾ اصلي پاڇو ناپيد رهندو آهي.

۷. ۱۶ جولاءِ کان ۳۱ جولاءِ تائين اصلي پاڇي جي ڊيگھ درمياني ڏاري ڪنهن به مرد جي اڍ پير جي ڊيگھ برابر آهي.

۸. ۱- آگسٽ کان ۱۵ آگسٽ تائين ـــــ ايضاً ـــــ هڪ پير ـــــ

۹. ۱۶- آگسٽ کان ۳۱- آگسٽ تائين ـــــ ايضاً ـــــ ڏيڍ پير ـــــ

۱۰. ۱- سيپٽمبر کان ۱۵ سيپٽمبر تائين ـــــ ايضاً ـــــ به پير ـــــ

۱۱. ۱۶ سيپٽمبر کان ۳۰ سيپٽمبر تائين ـــــ ايضاً ـــــ ڍي پير ـــــ

۱۲. ۱- آڪٽوبر کان ۱۵- آڪٽوبر تائين ـــــ ايضاً ـــــ چار پير ـــــ

۱۳- ۱۶- آڪٽوبر کان ۳۱- آڪٽوبر تائين ـــــ ايضاً ـــــ پنج پير ـــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 162

۱۴. ۱ نومبر کان ۱۵ نومبر تائين اصلي پاڇي جي ٻيگهه درسياڻي ڏڪ واري ڪنڊ ۾ مرد جي ساڌن پنڇن پيرن جي ٻيگهه برابر رکڻ

۱۵. ۱۶ نومبر کان ۳۰ نومبر تائين ـــــ ايضاً ـــــ ڇهه پير ـــــ

۱۶. ۱ دسمبر کان ۱۵ دسمبر تائين ـــــ ايضاً ـــــ ساڌا ڇهه پير ـــــ

۱۷. ۱۶ دسمبر کان ۳۱ دسمبر تائين ـــــ ايضاً ـــــ ست پير ـــــ

۱۸. ۱ جنوري کان ۱۵ جنوري تائين ـــــ ايضاً ـــــ ساڌا ڇهه پير ـــــ

۱۹. ۱۶ جنوري کان ۳۱ جنوري تائين ـــــ ايضاً ـــــ ڇهه پير ـــــ

۲۰. ۱ فبروري کان ۱۴ فبروري تائين ـــــ ايضاً ـــــ ساڌا پنج پير ـــــ

۲۱. ۱۵ فبروري کان ۲۸ فبروري تائين ـــــ ايضاً ـــــ ساڌا چار پير ـــــ

۲۲. ۱ مارچ کان ۱۵ مارچ تائين ـــــ ايضاً ـــــ ساڌا ٽي پير ـــــ

مرد مخدوم جي ڪفن ۾ دستار شامل ڪرڻ جو مسئلو

مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي ڪيل ترجمي مرد مخدوم لکي ڪفن ڏيڻ وقت سڀني دستار بندڻ بابت هي لفظ آيا آهن

"دستار سڀني مخدوم جي ڪٽي پڻ ڏيو" ۳۴

من سنڌيم اهو واضح نه ڪيو ويو آهي ته دستار بندڻ جو هي حڪم سنت آهي يا فقط مباح. هي ساڳيو مسئلو مخدوم ابوالحسن رحمه الله عليه مقدمة الصلوٰة ۾ به ڪيو آهي پر اتي ٻي ان جي ڪراهت سمان پڻ آگاهه ڪيو ويو آهي. ۳۵

ضياءُ الدين جي سنڌي جو مختصر جائزو

ضياءُ الدين جي سنڌي، سنڌي بولي ۾ ٻيو ڪتاب آهي جو نماز جي فقهي مسئلن تي لکيو ويو. جيتوڻيڪ ٻيو ڪتاب راقم الحروف ضعيف جي نظر سمان نه رکيو آهي نه به آساني سان جتي سگهجي ٿو نه ئي ڪتاب ابوالحسن جي سنڌي سمان زياده تفصيلي ۽ تحقيقي آهي. مخدوم پاڪائي جا مسائل ابوالحسن جي سنڌي ۾ ڏنل پاڪائي جي مسئلن سمان زياده آهن ۽ ٻنهي جو بيان به هن ڪتاب ۾ مخدوم ابوالحسن جي مقدمة الصلوٰة کان وڌيڪ تفصيلي آهي. البت مرد مخدوم جي ڪفن ۾ دستار شامل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 163

ڪرڻ جي غير معتبر مسئلي کي هن ڪتاب ۾ ڏسي، ڪتاب جي مؤلف جي علمي معيار کي خيال ۾ رکندي تعجب ٿيندو تہ الفي مڪمل مسئلي کي هن ڪتاب ۾ جڳهہ ڪيئن ملي سگهي. ڪتاب جو جيڪو ٿورڙو حصو موجود آهي ان ۾ به ساڳئي جا حوالا ڏنا ويا آهن تن جا نالا علحدہ ڏجن تا. جن مان ڪتاب جي تحقيقي معيار جي بلندي ۽ جو ثبوت ملندو.

ضياء الدين جي سنڌي ۽ جن ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن تن جا نالا

۱.	ابوالمڪارم: رساله الرحيم (۴) ۱۹۶۶ء (۲) ۱۹۶۷ء	ص ۱۱۷ ۽ ص ۱۱۷
۲.	لبعر : رساله الرحيم (۲) ۱۹۶۷ء	ص ۱۲۰
۳.	خلاصه : ايضاً (۴) ۱۹۶۶ء	ص ۱۱۷
۴.	خزانة الرواية: ايضاً (۲) ۱۹۶۷ء	ص ۱۰۹
۵.	شرح منية المصلي: ايضاً (۴) ۱۹۶۶ء	ص ۱۱۸ ۽ ص ۱۱۹
۶.	شرح وقايه : ايضاً (۴) ۱۹۶۶ء ۽ (۱) ۱۹۶۷ء	ص ۱۱۸ ۽ ص ۱۰۶
۷.	کنزالدقائق : ايضاً (۲) ۱۹۶۷ء	ص ۱۱۷
۸.	کيداني ڪتاب: ايضاً (۲) ۱۹۶۷ء	ص ۱۱۹
۹.	وقايه : ايضاً (۲) ۱۹۶۷ء	ص ۱۰۹ ۽ ص ۱۱۶

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 164

حوالاءِ تعليقات

۱. خانبهادر ميمڻ : سنڌ جي ادبي تاريخ ص ۶۹

شيخ شهاب الدين عمر بن عبد الله صديقي سهروردي، سهروردي جي گون جوڙهاڪو هو. هي گون ايران جي جبال برز جي ٻڌي ۾ آهي. شيخ شهاب الدين ڪ صوفي بزرگ هو جنهن کي عباسي دربار جي حمايت حاصل هئي ۽ انهي حڪومت جي تعاون سان هو پنهنجي ديني عقيدن جي تبليغ ڪندو هو. هن بزرگ عوارف المعارف، نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ يوناني فلسفي جي تردير ڪيل آهي. هي ڪتاب پاڻ خليفي الناصر جي نالي منسوب ڪيو هئائين. هي بزرگ سنه ۵۳۹ھ/۱۱۴۴ع ۾ جائو هو ۽ سنه ۶۳۲ھ/۱۲۳۴ع ۾ گذاري ويو. هن بزرگ تصوف جي تعليم شيخ عبد القادر جيلاني کان حاصل ڪئي ۽ پارسي جو مشهور شاعر شيخ سعدي به سندس شاگرد ن مان هو. (جيمس هيسٽنگز، انسائيڪلوپيديا آف ريليجن اينڈ ايٿکس جلد ۱۲ ص ۲۰ ۽ سيد قاسم محمود شاهڪار انسائيڪلوپيديا ص ۹۷۰)

۲. مولانا قاسمي : رساله الرحيم اشاعت ۴ سال ۱۹۶۶ء ص ۱۰۹

۳. خانبهادر ميمڻ : سنڌ جي ادبي تاريخ ص ۶۹

ٺٽو جو قديم شهر سنڌ جي سومرن حاڪمن جي دور ۾ مملڪت جو پايه تخت هو ۽ ارغون جي زماني ۾ منجهس فوجي چانوڻيون هيون. مغل شهنشاه همايون پنهن جي جلاوطني جي زماني ۾ جڏهن مرزا شاهه حسن ارغون سان برسرپيڪار رهيو تڏهن هن ٺٽو پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ اتي جي آبهوا، ميوات ۽ وڻراهه کيس ۽ سندس اتالي خواه متعلقين کي ايترو تر پسند آيا جو هنن هن شهر کي پنهنجو مستقر بنايو ۽ هتان ئي پنهنجي فوجي جرنيرجاري رکي. مغل اعظم اڪبر جي شيرخواري جي عمر جو ڪجهه حصو هن شهر ۾ ئي گذريو. (مولائي شيدائي جنت السند

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 165

س ۳۹۳)

هي تاريخي شهر بدين منلهي جي تعلقي گولاڙچيءَ جي هالوڪي واهڙ تنبي غلام حيدرسان بگ ريڙ واهه جي ڪپ تي آباد هو. هي شهر وڏو تجارتي مرڪز هوءِ سنڌي جي باغات سمان مشهور هو. (خانبهادر سيڙ سنڌ جي ادبي تاريخ س ۶۹ - سٽر پيرو مل: سنڌي بوليءَ جي تاريخ س ۲۱۹ - محمد اسماعيل مرسائي: نئين زندگي جنوري ۱۹۵۶ء ص ۱۳) هن شهر ۾ آئينه باغ نالي هڪ باغ هو جنهن کي گلبدن بيگم همايون بادشاه جي همشيره به سارا هيو آهي. (سنڌي ترجمو همايون نامه س ۸۳) ساڳي نهر جي ڪناري تي بن ٽن ميل جي پنڌ تي هڪ برڪشش شهر فتح باغ لڌين جيون سان پر پور هوءِ شاداب باغن سبب هڪ فرحت بخش مڪان ليکيو ويندو هو. هن شهر جي مقبوليت بابت ان وقت سنڌي ۾ هيٺين چوٽي مائٽن جي زبان تي عام هئي:

نرت نوراڻي، نار نمريون، فر فتح باغ
هلي ڏسو جوڙ جتي ڪپه جو واپار.

(سٽر پيرو مل: سنڌي بوليءَ جي تاريخ س ۲۱۹ - محمد اسماعيل مرسائي: نئين زندگي جنوري ۱۹۵۶ع س ۱۳) سنڌ جي ٻڌن جاهي ٻڌي نمبر موتي ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي زماني ۾ مدد خان پٺاڻ جي قرلت سبب سنڌ جي بين ڪيترن ٻين شهرن وانگي اجڙ ٿي ويا. (سٽر پيرو مل: سنڌي بوليءَ جي تاريخ س ۲۱۹) سنڌن ڏنل جاين جا ڏاڪا ڏاڪ به اٽڪ ڏهن ڪوهن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل نظر اچنا.

(خانبهادر سيڙ: سنڌ جي ادبي تاريخ س ۶۹)

۴. علي شير قانع: تحفة الڪرام س ۵۶۱

ڳوٺ وڙياهه تنبي غلام حيدر جي ويجهو تعلقي گولاڙچيءَ ۾ آباد هو هن وقت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تنبدي غلام حيدرم رهندڙ ماڻهن جي اڪثريت ذات جاورياھ آهن.

۵. خانبهادر ميمڻ : سنڌ جي ادبي تاريخ ص ۶۹

مولانا قاسمي : رساله الرحيم اشاعت ۴. سال ۱۹۶۶ء ص ۱۰۹

۶ کان ۱۰. ——— ايضاً ——— ص ۱۰۹

۱۱. مخدوم عنايت الله ميان احمد کتابي جو شاگرد ۽ ذي يم ۽ ڏوعالم ۽ پڪي يم پڙهيلو متقي هو. (علم جا) پڙهڻ جهنڊاءِ علامه هڪ مخدوم ضياءالدين ۽ مخدوم محمد معين سنڌن شاگرد آهن. پيا به کيترائي شاگرد هن بزرگوار جي صحبت مان فيض پرائي ويا. پنهنجي وقت جو هڪ ارشاد وارو استاد ٿي گذريو آهي. سندس وفات ۱۱۱۴ھ/۱۷۰۲ع يم ٿي. (تحفة الڪرام ص ۵۵۸)

مخدوم معين جو والد صاحب مخدوم امين اصل تعلقي روياھ ۽ پٽ باران جي گوٺ ڏائي يم رهندو هو. هي بزرگ جو دل لاڳو هو. مخدوم معين ٿي يم جائو. ۽ مخدوم عنايت الله کان تعليم حاصل ڪيائين. هي بزرگ سڀني فنن جي ڪمال جو جامع معقول خواه منقول يم وقت جو علامه ۽ زماني يم لاجواب هو. سلوڪ جي رستي جو واقف هو. ميان عبدالقادر سنڌي سال ڏاڏو ۽ عقيدو هوس. سيد عبداللطيف تاريخ پٽائي سان گهاڻي دوستي ۽ عقيدتمندي هوندي هئس.

مخدوم محمد هاشم سنڌس شاگرد هو پر سائٽ ڪن مسئلن يم اختلاف رکندو هو اهڙي طرح جهڙي طرح امام محمد امام مالڪ جو شاگرد هوندي به ڪن مسئلن يم سائٽ اختلاف رکندو هو. (مولانا قاسمي نئين زندگي آڪٽوبر ۱۹۵۶ء ص ۱۹) تنهنڪري هن پنهنجي بزرگن جو طريقو هر وقت جاري رهندو هو. حاڪم سنڌس زيارت لاءِ ڏاڏي عزت سان اسٽاڊ هئا. مخدوم معين ڪيترين ئي تصنيفون ڪيون.

مخدوم معين سماع ڪي پسند ڪندڙ ۽ علم موسيقي ۾ سان واقف هو. تحقيقاتي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 167

شعر چوندرهو. فارسيءَ ۾ شيخ سليم ۽ هندي ۾ بيرابي تخلص هوس.

مخدوم معين جي وفات ۱۱۶۱ھ/۱۷۴۸ع ۾ ٿي. سندس وفات ٽاڻ ۾ پير يائين شاهه عبداللطيف پهنجي حاضريءَ جي ڏيوٽ "هلو ته پهنجي يار جو آخري ديدار ڪري هلون." ائين چئي ٽئي آيو ۽ راڳ جي محفل برپا ڪيائين، مخدوم محترم پڻ انهيءَ صحبت ۾ شريڪ ٿيو. محفل جي عين گرميءَ ۾ ذوق واري وقت ٽئي اندر ويو ۽ هٿ ۾ ساهه ڏنائين. شاهه عبداللطيف سندس جنازي سان شرڪت ڪئي ۽ گونڊ ڏانهن موٽڻ وقت چيائين ته "ٽئي جو ڏسڻ سندن ڪري ٿيندو هو بس ان ڪان پوءِ بند آهي." (علي شير قانع: تحفة الڪرام ص ۵۶۲-ص ۵۶۴)

۱۱. مخدوم ضياءالدين: رسالہ الرحيم اشاعت ۴ سال ۱۹۶۶ع ص ۱۱۴

۱۲. ——— ايضاً ——— ص ۱۱۵ ۽ ص ۱۱۶

۱۳. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۵۵

۱۴. ڊاڪٽر بلوچ: مقدمہ مصلح المفتاح ص ۴۰

۱۵. ڊاڪٽر عبدالجبار: سنڌيون ص ۵۰

۱۶. خانبهادر ميمڻ: سنڌ جي ادبي تاريخ ص ۷۷

۱۷. الرحيم رسالو اشاعت ۴ سال ۱۹۶۶ع قسط پهرين، الرحيم رسالو اشاعت ۱ سال ۱۹۶۷ع قسط بي - الرحيم رسالو اشاعت ۲ سال ۱۹۶۷ع قسط ٽين، الرحيم رسالو اشاعت پهرين سال ۱۹۶۸ قسط چوٿين.

۱۸. رسالہ الرحيم اشاعت ۴ سال ۱۹۶۶ع ص ۱۱۲

۱۹. ——— ايضاً ——— ص ۱۱۲

۲۰. ڏسو هن مقالي جو ص ۵۳۷

۲۱. مخدوم ضياءالدين: رسالہ الرحيم اشاعت ۴ سال ۱۹۶۶ع ص ۱۱۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 168

۲۲. رساله الرّحیم اشاعت ۴ سال ۱۹۶۶ء — ص ۱۱۲
منزیه نی ست | من متالي جو — ص ۱۱۸

۲۳. موجوده عیسوي سال سنڌ ۾ اجارا ڄ نه ٿيو هو. مخدوم میاءالدین هن
سهين کي هندو سهيانه پرسنڌي سهيا سڏي ٿو. (ڏسو من متالي جو ص ۱۲۷)

۲۴ رساله الرّحیم اشاعت ۲ سال ۱۹۶۷ء — ص ۱۰۹ — ص ۱۱۱

۲۵. مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي: رشف الزلال — ص ۶

'رشف الزلال ۾ فنّی الزوال جي جيڪا تعريف پارسي ۾ ڏني وئي آهي ان جا
اصل لفظ هي آهن. "وگفته اند که نصب کن بر سطح مستوی مقیاسی را قبل از انتصاف نهار و نظر بکن سایه را
پس تا دام سایه کم می شود هنوز نرسیده است نصف نهار و اوچول به ایستاد از کمی پس بدرستی که رسید نصف
نهار. پس علامتی بکن بر سر آن سایه و نام نهاده شود آن سایه را به فنّی الزوال."

۲۶. مخدوم محمّد هاشمؒ: رشف الزلال — ص ۷ ۽ ص ۸

۲۷. ——— ایضاً ——— — ص ۱۳ ۽ ص ۱۴

۲۸. مخدوم محمّد هاشمؒ هي تجرلو ماهه جمادي الاول سال ۱۱۳۲ھ جي چيمين تاريخ ڪان
يعني سورهين مارچ ۱۷۲۰ء کان شروع ڪيو هو. جاڪاڻ ته ان سال هن تاريخ نيٺ سج
برج حمل ♈ داخل ٿيو هو. هي تجرلو ۱۳۲ھ/۱۷۲۰ء واري سال جي جمادي الاول
مهيني تائين هليو. مخدوم صاحب عليه الرحمة جن فرمايو آهي ته هي تجرلو هن سبجي
دوديم اڪثر ڪري هفتي ۾ هڪ دفعو ڪيو ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن بارش وغيره
سبب بن هفتن ۾ هڪ دفعو به ڪيو ويندو هو. احتياط طور املي پاڇي جي ڳڇه
ڏن لاءِ درمياني قدوار و ماڻهو بيهارلو ويندو هو ۽ ڳهوڙ ڪري ڇڻن ماڻهن کي
بيهاري پوءِ املي پاڇي جي ماپ درتي ويندي هئي. مزيد يقين ڪرڻ لاءِ هميءُ ڏينهن
ٻيڙهه هڪ ٻئي سال لاءِ به ڏسرايو ويو. (مخدوم محمد هاشم: رشف الزلال ص ۱۶ ۽ ص ۱۷)

۲۹. ڪتاب رشف الزلال فی معرفت فنّی الزوال مخدوم محمّد هاشمؒ جي تصنيف آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 169

جو اصل پارسي ٻولي ۾ ٿيل آهي. هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو جناب محترم قاضي فتح محمد صاحب نظاماڻي ساڪن ٽنڊو قيصر جي خوشخط آهي. هن وقت هي نسخو جناب پير محب الله شاهه جهنڈي واري جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. هن ڪتاب جو هڪ ٻيو قلمي نسخو جناب پير وهب الله شاهه سجاده نشين درگاهه پير جهنڈو واري جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي. هڪ نقل جناب مولانا غلام مصطفيٰ صاحب بن ٿريڙو شاهه ولي الله اڪيڊمي جن وٽ پڻ موجود ۽ محفوظ آهي. هڪ قلمي نسخو هن ضعيف بندي کي جناب قاضي فتح رسول وٽان مطالعي لاءِ عاريتاً عنايت ٿيو.

۲۰. مخدوم محمد هاشم: رشف الزلال ص ۱۵

ڪتاب مفتاح الصلوٰة جي احوال لاءِ ڏسو هن مقالي جو ص ۳۸۰

۳۱. رشف الزلال ص ۱۲

۳۲. ـــــ ايضاً ـــــ ص ۱۲

۳۳. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: رشف الزلال ص ۳۱

۳۴. مخدوم ضياءالدين: رسالة الرقيم ساعة ۱۱ ص ۱۱۶

۳۵. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۰۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 170

ميان ابراهيمؒ جي سنڌي
مؤلف: مخدوم محمد ابراهيمؒ ٽٻي هالائي.

ميان ابراهيمؒ جي سنڌي، وضوءِ نماز جي مسائل تي مشتمل فقه جو هڪ ننڍو ڪتاب آهي، جنهن ۾ مؤلف ڪل سادن ٽن سون ضروري مسئلن جمع ڪرڻ ۾ اختصار کان ڪم ورتو آهي. ڪتاب جي پيچاڑي ۾ هي پاڙ هي لفظ ڇپيا آهن:

پنا فرض واجب، سنتون، مفسد امرات - ادا ابراهيم لکيا آهن لاءِ تصحيح ٿيڻ صلوٰة،

سادائي سو مسئلا ٿئي ادا ايترائي!

مؤلف مخدوم محمد ابراهيمؒ: "ميان ابراهيمؒ جي سنڌي" جو مؤلف مخدوم محمد ابراهيمؒ نائتو پٽي هو، جو هالن جي مشهور ٽپي بزرگن جي خاندان مان وقت جو هڪ ليکڪ ۽ عالم ٿي گذريو آهي. هو سنڌي ٻوليءَ ۾ موزون شاعري ڪرڻ جي ابتدا ڪندڙ نعت گو شاعر مخدوم عبدالرؤف ٽپي جو ننڍو ڀاءُ هو. مسڪين ولادت سنه ۱۱۰۲ھ/۱۶۹۰ع ۾ ٽپي. ان حساب سان هو مخدوم محمد هاشم ٽٽويؒ جو هم عصر ۽ عمر ۾ ان کان به سال ورندو هو.

ميان ابراهيمؒ جي سنڌي ڪتاب جي تاليف ۽ طبع جو سال: ڪتاب ميان ابراهيمؒ جي سنڌي ٻوليءَ جي علوي پريس مان سيٺ جيناداس ڀيرومل داس، تاجر ڪتب، بن بين ننڍن رسالن سان گڏ ايڪهين صدي عيسوي جي آخر ۾ ڇپائي شايع ڪيو هو. هن اشاعت ۾ ڪتاب جي شايع ٿيڻ جي تاريخ ڪٿي نه آهي ۽ نڪي اهو ڄاڻايل آهي ته ڪتاب پهرين ڪهڙي سن ۾ تاليف ٿيو. پر قرائن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ فقه تي ڪيل ڪتابن مان هن ڪتاب کي گهڻو ڪري ٻيون نمبر آهي. فقه تي سنڌيءَ ۾ ڪيل سڀ کان پهريون ڪتاب متفق طور سان مخدوم ابوالحسنؒ جو ڪتاب مقدمة الصلوٰة آهي. ٻيو نمبر مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌيءَ کي ڏنو وڃي ٿو، جو هي قرائن يا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 171

اهجاڻ جن سبب ميان ابراهيمؒ جي سنڌي، ڪي ٻيون عبرتوئي سکجي ٿو، سي هي آهن.

۱. مخدوم محمد هاشمؒ مقدمة الصلوٰة جي ڪجهه مسئلن سان اختلاف ڪري مقدمة الصلوٰة پنهنجي طرفان ڪي درستيون داخل ڪرايون هيون. پر ميان ابراهيمؒ جي سنڌي ۾ هي مسئلا انهيءَ سبب سان گڏيل صورت ۾ موجود آهن جنهن ۾ مقدمة الصلوٰة جي مؤلف انهن کي ڪيئن هو. مثلاً: مخدوم ابوالحسنؒ هن راءِ جو هو ته نماز جي شرطن سڪن ٿا سواءِ نماز پڙهڻ ۽ اهڙي درست نه ٿيندي، جنهن ۾ مخدوم محمد هاشمؒ تصحيح ڪئي ته جيتوڻيڪ نماز جي شرطن ۽ بين مسئلن جو علم سڪن ڏهاڪيت ضروري آهي پر ان علم کان سواءِ پڙهيل نمازون به درست آهن. جيڪڏهن ميان ابراهيمؒ جي سنڌي مقدمة الصلوٰة جي هن اصلاح کي نه ڏيکاري ها ته ان ۾ هن بحث طرف ڪو نه ڪو اشارو يا حوالو موجود ضرور هجي ها. چاڪاڻ ته مخدوم محمد هاشمؒ جهڙي عالم جي راءِ کي نظر انداز ڪرڻ اهڙو آسان نه هو. مؤلف مخدوم محمد ابراهيمؒ نه فقط مخدوم ابوالحسنؒ سان همراءِ ٿيو آهي پر هن مسئلي ۾ ان کان به سخت ۽ تاڪيدي الفاظ استعمال ڪيا آهن. فرمائي ٿو:

فرض واجب وساري شرط نمازن ۔ جن اڻ سڪئي اڳهه ڪيون مرتفاڪن.
ڇڻ ٿيري منهن ٻي اوءِ انهيءَ ٻاڌن ۔ علم پڙهڻ اهڙو نه مرسنڌ ياڻي سڪن.

۲. ٻيو مسئلو رت پيندڙ جنين جهڙوڪ: جون، ميچر وغيره جو هڪ ٻاوڻو شخص جي بدن مان رهت پيڻ سبب وضوءِ جي ٻڌڻ يا نه ٻڌڻ جو آهي. هن ۾ مخدوم محمد ابراهيمؒ نوري اضافي ڪا ٻوءِ مخدوم ابوالحسنؒ جي راءِ سان شامل ٿيو آهي.

هن ٻنهي ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو ته ميان ابراهيمؒ جي سنڌي اصلاح مقدمة الصلوٰة مان آڻ ڪئي ويئي. چاڪاڻ ته جيڪڏهن مخدوم محمد ابراهيمؒ، مخدوم محمد هاشمؒ جي راءِ سان اختلاف ۽ مخدوم ابوالحسنؒ جي راءِ سان اتفاق نه ڪندو هجي ها ته اهڙي ڄڻائي يا ٻڌائي پنهنجي سنڌيءَ ۾ ضرور ڪري ڇڏي ها. پر حقيقت هي آهي ته هو سنڌيءَ ۾ ڪجهه وقت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 172

مخدوم محمد ابراهيمؒ، مخدوم محمد هاشمؒ جي راءِ کان اڳتي ڪجھ نه ٿيو هو جو اصلاح مقدمة الصلوٰة[1] اڃا ڇپجي نه آيو هو. اصلاح مقدمة الصلوٰة سنه ١١٥٢ھ/١٧٣٩ع کان ڪجھ سال اڳ لکيو ويو هو.[9]

٣٠ پٽي طرف مخدوم محمد هاشمؒ جو ٽيون عربي ڪتاب فرائض الاسلام[10] اصلاح مقدمة الصلوٰة جي لکڻ کان اڳ مڪمل ٿي چڪو هو جو ڪاڪڙ ۾ مخدوم محمد هاشمؒ ان جي ترجمي کي مقدمة الصلوٰة جي بدران تعليمي درسگاهن ۾ بطور درسي ڪتاب رائج ڪرڻ ڪري ڏٺو. فرائض الاسلام ۾ ميان ابراهيمؒ جي سنڌي ۾ ٽيڪل ڪجھ مسئلن ۾ تنقيد ڪئي وئي آهي. مثلاً: ميان ابراهيم جي سنڌي ۾ پنجن قبلن جو جاڙ فرمن جي فهرست ۾ لکيو ويو آهي.[11] پر فرائض الاسلام جي ٻهي ترجمن ۾ هن مسئلي سلسلي هيٺيان لفظ آيل آهن. بزرگ علي بن حافظ فرائض الاسلام جي ترجمي ۾ هي لفظ آڻي ٿو.

ع پڙ ڪين جيو علم احڪام قبلن جا،
نه عرش قبلو حاملن جو ع عرسي ڪرسيا،
ع بيت المعمور بابين ملڪن جو بيت المقدس نبيا،
ع ڪعبو قبلو بني آسمان جي جو ع نبين آهي،
پر فرحنيت ان علم جي فقه ۾ پڙ نظر آڻي آهي.[12]

مخدوم عبداللطيفؒ فرائض الاسلام جي سنڌي ترجمي ۾، جو ڇاپي هيٺ به اڃي ڇڪو آهي، هن سلسلي ۾ جيڪي لفظ لکيا آهن سي هي آهن.

جاڙ پنجن قبلن جو فرمن شريعتا،
پر نه لڌم اي مسئلو منجھ ڪنهن ڪتابا،
نه جاڙ ان قسم جو آهي ڪو فرضا.[13]

مٿين ٻهي مثالن مان ثابت ٿئي ٿو ته ميان ابراهيمؒ جي سنڌي، مخدوم

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 173

محمد هاشمؒ جي ليکل عربي ڪتاب "فرائض الاسلام" کان به اڳ لکيو ويو هو. "فرائض الاسلام" ڪتاب "اصلاح مقدمة الصلوٰة" کان پهرين لکيو ويو هو، جا ڪاڪڙ ته مخدوم محمد هاشمؒ ان ڪتاب جي سنڌي ترجمي کي "مقدمة الصلوٰة" جي بدران رائج ڪرڻ گهريو تي، پر جڏهن سندس ان تجويز جي مخالفت ڪئي ويئي تڏهن پاڻ "اصلاح مقدمة الصلوٰة" لکيائين.[14]

جيتوڻيڪ مخدوم محمد هاشمؒ ۽ مخدوم محمد ابراهيمؒ ٻئي همعصر بزرگ هئا، سندن عمرين ۾ مڪمل تورد فرق هو نه به فرائض ۾ ثابت ٿئي ٿو ته ديني مسائل تي سنڌي پوليءَ ۾ پهرين مخدوم محمد ابراهيمؒ قلم کنيو. مخدوم محمد هاشمؒ جو سڀ کان پهريون سنڌي ڪتاب "زاد الفقير" آهي جنهن جي تحرير جو سنه ۱۱۲۵ هـ / ۱۷۱۳ع لکيل آهي.[15] جيتوڻيڪ ڪاڪڙ يقين سان چئي نه سگهيو ته ميان ابراهيم جي سنڌي مخدوم محمد هاشمؒ جي ڪتاب "زاد الفقير" کان به اڳ لکي ويئي هئي، پر ڪن حقيقتن جي بنياد تي اهڙو غالب گمان پيدا ٿئي ٿو. اهي حقيقتون هيٺ اختصار سان هنڌ آهن.

۱. هڪ ته مخدوم محمد ابراهيمؒ، مخدوم محمد هاشمؒ کان عمر ۾ ٻه سال وڏو هو،[16] تنهن هوري ٿي سگهي ٿو ته هن بزرگ جي تصنيف جو دور مخدوم محمد هاشمؒ جي تصنيف جي دور کان اڳ شروع ٿيو هجي.

ٻيو ته مخدوم محمد هاشمؒ پهرين عربي ۽ فارسي تصنيف ڏانهن توجه ڏنو. فقه جي سندس سڀئي تصنيفون جي سنڌيءَ ۾ آهن سي مواد جي لحاظ کان پاڻ پهرين عربي ۽ فارسي ۾ لکيون

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 174

هنائين . مثلاً : ذبح ۽ شڪارجي موضوع تي "فاڪهة البستان" نالي عربي ڪتاب لکيائين . جنهن سان پوءِ سائڻي موضوع تي سنڌي ۾ "راحت المومنين" جوڙيائين ، روزن متعلق پهرين عربي ۾ "ڪتاب مظهر الانوار" تحرير ڪيائين ۽ انهي عنوان تي پوءِ سنڌي ۾ "زاد الفقير" جي نالي سان ڪتاب ترتيب ڏنائين . "فرائض الاسلام" به سائڻي نالي سان پهرين عربي ۾ لکيو ويو هو ۽ پوءِ ان جو منظوم سنڌي ترجمو ٿيو . تصنيف جي چٽي سمجهي ته جڏهن مخدوم محمد هاشم عربي ۾ تصنيف ۽ تحرير جي ڪم ۾ مشغول هو تڏهن مخدوم محمد ابراهيم "ٻٽي" هالائي "ابوالحسن جي سنڌي "ضياء الدين جي سنڌي" سمان مٿاتر ٻٽي "ابراهيم جي سنڌي" لکي .

۲. هڪ خاص امڪان هي به آهي ته "بيان ابراهيم جي سنڌي" ۾ مخدوم محمد هاشم" جي معمر پوين جي ڪنهن به تصنيف جو حوالو ڏنل نه آهي . جڏهن ته مخدوم محمد هاشم" جي معمر پوين سنڌي عالمن مان ڪو مشڪل امڙو هوندو جنهن پنهنجي تحريرات جي سند ۾ مخدوم محمد هاشم" جي تصنيفات مان حوالو نه ڏنو هجي .

۳. ان سمان سواءِ مخدوم محمد هاشم" جي سنڌي ۾ تصنيفات ۾ تحرير جي سال ۾ ڪٿ جو رواج وڏو جا ڄاڻ آڳ ۾ مروج نه هئي . پر مائٽن پوءِ ڪٿوڪري سيني مصنفن سندس تقليد ۾ پنهنجي تصنيفن ۾ تحرير جو سال لکيو آهي . پر بيان ابراهيم جي سنڌي ۾ مقدمة الصلوٰة وانگي ڪو به سال يا تاريخ وغيره ڪتاب جي تحرير متعلق جاڻايل نه آهي .

بيان ابراهيم" جي سنڌي" جي ترتيب

بيان ابراهيم" جي سنڌي" ۾ هڪ مختصر ديباچو ۽ چار باب آهن . جن مان هر هڪ ۾ هيٺين مضمون جو بيان ڏنو ويو آهي .

۱. باب پهرين فرض جي بيان ۾ . ۲. باب ٻيو واجبن جي بيان ۾ . ۳. باب ٽيون سنن جون سنتون . ۴. باب چوٿون د مٿي نماز جا پيچيدگي حرام .

هن ڇڻ ۾ ان عدد ساڻ بيان انتخاب هيٺ ڏجي ٿو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 175

ميان ابراهيمؒ جي سنڌيءَ جو ديباچو

ميان ابراهيم جي سنڌي جي ديباچي ۾ حمد، صلوٰة ۽ آل ۽ اصحاب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي تعريف کان پوءِ مؤلف جي ڪيل لفظن کي جيڪڏهن نثر ۾ ڪجهه مناجات سان ڪجي ته خطاب هي ٿيندو تنهنڪ مسلمان جي زندگيءَ جو مقصد هيءَ مادي ۽ فاني دنيا نه آهي. هيءَ دنيا ته فقط عمل جو ميدان آهي. جتي حقيقي زندگيءَ جي فلاح ۽ نجات جي گوهر مقصود کي حاصل ڪرڻ لاءِ صالح عمل جو بيج پوکڻو آهي. پر جيڪڏهن بنيادي ڳالهين جي پوري خبر نه هوندي ته بامقصد ڪاشتڪاري ڪئي نه سگهندي. جنهن سبب مشقت برداشت ڪرڻ کانپوءِ عمل جو قل ناقص ۽ خام رهجي ويندو. تنهن ڪري آخرت جي پلائي ماڻڻ خاطر صدق دل سان ايمان رکڻ، معروف ۽ منڪر جي پرڏڻ الله تعالىٰ جي رحمت ۽ اميد ۽ نا اميدي جو خوف ڪرڻ، راهِ راست تي ثابت قدم رهڻ لاءِ اٺئي امور آهن.

هاڻي سڀي سڪو جن ڪري پيچيا سمجهڻ ۾ مومنات.

ان ڪانڌ سڪئي نه سري نه ڪا قبول عبادات - نه نڪاح نه حج نه نماز نه ڪا قبول ڪجي خيرات.

سڀي پڙهجي پرڏڻي ياد ڪرڻ سڀ نجات - ڇو اسلام جيڪي سنجهس سو فرض واجب صفات.

ڇپان ڇڻي رکڻ دل ۾ شرط ايمان صفات ....

18

حلال جاڻڻ حلال کي حرام محرمات - ۽ اميد وار رحمت ۾ ۽ ڊڄ عذاب عقوبات.

ميان ابراهيم جي سنڌي جي تاليف جو مقصد

ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ مقصدن سان لکي وئي هئي جن ۾ هي جو ڪتاب ۾ ڏاڙ ڏاڙ جاين تي اظهار تيل آهي. پوءِ ۾ هي ته مؤلف جي شفيق دل ۾ ۾ لاءِ جا همدردي پر ڀريل هئي، تنهن جي تقاضا جي اثر هيٺ عام ڀلائي جي نقطهٔ نگاهه کان هي ڪتاب لکيو ويو. ان جو هڪ مثال ۾ تي جا ٽيل آهي جيڪو بيا هن ريت آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 176

۱۰ الٰهی ابراهیم جوي طلب توفیق ذي سین ـ نه علم شریعت جو پچیو سر پڑهن ،
سکن صلوٰة صحیح پر نه سهندا نامرڪن ـ جت وحدتا پوءِ نماز جي ٽیندي پچ سین ،
ات اڙیو مَ پسان ڪوانتي سیئي ٽال چئن ۱۹.

۲۰ ۲۰. الٰهی ابراهیم جوي جي سکن صحیح ڪن ـ قبول ڪرین نماز ءِ بخشین تن بدن .

مؤلف جو پیو مقصد سکڻ ءِ سیکارڻ هو ، چاڪاڻ ته علم سکڻ ءِ سیکارڻ جي اسلام ۲۰ وڏي اهمیت آهي ءِ ان جو ثواب ملي ٿو . مؤلف فرمائي ٿو :

جنهن مسئلي سکئي هیڪڙي ثواب هزارورهین ـ نماز ڪا عبادت اهڙي مرموت سین سکن ،
آڏو الوجه آهیان سبو جهم ساري ڪوءِ ـ پڻ اڏیالو ٿئي مونکي مٹا پوءِ ۳۱ ،

فرض جو باب : فرض جي باب ۾ انهن ڳالهین جو بیان آهي جنهن جو علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي .
ان فهرست ۾ جیڪي امور شامل ڪیا ویا آهن سي هي آهن .

۱. ایمان جون صفتون ۲. اسلام جا پنج رکن ۳. وضو، غسل، تیمم، حیض ءِ نفاس جا مسائل ۴. فرض نماز ۵. پنج وقتا
۶. چار فقهي مذهب ۷. آنحضور صلی الله علیه وسلم جي سنت مبارڪ ۽ ان جا چئن پشتن جا نالا .

پنجن قبلن جا نالا : ۱. عرش ۲. ڪرسي ۳. بیت المعمور ۴. بیت المقدس ۵. ڪعبت الله ۲۲ .

Gul Hayat Institute

چئین ڳالهین مان هن باب ۾ جو ڪجهه بیان ڪیو ویو آهي . هن باب ۾ وضو احوال ذڪر آهي باقي فقط نماز جي مسئلن متعلق ڪجهه تفصیلات ڏیڻ ویا آهن . جن ڳالهین بابت ٿورو احوال ذڪر آهي سي هي آهن .

ایمان : ایمان متعلق مؤلف جو چوڻ آهي ته ایمان جي صفتن جو فقط چپن سان اظهار ڪرڻ مان ڪوبه فائدو نه رسندو ، جیستائین دل ۾ ان جي تصدیق موجود نه هجي . اندروني تصدیق جي موجودگي ۾ جا هي اهیان آهن ، ته مومن حلال کي سچ پچ حلال ۽ حرام کي سچ پچ حرام ڪري سمجهي ۽ قیامت جي ڏینهن جي عذاب ۽ عقوبت جو دل ۾ هر وقت ڊاهنڊ هجي ، پر الله تعالیٰ جي رحمت کان ڪڏهن به نا امید نه ٿئي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 177

چپان جڻي سچ رک دل ۾ شرط ايمان صفات، سڀ حلال جائز حلال کي حرام محرمات،
رحم اميد وار رحمت ۽ ڏج عذاب عقوبات. ۲۳

فرض ڪفايه: فرض ڪفايه جي شمار ۾ جيڪي ڳالهيون آنديون ويون آهن سي هي آهن.

۱. جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيڻ ۲. ڇڳائي ڪي عمل ڪرڻ لاءِ چوڻ ۳. برائي کان روڪڻ
۴. چڪ جو جواب ڏيڻ ۵. سلام جو جواب ڏيڻ ۶. مسلمان بادشاهه جي مدد ڪرڻ.

اهڙي طرح ٻورن ٻي لفظن ۾ مسلمانن کي سڏڻ سمايي ۽ شهري فرض ياد ڏيارڻا
آهن. ۽ حقوق الله سان گڏ حقوق العباد ڏي به زور ڏنو آهن. سڏڻ لفظ هي آهن.
نماز جنازي جي، ڏيڻ ڪر جواب چڪ سلام ۔ چوڻ ڇڳايان منع ٿايان مدد بادشاهه اسلام ۲۴،

نماز ۽ وضوءَ جا مسائل نماز ۽ وضوءَ جي باب ۾ مسائل ڪجه قدر وضاحت ۽ تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن. نماز جي اهميت نهايت دل نشين ۽ انوکي انداز ۾ پيرايي ۾ سمجهائي آهن. چوي ٿو:

جنين وقت وڃايا قضائون ٿيون ۔ ڪارڻ وقت هيڪڙي ادا سي حقبه پون،
حقبي حقبي ۾ هيڪڙي ويهون چارو ڏهن ۔ پر فرض هيڪڙي وقت جي منجهي ٿين،
ٿهو ڪفرن کي جهو ڪافرن ۔ هوندو عذاب الڊي ري توبه جي مرن،
جي هت ڪافرن گڏ يا سي معذبين جڻ. ۲۵

نماز جي واجبن جو باب نماز جي واجبن جي باب ۾ نماز جي واجبن جو تعداد ڄاڻايل آهي ۽ بدايل آهي ته ڪهڙن سبن ڪري سهو جو سجدو واجب ٿئي ٿو. ان سمورو ۽ چار اهي ڳالهيون به تڪميل آهن جن ۾ مقتدي ڪي امام جي مطابقت نه ڪرڻ ڪهڙي. اهي هي آهن. جيڪڏهن امام ٽيون سجدو نه ڏئي يا جنازي نماز ۽ عيد نماز ۾ زياده تڪبيرون چوي يا پنجين رڪعت لاءِ اٿي. ۲۶

نماز جي سنتن جو بيان: نماز جي سنتن جي بيان ۾ نماز جي سنتن سميت گڏ وضوءَ غسل جون سنتون

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 178

به سمجهايون ويون آهن جاڪاڻ تہ وضو نماڻ لاءِ لازم آهي يعني حالتن ۾ غسل به ضروري ٿئي ٿو.

نماڻ جي سنتن ۾ نماڻ جي رکڻ کي صحيح طرح ادا ڪرڻ به شامل ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري نماڻ سواءِ نماڻ ۾ خشوع ۽ خضوع قائم رکڻ لاءِ هن ڏاهپ واري رکڻ جي صلاح ڏني آهي ته الله تعالى نماڻي کي نماز ۾ ڏسي پيو.

جوڏڪر جهڙن رکن جو سوتهين ۾ نام ڪريندو - پڇه ته پسيم تو پاڻ شام ٿيئون ايڏا مين هلائيندو ۲۷

پوئين قعده ۾ جي دعائون پڙهجن ٿيون تن ۾ اسلامي دعائن جي ڪيه اصولن کي ساڻهون ڏني دعائن ۾ بخشش گهرڻ کي بين دنيوي مفادن گهرڻ تي جيڪ ڏيڻ جي صلاح ڏني آهي. ۽ پاڻ سان گڏ پنهن جي والدين، بزرگن ۽ بين مومن کي دعا ۾ شامل ڪرڻ جي هدايت ڪيل آهي.

التحيات تا پوءِ آخر قعدي درود دعائون پڙهڻ - تنهن ۾ مرڻ پاڻ کي ماپڻا مومنن گهرڻ ۲۸

نواقض الصلوٰة والوضوء

صلوٰة ۽ وضوء جي پيڌن ڪرڻ، سيني ڳالهين جو ذڪر هن باب ۾ ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ هڪ اهڙو مسئلو به آندو ويو آهي جنهن ۾ سنڌي عالمن جو ڪجهه اختلاف رهيو آهي. هو مسئلو هي آهي ته رتابيا جيتن جي چڪ هڻڻ سبب ۽ انسان جي بدن مان رت پيئڻ سبب وضو ٽوٽي ٿو يا نه. جهڙوڪ جر، چيچڙ، منگهڙ، ڪاڙڻ، مڇر، جون وغيره جيتن جي چڪ سبب. ميان ابراهيمؒ جو رايو آهي ته جيڪڏهن اهي جيت ايترو رت پي بدن مان جدا ٿين جو رت سنڌن وات مان وهندو ڏسجي ته وضو ٽوٽي ٿو پوي. ۲۹

ابوالحسن جي سنڌي ۽ ابراهيم جي سنڌي ۽ جو موازنو

مخدوم ابراهيمؒ جي سنڌي به ساڳئي جڏ جي ٻولي جو نتيجو آهي، جنهن جي تحت ابوالحسنؒ جي سنڌي وجود ۾ آئي. جيتوڻيڪ ابوالحسن جي سنڌي تمام گهڻو مقبول ۽ مشهور ٿي، پر مشروح ۽ طهاستجي سولائي نه هئڻ سبب سنڌ جي بالائي حصن ۾ شايد ايترو جلد عام نه ٿي هوندي. ان سبب پاڻجي ته مخدوم محمد ابراهيمؒ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 179

سنڌي علائقي ۾ تبليغ جي گهرج کي ڏسي طرح منهن ڏيڻ لاءِ اصل ابوالحسن جي سنڌي ڪتاب جو اختصار جوڙي ورتو. جنهن ۾ هن جاين تي ابوالحسن جي سنڌي ڪتاب جا جيئن جا لفظ نقل ڪيل آهن. پر هن عام ماڻهن کي نماز جا مسائل پوري طرح سمجهائڻ لاءِ ٻين ڪيترائين ڪتابن جي ڇڏي مؤلف نماز جي مسئلن تي زور ڏنو آهي. ۽ اسلامي احڪام کي آسان ڪري پيش ڪرڻ ۽ عام ماڻهن جي دلچسپي نه پوڻ جي نڪتي کي نظر ۾ رکندي، ابوالحسن جي سنڌي ڪتاب ۾ ڏنل مسائل مان ٿورا منتخب ڪري مختصر لفظن ۾ ابراهيم جي سنڌي ۾ لکيا ڏيا. مؤلف جو چوڻ آهي تہ:

پنا فرض واجب سنتون مفسد محرمات ۔ ادا ابراهيم لکيا آهن لاءِ تصحيح تين صلوٰة ،
سياڻي تہ مسئلا تين ادا ايتراڻي ۔ جي ماڻهو ڪامل دين ۾ سڄاڻ پڙهن نہ گهٽائي ،
جن ڏاڙا نہ سري نمازون نہ رهائين ۔ انهن سي ٿورڙا ڪري نہ پڙهندڙ نہ ورجن ۔

ان ڪاوڪ جي ضروري سمجهي انهن مقدمة الصلوٰة ۾ جي ڪن مسئلن جي وضاحت اهڙي اشاري ڪرڻ ڪاوڪ جي ڇڏي آهي، جنهن جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو ۽ ٻيا مسئلا آهن. جنهن جو ذڪر اڳ ڪيل آهي. ٻيو مسئلو مباشرت فاحشه سان وضو ٽٽڻ جو آهي.

مقدمة الصلوٰة جي نقل ڪيل عبارت جا مثال

۱. جي عظيم صحيح نسي تہ هيءَ نت چئي ،
پر اهي اختلاف ان ۾ سنڌ و عالمن ،
هنين جيو نہ پچي ڪجي هي جون ،
جنين جيو نہ پچي سي حجت هي ڏين ،
نہ حق جو حرمن جو سو عرب اداڪن ،
بيا ٽئي مخرج ۾ عاجز ٿي ايين ،
پر مقدار لهنجي مر سعي سيئي ڪن ،
ڪريم ڪرم سين ڪري عفو عاجزن ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 180

۲۰ وقف وصل، اعراب جو ملاحظو ڪجي - ڇڙ معنيٰ ۾ تبديلي ٿئي ڪلو ڪجي ،
اڻي عالمن جو اختلاف آهي - وقف، وصل، اعراب کي جيڪو ٻڌائي ،
صحيح قول ڪتاب جي ڇڙ ٻوڙ نه ڪجي - توڙي تغير معنيٰ ٿئي غلط حاصل هجي ۳۴

هن سٽ کان پوءِ مخدوم محمد ابراهيمؒ جو ڪيل اضافو .

وري اهڙي پرڪيائين نه ڪجي ٿيو موڙي .
کل صلوٰة اديت مع الڪراهت نشاد علي وجه غير معروه بهار ۽ ڪري ۳۵ .

ميان ابراهيمؒ جي سنڌيءَ ۾ ڏنل نماز جا ڏهه حرام

مخدوم محمد ابراهيمؒ ڏهه اهڙا احرام پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيا آهن جي نماز جا مفسد نه پر حرام آهن يعني جن سبب نماز بلڪل نارواڻي ٿي وسي هيٺيان آهن .

۱. بسم الله شريف يا آمين وڏي آواز سان چوڻ ۲. ڪابي يا ساڃي سڌن ڦيرائڻ ۳. ثناءِ تسبيح يا اضافو ڪرڻ يا مان ڪري ڇڏڻ ۴. جيڪا شي ڪرڻ نه ڪن اتي هٿ ٿي ڪٽڻ ۵. آسمان ڏانهن نهارڻ ۶. واجب جو ارادتاً ترڪ ڪرڻ ۷. ڪهن شيءِ ڏي ٽيڪ ڪرڻ ۸. ڏڪ کوڙي ڇڏڻ يا ڪنڌي وانگي ٻانهون پڪيڙي ڇڏڻ ۹. امام کان اڳي سجدو ڪرڻ ۱۰. امام کان اڳي ساڄي ۽ کاٻي طرف سلام وارڻ ۳۶

ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ پرين ڪتابن جا حوالا

ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ فقهي مواد گهڻو ڪري ، ابوالحسن جي سنڌيءَ مان ورتو ويو آهي پر ان ڪتاب جو به حوالو ڏنل نه آهي بلڪي پرين پرين ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن . جيڪي ڪتاب ڏسڻ ۾ آيا آهن سي هي آهن صفحي ۵ ۽ ۱۷ تي ۽ شرح منية ۽ ص ۱۶ تي . ڪتاب مڪيه اني لاءِ مولانا سلام مصطفيٰ قاسمي جي راءِ آهي ته فقه جو اهو ڪتاب غير مستند آهي ۳۷ . انهي هوندي به اسين نه چئبو ته ميان ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ جي غير مستند مسائل داخل آهن يا بنا تحقيق ڪتاب ڪي چونڊيو ويو آهي . جو ته منجهس مقدمة الصلوٰة جي ٻوڙي تصحيح ۽ اضافا ڏنل آهن . جن جا مثال ٻئي ڪجي جڳهه آهن ۳۸ .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 181

حوالا ۽ تعليقات .

۱. مخدوم محمد ابراهيمؒ : ميان ابراهيم جي سنڌي — ص ۱۷

۲. خانبهادر ميمڻ : سنڌي ادبي تاريخ — ص ۱۷۲

سليم هالائي : تذڪره شعراء هالا — ص ۵

۳. ڏسو هن مقالي جو — ص ۱۶۱

۴. ڏسو هن مقالي جو — ص ۱۲۳

۵. ڏسو هن مقالي جو — ص ۹۵، ص ۹۸، ص ۱۰۰ ۽ ص ۱۰۱

۶. ايضاً — ص ۹۸

۷. مخدوم محمد ابراهيمؒ : ميان ابراهيم جي سنڌي — ص ۷

۸. مخدوم ابوالحسنؒ هي نه پٽ ايو آهي نه جنهن ماٽوءَ کي وڻو آهي ان کي جيڪڏهن کاوڙي ماکوڙي يا جرڇڪ هٽي بدن کان ڏار شيءِ ان جي وات مان رت وهي نه وڻو پيچڻ ويا نه . مخدوم محمد ابراهيمؒ هي امانو ڪيو آهي نه ان حالتم وڻو پيچڻ و...

(ميان ابراهيم جي سنڌي ص ۱۰) مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۲۱۴

۹. ڏسو هن مقالي جو — ص ۹۵ ۽ ص ۹۶

۱۰. ايضاً — ص ۹۶، ص ۱۱۷ ۽ ص ۱۱۸

۱۱. مخدوم محمد ابراهيمؒ : ميان ابراهيم جي سنڌي — ص ۳، ص ۴

۱۲. بزرگ علي بن حافظ : سنڌي ترجمو فرائض الاسلام (قلمي نسخو)

ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۸۶

۱۳. ڊاڪٽر عبدالجبار : سنڌيون — ص ۶۸

هي ترجمو مخدوم محمد هاشم جو سنڌ نڪيل نه آهي جنهن ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب جن ذڪر ڪيو آهي . پر سنڌ نڪرڻ کان اڳ مخدوم عبداللطيف جو ڪيل آهي . (سنڌي ديني ادب جو ڪٿلاگ قلمي نسخو ص ۱۶)

۱۴. ڏسو هن مقالي جو — ص ۹۶

۱۵. ايضاً — ص ۱۷۸ ۽ ص ۱۷۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 182

۱۶. ڏسو هن مقالي جو — ص ۱۴۱ ۽ ص ۱۶۱

۱۷. مخدوم امير محمد : بذل القوه ص ۱۲، ص ۲۹ ۽ هن مقالي جو ص ۱۷۸، ص ۱۷۸ ۽ ص ۲۶۴

۱۸. مخدوم محمد ابراهيمؒ : بيان ابراهيم جي سنڌي — ص ۲

۱۹. ـــــ الينا ـــــ — ص ۵

۲۰. ـــــ الينا ـــــ — ص ۷

۲۱. ـــــ الينا ـــــ — ص ۵

۲۲. ـــــ الينا ـــــ — ص ۲ ۽ ص ۴

۲۳. ـــــ الينا ـــــ — ص ۲

۲۴. ـــــ الينا ـــــ — ص ۳

۲۵. ـــــ الينا ـــــ — ص ۴

۲۶. ـــــ الينا ـــــ — ص ۶ ۽ ص ۷

۲۷. ـــــ الينا ـــــ — ص ۸

۲۸. ـــــ الينا ـــــ — ص ۸ ۽ ص ۹

۲۹. ـــــ الينا ـــــ — ص ۱۰

مزيد ڏسو هن مقالي جو — ص ۱۰۱

۳۰. مخدوم محمد ابراهيمؒ : بيان ابراهيم جي سنڌي — ص ۱۷ ۽ ص ۱۸

۳۱. ڏسو هن مقالي جو — ص ۱۰۱ ۽ ص ۱۴۹

۳۲. مخدوم محمد ابراهيمؒ : بيان ابراهيم جي سنڌي — ص ۱۰

مزيد ڏسو هن مقالي جو — ص ۱۰۱

۳۳. مخدوم محمد ابراهيم : بيان ابراهيم جي سنڌي — ص ۱۶

مخدوم ابوالحسنؒ : مقدمة الصلوٰة — ص ۱۱۹

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 183

۳۴. مخدوم محمد ابراهيمؒ : بيان ابراهيم جي سندي — ص ۱۷ ءِ ص ۱۷
مخدوم ابو الحسنؒ : مقدمة الصلوٰة — ص ۱۲۰ ءِ ص ۱۲۱

۳۵. مخدوم محمد ابراهيمؒ : بيان ابراهيم جي سندي — ص ۱۷
مخدوم ابو الحسنؒ : مقدمة الصلوٰة — ص ۱۲۱

۳۶. مخدوم محمد ابراهيمؒ : بيان ابراهيم جي سندي — ص ۱۷

۳۷. مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب : رسالونئين زندگي ضروري ۱۹۶۰ء — س ۲۱

۳۸. ڏسو هن مقالي جو — ص ۱۴۹ - ص ۱۵۱

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 184

سايڌيون چهه ويهون فرمن جون.

مؤلف: حاجي محمود حليو"

كتاب 'سايڌيو چهه ويهون فرمن جون فقه جو هڪ سنڌي ڪتاب آهي. جو ابوالحسن جي سنڌي سان گڏ بمبئي واري قديم چاپي ۾ موجود آهي.

كتاب سايڌيون چهه ويهون فرمن جون. جو مؤلف ۽ تحرير جو دور

كتاب 'سايڌيون چهه ويهون فرمن جون' ابوالحسن جي سنڌي ۽ ابراهيم جي سنڌي واري ساڻئي ڏوڪڙ ۾ مخدوم محمد هاشم" ٺٽوي جي 'اصلاح مقدمة الصلوٰة' ۽ فرائض الاسلام کان اڳ ڪيل آهي. جاکان ٺهن ڪتاب ۾ ان قاعدي کي تسليم ڪيو ويو آهي ته جنهن کي نماز جي فرض جو علم نه هوندو انهن جي نماز درست نه ٿيندي.

فرمن ٻڌڻي صاحب جا پورا پاڙجن،
تن سنجهان هيڪڙو هي جي نه ڄاڻن،
نانهن نمازون تن جون ڪيوڪان پڙهن،
پانهن آهي ڏاڍي ڏوهي عابدهون،
ورنه مرڪن ڪنهن سکڻي ري فرمن.[2]

جيئن ته فرمن مسئلي جي مخدوم محمد هاشم" 'اصلاح مقدمة الصلوٰة' ۾ تصحيح ڪئي آهي تنهنڪري ظاهر ٿيو ته هي ڪتاب 'اصلاح مقدمة الصلوٰة' کان اڳ ڪيو ويو هو. ان ڪري سواءِ هن ڪتاب ۾ پنجن قبلن جي علم کي به فرمن جي فهرست ۾ ڪيو ويو آهي پر ان جاڻ جي فرضيت کان مخدوم محمد هاشم" 'فرائض الاسلام' انڪار ڪيو آهي.[3] ڪتاب جي مؤلف 'حاجي محمود حليي متعلق هتان معلومات اڃا تائين حاصل ٿي نه سگهي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 185

هڪ سو ٽيهه فرض: ڪتاب ”سادي لون“ ۾ هڪ سو ٽيهه فرضن جون ڳالهيون آهن تن بابت هي لفظ ڪم آيل آهن.

ٽيهه فرض نماز جا ست سندي روزن،
پنج بناؤن، پنج تڪبيرون پنج وقوءَ پڙهجن،
چار علم، چار پنهون، چار مذهب چاڻ،
ٽي غسل، ٽيهم ٽي، ست صفت ايمان،
هوند سڪي ياد ڪرڻ مرڪين منجهه جهان. ۴

هنن فرضن جي تعداد جو جيڪو تفصيل ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي سو هن ريت آهي

نماز جا ٽيهه فرض: نماز جي فرضن ۾ احڪام ۽ ارڪان جو جملي تعداد اٺ ڏهن رهن ٿا ٿيو ويو آهي پر باقي ٻارهن فرضن جي ڪنائي ٽيهن ۳۰ تائين آهي نه نماز جون ٻيون ڪجهه ضروري ڳالهيون باقي ٻارهن فرضن ۾ شمار ڪيل آهن. عام طرح سڀني فقهه جي ڪتابن ۾ نماز جا فقط ٻارهن فرض ٿا ٽال هوندا آهن پر محمد هاشم ”نماز جي فرضن“ ۾ ٻيون ڪيتريون ضروري ڳالهيون شامل ڪيون آهن جن جو تعداد اٺهن ڪان گهٽ نه ياڏهن ٿئي ٿو. ۵

روزن جا ست فرض: روزن جي ست فرضن ۾ ٽيهه روزا رکڻ ۽ هر روز ذڪر وقت ان جي صحيح نيت ڪرڻ شامل ڪيو ويو آهي ۶.

پنج بناؤن: پنجن بنائن ۾ اسلام جا پنج ارڪان شامل ڪيا ويا آهن، يعني توحيد، نماز، روزو، زڪواة ۽ حج. ۷

پنج تڪبيرون: پنجن تڪبيرن ۾ هڪ تڪبير تح جي ۽ چار تڪبيرون جنازي نماز جون شامل ڪيون ويون آهن. ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

وضوءَ جا پنج فرض وضوءَ جي پنجن فرضن سڪڙ ڪي به شڪ سوڻيهن فرضن جي مهرستيم شامل ڪيو ويو آهي. وضوءَ جا پنج فرض هي آهن. منهن ڌوئڻ، ڏنڊيون تائين ٻانهون ڌوئڻ، شي جو مسح ڪرڻ، پيرڌوئڻ، چٽي ڏاڙهي سپ پساڻ گهاڻي مٿان ڌوئڻ. ۹

چار علم: هڪ سوڻيهن فرضن جي مهرستيم جن ڇئن علمن جو جاڻڻ فرض ڪيو ويو آهي سي هي آهن. توحيد جو علم، نماز جو علم، روزن جو علم ۽ حيض نفاس جو علم. ۱۰

چار پٽيون: ڇئن پٽين مان مراد آنحضور صلي الله عليه وسلم جي نسب مبارڪ مان ڇئن پشتن جي مائن جي واقفيت آهي. ۱۱

چار مذهب: ڇئن مذهبن مان مقصد چار فقهي مذهب آهن. هنن ڇئن مذهبن ۽ انهن جي پيشوائن جي حالات جي معلومات حاصل ڪرڻ لازم ڪئي ويئي آهي. ۱۲

غسل جاتي فرض: غسل جاتي فرض جن جو علم سڪڙ لازم بڌايو ويو آهي، سي هي آهن. وات ڌوئڻ، نڪ ڌوئڻ ۽ سپ عضوا ڌوئڻ. ۱۳

تيمم جاتي فرض: تيمم جاتي فرض جي هڪ سوڻيهن فرضن ۾ داخل آهن، سي آهن. نيت ڪرڻ، پاڪ شيءَ تي به هٿ هڻي منهن مهٽڻ، ساڳي طرح ٻنهي ٻانهن کي مهٽڻ. ۱۴

ايمان جون ست صفتون ايمان جي صفتن ۾ اهي صفتون شامل ڪيل آهن جي عام طرح ايمان مفصل جي ڪلمي ۾ شامل ڪيل هوندي ڏيکاريون آهن. يعني الله تعالىٰ تي ايمان، ملائڪن تي ايمان، ڪتابن تي ايمان، رسولن تي ايمان، قيامت جي ڏينهن تي ايمان، سڀ ڪا ڀوءِ ورهي جيئڻ تي ايمان ۽ جڳي شي الله کان جاڻڻ ۾ ايمان ۽ نه ڪهڻ ٻڌي کان. ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 187

مذهور ڳالهين کان سواءِ ڪتاب ۾ ڪن ٻين ڳالهين جو به ذڪر آيل آهي جي هي آهن.

پنج قبلا: مؤلف جي راءِ موجب جن پنجن قبلن جو علم رکڻ لازم آهي سي هي آهن. عرش جو قبلو حاصل آهي، ڪرسي جو ڪروبين جو قبلو آهي، بيت المعمور جو ملائڪن جو قبلو آهي، بيت المقدس جو نبين جو قبلو آهي ۽ ڪعبة الله جو مومنن جو قبلو آهي.[16]

چار ڪتاب: جن ڪتابن ۾ جنني مشهور امامي ڪتابن جا نالا ڏنا ويا آهن.[17]

فرض ڪفايه: فرض ڪفايه ۾ جنازي نماز، ڇڪ جو جواب، سلام جو جواب بيمار کي پڇڻ، مسلمان بادشاهه کي ڪافرن جي برخلاف مدد ڪرڻ، چغائي جي نصيحت ڪرڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ شمار ڪيا ويا آهن.[18]

ڪتاب سادين چهرين فرضن تي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي تنقيد

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي مشهور ڪتاب فرائض الاسلام ۾ عبادتن جا تمام گهٽا فرض ڄاڻايا آهن. تنهنڪري هي سوچيو فرض، سنڌ جي نظر ۾ فرضن جو هڪ محدود تعداد آهي. ان کان سواءِ فرائض الاسلام جي سنڌي ترجمي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ڪن عالمن جيڪي مذهبن جي ڄاڻ کي فرض چيو آهي ۽ ڪن پاڻ سڳورن جي جن پيڙهين جي معلومات کي فرض ڪيو آهي پر حنفي به فقهي ڪتابن ۾ جن ڳالهين کي فرض سڏيو نه ويو آهي، سڀاڻي طرح پنجن قبلن جو علم رکڻ به ڪنهن طرح فرض ناهي. جن جن عالمن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ان لاءِ مخدوم صاحب جو چوڻ آهي ته انهن جو بيان علحدهه ڪرڻ ضروري نه آهي.[19]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 188

حوالا

۱.	ڈسوھن مقالي جو	ص ۹۵
۲.	حاجي محمود حليو	ص ۴۵
۳.	ڈسوھن مقالي	ص ۱۴۳
۴.	حاجي محمود حليو	ص ۴۳
۵.	الھنا	ص ۴۴
	مزید ڈسوھن مقالي جو	ص ۱۴۳
۶.	حاجي محمود حليو	ص ۴۶
۷.	الھنا	ص ۴۶
۸.	الھنا	ص ۴۷
۹.	الھنا	ص ۴۶
۱۰.	الھنا	ص ۴۷
۱۱.	الھنا	ص ۴۴
۱۲.	الھنا	ص ۴۴
۱۳.	الھنا	ص ۴۵
۱۴.	الھنا	ص ۴۷
۱۵.	الھنا	ص ۴۶ ۽ ص ۴۷
۱۶.	الھنا	ص ۴۶ مزید ڈسوھن مقالي جو ص ۱۴۳، ص ۱۴۷ ۽ ص ۱۵۸
۱۷.	الھنا	ص ۴۴
۱۸.	الھنا	ص ۴۷
۱۹.	ڈسوھن مقالي جو	ص ۲۹۷

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 189

باب ٽيون

مخدوم محمد هاشم ؒ ۽ همعصر عالمن جو دور

بارهين صدي هجري ۾ جي درسياڻي پنجاه سالن ۾ اندر فقه جي ڪيل ڪن اهم ڪتابن جو تعارف هن باب ۾ ڪرايو ويو آهي. هن دور ۾ فقه جي سنڌي ۾ ٿيل ڪيل ڪتاب، عبادات سان گڏ مسلمانن جي معاشرتي زندگيءَ جي فقهي مسائل بابت به لکيا ويا آهن. هن دور ۾ مخدوم محمد هاشم ؒ ٺٽوي جون اسلامي فقه جي ترويج لاءِ ورتل ڪوششون ممتاز حيثيت رکن ٿيون. تنهنڪري هن دور کي مخدوم محمد هاشم ؒ ۽ همعصر عالمن جو دور ڪالوڻ ويو آهي. هن دور جا هيٺيان منتخب سنڌي ڪتاب جي فقه جي موضوع تي لکيا ويا، هن باب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

۱. زاد الفقير : مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ؒ . ص ۱۶۸ - ص ۱۷۷

۲. راحت المومنين : مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ؒ ص ۱۷۸ - ص ۱۹۲

۳. عقيقي جو رسالو: مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي ؒ (انداز ۱) ص ۲۱۳ - ص ۲۱۳

۴. ڪتاب سراجي جو سنڌي ترجمو: علي بن حافظ ؒ : ص ۲۱۴ ۽ ص ۲۱۵

۵. حصن الاموال : علي اڪبر ؒ ص ۲۱۶ - ص ۲۳۲

۶. رسالو ميت جي وقت وارث جو: عبد الرزاق ؒ . ص ۲۳۳ - ص ۲۳۷

۷. حيات العاشقين : مخدوم عبد الرحمان ابن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ؒ . ص ۲۳۸ - ص ۲۴۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 190

سلطان العلماء مخدوم محمد هاشم ٹتويؒ

۱۱۰۴ھ/۱۶۹۳ع کان ۱۱۷۴ھ/۱۷۶۱ع.

مخدوم محمد هاشم ٹتويؒ پنهنجي وقت جا ممتاز ديني عالم ٿي گذريا آهن. پاڻ فقه، حديث، رجال، ڪلام، معقول، تفسير وغيره علمن ۾ ڪامل دسترس رکندا هئا. علم ۾ شهرهٔ آفاق هئا نه تقويٰ ۾ يگانهٔ عاق. مسائل جي تحقيق ۾ سندن ملڪ ۾ سندن کوٽائي نه هو.[1]

مخدوم محمد هاشمؒ جا آبا و اجداد

مخدوم امير احمدؒ لکيو آهي ته مخدوم محمد هاشمؒ جاوڏا عرب جي قريش قبيلي جي حارث خاندان مان هئا. سندن جد اعليٰ جو نالو خيرالدين سنڌيؒ هو. هي بزرگ پنهور قبيلي مان هو جو قبيلو عرب قبيلن مان هو. حارث جو اولاد هو. انهن سنڌ ۾ اچي پنهنجو وطن بنايو هو.[2] مشهور انگريز مصنف رچرڊ برٽن لکيو آهي ته مخدوم محمد هاشمؒ پنهور قوم جو سنڌي هو. هن مصنف سندس عرب نسل مان هئڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي.[3] معلوم ٿئي ٿو ته هي قبيلو سنڌ ۾ منتقل ٿي اچڻ کان پوءِ پنهور سڏجڻ لڳو. مخدوم صاحب جي والد جو نالو مولوي عبدالغفورؒ هو جو سيوهڻ جو رهاڪو ۽ وڏو عالم ۽ بزرگ هو. زماني جي گردش سبب سيوهڻ مان هجرت ڪري ٺٽي ضلعي جي ميرپور ٻٻوري شهر ۾ اچي سڪونت ڪيائون جتي ذهين ربيع الاول ۱۱۰۴ھ/۱۶۹۳ع ۾ مخدوم محمد هاشمؒ تولد ٿيا.[4]

تعليم: مخدوم محمد هاشمؒ ابتدائي تعليم ۾ فارسي، صرف نحو ۽ فقه پنهنجي والد محترم وٽ جلد مڪمل ڪري اعليٰ تعليم لاءِ ٺٽي روانا ٿيا. اول مخدوم محمد سعيدؒ مان فيض ياب ٿيا ۽ پوءِ مشهور عالم مخدوم ضياءالدينؒ جي شاگرد ٿي آيا. جتي غير معمولي طرح تمام ٿورڙي عرصي ۾ ٻئي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 191

حريم ۾ علم جي تحصيل جري فارغ ٿيا. ۽ پوءِ ٽاڻ مخدوم محمد هاشم امام شاهه ولي الله دهلوي کان به استفادو ڪيو هو پر ان جو ڪو ڦيٽي ثبوت هٿ نه ٿو ملي. مخدوم صاحب حرمين شريفين ۾ ڪجهه جيڏ عالمن کان به فيض پرايو جن جو ذڪر آڳتي ايندو.

مخدوم صاحب جي ذهانت جي اصل بابت عجيب روايتون

مخدوم محمد هاشم کي الله تعالى طرفان جيڪا غير معمولي ذهانت عنايت ڪئي وئي هئي تنهن اڪثر ماڻهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ايتري قدر جو جي عجيب روايتون به عام ماڻهن ۾ مشهور ٿي وڻون. مٽر حسن علي اثر پنهنجي هڪ تحرير ۾ هڪ روايت بيان ڪئي ته مخدوم صاحب پنهنجي ننڍپڻ ۾ هڪ دفعو جڏهن پاڻ درياءِ جي ڪناري تي بيٺا هئا ته پري کان هڪ ٻيڙي نمودار ٿي جا سندن اڳيان اچي بيٺي، ان ۾ هڪ نوراني پيڪر بزرگ لهي مخدوم صاحب وٽ آيو ۽ چيائين ڏاڪري علم ۽ عرفان جي بشارت ڏنائين. ان کان پوءِ سندن ذهانت جو ملڪو چمڪ ٻڌو. والله اعلم بالصواب.

درس تدريس: تعليم کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ مخدوم محمد هاشم ٽيڙپور ٻوري جي ديڃهه ڀرام پور ماڻي ڳوٺ ۾ اچي هڪ ديني درسگاهه جو بنياد رکيو. پر هن گوٺ جي باشرم ماڻهن سندن قدر نه سڃاتو ۽ سائڻ اٽڪل ڇهه مهينا رهي ڪيائون. جيئن جيئن مخدوم صاحب جي علمي ۽ عملي ڪمالات جي هاڪ ٻڌي ويجهه ۽ پري جا ماڻهو سندن شاگرد ٿيڻ لڳا تيئن تيئن ڪجهه ماڻهو سندن مخالف ٿيندا ويا. ڇو جو مخدوم صاحب جن هي ڳوٺ ڇڏي اچي ٽنڊي ڀرهڻ ۾ رهائش ڪئي ۽ علم جي خواستگارن لاءِ فيض جو چشمو جاري ڪيائون.

روزانو دستور: مخدوم محمد هاشم هر روز پنهنجي مسجد ۾ عصر نماز کان پوءِ حديث جو درس ڏيندا هئا ۽ هر جمعي ٿي جامع مسجد ۾ صبح جو خلق الله جي ڀلي ماڻهڻ ۽ وعظ ۽ نصيحت جي مجلس گرم ڪندا هئا.

مقامي حڪومت ۾ اثر

سندن جو حاڪم غلام شاهه ڪلهوڙو سندن تقرير بڏي سائڻ ملاقات جو خواهشمند ٿيو ۽ ان کان پوءِ سندن شخصيت ۾ ايتري حد تائين متاثر ٿيو. جو بادشاهه مخدوم محمد هاشم کي سڄي سنڌ لاءِ قاضي القضات جي عهدي تي مقرر ڪيو. جنهن سبب سندن شرعي فيصلا ۽ فتوائون ساري سنڌ لاءِ آخري سمجهيا ويا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 192

بدعت جي پاڙ پٽڻ مخدوم محمد هاشم سنڌ مان بدعت جي پاڙ پٽڻ لاءِ سخت جدوجهد شروع ڪئي. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪم ۽ سند موجب سڀ سرڪاري ڪارورا هن حڪم جي تعاون ڪرڻ لاءِ بدلجي ويا. ان حڪمنامي ۾ هيٺين ڳالهين بابت سرڪاري فرمان جاري ڪيو ويو هو.

۱. محرم جي ڏينهن ۾ ماتم ڪرڻ ۽ تابوت ڪڍڻ کي روڪيو وڃي.
۲. هر قسم جو نشو پيدا ڪندڙ شين جي استعمال جي منع ڪئي وڃي.
۳. جوا، فاحشه عورتن ۽ مخنث تي بندش وڌي وڃي.
۴. مسلمان عورتن کي قبرستان ۾ وڃڻ نه ڏنو وڃي.
۵. جاندارشين جي تصويرن ٺاهڻ کي روڪيو وڃي.
۶. مٽ جيتري ڊگهي ڏاڑهي رکائڻ لازم ڪئي وڃي ۽ ان کان زيادهه ڪٽائي وڃي. ڏاڑهي ڪوڙائڻ جي اجازت ڪنهن به نه ڏني وڃي.
۷. ڪفن رشيد ارجي وفات وقت مرد ۽ عورتن ٻنهي کي وڌي آواز سان روئڻ ۽ ٻار ڪيڻ جي منع ڪئي وڃي.
۸. مسلمانن کي نماز روزي ۽ هر قسم جي مالي ۽ جاني عبادتن جي پابندي ۽ طرف توجه ڪيو وڃي.
۹. هندن کي حڪم ڏنو وڃي ته دڪانن، بازارن ۽ گهٽين ۾ گوڏا اگهاڙا ڪري نه وڃن. هولي ۽ ڏيوالي ۽ ڏهل ڏماڪي کان باز رهن. بتن جي اڳيان ياترا ۽ سنڌ کي علي الاعلان سجدا نه ڪن.[۱۴]

مخدوم محمد هاشم هيٺين فرمان جي سختي سان پابندي ڪرائي سنڌ مان سيني برائين ۽ بدعتن کي ختم ڪري سنڌ جي پاڪ سرزمين کي صحيح معنيٰ ۾ پاڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.[۱۵]

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شريعت جي پابندي ۽ پاڻ ايتري قدرته شريعت جا پابند هئا جو غسل وقت شرعي اجازت جيتري پاڻي ڪمان زيادهه پاڻي ضايع ڪرڻ کي به اسراف سمجهندا هئا. تنهنڪري هڪ دفعي جا خاص کوڙا غسل لاءِ ايجاد ڪيا ويا، جن کي هاڻي کوڙا چيو ويندو آهي.[16] شريعت جي خلاف ورزي ڪرڻ سبب صاحب دل درويش کي به بخشي نه ڪندا هئا.[17]

دين جي سچائيءَ لاءِ عقلي دليل ۽ روايت آهي ته هڪ غير مسلمان جڏهن کان الله تعالىٰ جي هرهنڌ حاضر رهڻ متعلق سوال ڪيو تڏهن پاڻ ڏوڪري جي هڪ ڳالهه ڳهرائي، سوال ڪندڙ کان پڇيو ته هن ڳالهه ۾ ڪڙ موجود آهي يا نه؟ سوال ڪندڙ جڏهن هاڪار ڪئي تڏهن پاڻ کانئس مزيد دريافت ڪيو ته اهو ڪڙ ڪهڙي جڳهه تي موجود آهي؟ سوال ڪندڙ سمجهي ويو ته ڪڙ ڏوڪري جي ڳالهه ۾ ڪنهن خاص هنڌ موجود نه آهي نه به هرهنڌ آهي. الغرض مثال مان سندس مشڪل حل ٿيو ۽ هو مسلمان ٿيو.[18]

بين الاقوامي شهرت ۽ سندن علم جي شهرت ڏيڻهون ڏينهون وڌندي ويندي رهي. ايتري قدر جو حاڪمن ۽ بادشاهن تائين پهتي. نادرشاهه ۽ احمد شاهه جهڙن فرمان روائن مخدوم صاحب سان خط و ڪتابت ذريعي روابط قائم ڪيا. ۽ مخدوم صاحب کان ايترو ته اثر حاصل ڪيو جو ڪيترائي معاملن ۾ سندن منشا مطابق الڻ بادشاهن وٽان حڪم جاري ٿيڻ لڳا.[19] سندن تصنيفات جي سند سڄاڻ پاڻهر واکاڻ ٿيڻ لڳي ۽ مصر جي عظيم دارالعلوم يا يونيورسٽي جامع الازهر ۾ سندن ڪجهه ڪتاب درس ۾ داخل ڪيا ويا.[20]

سندن حق گوئي: مخدوم محمد هاشم، مخدوم ابوالقاسم نقشبندي، مجاالراد تنڊي ۽ ٻيا ڪيترائي سندن سلوڪ جي راه جي رهبريءَ جي اميد هئن.[21] تنهنڪري سندن ويڙهه واري سنڊ جي ڀهاري خود پاڻ پڻ هنن سان ڏينهن هئا. هڪ ڏينهن حضرت نقشبندي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 194

وضو کرڻ وقت جڏهن پاڻهن ۾ ڏوئي ۽ نه پائي فقط ٿوڻن تائين آڻي واپس پاڻهن طرف ۾ ٻائين. مخدوم محمد هاشم جن هي ڏسي عمل کيو نه فقه جي کتابن موجب وضوء ۾ پاڻهن ڏوئڻ وقت پاڻي ٿوڻن کان هيٺ نه اچڻ گهرجي، جنهن ۾ حضرت نقشبندي جن روايتون نه آسان حضور سرور صلي الله عليه وسلم جن کي ايئن ئي کڏي ڏيکاري ٿو آهي. مخدوم محمد هاشم جن جواب ڏنو نه فقه جي کتابن موجب نه هوندو آهي آئنده جيڪا اوهان جي مرضي مبارڪ. حضرت نقشبندي الفي وقت ئي حضور سرور صلي الله عليه وسلم جن ڏانهن رجوع ڪيا. جنهن کان پوءِ خود ئي چيائون نه پاڻ سگورا فرمائين تا نه جيتوڻيڪ اوهان هونئن ڏٺو آهي ۽ پنهنجو دستور ايئن بنايو جيئن مخدوم محمد هاشم اوهانکي ٻڌايو ٿو. تنهنکري هاڻي جيئن اوهين چئو تائين ٿو ڪريان. ۲۲

سندن فتوىٰ جي عظمت

روايت آهي نه ڪنهن شخص ڪنهن شرعي مسئلي متعلق وڏي فتوىٰ کانئن تحرير ڪرائي. پوءِ اهاسا گي فتوىٰ سندن استاذ مخدوم ضياء الدين جي تصديق ۽ دستخط لاءِ ڪٽي ولو. مخدوم ضياء الدين جي ان مسئلي ۾ راءِ بي طرح هئي. تنهنکري ان فتوىٰ تي صحيح نه ڪيائون. رات جو عالم رويا ۾ آنحضور صلي الله عليه وسلم جي زيارت ڪيائون پاڻ سگورن کين فرمايو نه جيئن مخدوم محمد هاشم جو چئو اوهين به ان تي فتوىٰ ڏيو. صبح جو ان شخص کي گهرائي مخدوم محمد هاشم واري فتوىٰ واري ڪاغذ تي دستخط ڪيائون. ان کان پوءِ جڏهن به ڪو شخص دڻ کي مسئلو فتوىٰ لاءِ ڪٽي ايندو هو ته پاڻ فرمائيندا هئا نه مخدوم محمد هاشم جو چئو ڇا کان ٿو فتوىٰ ان جي هت ۾ ڏي اٿن. ۲۳

حج حرمين شريفين

۱۱۳۵ھ/۱۷۲۳ع ۾ مخدوم صاحب حج بيت الله لاءِ روانا ٿيا. ۲۴ ڏينهون ٿه مڪي ۽ مدينه شريفين ۾ ان وقت مردن ۽ عورتن جي گڏ جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 195

نماز پڑھڻ جو دستور هو، مخدوم صاحبؒ هن قسم جي جماعت کي بند ڪرائڻ لاءِ علمي ۽ عقلي دليل پيش ڪيا. هن مقدس سرزمين جا وڏا علماء سندن دليلن جا قائل ٿيا، سندن خداداد ذهانت جو داد ڏنائون ۽ سندن فتويٰ[1] ۽ مشوري موجب آئنده لاءِ نمازِ عورتن ۽ مردن جي گڏيل جماعت بند ڪرايائون. هي به چيو وڃي ٿو ته مدينه منوره ۾ رومي اطمرنان مخدوم محمد هاشمؒ کي سلام جو جواب ٻڌڻ جي سعادت به نصيب ٿي هئي.[25] هن مقدس سرزمين ۾ رهائش دوران انهي جي بعض جيد علماء کان استفادو به ڪيائون جن جا نالا هي آهن.

۱. الشيخ عبدالقادر الحنفي الصديقي المڪي ۲. الشيخ عبد بن علي المصري
۳. الشيخ محمد ابي طاهر المدني ۴. الشيخ علي بن عبدالملڪ الدراوي.[26]

طريقت: ظاهري تعليم کان فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ وقت جي مرشد شيخ ابي القاسم نقشبنديؒ ڏانهن باطني فيض ۽ نقشبندي طريقي جي تلقين لاءِ رجوع ڪيائون، جن جو ڪجهه ذڪر اڳ ڪري آهي.[27] شيخ موصوف جن کين جيڪو تڪمون کان تلقين ورد وارن جو سورتون منجهي سامهون بيٺي ڪيون ويو پر انهن ۾ مون ارهان جي تصويرن ڏني. مخدوم محمد هاشمؒ ٿهن ڪانئن ڇيڙو نه مون کي پنهنجي شيخ متعلق ٻڌايو. ان تي شيخ ابي القاسمؒ جن وراڻيو ته وقت جو علامه صاحب الارشاد [illegible] شيخ سعد الله سورتيؒ حج تان موٽڻ بعد مخدوم محمد هاشمؒ سورت بندر ۾ هن خدا رسيده بزرگ جا مريد ٿيا جنهن خلافت پيڪ پنڊ ۾ ڏني. سنه ۱۱۳۷ھ/۱۷۲۵ع ڌاڻ موتي ڏني آيا.[29]

تبليغ دين: ڏني موتي اچڻ کانپوءِ مخدوم محمد هاشمؒ سرجو ڏيئي سان اسلام جي امرڻ جي تبليغ ڪرڻ شروع ڪئي. سندن هٿ تي ڪيترن ئي غير مسلمان اسلام قبول ڪيو. سرڇڙ ۾ انسر برٽن[30] نالي ٿوڻ مخدوم صاحب عربستان سان گڏ هندستان جو سفر ڪيو. سفر دوران عيسائي پادرين سان ڪيترا مناظرا ڪيا. سندن مذهب جي خلاف رسالا لکيا. مخدوم صاحبؒ جي ڪيل قلمي جهڙ ۾ هڪ رسالو[31] ٿو اچي.

رحلت: مخدوم محمد هاشمؒ ۱۱۷۴ھ/۱۷۶۱ع ۾ وفات ڪئي. سندن تربت مڪلي ٽڪري

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 196

تي موجود آهي[۳۲] جتي هر مهيني ميلو لڳندو آهي.[۳۳]

تصنيفات: مخدوم صاحب[۳۴] عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ تمام گھڻا ڪتاب تصنيف ڪيا. جن جو تعداد ڪن ڪن سوچايو[۳۵] ڪن ڪن سو پنجاهه ۽ ڪن ڪن سو پنجاهه به ٻڌايو آهي.[۳۶] مخدوم اميراحمد مرحوم، سندن تصنيفات مان ڪن سو يارهن ڪتابن جا نالا ڏسيا آهن، جن مان هيٺيان ڪتاب سنڌي ۾ آهن:[۳۷]

۱. ذبح ۽ شڪار جي مسائل متعلق ٽڪيل رسالو 'راحة المومنين'.

۲. روزن جي مسائل متعلق ٽڪيل رسالو 'زاد الفقير'.

۳. رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي معجزن متعلق ٽڪيل رسالو 'قوة العاشقين'.

۴. صلوٰة سڳوري جي اصل ڪيفيتن متعلق رسالو.

۵. قبر ۽ موت ڪان پوءِ جي احوال متعلق رسالو 'نصيحت نامو'.

۶. دين جي عقيدن متعلق رسالو 'بناء الاسلام'.

۷. الله تعالىٰ ڏانهن گناهن جي توبه ڪرڻ جي ڪيفيت متعلق رسالو 'تحفة التائبين'.

۸. دعائن جي ترجمي جو مختصر سنڌي رسالو، جنهن ۾ عربي متن ڏنل نه آهي.

۹. اصلاح مقدمة الصلوٰة جو سنڌي ترجمو.

۱۰. قرآن شريف جي ٽيهين پاري جو تفسير يعني 'تفسير هاشمي'. هي سڀ ڪتاب نظم سنڌي ۾ آهن. شين سنڌي ڪتابن مان فقط 'زاد الفقير' ۽ 'راحة المومنين' فقهي مسائل سان تعلق رکن ٿا. جن ٻنهي ڪتابن جو تعارف ايندڙ صفحن ۾ ملاحظه ڪري سگهجي ٿو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 197

زاد الفقير

مؤلف: علامہ مخدوم محمد هاشم ٹ

ٹٺوي.

تاليف جي تاريخ، رمضان المبارڪ ۱۱۲۵ھ/سيپٽمبر ۱۷۱۳ع.

فقه جو ڪتاب "زاد الفقير" سنڌ جي عظيم المرتبت عالم ۽ جليل القدر فقيه علامه مخدوم محمد هاشم ٹٺوي جن جي هڪ همدي ۽ مٺي رسان تصنيف آهي. جنهن ۾ روزي جي اهم اسلامي رڪن بابت باريڪ بيني ۽ سان تحقيق ڪيل تمام گهڻا پر نهايت ضروري فقهي مسئلا گڏ ڪيا ويا آهن.

زير نظر نسخو مطبع مٺي رحماني جهو ناماريت ڪراچيءَ مان شيخ عبد الرحمان مطبع جي مالڪ ڇپايو هو. ان وقت هن ڪتاب جي آڇوٽي اشاعت جا بمبئي مان شايع ٿي هئي، سا ناياب ٿي چڪي هئي. تنهنڪري وري ڪراچيءَ مان سيد متن شاهه تاجر ڪتب فقير جو پڙ حيدرآباد جي ڪوشش سان مذڪور مطبع مان شايع ڪرايو ويو.

"زاد الفقير" ۾ روزن جا ٽارا مسئلا سمجهايل آهن، جن مان ٽوڙا منتخب ڪري ڪتاب جي تعارف طور هيٺ لکجن ٿا.

چند ڏسڻ جو حڪم: شعبان جي اٺتيهين تاريخ، رمضان جي چند ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ هر ڪنهن مسلمان مرد خواهه عورت تي لازم آهي. گهٽن جي ڏسڻ ۾ وڌيڪ ثواب آهي پر جي محلي مان ڪن اهڙي ڪوشش ڪئي نه سڀني تان ذميداري لهي ويندي.

رمضان جي چند ڏسڻ جي شهادت: جيڪڏهن ڪنهن به عاقل بالغ مسلمان مرد خواهه عورت رمضان شريف جو چند ڏٺو نه ان تي لازم آهي ته قاضيءَ وٽ وڃي اهڙي شهادت ڏي. قاضيءَ لاءِ ضروري آهي ته انهن مان فقط عادلن جي شاهدي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 198

قبول کري . جيڪڏهن آسمان ۾ جهڙهجي ته فقط هڪ عاقل بالغ ۽ عادل شاهد جي شاهدي ڪافي آهي، مرد هجي خواهه عورت، پر جيڪڏهن آسمان بلڪل صاف آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙن پنجاهه شاهدن جو ضرور ٿيڻ . بهرحال جيڪڏهن قاضيءَ غير عادل شاهدن جي شاهدي قبول ڪئي، ته قاضيءَ جي اعلان ڪرڻ کان پوءِ سڀني مسلمانن تي روزو رکڻ لازم ٿيندو . قاضيءَ جي عدم موجودگي ۾ يا تمام پري هجڻ جي حالت ۾، جيڪڏهن مسلمانن جي جماعت جي روبرو هڪ عادل شاهد چند ڏسڻ جي قوليت ڏني ته سڀني تي روزو رکڻ لازم ٿيندو . [۴۰]

عادل جي تعريف:- شريعت جي اصطلاح ۾ عادل ان کي چئبو آهي جنهن ڪان ڪو به ڪبيره گناهه ظاهر ظهور نه ٿيو هجي ۽ ان ڪان صغيرا گناهه به ڪي ٿورڙائي سرزد ٿيندا هجن . ان ڪان سواءِ منجهس اهڙن ڪي خيس عادتون به نه هجن جهڙوهلندي ڪاڻ وغيره . جنهن جي عدل ۽ ثقه جو حال پوشيده آهي ان کي عادل شمار ڪيو ويندو . [۴۱]

عيد جي چند جي شهادت جهڙ جي حالت ۾ عيد جي چند لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بن عاقل، بالغ ۽ عادل مردن جي شاهدي جو يا هڪ اهڙي مرد ۽ بن اهڙين عورتن جي شاهدي جو ضرور آهي . آسمان صاف هجڻ جي حالت ۾ عادل شاهدن جو تعداد پنجاهه هجڻ گهرجي . عيد جي چند لاءِ غير عادل جي شاهدي نه ڏني . [۴۲]

مطلع جي اختلاف جو مسئلو مطلع جي اختلاف جي مسئلي ۾ محدود محمد هاشم ۽ بين سڀني قديم فقيهن جي راءِ موجب ان اختلاف جي فرق جو ڪو به اعتبار روا نه رکيو آهي . سندن فتويٰ موجب هڪ هنڌ رمضان جو يا عيد جو چند ڏسڻ ۾ آيو نه ٻئي هر ڪنهن هنڌ ان جي آڏر تي روزو رکڻ يا عيد ڪرڻ لازم ٿيندي، بشرطيڪ ان جي شهادت شرعي شرطن موجب ٻئي هنڌ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 199

ڏيڻ جي.

هن راءِ مطابق سندءِ متاخرين مان پڻ به گهڻن عالمن فتوائون ڏنيون آهن ۽ جديد دور جي نئين معلومات جي مهيا ٿيڻ سبب هن مسئلي ۾ گهڻي عالمن وري مناسب تبديليون آندليون آهن، جن جو تفصيل ايندڙ ورقن ۾ ڏنو ويندو.

رمضان شريف ۾ سحري کائڻ جي نيت ۽ زبان سان لفظن سان تعلق

رمضان شريف جي روزي رکڻ جي نيت زبان سان لفظن ۾ ادا ڪرڻ بهتر آهي، پر جيڪڏهن نيت جو زباني اظهار نه ڪيو ويو پر دل ۾ نيت موجود هئي ته به نيت جو شرط ادا ٿي ويندو. عام طرح رمضان شريف ۾ سحري روزي رکڻ جي ارادي سان کائبي آهي، تنهنڪري، جيڪڏهن ڪنهن شخص سحري کاڌي ۽ پي ڪا به نيت لفظن ۾ يا دل ۾ نه ڪيائين ته به جڏ نيت ٿي ڇڏي، پوءِ جيڪڏهن روزو قائم نه رهيو ويو نه جڏ ارادتاً روزو ڀڳو ويو آهي ۽ ان جي ڪفارو پوندي. سحري کائڻ ڪري جيڪڏهن روزي رکڻ جي نيت نه آهي نه اهڙي نيت زبان يا دل سان آڻڻي ڪري ڇڏڻ ضروري آهي. ۴۵

شڪ جو روزو:

رمضان شريف جو چنڊ ڏسڻ ويو آهي پر شڪ آهي ته ڪنهن به وقت چنڊ ڏسڻ جو اطلاع شهادت سميت ملي وڃي، پر نه به ان ڏينهن جو روزو فرضي روزي جي نيت سان يا قضا ڪفارو ۽ نذر جي نيت سان رکڻ مڪروهه آهي. ڪنهن به شخص جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به هڪ نيت سان روزو رکيو ۽ رمضان ٿي پيو ته اهو روزو به رمضان جي روزن مان درست ٿي ويندو، پر ۽ صورت ۾ جيڪڏهن نيت وارو روزو رهيل هوندو ته اهو روزو درست ٿيندو نه ته ڪراهت سان نفل ٿيندو ۽ هي نفل جي پڳائين ته ان جي قضا واجب نه آهي. پر جي نفل جي نيت سان نه ڪيائين ۽ رمضان شريف نه ٿيو ته صحيح نفل ٿيندو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 200

هن نفل جي پڄاڻ سبب ڪفارو واجب ٿيندي. پر بهتر آهي ته عالمن کان سواءِ ٻيا سڀڪو روزو ڪنهن به نيت کان سواءِ رکن يعني ڪوءِ جيڪڏهن بن پهرن کان اڳ چند جو ثبوت ملي وڃي نه بهتر، نه ته روزو چوڙي ڇڏين. ۴۶

وات کان سواءِ ڪنهن به ٻئي هنڌان جسم جي ڪنهن حصي ۾ داخل ٿيڻ جو روزي تي اثر

مخدوم محمد هاشمؒ جي راءِ موجب کاڌي پيتي جي ڪاشي يا ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه روزي جي جسم ۾ جيڪڏهن وات کان سواءِ ڪنهن ٻئي واٽ کان داخل ٿئي ته ان جو روزو ٽٽندو، جنهن جي قضا به ڪرڻي پوندي، پر ان جي ڪفارو نه پوندي، چاهي اهڙي شيءِ ارادتاً يا بي اختياريءَ جي جسم ۾ داخل ڪئي وڃي. ۴۷

هن ڪليءِ ۾ جديد زماني جي طبي ايجاد "انجيڪشن" به شامل ٿيڻ گهرجي. يعني روزي ۾ انجيڪشن لڳائڻ متعلق هاڻوڪن فقهن جون مختلف فتوائون آهن، جن جو تفصيل مناسب جڳهه تي آڻي ڏنو ويندو. ۴۸

سرمي ۽ تيل وجهڻ جو روزي تي اثر

روزي ۾ شيءِ ۽ تيل ۽ آلين ۾ سرمي وجهڻ جي اجازت آهي. ان ۾ ڪا به ڪراهت نه آهي نوڙي الڻ جو اثر نڙيءَ ۾ به پهچي يا سرمي جو رنگ ڪنهن ظاهر به ڏسڻ ۾ اچي ته به روزو نه پڄندو.

سرمو ۽ تيل نيت لاءِ وجهڻ

پر سرمو ۽ تيل جيڪڏهن فقط نيت جي نيت سان استعمال ڪجي ته ڪراهت آهي، روزو هجي يا نه. ۴۹

روزي جي فديي جو مقدار

مخدوم محمد هاشمؒ جن فرمائن ٿا ته عام بزرگن جي ڪنڌ موجب روزي جو فديو ڪڻڪ جون پنج پائيون آهن، نهنگري احتياط ان ۾ آهي ته اوترو ئي ڏجي. پر سڌن تحقيق موجب نهنگر شهر جي ان وقت جي مروج ماڻ ۾ هڪ روزي جو فديو هڪ سو ٻيهه ڏوڪڙ آهن. جي سادي لون ۽ ڪجهه ڏوڪڙ اوڏيڪ ٿين ٿا. روزي جو فديو حياتيءَ ۾ ڏيڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 201

نہ گھرجي ملڪ وارثن کي وصيت ڪري وڃجي تہ سندس ٻئي پيچاٽان اداڪن. روزي جو فديو غيرمسلم کي ٻہ ڏئي سگھجي ٿو. ۵۱

ڪفارت جي ادائگي

جنھن شخص تي ڪفارت لازم ٿئي ۽ ونس غلام ٻہ آھي تہ انھيءَ کي گھرجي تہ ڪفارت ۾ ان غلام کي آزاد ڪري. جاھي اھو ھڪ ئي غلام ونس ھجي. پر جيڪڏھن ونس کو غلام نہ آھي ۽ ايتري ملڪيت اٿس جو ان مان ھڪ غلام خريد ڪري آزاد ڪري سگھي ٿو ۽ ان لاءِ ضروري آھي تہ غلام ئي آزاد ڪري. ھن سلسلي ۾ ھڪ ھيڻي جو قوت، رھڻ جو گھر ۽ ستر جيترا ڪپڑا ملڪيت ۾ شمار نہ ڪبا، يعني ايتري ملڪيت جڏھن جيڪڏھن اجايو ونس غلام خريد ڪرڻ جي طاقت آھي تہ ڪفارت جا روزا نہ رکندو ۽ ملڪ غلام آزاد ڪري، ڪفارت کان آجو ٿيندو. ۵۲

پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرڻ جو روزي تي اثر

پاڻيءَ ۾ وھنجڻ يا ٻڏي مرڻ سان روزو نہ ٽٽندو، بشرطيڪ کنھن ٻہ ذات کان پاڻي جسم ۾ داخل نہ ٿئي ۽ ٻڏي مرڻ وقت جيڪڏھن پير ٿي ڪپي ويا يعني زمين يا ٻي کنھن شي تي ڪتل نہ رھيا تہ روزو ٽٽندو جو قضا ڪرڻو پوندو. ۵۳

زاد الفقير جي فقھي اھميت

زاد الفقير اسلام جي ٽئين رڪن روزي متعلق شرعي مسائل جو ھڪ جامع ۽ مفيد ڪتاب آھي. سندس افاديت سندھ سوبي ۾ ٻين ڪتابن کان نسبتاً زياده آھي، ڇاڪاڻ تہ ھڪ تہ ھي ڪتاب سندي ۾ مڪمل آھي ۽ ٻيو تہ سندي جي ھڪ محتاط عالم ۽ ماھر فقيہ جي قابل قدر تصنيف آھي. مؤلف ڪتاب ۾ روزي متعلق نہ فقط سيئي فقھي احڪام جمع ڪيا آھن پر ھر ڪنھن حڪم جي مختلف شقن ۽ پھلوئن سميت ھر ڪا ڳالھ مڪمل وضاحت سان چٽي ڪري سمجھائي آھي. ان کان سواءِ سندي جي مائٹن جي مخصوص ضرورتن جو بہ ھن ڪتاب ۾ مڪمل خيال رکيو ويو آھي. مثلاً:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 202

(۱) اهي شرعي مسائل جن ۾ قاضيءَ جي مقصاجو ضرور شئي تو، تن لاءِ اکثر موجهارو پيدا ٿيندو آهي ته شرعي قاضيءَ جي عدم موجودگيءَ ۾ تمام پري هئڻ جي صورت ۾ انهن مسائل جو حل ڪيئن ڳولجي يا ڪهڙي فيصلي کي صحيح شرعي فيصلو تصور ڪري قبول ڪيو وڃي. مخدوم محمد هاشمؒ جيڏور ۾ ملڪ ۾ اسلامي حڪومت قائم هئي، تنهنڪري کين شرعي قاضيءَ جي عدم وجود جو سوال پيدا نه ٿي ٿيو، پر ان هوندي به سندن ڏينهن ڏٺهرن جو تعداد ٿوري هئڻ سبب ديهاتي ماڻهن لاءِ وقت جي قاضيءَ وٽ فوري طور پهچڻ جو مشڪل موجود هو. تنهنڪري مخدوم محمد هاشمؒ عام مسلمانن جي هن مشڪل کي آسان ڪرڻ لاءِ چند ڏسڻ جي شهادت جي سلسلي ۾ واضح ڪيو ته جيڪڏهن شرعي قاضي موجود نه هجي يا تمام پري هجي، ته چند ڏسڻ جي شهادت مسلمانن جي عام جماعت آڏيان ڏني وڃي ۽ انهن جو فيصلو قاضيءَ جي فيصلي جي قائم مقام سمجهيو وڃي.[۵۴]

موجوده وقت ۾ به اهڙا ڪيترائي شرعي مشڪل پيدا ٿين ٿا، جن جي حل لاءِ شرعي قاضيءَ جي [illegible] محسوس ڪئي وڃي ٿي. تنهنڪري مخدوم محمد هاشمؒ جي مذڪور رهبري سبب سندس جي ڪيترن متاخر علماء جي راءِ آهي ته جنهن اسلامي حڪومت نه آهي يا اسلامي حڪومت طرفان کو قاضي مقرر ٿيل نه آهي انهي مسلمانن جي عام جماعت قاضي مقرر ڪري سگهي ٿي. مزيد تفصيلات آڏينءَ ڏنا ويا آهن.[۵۵]

(۲) پاڻيءَ ۾ ٻڏي هئڻ سندي ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ سان خاص واسطو رکي ٿو. سندس جي وڃان درياءَ وهي ٿو، جنهن مان واهه، واهڙ، شاخون ۽ وانڪورس نڪري سندس جي گوٺ گوٺ تائين پهچن ٿا. پاڻي ۾ وهنجڻ، ٻيون ڏينهن رانديون رونديون ڪرڻ سندس جي وڏن ٽوڙي ننڍن جو محبوب مشغلو آهي، تنهنڪري سندس جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 203

مسلمانن کي هي مسئلو جاڻڻ نهايت ضروري آهي، تہ اهڙي طرح وهنجڻ ۽ نہ
ڏيڻ جو اثر روزي تي کڻي ٿئي تو، جو مخدوم صاحب وضاحت سان سمجهايو آهي ۵۷

کتاب زاد الفقير تي مؤلف جي عرق ريزي

خانہزاد الفقير جوڙڻ وقت مخدوم محمد هاشم ؒ کي تمام گهڻي جنجاهٽي
تان کم وٺڻو پيو هو ۽ منجهس مفيد ۽ وسيع معلومات جمع ڪرڻ
لاءِ گهڻن ئي ڪتابن جي ورق گرداني ڪرڻي پئي هئس. اهڙو اظهار ڪتاب جي آخر ۾ هن
لفظن ۾ ڪرڻ فرمايو اٿن.

لکيم رسالو روزن جو ڪري محنتا
ميڙيم مسئلا تن جا ڪري وس وڃا. ۵۷

جنهن ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ ۾ مخدوم محمد هاشم ؒ جهڙي عظيم محقق عالم هيري
سر جوشي ڪان گهڻو رتو هوندو، ان جي افادي حيثيت ۽ فقهي اهميت لاءِ گهڻ چوڻ گهڻن
غير ضروري ٿو لڳي. ڪتاب جي قدر و قيمت جو پورو اندازو فقط پڙهڻ سان ئي لڳائي سگهجي
ٿو.

مؤلف هن ڪتاب ۾ جن جن ڪتابن جو الاڻ ڏنو آهي تن جا نالا هي آهن.

(۱) ابوالليث عارم	ص ۴۶
(۲) بحر رائق	ص ۱۲، ص ۱۳، ص ۱۸، ص ۱۹، ص ۲۲ ۽ ص ۳۱.
(۳) تبيين	ص ۱۲ ۽ ص ۲۲
(۴) جامع الرموز	ص ۹ ۽ ص ۶۹
(۵) خلاصہ	ص ۱۹
(۶) فتاوىٰ تاتارخاني	ص ۳۲
(۷) فتاوىٰ قاضي خان	ص ۱۳ ۽ ص ۵۱
(۸) فتاوىٰ عالمگيري	ص ۸

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 204

(۹) فتح القدير — ص ۱۸، ص ۲۰ ۽ ص ۲۵

(۱۰) سراجي — ص ۲۵

(۱۱) شرح وقايه مصنف چلپي — ص ۱۲ ۽ ص ۲۹

(۱۲) ڪافي — ص ۵۱

(۱۳) هدايه — ص ۱۰ ۽ ص ۲۵ .

زادالفقير جي ابتداءِ اختتام

فقه جي مسائل جي مهارت ڪاسواءِ مخدوم محمد هاشمؒ جي شعر ۾ گهٽوئي حفظ ۽ حلاوت پريل آهي. تنهنڪري زادالفقير جي ابتداءِ اختتام مان انتخاب، بطور تبرڪ جي هت ڪجي ٿو.

ابتدا:

ڪرهو حمد حڪيم کي سارا هيو سلطان - رحمت سين رحيم جنهين اپايو جهان،
شيخي کان سون ڪري سڀاجهو سبحان - نازل ڪيائين نبيءَ اتي سونهارو فرقان،
جو سونهائي آسونهن کي جاڻائي آڃاڻ - واري اوائن کان آيڙ ڏونه ايمان،
جو هيءُ، نار اکيين سندو نور، نشان .

رحمت تنهن رحمان جي ٿيندي سير - لڳا جنهن جا آسري درماندا دلگير،
جو شفيع سڀ جهان جو عالم جو ڪفيل - جنهين جيءَ شفاعت ري نه ڪو سير سبيل،
ع پڙ اتي آل رسول جي ۽ سڀني صحابن - شال رحمتون رحمان جون راتو ڏينهن رسن،
جيسين لنگهيو راتون مونيءَ ڏينهن اچن .

هاڻي ٿڏو سيئي مومن مسلمان - چڏيو دعاؤن دل جون جو ڏونه ايمان،
بقا آهي دنيءَ جي ڏينهڙاڻي ڪ چار - ڪريو ٿورتن ۽ سهيءُ پسبو پار،
جيڪي خالق فرمايو مولي ملڪ جهان - عمل ڪريو ان اتي سڀي صدق سان،
روزي ۽ نماز جي ڪريو طلب تان - نه باجهائي باجهه پريو ٿئي مهربان،
روزي ۽ نماز جا مسئلا سکجن - نسوردئي نور سو جيڪي چيو پرين .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 205

یاایھاالذین اٰمنوا کتب علیکم الصیام آھي منجھ قران ،
نہ فرض ٿي مومنين ورزا سندا رمضان - ٿات سکجن تن جا مسئلا موچار ،
نہ عمل ٿئي تنھن اتي جيڪي جيو جبار - ھاڻي تن ورزن جو آءٌ ڪريندس بيان ،
سنڌي عربان سمجھي جا الوجھن آسان - ماڻ مرھون باجھ پئي مولو مھربان . ۵۸

اختتام:

مسئلا اسلام جا پچي سپ سکجا - پڙھي پاڙھوتن کي جيڪي چيو خدا ،
نہ ڪري رحمان رحمتون سباجھو سپنٽا - ڪري ڪرم ڪريم ڏيئي کسي ڏوھ خطا ،
فرمايا ئين فرقان يم لا تقنطوا من رحمة الله .
نہ آھي رحمت ڏيئءَ جي ابر اپارا - نہ ٿو ڪنڊي پار تنھن نہ ٿو ڇھہ نہ ڇا ،
تنھن سباجھي جي باجھہ اميد گھٽي آھي - سپ ٿو ورتنھن کي گھري ، آس نہ لاھي ،
نہ باجھائي باجھ پئي بيڙ بخشائي - جو مولو مھربان گھٽو ديون ورائي ،
مسئلا ورزن جا آھن گھڻا اپار - جي ڪجي ھيڪاندو تن کي نہ ٿين ھوند ھزار ،
تنين منجھان ھي ڪيترا مسئلا لکيام - ساري سنڌي ڏائءَ يم لکي لڳ ڪيام ،
١١٢٥ھ
ورھيہ جا ھجرت جا تنھن ڏينھن لکيام - ماڻ اڪاويہ سو پنجيہ ٿا رمضان جا ايام ،
نسخو ناقص جو جڏھين ٿيو تمام .

عربي اچاڻن کي گھڻي ڏکي ھوءَ - سنڌي ڪيم سکي چاڻ سکي سپ ڪوءَ ،
نہ ماڻ مومن تنکي پڙھي ياد ڪن - جيڪي آھن ان يم سي مسئلا سکن ،
ڪٽي ھت ھاشم کي ماڻ ڪڏھين دعا ڪن - ماڻ مرھي ڏوھ ، ڏيھہ ڏئي ڏسي ڏوھارين .

. . . . . .

لکيم رسالو رورزن جو ڪري محنتا - ميڙيم مسئلا تن جا ڪري دس وڏا ،
زاد الفقير سنڌي رکيم تنھن جو نانءُ - رحمت ڏنہ رحمان جي آھيم اميدوار ،
نہ ڪري قبول تنھن کي عالمن الله .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جيڪو پسي منجهن شيخ غلطِ سهڙا۔ سو ورساري سچو ڪري ڪي ساڻطا ،
نظر ڪري مرجو ورڪري ڪام ڳلا ۔ ڪچا ڪچائي ڏري پڇهن پي نه ڪا ،
چڱا منايون متن جون مينهن مورا ۔ ولها رسن نه وات ڪي پلن برڪتا ،
سائين ميڙون پائين مولا مومن ۔ نه ٿئي راهه رسول جي راتو ڏينهن رڙن ،
سڪن مسئلا دين جا پڙهن ۽ پڙهن ۔ ٻڌهي پروڙي تنڪي عامل عمل ڪن ،
نه صباح ڏينهن قيام جي سهندا محمد برڪن .

بقا ناهه بلاد ڪي دنيا ناهه دوام ۔ اجل تواڙتون ڪري ٿي قريب قيام ،
شرمندي سائيا ڪرهونات تمام ۔ درجو براءَ ڏيئي جي آڳي پر سلام ،
عرفو ياد ڪريڪي سنجهي صبح شام ۔ پڇڻ وسارا وهو اپيو منجهه اسلام ،
ڪهڙ هلون صدق سين ٿئي محمد ڀام ۔ لا اله الا الله محمد رسول الله صلى الله عليه وسلم .

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 207

راحة المؤمنين

ذبح ۽ شڪار جي بيان ۾

مؤلف: مخدوم محمد هاشم ٹٺوي، تاريخ تاليف ۱۱۳۰هـ/۱۷۱۸ع

ڪتاب راحة المؤمنين ۾ مخدوم محمد هاشم ٹٺويؒ جانور يا پکيءَ کي ذبح ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ جا شرعي مسئلا لکيا آهن: جنهنڪري هن ڪتاب جو عرف عام ۾ نالو ئي ذبح ۽ شڪار پئجي ويو آهي. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحبؒ اهي سڀ شرعي احڪام جمع ڪيا آهن، جن جي پوري تحصيل ڪرڻ کانسواءِ حلال جانور جو گوشت به هڪ مسلمان لاءِ کائڻ جائز نه ٿيندو ۽ نڪي حلال پکيءَ جانور شڪار ڪرڻ ڪان پوءِ کائڻ درست ٿي سگهندو. اهي شرعي احڪام اهڙا آهن جن جي اڻڄاڻائيءَ سبب عام مسلمان ڪان اهڙين غلطين ۾ ٿيڻ جو گهڻو احتمال آهي، جن سبب جائز مذبوح خواهه شڪار به حرام ٿي پون. هر هڪ مسلمان لاءِ لازم آهي ته هن ڪتاب ۾ آيل مڙني مسائل انتهائي غور سان پڙهي ياد رکي. هت ڪتاب ۾ ڏنل مسئلن منجهان کي ٿورا لکجن ٿا. زير نظر نسخو جنهن مان مسائل جو انتخاب ڪيو ويو آهي سو زاد الفقير سان گڏ ساڳئي مطبع مان ڇپايل آهي. جنهن جو ذڪر اڳيئي ڪيل آهي.

ڪتاب ۾ ذبح ۽ شڪار جو بيان مختلف باب ۾ ڪيل آهي جن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

باب پهريون: هن باب ۾ ذبح، ذابح ۽ مذبوح جا مسائل مفصل طرح درج ڪيل آهن.

ذبح: جو به مسلمان جيڪڏهن پنهن جي ئي مال مان کي حلال جانور کنهن نفعي حاصل ڪرڻ جي قصد سان ذبح ڪرڻ چاهي ته ان ۾ ٻه ڪابيون هجي آهي ۽ ٻئي ان کي هن ڪم عيوض کي وبال رسندو، البت بناکنهن حاجت جي کنهن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 208

جانور کي حلال نه فقط محروم آهي بلڪ حياست جي ڏينهن ان جو پڇاڙو به ٿيندو. ۶۱

ذبح کان سواءِ ٻيءَ سبب مري ويل حلال جانور جي گوشت کائڻ جو مسئلو

ذبح کان سواءِ ٻيءَ سبب مري ويل حلال جانور جو گوشت کائڻ حرام آهي امڙي جانور جو گوشت ڪٽي يا ڪنهن ٻيءَ جانور کي پنهنجي هٿ سان ڏيئي جائز نه آهي ڏيندڙ گنهگار ٿيندو. ۶۲

ذبح جا به قسم آهن: ذبح اختياري ذبح ضرورت. ۶۳

ذبح اختياري: جڏهن ڪو مسلمان پنهنجي مال مان جو جانور الله تعالىٰ جو نالو وٺي ڪي ذبح ڪري ٿو ۽ ان ذبح ڪرڻ امڙي ذبح کي ذبح اختياري چوڻ ۾ آهي. ۶۴

ڪيئي ڪنديءَ جي ڪنديءَ کان ڪٽي ذبح ڪرڻ جو مسئلو

جانور کي امڙي طرح ذبح ڪرڻ جو ڪنديءَ ڪيئي ڪنديءَ ڪٽي ڏيڻ ۽ طرف ٻيءَ ذبح جو صحيح طريقو نه آهي. جتان ڪنڊ ڪٽڻ واري جانور حرام ٿيئي ٿو. مثلاً هن طرح ذبح ڪرڻ ۾ امڙي طرح ذبح ڪرڻ جيتوڻيڪ صحيح نه آهي تنهن به جانور حرام نه ٿيو ۽ ان جو گوشت کائڻ جائز آهي. ۶۵ ڪامني خود ابراهيم ڀٽي ياسين واري جي به هن راءِ جي تائيد ۽ متو ۶۶ آهي. ۶۷

ذبح اختياري جا چوڏهن شرعي شرط آهن جن مان ڏهن ڏيان ذبح سان تعلق رکندا.

(۱) ڏهن جون چار رڳون ويڙهڻ

ساهه جي نالي، کاڏي جي نالي ۽ رت جون به شهرگون جي ساهه جي نالي سان ڳنڍيل هوندي آهن، تنهنڪري جو ذبح وقت ڏيئي ڏيڻ ذبح جو فرض شرط آهي. جتان ڪنهن به ٽن رڳن ورڻ سان شرط پوري نه ٿيندو، پر جنهن جي ورڻ ۾ ثواب ۽ ڏيڍ سنڌ و، پر جي فقط ٻه رڳون ورڻ ويون تہ جانور حلال نه ٿيندو. ڪتاب ۾ ڏيڻ تفصيلات ذيل آهن. ۶۸

(۲) ذبح ڪرڻ جو اوزار

ذبح ڪرڻ لاءِ جيڪو اوزار ڪتب آهي سو نهايت تيز هجڻ گهرجي، جنهن جاڻي رڳون سرعت سان ڏيئي سگهي، ۽ رت به وهائي. ذبح ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اوزار استعمال ڪجن ذبح ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون شيون مڪروه آهن ۽ ڪهڙيون حرام، تنهن جا تفصيل ڪتاب ۾ جاءِ ايل آهن. ۶۹

(۳) ڪنهن وقت بسم الله شريف پڙهڻ

ذبح ڪرڻ وقت بسم الله سڳوري پڙهڻ کان سواءِ ذبح حلال نه ٿيندو، پر ذبح وقت جيڪڏهن ڪنهن ڪبير کان الله تعالىٰ جو نالو نه وڃي تو ڏوهه نه ذبح جائز ٿيندو. ۷۰

(۴) بسم الله شريف کان سواءِ ٻين لفظن سان الله تعالىٰ جو نالو وٺڻ

ذبح وقت بسم الله شريف جي بدران ڪنهن به

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 209

ٻي بولي ۽ يا عربي ۾ ڪن ٻين لفظن ۾ الله تعالىٰ جو نالو ورتو ويو ته به ذبح جائز ٿيندو، پراهي لفظ دعائي جملن ۾ هوندا نه گهرجن. لفظن ۽ ڪلمن جون مختلف صورتون جيڪي هن مقصد لاءِ مناسب آهن يا جيڪي غير مناسب آهن سي سڀ ڪتاب ۾ تفصيلوار سمجهايل آهن.[۷۱]

(۵) بسم الله شريف ۽ ذبح جي وچ ۾ وقفو

ذبح ڪري ٻوءِ بسم الله شريف پڙهڻ يا بسم الله شريف پڙهي، ٻوءِ ڪو ٻيو ڏوڪڙ ڪري، مثلاً: وضو يا گفتگو ڪري ٻوءِ ذبح ڪرڻ سان ذبح حلال نه ٿيندو. پر ڪو ڏوڪڙ ڪرڻ مثلاً ڪاڻي تيز ڪرڻ ۾ هرج نه آهي.[۷۲]

(۶) بسم الله شريف جهڙي آواز سان جوڙ

ذبح وقت بسم الله شريف گهٽ ۾ گهٽ ايتري وڏي آواز سان پڙهڻ ضروري آهي، جو پڙهندڙ جا سندس ڪن ٻڌي سگهن.[۷۳]

مذڪور ڇوڏهن شرطن مان ٽيهه شرط ذبح جي متعلق آهن. اٺهن ڪان سواءِ باقي اٺ شرط مذبوح ۽ ذابح سان تعلق رکن ٿا، جن مان پهرين ذابح سان واسطو رکندڙ ڏهيٽ لکجن ٿا.

(۷) ذابح جو ايمان ۽ اسلام

ذبح ڪندڙ مؤمن ۽ مسلمان هجڻ گهرجي. پر اهل ڪتاب جو ڪنهن به جائز آهي، بهرحال ان کان گوشو ڪرڻ چڱو آهي. ڇاڪاڻ ته مسلمان جو ذبح ڪيل ڪائڻ ۾ زياده ثواب آهي.[۷۴]

اهل ڪتاب جي تعريف: انبياء عليهم السلام مان ڪنهن هڪ ڪي ڇيندڙ ۽ توراة، انجيل يا صحيفن مان ڪنهن هڪ ۾ يقين رکندڙ کي اهل ڪتاب چيو ويندو آهي. مزيد هي ته عبادت ۾ شرڪ نه ڪندڙ هجي. مثلاً: بت، چند تارن، باهه وغيره جي پوڄا ڪندڙ نه هجي ۽ ذبح وقت الله تعالىٰ جو نالو ونئي ۽ نه ڪنهن نبيءَ وغيره جو.[۷۵]

مسلمان جي ايمان جي وضاحت: جيڪو مسلمان ايمان جي شرطن مان ڪنهن هڪ ۾ پورو وسيلاه رکندڙ نه هجي ته ان جو ڪنهن به حرام آهي. اٺ جائڻ شخص جيڪڏهن فقط

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 210

جمالي ايمان رکڻ ۽ هوندو ۽ ان حالت ۾ اختلاف آهي، پر فتويٰ هن تي آهي ته ان جو کڻڻ حلال آهي. مرتد جيڪڏهن ارتداد کان پوءِ اهل کتاب به ٿئي ته به ان جو کڻڻ حرام آهي. هن سلسلي ۾ ڪتاب ۾ پياڪيترائي تفصيل بيان ڪيل آهن مثلاً: ڪهڙن ڪن ڪرڻ يا لفظن چوڻ سبب هڪ مسلمان تي ارتداد جو اطلاق اچي سگهيو ۽ ان کان سواءِ پياڪيترا مفصل مسائل ڪتاب ۾ ڏنل آهن.[۷۶]

ڪهڙن مسلمانن جو ذبح ڪرڻ جائز آهي

مسلمان مان ڇوڪرو، نابالغ، نشي وارو، جنبي، عورت، اڻ طهريل، بي نمازي، نامرد، ڪوڙهيو ۽ گونگو جيڪڏهن ذبح ڪندي بسم الله شريف چئي، جاڙئي رگون وڍي ويندا ته انهن مرڻي جو کڻڻ جائز آهي. گونگي کي بسم الله چوڻ معاف آهي، باقي انڊي جو ڪهڙ بسم الله سان به مڪروهه آهي جاڻڻ ته هو جاڙئي رگون وڍڻ ۾ غلطي ڪري سگهيو. جيڪو شخص بنا وضوءَ نماز پڙهندو هجي، ان جو کڻڻ حرام آهي.[۷۷]

(۸) ذبح ۾ پن يا زيادهه جي شموليت

جنهن جو ذبح ڪرڻ ناجائز آهي ان کي ذبح وقت ذابح جي هٿ سان هٿ ملائڻ منع آهي. جيڪڏهن به يا زيادهه مسلمان جن جو ذبح ڪرڻ سڀني شرطن موجب جائز آهي، سي گڏ جي ڪو جانور ذبح ڪن ته سڀني تي بسم الله شريف پڙهڻ لازمي آهي. جيڪڏهن فقط هڪ چئي پڙهي ته ذبح جائز نه ٿيندو.[۷۸]

(۹) ذبح ڪندڙ طرفان خود پنهنجي زبان سان الله تعالىٰ جو نالو وٺڻ

جيڪڏهن ذبح ڪندڙ الله تعالىٰ جو نالو پنهنجي زبان سان پاڻ نه وٺي پر ٻي ان جي بدران اچي بيٺل ڪنهن ٻئي شخص چيو ته ذبح جائز نه ٿيندو.[۷۹]

(۱۰) شڪاري جانورن جي احرام واري هٿان پيل سير جو اثر

حج جي احڪام ۾ اهڙا جانور به شامل آهن جن سبب کي جائز شين تي به عارضي طرح حرام حيل آهن مثلاً:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 211

ڀاڙيجرام وارو شڪار کي ذبح ڪندو ته اهو حرام ٿي پوندو. ساڳي طرح حرم جي حدن اندر احرام وارو يا ان کانسواءِ ڪو بيو جيڪڏهن شڪار کي ذبح ڪندو ته اهو جانور حرم شريف جي حدن اندر حلال جانور جيڪڏهن احرام وارو به ذبح ڪندو يا حرم جي اندر به ذبح ڪندو ته به جائز آهي.[۸۰]

شڪار جي تعريف: جيڪو حيوان ماڻهن کان پڄي يعني ٽنگن سان تيز دوڙي پڄي وڃي يا پکن سان اڏامي وڃي ان کي شڪار چئبو آهي.[۸۱]

حرم شريف جي حدن جنهن ۾ شڪار منع آهي

اتر طرف ٽنعيم کوهه، ڏکڻ طرف جو ويهه شرعي کوهه، اوڀر طرف ڇهه شرعي کوهه، اولهه طرف ارڙهن شرعي کوهه، حرم شريف جي حدن ۾ داخل آهن.[۸۲] ڪتاب حياة الحيوان شيخ محمد عبدالحق پٽ حرم جي حدن ۾ احرام ۾ شڪار جي ساڻت جو ذڪر ڪيو آهي.[۸۳]

(۱۱) الله تعالىٰ جي نالي کانسواءِ ٻئي جي نالي تي قتل جانور جي گوشت کائڻ کان اجتناب ڪرڻ

جنهن مذبوح تي الله تعالىٰ جل شانهٗ جي نالي کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو پيل هوندو، ان جو گوشت کائڻ حرام آهي. مثلاً: حاڪم جي آمد جي خوشيءَ ۾ يا ان جي تعظيم خاطر ان جي آڏيان قتل جانور، ڪنهن ولي الله جي قبر وٽ ان جي نالي تي قتل جانور، ڪنهن بزرگ جي رهائش واري جاءِ تي، ڪنهن مريض جي آڏيان، ڪنهن ٻار جي جنم واري هنڌ، پٽ جي ڀڏ لاهڻ وقت، گهوٽ جي ڪپڙن پائڻ وقت، ٽين ٻني پوکڻ وقت، ڪنهن جاءِ ڦرائڻ وقت، باغ ڪمائڻ وقت، ڪوهه کوٽائڻ وقت، نئين گوٺ وسائڻ وقت، ڪنهن جن يا ڪنهن شاهه پريءَ جي ايذاءِ کان بچڻ جي سنوڙ سبب، ڪنهن بت آڏيان يا درياءِ جي ڪناري ذبح ڪيل جانور مان کائڻ جائز نه آهي. ڇو جو ان جي ذبح ۾ خالص الله ڪارڻ نيت نه هوندي. جيڪڏهن نيت خالص نه هوندي ته ذبح وقت بسم الله پڙهڻ به ان جانور کي حلال ڪري نه سگهندو.[۸۴]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 212

الله جي نالي کان سواءِ ٻي ڪنهن به نيت سان جانور ذبح ڪري ان جو گوشت کائڻ يهودين ۽ منافقن جي عادت آهي . پراهڙي نيت سان جانور ذبح ڪندڙ کي ڪافر چوڻ ۾ گهرجي .[۸۵]

مهمان لاءِ عقيقي، عرس ۽ نڪاح جي موقعن تي ڪنل جانورن جو گوشت کائڻ جائز آهي .[۸۶]

شي جيڪي يارهن شرط ڪيل آهن تن مان اٺ ذبح سان ۽ ٻي ذابح سان واسطو رکندڙ آهن . باقي ٽي جي مذبوح سان تعلق رکن ٿا سي هيٺ ڏجن ٿا .

(۱۳) ذبح وقت مذبوح ۾ حياتي جي موجودگي

ذبح جائز ٿيڻ لاءِ حياتيءَ جو ڪجهه نه ڪجهه مقدار مذبوح ۾ موجود هجڻ لاءِ ٻي شرط آهي . حياتيءَ جي نشانين جو تفصيلي بيان مٿان سمعيت ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي، پر باريڪ ۽ ڪثير تعداد هجڻ سبب هي مسائل هت نٿا سگهجن .[۸۷]

حياتيءَ جي نشانين مان رت جو وهڻ هڪ ضروري نشاني بڌايل آهي پر سائنسي رقت ان ڪي نهايت ئي نشاني ڏيئي نه سگهي آهي ۽ وضاحت کيل آهي ته ڪجهه اهڙن جانورن هجن ٿا جن آهن جن ۾ جانور جيئرو هجن ٿا آهي پر ذبح وقت رت نه وهندو آهي، جنهن جو هڪ سبب هي بڌايل آهي ته جهنگ ۾ رهي اهڙا جانور آهن جن جي بدن ۾ گرٿ جمي پوي ۽ ڪجهه وقت لاءِ جانور ۾ رت سڪي ويندو آهي، ۽ ان وقت ذبح سبب رت نه وهندو آهي . ٻئي هي جانور جي زندگي جي ثبوت لاءِ بين نشانين ڏي اشارو ڪرڻ گهرجي، جي ٻڌ ڪتاب ۾ ڪيل آهن .[۸۸]

(۱۴) اهي ٽي جانور ذبح عرف جنجي ذبح لاءِ بسم الله شريف پڙهي وڃي هجي

جيڪڏهن ڪنهن جانور کي ذبح لاءِ ذبح جي جاءِ تي آڻي ويو ۽ ذابح بسم الله سگوري پڙهي، پر پوءِ ارادو ڪيائين ان جانور کي ڇڏي ڏيڻ جو ارادو ڪيو پر ان جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 213

جي ذبح وقت پيو دعو بسم الله نه پڙهي بلڪ پهرين بسم الله شريف کاڌي سڌجي هي پيو جانور ذبح ڪيائين ته اهو حلال نه ٿيندو. مطلب ته هي جانور لاءِ جڏ بسم الله شريف پڙهڻ لازم آهي. ۸۹

(۱۲) فقط حلال جانور ذبح ڪرڻ } حرام جانور کي تڪبير يا بسم الله حلال ڪري نه سگهندي، نڪتي جي گوشت کائڻ جي اجازت سان فقط حلال جانور ذبح ڪرڻ گهرجن. ۹۰

ذبح جا مستحب: تيز ڪاتي آڻڻ، جي ڪاتي تيز نه هجي ته ذبح جي جڳهه تي وهڻ کي وٺي اڇڻ کان اڳي تيز ڪري وٺڻ، ذبح جي وقت وهڻ جو رخ ڪعبي طرف ڪرڻ ۽ ڪاڌي پاسي پراڻ کي دٻڻ، جيئن سولائن جو ڏاڙهي طرف ۽ پير اڙ طرف تي جاءِ ٻئي رگون ويڙهڻ. جيڪڏهن هڪ ڪان وڌيڪ جانور ذبح ڪرڻا هجن ته هڪ ٻئي کان مٿائين ذبح ڪرڻ وغيره. ۹۱

ذبح جا مڪروهه: مٿئين ڪاتي سان ذبح ڪرڻ، ٻنهي رگون ويڙهڻ، ڪاڌي جي پاسي کان ذبح ڪرڻ، جيئن رگون ويڙهڻ کان اڳ ۽ به ڪهڙو رهڻ، ساهه وڃڻ کان اڳ ڪنڌ ڇڪ يا ڪلهه شروع ڪرڻ، ضرورت کان سواءِ هڪ ٻئي ڏانهن سسي لاهڻ وغيره. ۹۲

ذبح ضرورت: ڪن حالتن ۾ جڏهن جانور کي ذبح اختيار موجب سير وڃڻ جي سولائي نه هوندي آهي ۽ ان جي جلدي مري وڃڻ جو انديشو هوندو آهي ته بسم الله شريف جئين، ان کي ڪنهن اهڙي تيز اوزار جو ڏڪ هڻجي جنهن سبب جانور مري پوي ۽ رت به وهي ته ان کي ذبح ضرورت چئبو آهي. اهڙي طرح ذبح ڪيل جانور جو گوشت کائڻ حلال آهي. مثلاً: ڪنهن اوڏهي ڪوهه ۾ ڪو وهت ڪري پوي جنهن جو جيئرو پاڻ نڪرڻ گهڻو مشڪل هجي ۽ ڪوهه ۾ ئي ان جي مري پوڻ جو قوي انديشو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 214

هجي . ان کانسواءِ بيا مثال به ڪتاب ۾ ڏنل آهن .[۹۳]

جن جانورن جو گوشت کائڻ شريعت موجب حلال آهي ۽ جن جو حرام آهي تن جا ناالا

عذاب راحة الروحين ۾ زمين ۽ پاڻي ۾ رهندڙ جانورن مان جيڪي شريعت موجب حلال يا حرام آهن تن جا نالا، نشانيون ۽ بيا تفصيلات ڏنل آهن . سائبي طرح يڪين جو بيان به ڏنل آهي . هيٺ انهن سڀني جو مختصر احوال لکجي ٿو .

(۱) چوپايا: اٺ، ڍڳي، ريڍ، سنهن، جهنگلي ڍڳيون، جهنگلي ڪريون، هرڻ، ڳاڙها، سها وغيره حلال آهن . گڏهه ۽ استر حرام آهن . مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي سنڌي وغيره ڪتي آهي[۹۴] گهوڙو امام اعظمؒ جي راءِ موجب مڪروهه آهي ۽ ڪن عالمن جي راءِ ۾ مڪروهه تحريم ۽ ڪن جي راءِ ۾ تنزيهه آهي . پر فتويٰ مڪروهه تنزيهه تي آهي[۹۵] .

جي چوپايا جانورن کي ڪٽي ڏندن سان چڪي ڳاڙي کائن تا سي حرام آهن .

جهڙوڪ: ڪڪهڙ، سيار، هيڏو، سنهن، چيتو، سياهه گوش، بوهي، رڇ، يوٽڙو، چراخ، بي نري، لنگور، لوڪڙو، ڦهار، سوئر، ڪتو، پوسٽو، وانرو وغيره[۹۶] .

ان کان سواءِ جانورن جي مادي ۽ نر جي اختلاط مان پيدا ٿيندڙ جانورن جي حلال ۽ حرام هئڻ جا مسئلا پڻ آيل آهن . مثلاً: ڪري ۽ ڪتي جي ميلاپ مان پيدا ٿيل قرٰ[۹۷] جنهن جو عملي مثال هن مخيف ڪڏهن به نه ٻڌو آهي .

(۲) پکي: جيڪي پکي چنبي سان شڪار ڪن تا سي کائڻ جائز نه آهن جهڙوڪ: باز، ترڪي، شڪرو، سرڙ، ڳڇ، باشو، سچانو وغيره . جيڪي پکي پليتي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿا کائن اهي به حرام آهن . انهن ۾ هٿن کان سواءِ ٻيا سڀ پکي حلال آهن . جهڙوڪ: ابابيل، ڪيرو، مور، جهرڪي، هدهد، چوٽير، ڪبر، دوهائي، ڪبوتر گهرو يا وحشي، ڪونج، مرغابي، تتر، ٽٽدري، شتر مرغ، بلبل، ڪاز، ٽٽري، ڪڪڙ، چنون وغيره ۽ امام اعظمؒ جي مذهب موجب چپ به

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 215

حلال آهي. ۹۸

کانگ: کانگ جا چار قسم آهن، جن مان هڪ قسم جنهي سان شڪار ڪندڙ آهي پر فقط پليتي ڪائيندڙ آهي، تنهن پليتي ۽ ان ٻئي ڪائيندڙ، ۽ پوٽن فقط ان ڪائيندڙ آهي. پهريان به قسم حرام ۽ پوءِ ٻه قسم حلال آهن. ۹۹

من مسئلي جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي ڪن محقق عالمن جهڙوڪ: سيد علي محمد شاهؒ ڊائڙي واري سنڌ جي عام گهرو ڪانگ کي حلال لکيو آهي، جنهنجو ذڪر اڳتي آندو ويندو. ۱۰۰

(۳) زمين تي سرندڙ جانور: زمين تي سرندڙ سڀ جانور حرام آهن جهڙوڪ: نور، ڳرڙ، ڪچون، جاهو، ماڱ، سوپيري، ڪٽ، ڏيڏر، ڳوهه، پٽون، سانڊو وغيره. جن جيتن ۾ رت وهندڙ نه آهي انهن مان فقط مڪڙ ڪائڻ جائز آهي. ۱۰۱

(۴) پاڻيءَ جا جانور: پاڻيءَ جا سڀ ڪي هر قسم جي مڇي گانگٽ سميت حلال جائز آهي. پاڻيءَ جا ڪڇ، مڇي ۽ مڪڙ کڻڻ حالتن هيٺ ڪائڻ حرام ٿين ٿا، تن جا تفصيلي مسئلا به ڪتاب ۾ ڏنل آهن. ۱۰۲

جن جانورن جو گوشت آن حضور صلي الله عليه وسلم جن کاڌو آهي { اٺ، ٻڪري، ڍڳي، سهوءِ گورخر، ڪڪڙ، ٽڏري ۽ سرخاب. مڇي ۽ مڪڙ. ۱۰۳

سرخاب: ڪتاب ۾ سرخاب بابت جاڻايل آهي نه هي پاڻيءَ جو پکي آهي جو رڳو ٻيٽ ۽ ٻيلن ۾ ٿيندو ۽ رنگ جو ڪارو ٿيندو آهي ۽ تيز اڏامندو آهي. من کي ڇڪيو به چوندا آهن. ۱۰۴

باب ٻيو: من باب ۾ شڪار متعلق تفصيلي مسائل لکيا ويا آهن. مخدوم محمد هاشمؒ جي فقهي تحقيق موجب لفني ونڊ جي بٽ سان ڪوه شڪار ڪرڻ مباح ۽ جائز آهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 216

ٻن راند جي بيت سان مکروه آهي. يعني وٽ جي بيت سان حرام جانورن جو شڪار به مباح آهي، پاڪائي ۽ ان جي شرط جو دفع ٿيڻ وغيره ان جي مڪمل ٿيڻ سان پوري نفعو حاصل ٿي سگهندو.[۱۰۵]

مخدوم محمد هاشم[۱۰۶] شڪار متعلق جوڏهن وضاحتي نقطا بيان ڪيا آهن، جن جي ياڻ شڪار جا جوڏهن مترط سڏي ٿو.[۱۰۷] اڏهن نڪتن جو اختصار هت درج ڪجي ٿو.

شڪار جا جوڏهن شرط:-

(۱) ڪنهن چيريندڙ جانور يا شڪاري پکيءَ کي شڪار ڪرڻ لاءِ بسم الله شريف پڙهي. شڪار ڏاهن اماڻيو ويو ۽ ان شڪاري جانور يا پکيءَ شڪار کي تيز ڏندن يا چنبن سان گهاءُ ڪيو نه ان جو گوشت کائڻ جائز آهي جيڪڏهن نڪير وهڙ کان اڳ مري ويو نه ان جو هرج ڪونهي.[۱۰۷]

(۲) شڪاري جانور ۽ پکي شڪار لاءِ خاص طرح سيکاريل هجڻ گهرجن، پيءَ مورت ۾ هو شڪار مان ڪجهه کائي وڃڻ ا، جيڪڏهن شڪاري جانور يا پکيءَ شڪار مان ڪجهه کاڌو هو شڪار حرام ٿي ويندو، پر اڏهن جي کائڻ سان پوءِ به جيڪڏهن شڪار جيئرو هوندو ۽ ان کي بسم الله ڪري ذبح ڪبو نه ان حالت ۾ جائز ٿيندو.[۱۰۸]

شڪاري پکي يا جانور جي سکيا جي پرک

شڪاري پکيءَ جانور جي سکيا جي سچائيءَ جو معيار هي آهي ته شڪار لاءِ ڇڏڻ کان پوءِ جيڪڏهن ان کي واپس گهرائبو هجي ته گهٽي ۾ گهٽو ٽن سڏن تي واپس اچي.[۱۰۹]

(۳) جنهن هٿيار سان شڪار ڪجي اهو نهايت تيز هجڻ گهرجي.[۱۱۰]

(۴) جيڪڏهن تيز هٿيار بسم الله چئي شڪار کي هنيو ويو، جڏهن جي لڳل سان گهاءُ ٿيو پر رت نه نڪتو ۽ شڪار مري پيو نه ان شڪار جو گوشت کائڻ جائز آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 217

رت نکرڻ شرط نہ آهي. جيڪو هٿيار تيز نہ آهي جهڙو: ڏڪو، گليلو، پٿر، بندوق وغيره، تہ ان جي لڳڻ سان جيڪڏهن شڪار مري پيو تہ حلال نہ ٿيندو جيتوڻيڪ بسم الله شريف چئي ڏڪ هنيو ويو هجي. پر جيڪڏهن اڃا جيئرو هوندو تہ بسم الله چئي سير وڃڻ سان حلال ٿيندو. ڏڪ لڳڻ سان جيڪڏهن شڪار جي سسي بلڪل ڪپجي بدن کان عليحده ٿي وئي ۽ شڪار اڃا جيئرو هوندو تہ پچيل ڳچيءَ ۽ پٺي هٿان بسم الله چئي سير وڃڻ سان حلال نہ ٿيندو. [111]

(۵) شڪاري جانور يا پکي از خود شڪار جي پٺيان وڃي ۽ مالڪ بسم الله شريف نہ چئي تہ شڪار حرام ٿيو. پر جي مالڪ ان کي ڏوڙ ڏيو ڏسي پڄ ڪئي ۽ بسم الله چياڻين ۽ جانور پڄ ئي تي ڏوڙ وڃي تہ شڪار حلال ٿيندو. [112]

(۶) بسم الله شريف چوڻ جيڪڏهن وسري سبب رهجي وڃي ۽ ارادتاً نہ شڪار جائز ٿيندو. [113]

(۷) فقط اهڙي شڪاري جو ڪيل شڪار کائڻ جائز آهي جنهن جو ذبح ڪرڻ جائز آهي يعني مسلمان يا اهل ڪتاب، پر مشرڪ، مجوسي يا مرتد وغيره جو ڪيل شڪار کائڻ جائز نہ آهي، جيڪڏهن شڪاري جانور يا پکي ڪنهن مجوسي وغيره جو سيکاريل آهي ۽ ڪو مسلمان اهڙي جانور يا پکيءَ جي مدد سان شڪار ڪندو تہ اهو جائز آهي. ان کا سواءِ شڪار ڪندڙ شخص کي ايترو علم ضرور هڻڻ گهرجي تہ شڪار بسم الله شريف پڙهڻ کا سواءِ ناجائز آهي، تنهنڪري شڪار ڪندڙ بسم الله شريف پڙهڻ جاڻڻ وهجي. حرم شريف جي حدن اندر شڪار ڪرڻ ناجائز آهي ۽ جنهن جو احرام بڌل آهي ان جي هٿان حرم جي حدن کان باهر به شڪار ڪرڻ جائز نہ آهي. [114]

(۸) شڪار تي موڪليل جانور يا پکي شڪار تي وڃڻ واري وقت تي ڪنهن ٻئي جو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 218

پر مشغول ٿي وڃي، مثلاً: پيشاب ڪرڻ، ڪجهه کائڻ يا آرام ونڻ وغيره، ۽ ان ڪان فارغ ٿي ٻوءِ وڃي شڪار جهلي ته اهڙو شڪار حرام آهي. پر شڪاري جيتو جيڪڏهن پنهنجي عادت موجب لڳي ويهي ۽ اوچتو شڪار کي ونڻي ته اهو ترسڻ معاف آهي. ڪٿو به جيڪڏهن هي عادت سڪي نه ان لاءِ به ساڳيو حڪم آهي. شڪاري جانور جنهن شڪار پٺيان چڏيو ويو اهو جي هٿ نه آيس پر ان جي بدران ٻيو شڪار ملي ويس نه اهو به حلال آهي، جي پهرين شڪار هٿ نه آيس ۽ نااميد ٿي موٽيو ته موٽندي ٻيو شڪار ملي ويس نه اهو ٻيو حلال نه آهي، پر پهرين شڪار کي هٿ ڪيائين پوءِ ٻيو به ملي نه ٻڌي حلال ٿيا. ۱۱۵

(۹) جيڪڏهن شڪاري جانور سان گڏ هڙو جانور شڪار ۾ شريڪ ٿيو جنهنجو شڪار جائز نه آهي ته پڻ جو شڪار حرام ٿيو. ۱۱۶

(۱۰) خود شڪار ڪندڙ شخص سان به جيڪڏهن گڏ ٻيو هڙو شخص شڪار ۾ شريڪ ٿيندو جنهن جو حصو شڪار حرام آهي ته پڻ جو شڪار حرام ٿيندو. ۱۱۷

(۱۱) شڪار کي تير هڻڻ کان ٻوءِ شڪار ڪندڙ کي ان جي پويان ڊوڙندو ويڙهڪ گهرجي. ۱۱۸

(۱۲) تير ۽ شڪاري جانور يا پڪي ۽ جي گهاءَ سان فقط تڪو ڊوڙندڙ جانور يا تير اڏامندڙ پکي جائز طرح شڪار ٿي سگهن اٿ نه پيا رواجي جانور يا پکي. ۱۱۹

(۱۳) شڪار گهاءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي سبب مرڻ نه گهرجي مثلاً: جيڪڏهن پاڻي ۾ ڪري ٻوڙ ان سبب ڪري مري ويو ته حرام ٿيو. ۱۲۰

(۱۴) جيڪڏهن تير يا جانور يا پکي ۽ جي گهاءَ سبب شڪار اڏامڻ ۽ ڊوڙڻ کان عاجز ٿيو ۽ جيئرو هٿ آيو ۽ سڀس اجا گهڻي حياتي آهي ته ان کي ذبح ڪرڻ لازم آهي. پر جيڪڏهن باقي حياتي اٿس ته ذبح ڪرڻ ضروري نه آهي. ۱۲۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 219

راحة المومنين جي فقهي اهميت ۽ افاديت

راحة المومنين ۾ هڪ مسلمان جي زندگي جي سڀ کان اهم شعبي يعني اُهل حلال جي هڪ پاڪي سان واسطو رکندڙ فقهي احڪام سيکاريا ويا آهن. پوئين ٻن صدين ۾ آپ اسلامي معاشري ۾ شرعي طرح ناجائز ذرائع سان ڪمائي پيٽ گهڻ رڪرڻ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿي ٿيو البت ان جا ڪي تمام ٿورا مثال ضرور موجود هوندا. پر زياده اهم ڳالهه هيءَ هئي ته خراڪ شرعي مسائل موجب تيار ڪري استعمال ۾ آندي وڃي. جنهن ڳالهه ٻي موجوده معاشري ۾ ڪو به توجهه ڏيڻ ته ڏور جي ۽ ان کان ئي ماڻهو غافل ۽ بي پرواهه رهندا، جيتوڻيڪ زباني طرح شايد ڪو به ان جو اقرار نه ڪندو پر عمل ۾ روش اهوئي ثابت ڪندا.

مخدوم محمد هاشم جي دور ۾ جنهن سنڌ ۾ زراعت ايتري ترقي يافته نه هئي، تنهن سنڌ جي ڪيترن پاڻ ۾ شڪار عام ماڻهن جي ڪاڌ خوراڪ جو هڪ اهم ذريعو هوندو هو ڪيترن جو پيشو يا ڌندو پڻ هو، ۽ ڪن هنڌ اهي ٻئي ڳالهيون نسبتاً گهٽ اندازي ۾ اڃا تائين موجود آهن. مخدوم صاحب الهي تڪليف سبب عام ماڻهن جي پلائي ۽ لاءِ سنڌن روزمره جي زندگي جي هن ضروري پهلوءَ متعلق محنت ڪري ۽ ڪٿ لاهيي مسائل ڳڻ ڪيا آهن، ته جيئن هڪ مسلمان ناجائز خوراڪ کان بچي سگهي. پاڻ فرمائي ٿو:

مسئلا ذبح ۽ شڪار جا ايئي تمام ٿيا۔ ڪتابن کان عربي ۽ ڪديسي ڪيا،
ته ٿئي سهڪائي تن کي جي طالب دين سندا.

ڪارڻ اهل دين جي هي ڪيم رسالو۔ راحة المومنين سنڌي رکيم تنهن نالو،
جنهن ڏينهن تمام ٿيو هي ناقص جو نسخو۔ ورهين هجرت جي هون تنهن حساب ڪيو،
نان اڪاوهه سائيهه ورهيه ٿيا منجهس ڦير نه ڪو.

ميڙي مسئلا دين جا ڪيم هيڪاندا۔ ڪارڻ ميڙڻ تن جي ڪيم درس وڌا،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 220

ته نفح ونن ڪنڌ هن جي مومن تن منجهان - سيڊوسڪيو سچ سين مان پارين پيا .
ع حق ۽ هن حقير جي پڙهرين ڪادما - ڪ، ڪو پڙهي بخشي فقير کي ڪڏهن فاتحا .
آهي اسيدان ۽ عاصيءَ کي اهڙا - ته هڪ هڪري ڪري ڏيڻي مان کيني سان .
سڀني سٽاون سٽن جون مان پاڻ برڪتا - جڳن جي جڳائي ۽ جڳن مان بچيا .
پني پگي نيڪن جي لهن وات ولها - هادي ڪرهاشم کي مومن منجهما .

ذبح ۽ شڪار متعلق ايترا ته باريڪ مسئلا ڪتاب ۾ جمع ڪيل آهن جو هڪ پهلو نشئه تحقيق نظر نه ٿو اچي . هيئن ڪتابن مان تحقيق ڪري ڪتاب راحة المومنين ترتيب ڏنو ويو هو .

(۱) تبيين ص ۶۹، ص ۷۰، ص ۸۵، ص ۹۴ ۽ ص ۹۷ .
(۲) تلقيح ص ۵۷ .
(۳) جامع الفقه ص ۷۵ .
(۴) حيات الحيوان ص ۸۶ .
(۵) خزانة الاكمل ص ۷۵ .
(۶) خزانة المفتين ص ۵۷ .
(۷) خلاصه ص ۷۰ .
(۸) شرح تحفة الملوك ص ۷۴ .
(۹) شرح تكمله رازي ص ۶۴ .
(۱۰) عنايه ص ۱۰۳ .
(۱۱) عيني ص ۶۰، ص ۷۵ ۽ ص ۹۴ .
(۱۲) غاية البيان ص ۶۵ .
(۱۳) فتاوىٰ تاتارخاني ص ۹۵ .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 221

(۱۴) فتاویٰ سراجي ص ۶۲ ع ص ۸۸ .

(۱۵) فتاویٰ ظهيري ص ۱۰۶ .

(۱۶) فتاویٰ قاضي خان ص ۶۵، ص ۷۷، ص ۸۱، ص ۹۷ ع ص ۱۰۶ .

(۱۷) قنيه ص ۵۵ .

(۱۸) كافي ص ۸۰ ع ص ۱۰۷ .

(۱۹) كفايه ص ۷۵، ص ۸۰، ص ۸۵ ع ص ۱۰۵ .

(۲۰) محيط ص ۷۹، ص ۹۹ ع ص ۱۰۷ .

(۲۱) مسعودي ص ۸۱ .

(۲۲) مطالب المومنين ص ۸۴ .

(۲۳) مسكين ص ۶۰ .

(۲۴) هدايه ص ۶۹، ص ۹۰، ص ۹۷، ص ۹۹، ص ۱۰۳ ع ص ۱۰۷ .

مطلب: ذبح ع شكار بابت مخدوم محمد هاشم "كتاب رحمة المومنين" ع باري ع بيني ع سان تحقيق كري بيشمار مسئلا مثالن سميت بيان فرمايا آهن جن مان فقط ٿورا شي لكيا ويا آهن. تفصيلات جاڻڻ لاءِ خود كتاب جو مطالعو كرڻ ضروري آهي .

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 222

حوالاءِ تعليقات .

۱. مخدوم محمد ابراهيم خليل" : تحفه مقالات الشعراء ص ۴۳

۲. مخدوم امير احمد" : مقدمه بذل القوه ص ۵ بحواله تحفة الكرام جلد ۳ ص ۳۷

۳. رچرڈ برٹن : سندءِ سنڌ ۽ ماثريءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌڙي تي مون ڏيڪاريل (سندي ترجمو) مترجم محمد حنيف صديقي ص ۷۷

۴. مخدوم محمد ابراهيم خليل" : شجرهٔ نسب مخدوم محمد هاشم" مقدمه تحفه مقالات الشعراء ص ۲۱

مخدوم امير احمد" : مقدمه بذل القوه ص ۵

جناب حسن علي انڙ: نثر ياتي تحرير ريڊيو پاڪستان ڪراچي بذريعه رسالو نئين زندگي سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲

۵. مولانا غلام رسول مهر : تاريخ سنڌ عهد كلهوڑا جو ۲ ص ۹۹۲ء ص ۹۹۳

مخدوم محمد سعيد جو احوال دستياب نه ٿيو باقي مخدوم ضياء الدين" جي احوال لاءِ ڏسو هن مقالي جو ص ۱۲۲

۶. محمد مخدوم امير احمد" : مقدمه بذل القوه ص ۵

جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي هن بند جي ڪي رديف ۽ قافيا ڪلام آخري تي مخدوم محمد معين جن جو طرح شاهه ولي الله" جو عثمان استناد ڪيو آهن

۷. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۲۶

۸. جناب حسن علي انڙ : نثر ياتي تحرير ريڊيو پاڪستان ڪراچي بذريعه رسالو نئين زندگي سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲

جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي هن بند جي سڀني مصرعن کي گڏ ڪري هن روايت جي قلعي جي بنياد رکيو .

۹. حاجي محمد حسين : سنڌ جي ادبي تاريخ ص ۷۴

۱۰. جناب حسن علي انڙ: نثر ياتي تحرير ريڊيو پاڪستان ڪراچي بذريعه رسالو نئين زندگي سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲

۱۱. علي لشير فانح : تحفة الكرام ص ۵۶۵ء ص ۵۶۶

۱۲ جناب حسن علي انڙ : نثر ياتي تحرير ريڊيو پاڪستان ڪراچي بذريعه رسالو نئين زندگي سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲

۱۳. ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص ۱۱۲

مولانا غلام رسول مهر : تاريخ سنڌ عهد كلهوڑا جو ۲ ص ۹۹۳

۱۴. ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص ۶۶۸ء ص ۶۱۹

الوحيد آزادي نمبر ۱۵ جون ۱۹۳۶ء

۱۵. جناب حسن علي انڙ : نثر ياتي تحرير ريڊيو پاڪستان ڪراچي بذريعه رسالو نئين زندگي سپٽمبر ۱۹۵۰ ص ۱۱۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 223

ڈاڪٽر عبدالجبار : سنڌيون ص ۶۰

سٽرالم بجاليوسون: لاثوجوسير ص ۴۵ ۽ ص ۴۶

۱۶. جناب حسن علي آرٽ: نثر ياتي تحرير ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ريڊيو رسالو "ٽين زندگي" سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲

۱۷. مخدوم محمد ابراهيم خليل "تڪملا مقالات الشعراء" ص ۴۳ ۽ ص ۴۴

۱۸. جناب حسن علي آرٽ: نثر ياتي تحرير ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ريڊيو رسالو "ٽين زندگي" سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲

۱۹. علي شير تاريخ: تحفة الڪرام ص ۵۶۵

غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا ص ۹۹۴

۲۰. ڈاڪٽر عبدالجبار : سنڌيون ص ۶۱

۲۱. مخدوم محمد ابراهيم خليل: تڪملا مقالات شعراء ص ۴۴

مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي سنڌي جي هڪ گفتگو مرتبه الواعظ مخدوم صاحب مخدوم ابوالقاسم نقشبنديؒ جا داماد به هئا.

مخدوم ابوالقاسم نقشبنديؒ "نورالحق" جي لقب سان مشهور هو. هي بزرگ ذات جودرس هو جو سنڌ جي قبيلن ۾ مشهور قبيلو آهي. پهرين قرآن شريف حفظ ڪيائين ۽ پوءِ ظاهري علمن ۾ فارغ ٿي، شيخ جي مشهور عالم ۽ ڪامل بزرگ مخدوم آدمؒ جي صحبت ۾ رهي علم حاصل ڪيائين. مخدوم آدمؒ ڪين شاهه سيف الدينؒ ابن شيخ محمد معصوم فاروقيؒ الملقب بعروة الوثقيٰ ابن شيخ احمد امام رباني سرهندي جي خدمت ۾ موڪليو. جتي ظاهري ۽ باطني علم جي تڪميل ڪري پاڻ ٿي. شاهه سيف الدينؒ ڪان ڪين سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جي تلقين جي اجازت ملي. جنهن ڪان پوءِ مخدوم ابوالقاسمؒ واپس سنڌ پهتو جتي جا ماڻهو سندس معتقد ٿي ويا. سندس فيض جو آواز شيخ ڪان هندستان پهتو. مخدوم ابوالقاسمؒ ڪان اڳ سلوڪ جي راهه جا طالب سفر ڪري سرهند ويندا هئا. خود مخدوم جو والد الشيخ ابراهيمؒ شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني جو مريد هو. مخدوم

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 224

ابوالقاسم" سنين شعبان ۱۱۳۸ھ/۱۷۲۶ع تي من دارفاني مان وفات ڪئي. (مخدوم امير احمد: مقدمه بذل القوة ص ۸ - مولانا دين محمد وفائي تذڪره ص ۱۳۲، ۱۳۳ - مخدوم محمد ابراهيم خليل: مقدمه مقالات الشعراء شجرهٔ نسب مخدوم ابوالقاسم نقشبندي.)

۲۲. مخدوم محمد ابراهيم خليل: تحقيق مقالات الشعراء ص ۴۴

۲۳. ——— ايضاً ——— ص ۴۵ ۽ ۴۶

۲۴. ڪانبهاد رسين: سنڌي ادبي تاريخ ص ۴۷

مولانا غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ عرف ڪلهوڙا جو دور ص ۹۹۳

مخدوم امير احمد": مقدمه بذل القوة ص ۷

۲۵. جناب حسن علي آئڙ: نشرياتي تقريرون ريڊيو پاڪستان ڪراچي. بذريعه رسالو سنڌ زندگي گهيڙه ص ۱۱۲

۲۶. مخدوم امير احمد": مقدمه بذل القوه ص ۷

۲۷. ڏسو من مقالي جو ص ۱۷۴، ص ۱۷۵ ۽ ص ۱۹۴

۲۸. مخدوم محمد ابراهيم" خليل: تحقيق مقالات الشعراء ص ۴۵

علامه سيد سعد الله بن سيد غلام محمد سلوني ۱۰۹۰ھ/۱۶۷۹ع جنهن سلون ضلعي الهآباد ۾ جائو هو ۽ اتي ئي ٽپنو پاڻ شيخ پير محمد سلوني جي اولاد مان هو جو مشهور مشائخ مان هڪ هو. سيد سعد الله ننڍي هوندي کان ئي علم حاصل ڪرڻ جي شغل سان پاڻ کي مشغول ڪيو ۽ تحصيل علم جي سفر کي ٻوري عمر جاري رکيائين. ٻوءِ تدريس جي مسند تي ويٺو ۽ تاليف جي ميدان ۾ قلم جي ٻوڪ کي روان ڪيائين. حج ڪيائين ۽ مڪي شريف ۾ ٽي ڀيرا حرمين شريفين جي رياض کان علم حاصل ڪري طريقت جي رمز به پروڙيائين. انهن مان شيخ عبد الله لهوري" مڪي کان ضياء الساري شرح صحيح بخاري جو ڪتن ٻ بزرگ به هڪ آهي. ٻوءِ هندستان واپس آيو ۽ سورت بندر ۾ شادي ڪري اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائين. سنه ۱۱۳۸ھ/۱۷۲۶ع ۾ سورت منجهي وفات ڪيائين. طريقت ۾ سندس شيخن جو سلسلو شيخ عبد القادر جيلاني" تائين پهچي ٿو. سندس بيشمار تصنيفات مشهور آهن. (مقدمه بذل القوه ص ۹)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 225

۲۹. خانبهادر بيمط : سنڌي ادبي تاريخ ص ۷۵
مخدوم اميراحمدؒ : مقدمة بذل القوه ص ۱۰
۳۰. جناب حسن علي انڑ: نشرياتي تقريرريڊيو پاڪستان ڪراچي بذريعه رسالو نئين زندگي سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲
۳۱. رچرڊ برٽن : سنڌ يا سندو ماڻهي ۽ سندو ڳوٺ ص ۷۷
۳۲. مخدوم اميراحمدؒ : مقدمه بذل القوه ص ۱۰
۳۳. جناب حسن علي انڑ: نشرياتي تقريرريڊيو پاڪستان ڪراچي بذريعه رسالو نئين زندگي سپٽمبر ۱۹۵۰ء ص ۱۱۲
۳۴. مخدوم محمد ابراهيم خليلؒ: مقدمه مقالات شعراء ص ۴۳
۳۵. خانبهادر بيمط : سنڌي ادبي تاريخ ص ۷۶
۳۶. مولانا غلام رسول مهر : تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا جو ص ۲ ص ۹۹۳
۳۷. مخدوم اميراحمدؒ : مقدمه بذل القوه ص ۱۱ ۽ ص ۲۹
۳۸. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۷۳
۳۹. مخدوم محمد هاشم ٹٺويؒ : زادالفقير ص ۳
۴۰. ——— ايضاً ——— ص ۳ — ص ۵
۴۱. ——— ايضاً ——— ص ۴
۴۲. ——— ايضاً ——— ص ۴
۴۳. ——— ايضاً ——— ص ۵
۴۴. ڏسو هن مقالي جو ص ۶۱۰ ص ۶۴۶ ۽ ص ۶۹۶
۴۵. مخدوم محمد هاشمؒ : زادالفقير ص ۸ ۽ ص ۹
۴۶. ——— ايضاً ——— ص ۱۰ ۽ ص ۱۱
۴۷. ——— ايضاً ——— ص ۱۲ ۽ ص ۱۳
۴۸. ڏسو هن مقالي جو ص ۶۱۱ ۽ ص ۶۹۶

Gul Hayat Institute.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 226

۴۹. مخدوم محمد هاشمؒ: زاد الفقیر	ص ۲۰ تا ص ۲۱
۵۰. ــــــ الینا ــــــ	ص ۱۵۱ تا ص ۵۲
۵۱. ــــــ الینا ــــــ	ص ۲۷
۵۲. ــــــ الینا ــــــ	ص ۳۳
۵۳. ــــــ الینا ــــــ	ص ۱۵
۵۴. ذسوهن مقالي جو	ص ۱۶۸ تا ص ۱۶۹
۵۵. ــــــ الینا ــــــ	ص ۱۶۷
۵۶. ــــــ الینا ــــــ	ص ۱۴۲
۵۷. مخدوم محمد هاشمؒ: زاد الفقیر	ص ۵۲
۵۸. ــــــ الینا ــــــ	ص ۱ تا ص ۲
۵۹. ــــــ الینا ــــــ	ص ۱۵۲ تا ص ۵۳
۶۰. ذسوهن مقالي جو	ص ۱۶۸ تا ص ۱۹۶
۶۱. مخدوم محمد هاشمؒ: راحة المومنین	ص ۵۵
۶۲. ــــــ الینا ــــــ	ص ۵۵
۶۳. ــــــ الینا ــــــ	ص ۵۵
۶۴. ــــــ الینا ــــــ	ص ۵۵
۶۵. ــــــ الینا ــــــ	ص ۵۶
۶۶. ذسوهن مقالي جو	ص ۶۸۳
۶۷. مخدوم محمد هاشمؒ: راحة المومنین	ص ۵۶
۶۸. ــــــ الینا ــــــ	ص ۵۵ تا ص ۵۶
۶۹. ــــــ الینا ــــــ	ص ۶۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 227

۷۰.	مخدوم محمد هاشمؒ: راحة المومنین	ص ۶۷ تا ص ۶۸
۷۱.	ــــــ ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۸
۷۲.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۹
۷۳.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۷۰
۷۴.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۷۱
۷۵.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۷۲ تا ص ۷۳
۷۶.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۴
۷۷.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۴ تا ص ۶۵
۷۸.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۵
۷۹.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۹
۸۰.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۷
۸۱.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۷
۸۲.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۷
	شرعي کوه بابت ذسوهن مقالي جو	ص ۵۰۸
۸۳.	ذسوهن مقالي جو	ص ۲۴۷ تا ص ۲۵۴
۸۴.	مخدوم محمد هاشمؒ: راحة المومنین	ص ۶۶
۸۵.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۷
۸۶.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۶۷
۸۷.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۵۹ تا ص ۶۰
۸۸.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۵۹
۸۹.	ــــــ الهنا ــــــ	ص ۷۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 228

۹۰. مخدوم محمد هاشمؒ: راحة المومنین ص ۷۱

۹۱. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۷۱

۹۲. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۷۳

۹۳. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۷۴ ـ ص ۷۸

۹۴. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۷۹ مزید ڈسوهن مقالي جو ص ۲۸۷

۹۵. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۷۹

۹۶. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۷۹

۹۷. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۷۹ ـ ص ۸۱

۹۸. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۳

۹۹. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۳

۱۰۰. ڈسوهن مقالي جو ص ۲۱۶

۱۰۱. مخدوم محمد هاشمؒ: راحة المومنین ص ۸۳ ۸۴ ص

۱۰۲. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۴

۱۰۳. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۸

۱۰۴. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۸

۱۰۵. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۹

۱۰۶. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۹

۱۰۷. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۸۹ ۹۰ ص

۱۰۸. ـــــــ الهنا ـــــــ ص ۹۰

چا ڪاڻ تہ ان شڪار ۾ موت جي سبب ۾ شڪ رهندو تہ ڪهڙي سبب سان شڪار ۾ جي ڏڪ سبب يا شڪار ڪندڙ جانور يا پکيءَ جي ڪائڻ سبب .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 229

۱۰۹	مخدوم محمد هاشمؒ : راحة المومنین	ص ۹۱
۱۱۰	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۲
۱۱۱	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۳
۱۱۲	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۳
۱۱۳	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۵
۱۱۴	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۶
۱۱۵	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۶ بقیہ ص ۹۷
۱۱۷	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۸
۱۱۷	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۹۹
۱۱۸	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۱۰۰ بقیہ ص ۱۰۱
۱۱۹	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۱۰۲
۱۲۰	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۱۰۴
۱۲۱	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۱۰۵
۱۲۲	ـــــــ الیمنا ـــــــ	ص ۱۰۸

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 230

مخدوم محمد اسماعيل سومرو ؒ
پريان لوئي
وفات: سنه ۱۱۷۴ھ/ ۱۷۶۰ع

مخدوم محمد اسماعيل سومرو ؒ پريان لوئي الملقب بعبدالرسول پنهنجي وقت جو هڪ عالم باعمل، حق ۽ صداقت جو صاحب، ڪامل بزرگ ۽ سالڪان طريقت لاءِ منبع رشد و هدايت هو!

هي بزرگ اصل ڳوٺ ٻين جي ڪاميءَ جو رهاڪو هو، پر پوءِ پنهنجن عزيزن ڪان ناراض ٿي ڪهڙن ۾ اچي رهيو، جتي درس تدريس جو شغل اختيار ڪيائين[۲]. سڀني مروج درسي ڪتاب پنهنجي هٿ سان لکيائين ۽ انهن سان مفيد حاشيا به شامل ڪيائين ۽ سڄي عمر قرآن پاڪ جي ڪتابت ۾ گذاريائين. سندس هي خاص طريقو هوندو هو ته جڏهن به قرآن پاڪ جو ڪو نسخو لکي تيار ڪندو هو ته ان جي پهرئين ورق تي الله تعالىٰ جل شانهٗ جي اسماء الحسنىٰ سان گڏ هي مس ۾ سينگاريندو هو[۳].

هي بزرگ مخدوم محمد هاشم ؒ ٺٽوي جو هيڏهن هو. سندس ابتائي زندگي ۾ ظاهري علم جي استادن جو احوال ڪونه ٿو ملي، پر رائج علومن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کانپوءِ شيخ جمال الله ؒ ڪان نقشبندي طريقي جي ارشاد حاصل ڪرڻ لاءِ سندس هٿ تي بيعت ڪيائين. جنهن سبب سندس مريد ۽ جو سلسلو چٽن واسطن سان شيخ احمد سرهندي ؒ مجدد الف ثاني ؒ تائين رسيو، يعني مخدوم محمد اسماعيل ؒ شيخ جمال الله ؒ ڪان، شيخ جمال الله ؒ شيخ سعد الله لاهوري ؒ ڪان، شيخ سعد الله ؒ لاهوري سيد شيخ آدم ؒ بنوري ؒ ڪان، سيد شيخ آدم بنوري ؒ شيخ احمد سرهندي ؒ ڪان تلقين حاصل ڪئي. سندس خاص خليفن ۾ شيخ محمد لقا هاشمي ؒ ۽ ابوالشيخ پير محمد راشد ؒ جا نالا به شامل آهن[۴].

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 231

مخدوم موهوف محمد اسماعيل فارسي ۽ سندي ۾ شعر چوآهي.
سندس شعر جا خاص موضوع حمد، نعت، نصيحت، اخلاق ۽ لهوف جانڪاهه
هئا. پاڻ ربيع الاول ۱۱۷۴ھ/ آڪٽوبر ۱۷۶۰ء ۾ وفات ڪيائين. سندس درگاهه
پريان لوءَ منڌي خيرپور ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 232

عقيقي جو رسالو

مؤلف: مخدوم محمد اسماعيل سومرو پريان لوئي

ميان ابراهيم جي سنڌي ۽ سان گڏ چپيل بن بين رسالن جو ذڪر گذريل صفحن ۾ ٿي چڪو آهي. اهي ٻئي رسالا آهن، 'عقيقي جو رسالو' ۽ 'تنبيه الغافلين'. هن ٻنهي رسالن جو مؤلف هڪ ئي بزرگ آهي. جنهنجو نالو محمد اسماعيل آهي. پر ڪابه يقيني خبر پئجي نه سگهي آهي ته هي بزرگ ڪير هو. ان هوندي به قرائن مان قوي گمان پيدا ٿئي ٿو ته اهو مؤلف مخدوم محمد اسماعيل سومرو پريان لوئي هو.

عقيقي جي رسالي جي تاليف مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي هٿان ٿيڻ جا قرائن

جن قرائن جي بنياد تي عقيقي جي رسالي جي تاليف مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿي انهن کي بن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ اهي قرائن آهن جي خالص تاريخي حقائق تي مبني آهن ۽ بيا اهي جي رسالي 'تنبيه الغافلين' ۽ ملهي سنڌي جي تقابلي مان اخذ ڪري سگهجن ٿا. هيٺ ٻنهي تاريخي قرائن جو ذڪر ڪجي ٿو.

تاريخي قرائن: ۱. مخدوم محمد اسماعيل سومرو انهي دور جو بزرگ هو جنهن دور ۾ سنڌي ۾ تنبيه ۽ فقه جي موضوعن تي تحقيقي ۽ تبليغي ڪتاب لکڻ سنڌي عالمن وٽ هڪ ضروري امر سمجهيو ويندو هو ۽ هن سلسلي ۾ اڪثر سنڌي عالمن پنهنجو فرض سمجهي مذڪور موضوعن تي سنڌي ۾ ڪتاب لکيا.

۲. ان دور جي اهڙي ٻئي ڪنهن به عالم بابت ڪا خبر ٻڌڻ ۾ نه سگهي آهي، جنهن جو نالو به محمد اسماعيل هجي ۽ جنهن بابت يقيني خبر هجي ته هن بزرگ مذڪور موضوعن تي سنڌي ۾ ڪجهه ڪتاب تاليف ڪيا هجن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 233

۲۰ مخدوم امیر احمد". مخدوم محمد اسماعیل" لاءِ فرمایو آهي نه هن بزرگ کي پهاڪا فارسيءَ ۾ سندي ۾ ڪيم مذڪور موضوعن تي تحرير ڪيا هئا؟

هتن تنهي نقطن کي سامهون رکي آساني سان چئي سگهجيٿو ته عقيقي جو رسالو انهن رسالن مان هڪ آهي ۽ مخدوم محمد اسماعيل سويري" پريان لکيل جو تحرير ڪيل آهي.

ملڪي سندي ۽ تنبيه الغافلين جي مطالعي تي مبني قرائن

ان کانسواءِ سندي ڪتاب "ملڪي سندي" جو فاضي محمد شفيع راٺيور واري جو ڪيل آهي انهي مطالعي مان پڻ هي اشارا ملن ٿا، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪتاب "عقيقي" جو رسالو "تنبيه الغافلين" جي پٺيان لکيل مؤلف محمد اسماعيل" جا ئي آهن ۽ گڏ اشاعت هيٺ آيل آهن، جن جو مؤلف مخدوم محمد اسماعيل" سويرو هو. ڪتاب "ملڪي سندي" اهڙي طرح تي ڪيل آهي جو ڪنهن ٻئي ڪتاب جو رد يا جواب هجي. ڪتاب "تنبيه الغافلين" پڙهڻ کان پوءِ گهٽي پاڻ يقين ٿئي ٿو ته "ملڪي سندي" هن ڪتاب جي جواب ۾ لکيو ويو هو. جيتوڻيڪ سنجس اهڙو واضح اشارو ڏنل ناهي ۽ نڪي ئي لکيو ويو آهي. ڪهڙا هيٺين بن نقطن مان ظاهر ٿئي ٿو "ملڪي سندي" "تنبيه الغافلين" جو ئي جواب آهي.

۱. تنبيه الغافلين ۾ ڪن رسمن کي سخت لفظن ۾ رد ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ وڏيون ڏيون رکائڻ، ونگين پٽڪا بڌڻ، ڀنگ، تماڪ ۽ ٻيو نشو ڪرڻ يا سرود ۽ راڳ ۾ مشغول ٿيڻ". جن ماڻهن وٽ هي طريقا مروج هئا سي عقيدتمند ۽ ڪيم شريعت جي حد کان ٻاهر وڪندڙ هئا ۽ پاڻ کي مولائي جو ائين ڏيکاريندا هئا ۽ ملن جو پاڻ کي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 234

منہ سمجھندا اھیا. ملکي سندي ۽ امڑن مولائین جي طرفداري کندي چيل آھي تہ ملا مولائین کي منھور واڱر قاسي ۽ ٿي چاڙھڻ چاھين ٿا:

چاڙھيون منھور جان سوري سھڪائي - مراد مولائین ڏي اٽن اھائي ۔ ۱۲

۱۳ ۔ تنبيہ الغافلين ۽ ان جي ٻاڻ ٻاڻ آھي تہ جڏھن کي ميرٹ ۽ وھنڊ ڪارنامن کي امڑي شخص کان سرزد ٿين جو شرعي قانون جو ظاھري طرح پابند نہ ھجي تہ ان کي ڪرامت سمجھڻ نہ گھرجي اھو استدراج آھي. ۱۳ ملکي سندي ۽ ان جي جواب ۾ چيو ويو آھي تہ ولين جي ڪرامت کي استدراج چوندڙ ملاحسد ماڻھو چون ٿا ۽ امڑن ملن کي ورسيا چيو ويو آھي.

'ورسيا' ولايت کي استدراج چون - . . . . . .

اٽن خبر خلق سان نہ ساڻ ولايت وارن - سبب تنھنجو ڏڏ ورسيا لوڪ سڏن ،

ملاسچاءِ سڪا ھو ڪرامتون ڪن . ۱۴

۱۵ ۔ ملکي سندي ۽ ۾ ملن لاءِ چيل آھي تہ ھو ڪيڏانھن ڪيڏانھن اجڙو ڪتاب ڪندو آھن :

تن ۾ رڳو ڪي تحرير ۾ عمر اجائي - بنا طاعت ڏيڻ ۾ جي ھن ڏھي ويائي ،

نيڏاوڏا سڀ تن تکي لکيائي - جي جي سپ قرآن ۾ ڪي اسان پڙھ رائي . ۱۵

ھي اشارو مخدوم محمد اسماعيل ڏي ڪتابن ڏانھن ٿي سگھيو. ملکي سندي ۽ ۾ عربي يا فارسي پوليم فقہ جي ڪتابن تکي تہ پسند نہ ڪيو ويو آھي. ان لاءِ چيل آھي:

منشا موجب پڙھجي نہ ڏين وڏڙ لائي - ڪيي تن ڪتاب ڪياوڏا عربي واڻي ،

فقہ تن ۾ فارسي ھين ھلائي - ۽ ڏڏ ناڻون تنھنکي جا بڻي فرمائي . ۱۶

تنھنجي ملکي سندي ۽ جي ٻاڻ کي سندي ۽ ۾ فقہي رسالا ناڻ بطريق اولي پسند نہ ھوندا.

۱۷ ۔ ان ھوندي ۽ ھو شبہ پيدا ٿيندو تہ ملکي سندي ڪنھن ٻئي ڪتاب يا ٻاڻ جي جوابم ۾ ڪيل ٿي سگھي ٿي. برجيئن تہ ملکي سندي ۽ جو مصنف قاضي محمد شريف فاروقي راجپوت جو ديل ھو ۽ مخدوم محمد اسماعيل سومرو کھرڙن جي گوٺ ۾ رھندو ھو ۽ جيئن ملکي سندي سن ۱۱۶۰ھ/۱۷۴۷ع ۾ لکي ويئي ۽ ان کان فقط ڏھن سال پوءِ سن ۱۱۷۴ھ/۱۷۶۰ع ۾ مخدوم محمد اسماعيل وفات ڪئي. ۱۷

تنھنجي ڪيچي سگھيو نہ ٻئي بزرگ سڀائي ٻي دوري سڀائي ٻي جو ۽ ۾ رھندا ھئا ۽ ھڪ ٻئي جي ويجھو، ڏوڻ ۽ تحرير ۾ ان ڪي ڏاڍو واقف ھئا. تنھنجي يعني تنبيہ الغافلين مخدوم محمد اسماعيل جي تاليف آھي ۽ عقيقي جي رسالي سان گڏ ڇپجڻ سبب ھي رسالو بہ سڏيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 235

ٻي تاليف ثابت ٿئي ٿو.

عقيقي جي رسالي ۾ ذڪر ۽ عقيقي جي اهميت

عقيقي جي رسالي ۾ حمد، صلوٰة ۽ سلام کانپوءِ پهرين عقيقي جي اهميت ۽ ان جي سنت هئڻ جي ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ حضرت سمره بن جندب رضي الله عنه کان روايت ٻڌل هڪ حديث شريف ڪتاب سفرالسعادت جي حوالي سان نقل ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ فرمايل آهي ته صغير پٽ جو جيئن عقيقو ڪيو نه ٿو وڃي تيئن هو گروي پيل آهي. تنهنجي ان ڪان ڪنهن جانور کي ذبح ڪيو وڃي.

رسالي ۾ گروي هئڻ جي مطلب جي تفسير ۾ عالمن کان جدا جدا رايا نقل ڪيل آهن جي هيٺ ريت آهن.

۱. اهڙو ٻار جي صغير عمر ۾ ئي گذاري ويو ته والدين لاءِ شفاعت ڪري نه سگهندو.

۲. يا دنيا ۾ ڪنهن طرحين آفتن کان سلامتي ۾ نه رهندو.

۳. يا اهڙن ٻارن کان وڏي هوندي ڇگائيون ٿي نه سگهنديون.

۴. يا وڏي هوندي اهڙن ٻارن جي سفارش جا طلبگار ٿي نه سگهندا.

مطلب ته مذڪوره سڀني فضيلتن ۽ برڪتن جي واتا ۾ عقيقي جو نه هئڻ ڏک رڪاوٽ ثابت ٿيندو. عقيقي نه ڪرڻ سبب جي نقصان رسن تا تن جو ذڪر مٿي آيو آهي. انهيءَ ڪانپوءِ عقيقي ڪرڻ مان جن پلاين ۽ برڪتن حاصل ٿيڻ جي اميد آهي سي عقيقي جي رسالي ۾ هنڌ طرح بيان ڪيل آهن.

عقيقي ڪرڻ جون پلايون ۽ برڪتون

عقيقي ڪرڻ سان ۱. ٻار جي جمار وڏي ٿي. ۲. الله تبارڪ وتعالىٰ ان کي من دنيوي حياتيءَ ۾ هر طرح جي آفتن کان پناه ۾ رکي ٿو. ۳. ان جي سڪرات سهڻي ٿئي ٿي. ۴. قبر جي ويڙ جو عذاب ٽاڻيو ٿئي ٿو ۽ قبر ۾ منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ان جي عقيقي ۾ ذبح ڪيل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 236

جانور ئي ڏيندو. ۵ • قيامت جي ڏينهن عمل جي ميزان ۾ ان شخص جي نيڪين جي پڙ ۾ اهوئي جانور نيڪ عمل سان گڏ وزن وڌائڻ لاءِ نورلو ويندو ۽ پلصراط تي اهڙي شخص کي هڪ گهوڙو ملندو، جنهن تي سواري تيز رفتاري سان جنت طرف روانو ٿيندو. ۶ • جيڪڏهن ميئر هوندو ته جهنم جي لائق والدين کي جنت ڏانهن وٺي وڃڻ جو سبب ٿيندو. ۱۹

هن سلسلي ۾ ڪن اولياڻن جي حوالي سان روايت ڪئي وئي آهي ته جيڪڏهن عقيقي جي ثواب جو ڪنهن کي صحيح اندازو ٿي وڃي ۽ عقيقي ڪرڻ جيتري پڄ نه هجيس ته هوند جهڙي کهي به عقيقي ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي. مڙئن پوءِ مطلب واضح ڪرڻ لاءِ فرمائي ٿو ته هي ڳالهه فقط رغبت ڏيارڻ لاءِ ڪئي وئي آهي. تنهن ڪري ائين نه سمجهڻ گهرجي ته عقيقي جو حڪم ڪنهن به جائز آهي. عقيقي لاءِ اهي سڀ شرط ۽ احڪام ۷ ڳوٺين تا جي اهڙي لاءِ لازم آهن. ۲۰

عقيقي جا فقهي مسئلا

عقيقو هار جي جڙ ڪان ٿئي يا چوڏهن يا ايڪيهه ڏينهن پوءِ ڪجي. پر جي نه ٿي سگهيو ته ڪنهن به وقت ٿي سگهيو. جاڪاڻ ته حضور عليه الصلوٰة والسلام جن سڏن عقيقو خود پاڻ چاليهن ورهين جي عمر ۾ ڪرڻ فرمايو هئا ڏون. اهڙي سبب عقيقو ڪرڻ سنت مؤڪد آهي. ۲۱ ان ڪان پوءِ ڪتاب ۾ عقيقي جي جانور کي ذبح ڪرڻ جو ۽ ان وقت دعائون پڙهڻ جو طريقو سمجهايل آهي.

عقيقي جي ڪل خيرات ڪرڻ بهتر آهي. پر جي عقيقو ڪندڙ غريب هجي ته گوشت يا جانورن جي وڏڻ ۾ خرچ ڪري سگهي ٿو. عقيقي ۾ ذبح ڪيل جانور جي ران دائي کي ڏجي، باقي گوشت ورهائي يا وڏي پاڻ به کائي ۽ خيرات ڪري. پر جي وڏي هوندي پنهنجو عقيقو خود پاڻ ڪري ته پوءِ بهتر آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 237

نہ پاڻ ان مان نہ کمائي. بار جي شي جا وارڪوڙائڻ سان پوءِ ان جي هموزن چاندي يا سون خيرات ڪرڻ ڪپي يا ان مان ڪجھ دائيءَ کي ڏجي. عقيقو ڪندڙ جيڪڏھن غريب هجي نہ اهاري قيمت طعام رڌڻ ۾ خرچ ڪري سگھيو. ۲۲

عقيقي جو گوشت دائيءَ کي ڏنل ران سميت هڏن تان آهستي لاهي وٺجي ۽ جيڪي نہ لهي سگھي سو رڌي سان پوءِ لاهجي. هڏن کي ڪنهن ڪوري ڪپڙي ۾ وجهي، پوءِ ڪنهن ڪوري ٿان ۾ رکي در جي چائٽ هيٺيان رکجي. جنهن ٿان بار جا والدين اورانگهي نہ ٽپن. پوءِ گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ زمين ۾ ڏيڪي ڇڏجن. ۲۳ پر هي مسئلا صحيح نہ آهن.

پٽ لاءِ به بکريا بکرون ذبح ڪجن ۽ ڏيءَ لاءِ هڪ. پر جيڪو شخص بن جانورن جو خرچ برداشت نہ ٿو ڪري سگھي تہ اهو شخص پٽ لاءِ به هڪ ئي جانور ذبح ڪري سگھي ٿو. ۲۴

صندل گھمي بار جي شي ۾ ڪڍي گهر جي ڏهاڪي، تعويذ ڪري پار ڪي پائجي. دعا جو متن ڪتاب ۾ ڏنل آهي. ۲۵

عقيقي جي رسايي جو فقهي معيار

Gul Hayat Institute

محمد آدم محمد اسماعيل عقيقي جي هن رسايي ۾ ڪي اٺ ڏون گابھيون ڇيون آهن. جي هن رسمي ۾ رائج آهن. مثلاً: عقيقي جي ران دائيءَ کي ڏيڻ، هڏا چائٽ هيٺان رکڻ، انهن تان اورانگهڻ ۽ پوءِ پورڻ وغيره.

مولانا اشرف علي ٿانويؒ عقيقي جي مسائل جي سلسلي ۾ فقط هيترو فرمايو آهي تہ پٽ لاءِ به يا هڪ بکري يا بکري ۽ ڏيءَ لاءِ هڪ بکري يا بکري عقيقو جن ٻيا احڪام ۽ شرائط سان ڪيا اهڙي وارا آهن. بار جا وار ڪوڙائجن ۽ هموزن چاندي يا سون خيرات ڪجي ۽ جي رسم هجي تہ بار جي شي ۾ زعفران رکجي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 238

عقيقو نه ڪبو نه به ڪو هرج ناهي . ان ڪانسواءِ باقي سڀ رسمون لغو ۽ اجايون آهن .[۲۶]

مولانا شيخ عبدالحق محدث دهلوي ڪتاب سفر السعادت جي فارسي شرح ۾ لکيو آهي ته حضرت امام ابوحنيفه رح وٽ عقيقو سنت ناهي . امام محمد رح مؤطا ۾ فرمائي ٿو ته انسان لکي ڏيئن معلوم ٿيو آهي ته عقيقو جاهليت جي رسمن مان هڪ رسم هئي ۽ شروع اسلام ۾ ان تي عمل ڪيو ويندو هو . ان کان پوءِ هر قسم جي ذبح کي ، جي اسلام کان اڳ هئا ، انهن منسوخ ڪيو ، رمضان شريف جي روزن اڳين سڀني روزن کي منسوخ ڪيو . جنابت جي غسل اڳين سڀني غسلن کي منسوخ ڪيو ۽ زکواة الفطر سڀني صدقن کي منسوخ ڪيو جي اسلام کان اڳ هئا . . . . . .

مؤطا ۾ زيد بن اسلم اصحابين مان هڪ کان روايت ڪئي آهي ته ان جيو ته ڪنهن حضور عليه الصلوٰة والسلام کان عقيقي متعلق پڇا ڪئي ته جواب ۾ پاڻ عقيقي لفظ کي پسند نه فرمايائون چاڪان ته (عقيقو لفظ عق مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ويڍڻ يا واسطو ٽوڙڻ ۽ والدين سان واسطو ٽوڙڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي) ان لفظ ۾ والدين سان واسطي ٽوڙڻ جي ياد گيري موجود آهي ، جا بلڪل نهايت وڏن گناهن مان آهي . . . . . اصحابين سگورن جڏهن ٻين لفظن ۾ چيو ته پهنجي پٽن ٻان قرباني ڪرڻ چاهين تا ته ڏهن پاڻ فرمايائون ته جيڪو پٽن ٻان قرباني ڪرڻ چاهي ته ان کي گهپي ته پٽ لاءِ به بکريون ۽ ڌي لاءِ هڪ بکري قربان ڪري .[۲۷]

هن ٻنهي عالمن جي راين مان ظاهر آهي ته عقيقي جي سنت جي رسالي ۽ عقيقي جي سلسلي ۾ جن رسمي ڳالهين جو ذڪر آيل آهي تن جي ڪا به

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 239

فقهي اهميت ناهي. مؤلف رح اهي رسمون شايد رواج ۾ هجڻ سبب
ياڪفن غير معتبر فقهي ڪتاب ڪان نقل ڪري لکيون هيون، جي ان کان
پوءِ تحقيق جي ڪسوٽي تي صحيح ثابت نه ٿيون. پراسين لوڙين ڳالهين
کي ڇڏي ڪتاب ۾ نهايت تحقيقي ۽ معتبر فقهي مسائل جمع ڪيل آهن
جن بابت ڪتاب سراج الوهاج ۽ بيا من مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح ڪان
حوالا ڏنا ويا آهن.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 240

حوالاءِ تعليقات

۱. مخدوم اميراحمدؒ : مقدمه بذل القوة ص ۷۳

۲. ڈاڪٽر بلوچ : مولود ص ۳۷

ڳوٺ ڪهڙ اڀيرپور ضلعي جو مشهور ۽ معروف ڳوٺ آهي. باقي ڳوٺ بابت جي ڪا به معلومات حاصل ٿي نه سگهي آهي.

۳. مخدوم اميراحمدؒ : مقدمه بذل القوة ص ۷۳

۴. ——— ايضاً ——— ص ۷۴

شيخ احمد سرهندي ؒ ابن شيخ عبدالاحد سرهندي ؒ سنه ۹۷۱ھ/۱۵۶۴ع ۾ سرهند ۾ پيدا ٿيو. طريقت جو سبق شيخ باقي بالله ؒ کان حاصل ڪيائين، سڄي حياتي حق ۽ الهام جي تمام ۽ تبليغ دين لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. هي بزرگ اسلامي تاريخ ۾ مجدد الف ثاني جي لقب سان معروف آهي. هن ئي بزرگ مغل بادشاه اڪبر جي ڪفر ۽ الحاد جي ڪوشش کي روحاني ۽ ايماني طاقت سان مقابلو ڪري هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. اڪبر بادشاه جي پٽ جهانگير کي راه راست جي هدايت ڏيئي شيطان جي گمراهيءَ مان آزاد ڪيو. ٻيائي ۱۰۳۴ھ/۱۶۲۵ع ۾ هن دارفاني مان لڏي رفيق اعليٰ سان واصل ٿيو. (رئيس احمد جعفري: انوارالاولياء ص ۵۰۳ تان ص ۵۳۶)

سيد شيخ محمد بقاؒ ولي ڪامل ۽ عالم باعمل ٿي گذريو آهي. هي بزرگ خيرپور ضلعي جي هڪ ننڍي ڳوٺ رسول آباد ۾ جو سائڊي ۾ ٻي تالپي سان مشهور آهي. سنه ۱۱۳۵ھ/۱۷۲۳ع ۾ ڄائو هو. طريقت ۾ قادري طريقي جو ارشاد سيد عبدالقادر حسينيؒ کان عطائين ۽ نقشبندي طريقي ۾ مخدوم محمد اسماعيل پريان لونيؒ کان. بنهي طريقن ۾ ڪيس تلقين جي سند به حاصل ٿيل هئي. سڄي عمر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 241

اعلاء کلمۂ حق ۽ مانھن کي هدايت ڪرڻ ۾ صرف ڪيائين. سنہ ۱۱۹۸ھ/۱۷۸۴ع
۾ ڪيس شهادت جو مرتبو حاصل ٿيو. سندس شهادت جي حالت هنڌ طرح آهي تہ پاڻ
وٽ ڪتابن جي پري شي ٿي رکي پئي ويو. هن چوريءَ ڪيس ڏسي ورڻ ۽
بدگماني ڪيائون. ڪوٽ ميرگڏو مال سندس شي ٿي رکيل آهي. تنهنجي هن بزرگ
کي ناحق شهيد ڪري ڇڏيائون. سندس قبر حيدرآباد رضلعي ۾ شيخ طيب جي قبرستان
۾ موجود ۽ مشهور آهي جنهن جي زيارت برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي
(مخدوم اميراحمد: مقدمہ بذل القوة ص ۷۵ ۽ ص ۷۶) سندن فرزند پير محمد راشد
رحمتي ڏٺي. سندن پهرين پير پاڳارو شي گذريو آهي. هي بزرگ سنہ ۱۱۷۰ھ/۱۷۵۷ع
۾ تولد ٿيو ۽ ۱۲۲۳ھ/۱۸۱۸ع ۾ وفات ڪيائين. هي بزرگ صاحب طريقت ۽ ڪامل عالم هو
(مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي: رساله الرحيم سندي مشاهير سندھ ص ۲۲)

۵. مخدوم اميراحمد: مقدمہ بذل القوة ص ۴۷ ۶. ڏسو هن مقالي جو ص ۵۰ ۽ ص ۱۴۱
۷. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۷۴
۸. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۸ - ص ۲۲
۹. مخدوم اميراحمد: مقدمہ بذل القوة ص ۷۵
۱۰. مولانا دين محمد وفائي: تذڪره ص ۱۶۵

ڪتاب ملهي سندي مثنوي العلماء باڪترالاولياء جو مرحوم جي ترتيب ڏنل ڪتاب ڪلام گرهوڙي سان گڏ شايع ٿيل آهي. برهمڻن جي
ڪتاب نهي فقه سان ۽ نهي تنبيه ۽ نصيحت سان تعلق رکي تو تنهنجي من مقالي ۾ شامل ڪيو نہ ويو آهي. ڪتاب تنبيه الغافلين
لاءِ ڏسو من مقالي جو
۱۱. ڏسو هن مقالي جو ص ۵۰ ۽ مزيد ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۷۴
۱۲. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۵۱ - ص ۵۳
۱۳. ڏسو هن مقالي جو ص ۷۷۵
ص ۵۴
۱۴. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۷۵ ۽ ص ۷۷۶
۱۵. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۷۶
۱۶. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۷۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 242

۱۷۔ تذسو تحسن ہن مقالی جو ص ۲۰۱ ء مزید تذسو ہن مقالی جو ص ۲۰۲

۱۸۔ مخدوم محمد اسماعیلؒ : تنبیہ الغافلین ص ۱۹

۱۹۔ ——— ایضاً ——— ص ۱۹ ء ص ۲۰

۲۰۔ ——— ایضاً ——— ص ۲۰

۲۱۔ ——— ایضاً ——— ص ۲۰ ء ص ۲۱

۲۲۔ ——— ایضاً ——— ص ۲۱ ء ص ۲۲

۲۳۔ ——— ایضاً ——— ص ۲۲

۲۴۔ ——— ایضاً ——— ص ۲۳

۲۵۔ ——— ایضاً ——— ص ۲۳

۲۶۔ مولانا اشرف علی تھانویؒ : بہشتی زیور ص ۱۸۲ ا ء ص ۳۴۸

۲۷۔ شیخ عبدالحقؒ : شرح سفر السعادت ص ۳۸۰

مزید تذسو ہن مقالی جو ص ۶۱۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 243

علم ميراث جي ڪتاب سراجي جو سنڌي ترجمو

مؤلف :- بزرگ علي بن حافظ

تاليف جو سن :- ١١٦٢ھ / ١٧٤٩ع

علم ميراث جي مشهور ۽ مستند ڪتاب سراجي جو منظوم سنڌي ۾ ترجمو ڪجي نه سگهيو آهي. ڪنهن وقت ۾ بمبئي مان ڇپيل شايع ٿيو هو پر ان جو به مطبوع نسخو هن عاجز راقم کي هٿ اچي نه سگهيو. جناب پروفيسر غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي ازراهِ ڪرم هڪ قلمي نسخو عاريتاً عنايت ڪيو، جو بزرگ علي محمد ولهاريؒ بن حاجي احمد ولهاريؒ ديول گوٺ پنهنجو تعلقو ڪيرو، جي قلم سان ماه صفر سنه ١٣١٥ھ/ ١٨٩٧ع ۾ نقل ڪيو ويو هو.[٢]

مترجم :- من نسخي مان معلوم ٿيو ته هي ترجمو بزرگ علي بن حافظ بن علي بن حافظ بن عبدالله پجوري، بوهيل آهي. هي بزرگ سن تعلقو ڪوٽڙي جي ديهه ڇڇر گوٺ جو رهندڙ هو.[٣] من بزرگ جو مزيد احوال دستياب ٿي نه سگهيو پر هي اهو سڃاڻيو بزرگ آهي جنهن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو عربي ڪتاب فرائض الاسلام[٤] جو ترجمو ڪيو. من ترجمي جو احوال پڻ من مقالي ۾ موجود آهي. ان کانسواءِ ڪتاب مهمن الاموال جنهنجو تعارف به من مقالي ۾ ڪرايل آهي تنهنجي مصنف جو نالو به علي اڪبر آهي[٥] ٿي سگهي ٿو ته علي اڪبر يا علي بن حافظ ٻئي هڪ شخصيت جا نالا هجن. جاڪاڙ ته مهمن الاموال به سڃاڻپ ئي دور جو ڪيل آهي. ياهي ته علي اڪبر بزرگ علي بن حافظ جي تدائي ڪي ڇپيو ويو هجي جنهنجو نالو پڻ علي بن حافظ هو.

سراجي جي ترجمي جو مواد جيئن ته هي ڪتاب فقط هڪ ترجمو آهي ۽ ميراث جا مسئلا به ٻڌائي ٿين اهڙن ڪتابن ۾ موجود آهن تنهنڪري مسائل جو انتخاب ڪرڻ ضروري نه هو. تنهنڪري هن ڪتاب جي ڪجهه مهمن جون لفوزون مقالي ۾ شامل آهن.[٦]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 244

حوالا

۱. ڈسو عکس ھن مقالي جو	ص ۷۷۷
۲. ـــــ ایضاً ـــــ	ص ۷۷۹
۳. ـــــ ایضاً ـــــ	ص ۷۷۸
۴. ڈسو ھن مقالي جو	ص ۲۶۴
۵. ـــ ایضاً ـــ	ص ۲۱۶
۶. ڈسو عکس ھن مقالي جو	ص ۷۷۹

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 245

حصن الاموال

مؤلف: علي اڪبرؒ

سنہ تاليف: ۱۱۶۲ھ/۱۷۴۹ع

حصن الاموال، زڪواة، خراج، عشر، صدقة الفطر وغيره جي مسائل تي مشتمل هڪ ننڍو پر نهايت عمدو ۽ معلومات سان ڀرپور ڪتاب آهي. هي ڪتاب سنه ۱۳۰۳ھ/۱۸۸۵ع مرحندوم عبدالصمدؒ مخدوم پوتي ۽ شيخ نورالدين بن جيوا خانؒ جي خاندان سان بستي جي صفدري چاپخاني مان چپجي شايع ٿيو ان جو هڪ نسخو مشهور العلماء والمحدثين الاڪوڙوي پوتو مندگورنمنٽ لئبريري حيدرآباد ۾ موجود آهي.

حصن الاموال جو مؤلف ۽ انجي تاليف جو سال

عاجز راقم الحروف جي ساڻهون حصن الاموال جي هن اشاعت جو هڪ نسخو آهي جنهن جي پڇاڙي ۾ ان جي مؤلف جو نالو علي اڪبرؒ ڄاڻايل آهي ۽ ڪتاب جي تاليف جو سنه ۱۱۶۲ھ/۱۷۴۹ع لکيل آهي.

بزرگ علي اڪبرؒ متعلق ڪابه معلومات دستياب ٿي نه سگهي آهي، تنهنڪري ڇپٽي ٿو سگهجي نه هي بزرگ ڪير هو، پر ڪتاب ۾ فطري ۽ زڪواة جي احڪام جو ذڪر ڪندي، حضور صلي الله عليه وسلم جن جي وقت جي مروج ماڻن بابت ٿي مؤلف جي حياتيءَ جي دور ۾ رائج ماڻن سان پيسي سرسيج ڪئي وئي آهي. سائڪي طرح زڪواة ادا ڪرڻ لاءِ به ٿي جي ماڻن جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن مان سمجهه ۾ اچيو ته مؤلف ٿي يا ان جي انتظامي حدن ۾ رهندو هو؟ جاڪاڻ ته ان وقت اهو دستور هو ته شرعي ذميدارين جي ادائگيءَ لاءِ ويجهي ۾ ويجهي ٿهرجا رائج الوقت ماڻ ذهن ۾ رکيا ويندا هئا. مثلاً: مولانا عبدالرزاق جو پٽ بزرگ علي اڪبرؒ ۽ مخدوم محمد هاشمؒ ٺٽوي جو همعصر هو، تنهن ڪري جو وقت واري واري رسالي ۾ شهداد پوري روپئي ۽ سانڍهن ماڻن جو ذڪر ڪيو آهي.

حصن الاموال جي ترتيب ۽ سنڌ

حصن الاموال ۾ ڪل اٺ باب آهن جن ۾ بقول مصنف سنڌي پڙهندڙن جي آسانيءَ لاءِ زڪواة متعلق مسائل جمع ڪيل آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 246

مؤلف جا پنهنجا لفظ هيٺ نقل ڪجن ٿا.

مرڪري سيڪو صاحب جي سارا صفت ثنا ،
جنهن مولي مرسل ٻرڪي ڪيو شافع شفاعتا ،
اصحابي احمد جام جا شمع يم شرفا ،
اللهم صل وسلم عليه وعلى آله واصحابه اجمعين ،
ڪين عجي ذڪر زڪواة جو سنڌي ۽م سهجا ،
جو آهي فرض اسلام جو پنجن پنجنئا ،
نه سهڪي شئي سين ڪي سنڌي سڄهڙ لاءِ ،
پڙهي پروڙي تفڪي فاخ فقير ڏجا ،
هاڻي سڏ مونا هيئن سين هيجا ،
مسئلا زڪواة جا ڪيڏيا ڪتابنئا ،
جي ڪتاب معتبر آهن فقه جا ،
عالمگيري ۽ ڪنز مها ۽ برڙ هدايا ،
چونڊي ڪيڏيا مسئلا انهي ڪتابنئا ،
آنڊواڻن بابن يم نسخو سنڌي واءِ .

انهن اڻن بابن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو.

باب پهريون: پهرئين باب يم زڪواة جي فرضيت جي شرطن ان جي اداڪرڻ جي فضائل ۽ نه ڏيڻ جي وعيد متعلق ذڪر ڪيل آهي پهرين زڪواة اداڪرڻ جا فضائل ۽ نه ڏيڻ تي پلڪار جو بيان آهي.

انهن مان پوءِ زڪواة فرض ٿيڻ جا شرط لکيل آهن جي هي آهن،

زڪواة جي فرضيت جا شرط: زڪواة ڏيندڙ، ۱. عاقل ۲. بالغ، ۳. مسلمان ۴. آزاد

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 247

۵. صاحب نصاب، هڻڻ گهر جي. ۶. نصاب ٿي پورو هڪ سال گذري ويو هجي يعني هڪ سال کان اوتري ملڪيت مالڪ جي قبضي ۾ رهي هجي. ۷. اهو نصاب قرض خواهي، ۸. اصلي حاجتن کان فارغ هجي. ۹. مال ۾ واڌ جي صلاحيت هجي جا هي ان کي واپار لاءِ استعمال ڪيو وڃي يا نه. هن شرط جي ضروري تشريح ۾ ڪتاب ۾ مثالن سميت ڏنل آهي. نمونيٰ طور حاجت اصليءَ جي تشريح هيٺ لکجي ٿي.

حاجت اصلي: حاجت اصلي ۾ رهائش جي جاءِ، پائڻ جا ڪپڑا، خدمت لاءِ غلام يا انهن کان سواءِ بيون اهي سڀ شيون شامل آهن جن جي ضرورت هر مائٹوءَ کي روزمره جي زندگيءَ ۾ مطلقاً پوي ٿي. ان ۾ سواري لاءِ جانور، تن ڦي ٻڻڻ جهڙا هٿيار، علمي ڪتاب، پيشه ور جا اوزار ۽ بيون هٿ ليون شيون جن کان سواءِ گذارو ٿي نه سگهي شامل آهن.

زڪواة ادائيڻ لاءِ شرط مال کان زڪواة ڏارکرڻ وقت يا ان جي ادا ڪرڻ وقت زڪواة جي نيت ڪرڻ شرط آهي. نيت نه ڪيائين ته زڪواة ادا نه ٿيندي جيڪڏهن پنهنجو سمورو مال خيرات ڪري ڇڏيائين ته نيت کان سواءِ ئي زڪواة جو ذمو مٿانئس لهي ويندو.

باب ٻيو: ٻئي باب ۾ چوپائي مال متعلق زڪواة ڏيڻ جا چند عام قاعدا ڏنا ويا آهن. جي هر قسم جي چوپائي مال سان لاڳو ٿين ٿا. انهن قاعدن کان سواءِ چوپائي مال جي مختلف جنس جا نصاب ۽ ٿن واجب ٿيندڙ زڪواة جا نرخ ڪتاب ۾ تفصيل سان سمجهايا ويا آهن، پر هت طوالت جي خوف کان چوپائي مال جي زڪواة جا فقط عام قاعدا لکجن ٿا.

چوپائي مال جي زڪواة متعلق عام قاعدا ۱. اوني، ميهو، گائو، باکر ۽ ڏيڏو مال، جنهن سال مان جنهن مهينن کان زيادهه عرصي لاءِ جهنگ جوگاهه چريو هوندو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 248

ان تي زڪواة ڏيڻ لازم ٿيندي. پر جنهن مال، اڌسال کان زياده عرصو گهر جو گاهه چريو هوندو ان تي زڪواة نه لڳندي.

۳. هر ڪنهن جنس لاءِ نصاب علحدده آهي. هڪ نصاب کان زياده مال جيڪو پڻ نصاب کي نه رهندو تيڪو ان تي زڪواة معاف آهي.

۳. زڪواة واجب ٿيڻ کان پوءِ ادا ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن ڪنهن حادثي سبب مال فنا ٿي ويو ته ان تي واجب ٿيل زڪواة اداڪرڻ لازم نه آهي.

۴. هڪ سال کان گهٽ عرصو ارا ڏر نصاب ۾ نه گڏبا. پر جيڪڏهن سندن تعداد نصاب جي تعداد کي رهيل هوندو ۽ سڄو هڪ ڦيرو هڪ سال عرصو جو هوندو ته زڪواة ادا ڪرڻي پوندي. ان طرح جيڪي جانور زڪواة ۾ لازم ٿيندا سي سڀ وڏي عمر جا ڏبا ۽ نه ڪٽ.

۵. باربرداري ۽ سواري ۽ هر يا اهڙي قسم جي ٻي محنت لاءِ مخصوص ڪيل جانورن تي زڪواة نه لڳندي.

گهوڙن جي زڪواة: صاحبين جي قول موجب گهوڙن تي فقط ان صورت ۾ زڪواة فرض ٿيندي جڏهن اهي واپار جي نيت سان رکيا ويا هجن. پي صورت ۾ متن زڪواة واجب نه ٿيندي. واپار جي نيت جي صورت ۾ گهوڙن کي به واپار جي ٻئي سامان وانگر شمار ڪبو ۽ انهن جي نصاب لهڻ لاءِ سندن قيمت به سون يا چاندي ۽ جي قيمت سان ڪئي ان موجب زڪواة اداڪبي.

امام اعظم ؒ جي راءِ موجب گهوڙن تي به زڪواة واجب آهي. پر فتويٰ صاحبين ؒ جي قول تي آهي. گڏهن ۽ خچرن سان به ساڳيا احڪام لاڳو آهن.

باب ٽيون: ٽئين باب ۾ سون، چاندي ۽ سڪي، زيورن ۽ پين شين جي زڪواة جا احڪام ۽ مسائل جا تفصيل آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 249

سون ۽ چاندي جي زڪواة

سون ۽ چاندي پنهنجي اصلي صورت ۾ هوندا ياڪنهن بي صورت ۾ هوندا. مثلاً: سڪي، زيورن يا برتن وغيره جي صورت ۾ هوندا، هر صورت ۾ مٿن زڪواة واجب ٿيندي. چاهي واپار جي نيت سان رکيل هجن يا نه. سون ۽ چاندي ۾ جيڪڏهن مٽ گڏيل هوندو ۽ اهو سون ۽ چاندي جي مقدار کان گهٽ هوندو ۽ سموري تور ڪي سون يا چاندي جو حڪم آهي. پر جيڪڏهن مٽ جو مقدار زياده هوندو ۽ ان ٻنهي ڪي سون يا چاندي ۾ شمار نه ڪبو بلڪ ان جي زڪواة ٻئي سامان وانگي قيمت ڪٽي ادا ڪبي.

نصاب: سون جو نصاب ويهه مثقال ۽ چاندي جو نصاب ٻه سو درم آهي. سال جي اول ۽ آخر ۾ نصاب پورو هوندو ۽ وچ ۾ گهٽجي ويو هوندو ته اهو اعتبار ۾ نه آڻبو.

زڪواة جي ادائگي جو نرخ

زڪواة جو نرخ نصاب جو چاليهون حصو آهي. پهرئين نصاب کان پوءِ نصاب جي پنجين حصي کان گهٽ جيتري واڌ معاف آهي، پر پورو پنجون حصو نصاب کان زياده ٿيو ته ان جو به چاليهون حصو زڪواة ۾ ادا ڪبو.

سامان ۽ شين جي زڪواة

جيڪڏهن ڪنهن وٽ اهڙو سامان آهي جنهن تي واپار جي نيت کان سواءِ به زڪواة واجب آهي ۽ ڪجهه اهڙو به آهي جنهن تي واپار جي نيت سان ٿي زڪواة واجب ٿئي ٿي ۽ انهن ٻنهي جي مجموعي يا علحدهه علحدهه قيمت سون يا چاندي ۾ مان ڪنهن هڪ جي نصاب جي قيمت جي برابر ٿئي ٿي ۽ مٿس زڪواة واجب ٿيڻ جا ٻيا به سڀ شرط پورا آهن، ته ان مال مان زڪواة ادا ڪبي. قيمت ان هنڌ جي آڳاهه سان ڪٻي جتي سامان موجود هوندو يا وڃي ۽ ويجهي شهر ۾ جو آڳاهه هوندو، ان موجب سامان جي قيمت سار ٻي، گڏيل مال جي نصاب ڪٽڻ لاءِ سون ۽ چاندي ۽ مان جنهن جي قيمت مان زڪواة ونندڙ ڪي ڪائڊ ويهندو ان جي قيمت معتبر آهي. جيڪڏهن سون ۽ چاندي ٻئي ذاردار

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 250

ڏساب کي پهتل هوندا ته به ساڳيو اصول لاگو آهي.

جواهرن تي زڪواة ناهي، جهڙوڪ: ياقوت، هيرا، موتي وغيره. جاهي انهن جا زيور نهيل هجن. پر واپاري جي نيت سان رکيل هوندا ته پوءِ انهن تي زڪواة لازم ٿيندي. ان حالت ۾ انهن جو حڪم به عام سامان جهڙو آهي.

باب چوٿون: چوٿين باب ۾ عاشر جو بيان آيل آهي. عاشر اسلامي حڪومت جي انهيءَ عملدار کي چئبو آهي جو زمين جي ڏل وصول ڪري. زمين جي ڏل کي فقهي اصطلاح ۾ عشر چئبو آهي جو ته ڏل پيداوار جو ڏهون حصو هوندي آهي. ڪتاب حصن الاموال ۾ عاشر جي فرمن ۾ تجارتي قافلن کان زڪواة خواه محصول وصول ڪرڻ جا انهن لاءِ ان جا هدايتون شامل ڪيون آهن. عاشر جو مسلمان هجڻ آزاد هجڻ شرط آهي ۽ هاشمين مان هجڻ نه گهرجي.

عاشر جي ذميداري: عاشر مسلمان واپاري کان بطور زڪواة سندس مال جو چاليهون حصو ۽ ذمي کان تجارت جي مال جو ڏهون حصو بطور جزيه ۽ حربي کان ڪيل معاهدي جي شرطن موجب عائد ٿيندڙ واجبات وصول ڪندو آهي. پر ذمي کان اهڙي طرح وصول ڪيل جزيه ۾ مٿس واجب الادا شخصي جزيه شامل نه آهي جا هن کي علحده ڏيڻي پوندي.

Gul Hayat Institute

انهن مان ڪنهن جي به مال تي جيڪڏهن واجبات لازم ٿين جا شرط احيا پورا نه ٿيا هوندا ته عاشر واجبات وصول نه ڪري سگهندو. جيڪڏهن ڪو واپاري قرضي هجڻ يا مال تي هڪ سال پوري نه ٿيڻ يا پٽي عاشر تي زڪواة يا محصولات جي آڇ ڪيل ادائگي جي دعويٰ ڪري، ته هن کي ڪاوڙ ڪانه پوءِ اهو قول قبول ڪجي. پٽي عاشر کي ادائگي جي دعويٰ لاءِ سوچ ڪيئن ته اهڙو بيو عاشر مقرر ٿيل آهي يا نه، يا حالتون بدلائجي ٿون ته واقعي ان کي ادائگي ٿي سگهي هوندي. پر جي اهڙي پڪ نه ٿي سگهي ته واپاري جي دعويٰ قبول نه ڪجي جاهي هو رسيد به پيش ڪري. هي حڪم مسلمان خواه ذمي لاءِ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 251

سڀ آيا آهن. پر حربي جو فقط هي قول قبول ڪبو ته ان سان گڏ جا گولي آهي سا سندس
بارن جي ام ولدءِ ان جا پار سندس ئي پار آهن۔[۱۲] پر جيڪڏهن ڪو مسلمان خواه ذمي
دعويٰ ڪري ته واجب الادا رقم هن مستحق فقيرن کي ڏيڻ سان ادا ڪئي آهي نه ادا
دعويٰ قبول نه ڪئي ويندي جا ڪاڻ ته اهو حق مسلمان جي امام جو آهي[۱۳]. حربي جيڪڏهن
عاشر وٽان به دفعا منيندو ته ٻيو دفعو ان کان ڪجهه به وصول نه ڪيو ويندو سواءِ هن
جي ته پهرئين دفعي کان پوءِ هو پنهن جي وطن واپس هوندو ۽ جتان ٻيو دفعو موٽي آيو هوندو.
ذمي جي مال ۾ جيڪڏهن خمر يا خنزير موجود هوندءِ انهن پنهي جي قيمت
نصاب جي قيمت جي برابر هوندي ته خنزير مان ڏهون حصو وصول ڪيو ويندو. پر نه
خنزير مان.

واپاري وٽ جا امانت آهي ان مان ڪجهه به وصول نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن
مالڪ مال سان موجود نه آهي فقط ان جو گماشتو آهي ته به ڪجهه وصول نه ڪيو ويندو.
جاهي گماشتو خدمت جي عيوض تنخواهه ڏيئي واپس هجي. جيڪو غلام پنهنجي ڌڻي جي
اجازت سان ان جي طرفان واپار ڪندڙ آهي ان وٽ جي ڌڻيءَ جو مال آهي ته ان مان
ڪجهه نه وٺبو پر جي مال هن پنهنجي ڪسب مان پيدا ڪيو آهي ته مٿس زڪوات پڳندي
جيڪڏهن خارجين سنجهان ڪنهن واپاريءَ کان زڪوات ورتي آهي نه ادا
ادائيل نه سمجهي ۽ عاشر ان کان دوباره وٺندو.[۱۴]

باب پنجون: پنجين باب ۾ معدنيات جي محصولن جو ذڪر آهي. عشري يا خراجي
زمين مان جا معدني پيداوار نڪري ٿي ان جو پنجون حصو اسلامي حڪومت کي ڏيڻو آهي، پيداوار
ڪندڙ مسلمان هجي يا ذمي، آزاد هجي يا غلام، مرد هجي يا عورت، بالغ هجي يا مڃيل.
باقي چار حصا پيدا ڪندڙ جا آهن. پر جيڪڏهن اهڙي معدنيات پنهنجي زمين يا جاءِ
مان ڪنهن هٿ اچي ته سموري سندس ملڪيت آهي، حڪومت ان مان ڪجهه نه وٺندي. سا پيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 252

حڪم قيمتي پٿرن، موتين، عنبر يا پوريل خزانن جو آهي.

سون چاندي ۽ جو ڪوپوريل خزانو اسلامي رياست جي ڪنهن اهڙي زمين مان جا ڪنهن جي ملڪيت نه آهي، جيڪڏهن ڪنهن مٽ اچي ۽ ان خزاني تي ڪا اسلامي نشاني هجي ته ان مال جي اصلي مالڪ جي تلاش ڪبي ۽ شرعي احڪام موجب ان جي تلاش لاءِ اشتهار جاري ڪبو. جيڪڏهن ان جو ڪو مالڪ ملبو نه اهو مال ان کي موڪلائي ڏبو. ۽ جيڪڏهن مالڪ مري ويو هجي ۽ ان جا ورث هجن ته ان کي پهچي ڪنب آڻڻ جي اجازت آهي. غني ۽ لاءِ مستحب آهي ته خيرات ڪري ڇڏي.

پر جي اهڙي مال تي ڪافر جي نشاني آهي ته ان مان پنجون حصو اسلامي حڪومت کڻڻ جو باقي چار حصا لينڌڙ کي ملندا.

جيڪڏهن اهڙو مال ڪنهن ذاتي ملڪيت مان لڌو ۽ اها ملڪيت ڪنهن ماڻهو جي حد ۾ اندر هوندي ته پنجون حصو اسلامي حڪومت کڻڻ جو باقي چار حصا مالڪ ملڪيت کي ملندا، جي اهو پاڻ موجود نه هجي ته ان جي وارثن کي ڏنا ويندا. ۽ جي وارثن جي عدم موجودگي ۾ جنهن شخص جي ملڪيت مان اهو مال لڌو هوندو ان کي ملندا. ۽ جي مالڪ ملڪيت صاحب خطه ۽ زمين جو مالڪ پڻ مسلمان هوندا.

جو مسلمان دارالحرب مان ڪنهن اهڙي هنڌ ان ڪهي ليي جو هنڌ ڪنهن جي به ملڪيت نه آهي ته پاڻ ان ملڪيت جو جائز طرح مالڪ آهي. پر جي ان هنڌ جو ٻيو ڪو ڏعوي هوندو ته لڌل مال ان ڏعوي ۽ کي ڏيڻو پوندس.

اسلامي ملڪ ۾ ڪنهن حربي ۽ کي معدني پيداوار ڪڍڻ جو حق حڪومت جي اجازت کان سواءِ نه آهي. اسلامي حڪومت ڪنهن حربي ۽ سان معدني پيداوار لاءِ ڪهڙن به شرطن تي معاهدو ڪري سگهي ٿي.

باب چوون: هيءُ باب ۾ زرعي پيداوار جي زڪواة ۽ خراج جا مسئلا بيان ڪيل آهن. زرعي زمين

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 253

به قسم آهي. عشري ۽ خراجي. جنهن ملڪ جا رهاڪو جنگ يا بنا جنگ اسلام جي غلبي هيٺ پوءِ مسلمان ٿين يا اتي جي زمين غلبه راءِ سان لشڪر ۾ ورهائي ڏجي ته ان زمين کي عشري زمين چئبو آهي. پر اها زمين جا اسلام جي غلبي هيٺ پوءِ ۽ غير مسلمان وٽ ئي رهڻ ڏني ڏجي يا ان ملڪ جي زمين جنهن ملڪ سان صلح آهي، خراجي زمين سڏجي ٿي. غير آباد زمين کي جيڪڏهن ڪنهن آباد ڪيو ته ان زمين کي پيداوار زمين جهڙو حڪم لڳندو.

حضرت امام ابو حنيفه" جي راءِ موجب عشري زمين جيڪڏهن ڏهري يا بارائي پاڻي ٿي آباد ٿئي ٿي ته ان جي هر قسم جي پيداوار تي خواه ميوي وغيره جو ڏهون حصو حڪومت کي ڏيڻو پوندو. پر نه ڪاٿين يا گاهه وغيره جو جا هي اها پيداوار ٿوري هجي يا گهڻي. نصاب برابر هجي يا گهٽ يا هڪ سال تي ڏيڻو هجي يا نه.

جبل مان حاصل ڪيل مالي ۽ جو به عشري زمين جي پيداوار جهڙو حڪم آهي. پر صاحبين جي راءِ آهي ته ڏهون حصو زڪواة فقط اهڙي پيداوار تي لڳندي جا بارهن مهينا رهي سگهي ۽ خراب ٿي نه وڃي ۽ گهڻ گهڻ جي پيداوار لهي. هن راءِ سبب تڙڪاري ۽ قيم ڪاب زڪواة نه لڳندي.

جيڪڏهن زمين ڏهري يا بارائي پاڻي ۽ مينهن جي پاڻي ۽ سان آباد ڪئي وئي هوندي جنهن مان پاڻي ڏيڻ يا هٿن جي محنت سان حاصل ڪيو ويو هوندو ته پيداوار جو ڏيهون حصو زڪواة لڳندي.

خراج جو نرخ اسلامي حڪومت ملڪان هر زمين جي حالت سار و جريب جي پيداوار جو ٽيون يا چوٿون حصو مقرر ڪيو وندو آهي، ان کان زياده مقرر ڪرڻ مناسب نه آهي. اهڙي طرح مقرر ڪيل خراج پيداوار گهٽ لهڻ يا ڪنهن اوچتي آفت اچڻ يا ٻوڏ يا سوڪ سبب گهٽائي سگهجي ٿي. پر آبادي زياده ٿيڻ سبب وڌائي نه ٿي سگهجي. جيڪڏهن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 254

آباد گار خود ٹي بي تو جهي سبب آباد نه ڪئي هوندي ته خراج گهٽ نه ٿيندي.

عشري زمين جيڪڏهن مسلمان ڪان ذمي خريد ڪندو ته ان تي خراج ڏيڻي پوندي، پر جيڪڏهن ذمي ڪان مسلمان وٺندو ته ان تي عشر ڏيڻي پوندي.

مسلمان جيڪڏهن پنهن جي گهر ۾ باغ پوکي، ان تي عشري پاڻي ڏني ته زڪواة ۾ عشر ڏيندو. ۽ جيڪڏهن خراجي پاڻي ڏيندو ته خراج ادا ڪندو. پر ذمي جيڪڏهن پنهنجي جاءِ ۾ باغ پوکي ته ان تي خراج آهي چاهي پاڻي عشري هجي هڪ قدرتي وهندڙ پاڻي ۽ بارائي پاڻي عشري پاڻي آهي. پر جو من ۽ چشمو ان محنت سان حاصل ڪيل پاڻي خراجي پاڻي آهي. ۱۷

باب ستون: هيءَ باب ۾ انهن مالن جو بيان آهي جن تي زڪواة ڏيڻ جائز آهي يا جن تي ڏيڻ جائز نه آهي.

جن مالن تي زڪواة ڏيڻ جائز آهي

۱. فقير يعني اهو شخص جيڪو نصاب جو مالڪ نه آهي.

۲. مسڪين يعني اهو شخص جنهن وٽ ڏيکڙي ڏينهن جي گذر جيترو خرچ يا ستر ڏيکڙ لاءِ ڪپڙو موجود نه آهي. تنهنڪري سوال ڪرڻ جو مستحق آهي.

۳. زڪواة وصول ڪرڻ لاءِ حڪومت طرفان مقرر ڪيل عامل.

۴. مڪاتب يعني اهڙو غلام جنهن تي سندس مالڪ ڪنهن رقم ميوڻ آزاد ڪرڻ جو معاهدو ڪيل ڏنو آهي ۽ جنهنتي ان رقم پوري ڪرڻ لاءِ پيسي جي مدد جي ضرورت آهي.

۵. مديون يعني اهڙو قرضدار جو قرض ادا ڪرڻ تان پوءِ نصاب جو مالڪ نه رهي.

۶. اسلامي لشڪر جا اهي سپاهي جي لشڪر تان ڌار رهجي ويا هجن ۽ پرديس ۾ هجن.

۷. مسافر جي پرديس ۾ آهن ۽ وٽن ملڪيت نه آهي چاهي پنهن جي وطن ۾ نصاب جو مالڪ هجن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 255

مٿين مائٽن مان سپني کي زڪواة ورهائي ڏيڻ ياکڻن هڪ کي سڀ ڏيئي ڇڏڻ جائز آهي. ۱۸

جن مائٽن ۽ ادارن کي زڪواة ڏيڻ جائز نه آهي.

۱. غير مسلم، جيتوڻيڪ انهن کي نفلي خيرات ڏيئي سگهجي ٿي.

۲. مسجد جو خرچ، ميت جو ڪفن يا قرض.

۳. غلام خريد ڪري آزاد ڪرڻ جي نيت سان به زڪواة خرچ نه ڪبي.

۴. ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي يا انهن کان مٿي يعني پڑ ڏاڏو وغيره.

۵. زال، مڙس ۽ اولاد.

۶. بني هاشم، يعني حضرت علي رضؓ، حضرت عباس رضؓ، حضرت جعفر رضؓ، حضرت عقيل رضؓ، حارث بن عبد المطلب ۽ انهن جو اولاد. (هن شرح مختصر ۽ طحطاوي عتاب وجب هئڻ بني هاشمين کي زڪواة ونڊڻ جائز آهي. ۱۹)

جيڪڏهن ڪنهن شخص، ڪنهني زڪواة جو مستحق سمجهي، زڪواة ڏني، پر پوءِ خبر پئي ته دراصل اهو زڪواة جو مستحق نه هو ته به ڏنل زڪواة ادا ٿي وئي. زڪواة هم ايترو ڏيڻ بهتر آهي، جنهن سان محتاج سوال کان ڇڏي، پر ايترو ڏيڻ جنهن سان محتاج کي صاحب نصاب ڪري ڇڏي مڪروهه آهي. زڪواة پنهنجي رهائش واري هنڌ تي ورهائڻ بهتر آهي، بئي هنڌ موڪلڻ مڪروهه آهي. پر جيڪڏهن ڪو زيادهه ضرورتمند ڪنهن بئي هنڌ آهي ته پوءِ ڪو حرج نه آهي. ۲۰

زڪواة جي حقداريءَ ۾ هيٺين شخصن کي درجي بدرجي ترجيح آهي.

۱. پائر پيٽون پوءِ انهن جو اولاد.

۲. چاچا، پڦيون ۽ انهن جو اولاد.

۳. ماسيون ۽ انهن جو اولاد.

۴. تنهن کان پوءِ بيا ڏورانهان رشتيدار ۽ پوءِ پاڙي وارا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 256

۵. هنرمند جي محتاج شي ڏيا هجن.

۶. تنهن کان پوءِ گوٺ جا پيا مائٿو. ۲۱

جيڪڏهن ڪو ظالم ڪنهن کان زبردستيءَ خراج، عشر، زڪواة يا صدقات وصول ڪري، نه ڏيڻ وقت جي ڏينڊ ڪاهڻ جي نيت ڪري ڏيئرتو انهن مان جيڪي به شيون واجب هوندو سوادا ٿي ويندو. زڪواة جي ڪنهن مستحق جي بجاءِ ان ٿي رهيل قرض ۾ جيڪڏهن زڪواة ڏني تو زڪواة نه پوندي، سواءِ هن جي ته ان مقروض جي اهڙي اجازت هجي. ۲۲ پر مقروض جو قرض ادا ٿي ويندو ۽ شيون کانپو تقاضا نه رهندي.

باب اٺون: اهڙن باب ۾ صدقه فطر جو بيان آهي. فطري واجب ٿيڻ لاءِ زڪواة وارا سمورا شرط آهن. پر انهن ۾ هارهن مهينن جو شرط ضروري نه آهي، ۽ نڪي نصاب ۾ واڌ جي صلاحيت جو شرط آهي. جنهن شخص تي فطرو واجب ٿئي تو سو پنهنجي ۽ پنهنجي ننڍن ڀارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به طرفان فطري ڏيڻ جو پابند نه آهي.

فطري ۾ ڪڻڪ يا ٻيا اناج جو ڪاڻ يا ماستو هڪ مائٿوءَ لاءِ اڌ ڪاسو ڏيڻو پوندو. جَوَ يا جوار يا ڪجور يا جون جا ستو هڪ مائٿوءَ لاءِ هڪ ڪاسو ڏيڻو. ۲۳ هن شين کان سواءِ ٻي ڪا به شئي فطري ۾ ڏيڻ جائز نه آهي. پر انهن جي قيمت ڪان خريد ڪيل ڪا ٻي شئي يا نقد فطري ۾ ڏيئي سگهجن ٿا. بلڪ مذڪورشين جي ڪان ڪان انهن جي ڪان قيمت ڏيڻ بهتر آهي.

فطرو عيد جي ڏينهن پره ڦٽڻ کان پوءِ واجب ٿئي تو. ان وقت کان اڳ وفات ڪري ويل مائٿو يا ان کان پوءِ جاڏل ٻار يا پوءِ مسلمان ٿيل ٻئي فطرو نه آهي. فطرو عيد نماز کان اڳ ادا ڪرڻ بهتر آهي پر سڄي عمر ۾ ڪڏهن به ڏيئي سگهجي ٿو. هڪ مائٿوءَ جو فطرو جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ فقيرن کي ڏيو نه جائز نه ٿيندو. پر هڪ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 257

حقير کي گهڻن مائٽن جو فطرو ڏيڻ جائز آهي. ۲۴ برهنمو محمد هاشم ڏيڻ موجب سڪاٿون جو فطرو گهڻن فقيهه ڏيڻ جائز آهي.

حصن الاموال جي پيچاڙي

جن لفظن تي حصن الاموال جي پچاڻي ٿئي تي انهن ۾ مؤلف جو نالو ۽ ڪتاب جي تاليف جو سال جاڻايل آهي. تفڪري ڏسو هيٺ لکيل ٽيون.

جڏهن اچي پورو ٽيو هي نسخو سندي واءُ - تڏهن لڳن هئي ذوالحج جي وقت اشراقا،
ڪاره سائه باهت هٿ ۽ رهيه گذريا - هجرت کي حبيب جي جو ختم الانبياء صلي الله عليه وسلم،
حصن الاموال هوري تفڪر جو نالو وڌاءِ - هڏانگ صحيح عجائبها ڏسو خطا،
پڙهي پروڙي تفڪر کي فاتح فقير ڏجا - آهي علي اڪبر کي تفڪر ۾ وڏي اميدا،
ويڌاسي ايمان سان ڪلمون جي پڙهندا - لا اله الا الله محمد رسول الله ۲۵

جن ڪتابن مان حصن الاموال ۾ حوالا ڏنا ويا آهن تن جا نالا

حصن الاموال زڪواة جي مسئلن تي هڪ مستند ڪتاب آهي. منجهس تمام گهڻا فقهي مسائل گڏ ٿيل آهن. جي مؤلف جي علميت جي شهادت ڏين ٿا. ڪتاب جي متن ۾ جيڪي ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن جي سڀ معتبر آهن. تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ لکيل ٿي. انهن ڪتابن جا نالا هيٺ لکجن ٿا.

۱. بحر ص ۳۱.
۲. شرح مختصر ص ۵۱.
۳. صحيح بخاري ص ۵.
۴. صحيح مسلم ص ۵.
۵. طحطاوي ص ۵۱.
۶. عمدة المرعيه ص ۲۴.
۷. فتاوىٰ عالمگيري ص ۳ ۽ ص ۵۳.
۸. فتح القدير ص ۳۰.
۹. كنز الدقائق ص ۳.
۱۰. مشڪواة ص ۴ ۽ ص ۵.
۱۱. هدايه ص ۳.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 258

حوالا ۽ تعليقات

۱. بزرگ علي اڪبر: تحفن الاموال ص ۵۹

مخدوم محمد هاشم جي عربي ڪتاب فوائد الاسلام جو هڪ سنڌي ترجمو بنام علي بن حافظ نالي ڪنهن بزرگ جو ڪيل آهي. وڌيڪ ڏسو هن مقالي جو ص ۲۱۴

۲. تحفن الاموال ص ۲۶، ص ۲۷، ص ۵۶ ۽ ص ۵۷. وڌيڪ ڏسو هن مقالي جو ص ۲۳۳

۳. بزرگ علي اڪبر: تحفن الاموال ص ۲ ۽ ص ۳

۴. ——— ايضاً ——— ص ۸

۵. ——— ايضاً ——— ص ۸

۶. ——— ايضاً ——— ص ۹، ص ۲۰ ۽ ص ۲۱

۷. ——— ايضاً ——— ص ۱۹ ۽ ص ۲۰

۸. ——— ايضاً ——— ص ۱۲ — ص ۲۸

۹. فاضل مصنف مثقال ۽ ڏم جي وزن ۽ قيمتن بابت نهايت تحقيقي ۽ مناسب حساب ڏيڻ جا ڪوشش ڪيا آهن جيڪي جاڻڻ وقت هنڌ ۽ سنڌ جي ٻن ڌرين شهرن سورت ۽ ٺٽي جي بازارن ۾ مروج هئي. هي ٻئي ظاهر ڪيو ويا آهن ته ٺٽي ۽ سورت جي اوزانن ۾ ان وقت معمولي فرق موجود هو. (تحفن الاموال ص ۱۲)

ٺٽي سان گڏ سورت جو ذڪر آيل آهي جنهن مان ظاهر آهي ته سنڌ جو واپار ان وقت سورت سان ۽ سورت جي معرفت باهرين دنيا سان هلندڙ هو. سورت ان وقت هڪ وڏو ڪاروباري مرڪز ۽ بندرگاهه هو ۽ انگريزن اوائل ۾ ٺٽي ۾ پنهنجون واپاري ڪوٺيون قائم ڪيون هيون. (Ishwari Prasad: A New History of India p: 283)

مؤلف جي ڏنل بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن علامتي ۾ سون ۽ چاندي جا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 259

اوزان ان وقت به سائبيا ٻئي هئا جي ۱۹۷۷ع ۾ تائين پاڪستان ۾ رائج هئا. مثلاً:
رتي، بابت فرمائي ٿو ته:

'رتي ڳاڙهي هوء سا آهي چيٽوٽي جا، (حسن الاحوال ص ۲۴)

اهائي رتي اڄ به پاڪستان ۾ سون بازارن ۾ رتي ۽ جي نورم استعمال ٿيندڙ آهي. 'ماسي' بابت چوي ٿو:

'ماسي ۾ اٺ رتيون آهن موجب حسابا، (حسن الاحوال ص ۲۴)

هن وقت به 'ماسي' هي ٻئي سائبي ۾ اٺ رتيون آهن. 'تولي' جي نورهم طرح بڌائي ٿو:

'تولي جي نورم سي ٻارهن ٽنا ماسا'. (حسن الاحوال ص ۲۵)

هن مان معلوم ٿئي ٿو رتي، 'ماسو' ۽ 'تولو' ان وقت به سائبيا هانوڪي زماني جي نورجزا رواج ۾ هئا. جيتوڻيڪ انهن سان گڏ 'قيراط' 'درم' ۽ 'مثقال' به استعمال ٿيندا هئا. حسن الاحوال ۾ درم جي نور هن وقت جي وزن ۾ مختلف طريقن سان سمجهائي ويئي آهي. برهمڻين سٽن ۾ درم جي نور جو موجوده وزن جئين طرح بڌايل آهي.

پنجين پائي ۾ رتي جي تعين جون ٿا،
هاڻي قدر درم جو پروڙ لو پا ٿا،
ٻي ماسا هڪ رتي ۽ خمس تنهن مثان،
اي پنجويهه رتيون خمس اڳرئون ٻيون حسابا. (حسن الاحوال ص ۲۴)

هن حساب موجب به سو درمن جون پنج هزار چاليهه رتيون ٻيون جن جا سڌا پارهاڻ تولا ٿين ٿا. ورئي مثقال جو وزن هن لفظن ۾ جاڻايل آهي.

چئنه رتيون مثقال ۾ آهن وزن جي ياران،
۽ ماسا حساب مثقال ۾ سڌا چار هئا، (حسن الاحوال ص ۲۵)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 260

هن حساب موجب ويهن مثقالن جي تورسايا ست تولا ٿي. سون ۾ چانديءَ
۾ زڪواة لاءِ اهوئي نصاب دور حاضر ۾ پاڪ ۽ هند جي معتبر فقه جي ڪتابن ۾ ملي ٿو
(مولانا اشرف علي ٿانوي: بهشتي زيور ص ۱۶۴). پر هن وقت پاڪستان ۾ رڻين، ناڻن ۽
نوٽن جو پرائو سرشتو ختم ڪيو ويو آهي ۽ سون ۽ چانديءَ يا بين شين جي تولاءِ
هاڻي گرام رائج آهن. جنهنڪري مشاري نظام ڇيو وڃي ٿو. هن نظام موجب
سون ۾ زڪواة جو نصاب ۸۷٫۴۸ گرام ٿئي ٿو. (ناپ تول ۽ مشاري نظام: يونيا ئيٽيد پبليڪيشنز ص ۸)

۱۰. بزرگ علي اڪبر: حسن الاموال ص ۲۲ — ص ۳۰

۱۱. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۳۰، ص ۳۱

عاشر جي لفظي معنا آهي ڏهين زرعي زمين جي ڏل وصول ڪندڙ،
پنهنجي عاشر جي فرائض ۾ فقط ڏل وصول ڪرڻ ئي شامل هو. پر معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت
عاشر جي فرمن ۾ سڀ سرڪاري واجبات وصول ڪرڻ ۽ ان امان قائم ڪرڻ شامل هو. اهوئي
سبب آ جو انگريزن جي حڪومت برصغير جي ڏهين حصن تي عليحدگيءَ ڏل وصول ڪندڙ ۽ بدسرڪت شعبن ۾ پيو وهنجي هو

۱۲. بزرگ علي اڪبر: حسن الاموال ص ۳۱ — ص ۳۴

۱۳. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۳۴

۱۴. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۳۵

۱۵. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۳۵ — ص ۴۰

۱۶. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۴۰

۱۷. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۴۰ — ص ۴۸

۱۸. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۴۸ — ص ۵۰

۱۹. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۵۰، ص ۵۱

۲۰. ـــــــ الينا ـــــــ ص ۵۱، ص ۵۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 261

٢١. بزرگ علي اكبر: جمع الاموال ص ٥٢، ص ٥٣

٢٢. _____ الهنا _____ ص ٥٣ – ص ٥٤

٢٣. _____ الهنا _____ ص ٥٤، ص ٥٥

٢٤. _____ الهنا _____ ص ٥٥ – ص ٦٥ مزيد تسومن ص ٢٠٢

٢٥. _____ الهنا _____ مثالي مع ص ٥٩

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 262

رسالو ميت جي وقت وارڙ جو

مؤلف: مولوي عبدالرزاق"

تاريخ تاليف: ذي القعدہ ۱۱۶۷ھ/ آگسٽ ۱۷۵۴ع

"ميت جو وقت وارڙ" هڪ اصطلاح آهي، جو ڪن سنڌي فقيهن فقهي اصطلاح 'اسقاط' جي مطلب کي سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ وضع ڪيو آهي. 'اسقاط' جو مطلب آهي ڪن شرعي ذميدارين جي ادائگيءَ ۾ رهجي ويل کوٽائين جو ڪنهن جيلي سان پورائو ڪرڻ. رسالي 'ميت جو وقت وارڙ' ۾ هن قسم جي هڪ حيلي ڪرڻ جو طريقو سيکاريلو ويو آهي.

رسالي جو مؤلف ۽ تاليف جي تاريخ

رسالي 'ميت جو وقت وارڙ' ۾ مؤلف ميت جي نمازن ۽ روزن وغيره جو فديو ڪڍڻ وقت پنهنجو ٻالهه ڪتاب جي مکڙي ۾ تاريخ هنن لفظن ۾ ڄاڻايا آهن:

عاصي عبدالرزاق کي ايئ آئي سنجهه پرو جا ،
ڪيم تحقيق تنهنجو توري ڏکن ساڻ ،
ويهين ماهه ذي القعده جي ڏهين سالا ،
اڪاوهين سڏن شي شيا ڪنا هجرت حبيبا[2] .

پر اهو معلوم نٿي سگهيو آهي ته هي بزرگ عبدالرزاق ڪير هو. وقت وارڙ جي فديي معين ڪرڻ لاءِ مؤلف جا تحقيق ڪئي آهي ان ۾ ڏکن، ڏوتاڻين، پاڻين ۽ خارن جو ذڪر ڪيو آهي. ساڻ ۾ شهداد پوري، روپاهي (روپاه جي) ۽ سانڌڻ (سانڌ جي) ماڻ جا الورتا آهن جو باهمي تفاوت ظاهر ڪيو آهي. جنهن مان گمان پيدا ٿئي ٿو ته مؤلف شهداد پور يا ان جي آس پاس ڪنهن ٻٽي هنڌ جو رهندڙ هو.[3]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 263

وقت وارڙ جو ملريقو

پهرين ميت جي عمر مان بلوغت ڪان اڳ واري عمر ۾ ڪٽيو ويل نماز ۽ روزن جو فديو ڪڍڻ ۽ ڪٽيو. بالغ ٻچيل عرصي لاءِ نمازن ۽ روزن جو فديو ڪڍڻ جو مڪمل تحقيق موجب ويهن ورهين لاءِ ٻه هزار اٺ ڪاساءِ ست سو ٻيا شهداد پوري ماڻ يم آهي. من حساب سان ميت جي بلوغت واري عمر جي روزن ۽ نمازن جي فديي جو حساب لڳائيو. بلوغت ڪان اڳ واري عمر مؤلف جي تحقيق موجب مرد لاءِ بارهن ورهيه ۽ عورت لاءِ نو ورهيه آهي. مذڪور ملريقي موجب فديي جي حساب لڳائڻ ڪان پوءِ ان يم نذر معين جي ڪفارت لاءِ هڪ هزار ۽ نذر غير معين جي ڪفارة لاءِ به هڪ هزار وڌائيو. انهن ڪاسواءِ باقي سيني ڪفارتن لاءِ به هڪ هزار وڌائيو. ڪٽڻ جي من جملي مقدار جي قيمت رائج الوقت اڳم سان مقرر ڪجي. ان ڪان پوءِ مدعي وصول ڪرڻ جي مستحق شخص جي تعداد تي هڪ دائري جي شڪل ۾ ويهاريجي. انهن مان هڪ به نڪي مناسب لڳاب هجي ۽ نڪي مٿس اعتبي يا خطرو لاڳو هجي.

ميت جو وارث به ان دائري يم ويهي. دائري يم اهول يا فروع هڪ ٻئي جي پرسان وهارڻ ۽ گهرجن. انهن ڪان پوءِ ميت جي ترڪي مان ڪا هڪ شئي يا هڪ ڪان وڌيڪ شيون آڇڻ ۽ انهن جي قيمت به بازار جي اڳم سان ڪڍجي. انهن ڪان پوءِ اهو سامان دائري يم ويڙل ميت جو وارث پرسان ويڙل ٻئي شخص کي ڏيڻ گهري ۽ هي لفظ چوي، "فلاڻو يا فلاڻي پٽ يا ڌي، فلاڻي جي تنهن ڪان جيڪي فرض، واجب، شرعي نمازن، روزا، نذر معين يا غير معين، اعتيون خطرا، سجدا تلاوت جا، ڪفارة قسم جي يا ڪي بيا فرض واجب وغيره ادا نه ٿيا. تن سيني جي بدران هي سامان هيتري قيمت جو توکي صدقو ڏيانتو". وٺندڙ وٺڻ وقت چوي ته "تون اهو قبول ڪيو". اهڙي طرح اهو سامان ان حلقي ۾ ايڙادعا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 264

گھايو ڏيڻ جيترن ڏنڻ سان فديي جي سموري رقم ادائي ڏيڻ. مدتي ڪرڻ وقت جي لفظ شي لکيا ويا آهن، انهن کي اختصار سان ادا ڪرڻ ۷ء جيڪڏهن فقط فرض ۽ واجب ڇٽيو نه به حق ادائي ٿيندو.

جيڪڏهن فديي جي عيوض ميت جي ملڪيت مان قرآن پاڪ جو نسخو ڏيو نه ان جو هديو به بازار جي رواج موجب مقرر ڪيو ۽ ورثاء کان بخشيو جيترن ڏنڻ سان فديي جي ڪل رقم ادائي ڏيڻ. پر نه هڪڙي فني سان سموري رقم عيوض. فديي ادا ڪرڻ جي توفيق وارن ۷ء فديو ڏيڻ ضروري آهي.

شرعي فرض ۽ واجبن جي ڪفارڙ جي فديي کان يا انهن جي ادائگيءَ کان بچڻ لاءِ حيلي ڪرڻ جي حيثيت شرعي

رسالي ميت جو وقت وارن ڀي مؤلف جي راءِ موجب شرعي فرض ۽ واجبن جي فديي ادا ڪرڻ بدران شين حيلي سان ادائگيءَ کان بچي سگهجي ٿو ۽ اهڙو حيلو ڪرڻ شريعت موجب جائز آهي ۱ء الله تعالىٰ جي رحم ڪرم جي اميد آهي ته ان حيلي ڪرڻ سبب فرض ۽ واجبن جي ڪل ڪوتاهين جوابدارين الوقتي سڪنديون ۲ء سندس جا اڪثر فقيه هن راءِ جي تائيد ڪندڙ آهن ۳ء سندس ڪتابن جي ڪرن ٿي اهڙن حيلن جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن جو بيان هن مٿانئين جاءِ جگهه موجود آهي. ۴ء حضرت مخدوم محمد هاشم ۵ء به ميت جي وقت وارن ۷ء حيلي ڪرڻ متعلق هڪ رسالو لکيو آهي. جنهن ۾ اهڙي حيلي ڪرڻ کي درست قرار ڏنو آهي. ان رسالي جو نالو "فتح الڪلام في كيفيت اسقاط الصلوٰة والصيام" آهي. ۸ء پر هي سندس فقيه حيلي ڪرڻ جي سخت برخلاف آهن جهڙوڪ، مخدوم عبدالله نليوي ۽ مولوي هدايت الله متعلوي ۹ء.

۱۰ء مولانا ابوالڪلام آزاد پڻ حيلي ڪرڻ کي غلط ۽ غير اسلامي طريقو سڏيو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 265

حوالا ۽ تعليقات

۱. شريعت سڳوريءَ جي اجازت آهي تہ ڪن خصوصي حالتن سبب جيڪڏهن روزا رکي نہ سگهجن تہ ان جي عيوض فديو ادا ڪجي. پر جيڪڏهن اهي حالتون قائم نہ هجن ۽ ڪلف پنهنجي اصلي حالت تي موٽي اچي ۽ روزن رکڻ تي قادر ٿئي نہ فوت ٿيل روزا وري رکڻ مٿس لازم آهن. هن مسئلي ۾ فديي ڏيڻ جي اجازت آهي ان جي پويٺ نظر ڪن عالمن هيٺ راءِ قائم ڪئي تہ جيڪڏهن هو ڪلف ڪن شرعي ڏيدارين جي ادائگيءَ ۾ سواءِ گذاري ويو ۽ هاٿي ان لاءِ ناممڪن آهي تہ انهن ڏيدارين تي عمل سان ادا ڪري سگهي تڏهن اميد ڪجي ٿي تہ سندس ترڪي مان انهن ڪوتاهين جي عوض مالي فديو ڏيڻ سان سندس لغزشون بخشي ويندليون. پر جيئن تہ اڪثر ماڻهو لاپرواهه رهندا آهن ۽ انهن لاءِ هي اندازو ڪرڻ مشڪل هوندو آهي تہ سندن ذمي ڪيترا فرض واجب الادا آهن تنهنڪري بلوغت کان پوءِ وفات تائين واري سموري عرصي جو فديو ڏيڻ مناسب آهي. پر اڃا به فديو ادا ڪرڻ لاءِ ممڪن نہ هوندو آهي. تنهنڪري ڪن عالمن اسقاط جو هي طريقو ايجاد ڪيو جنهن تي سندن ۽ ميت جا وقت وارث چيو ويو آهي. يعني مرحوم ۽ واجب عملن جي ادائيگيءَ جا ويل وقت جيڪي سندن ناڪي سو ناڪي ڏينهن. [illegible] ڏسو من مقالي جوص ۲۷۱

۲. ولوي عبدالرزاق: ميت جو وقت وارث ص ۸۴

۳. ——— ايضاً ——— ص ۸۴

شهداد پور تنهنجو پير شهداد خان، ميان يار محمد ڪلهوڑي جي حڪومت جي دور ۾ بڌايو هو (شمس العلماء مرزا خليچ بيگ: قديم سنڌ ص ۳۵۸) ميان يار محمد ڪلهوڑي جو دور ۱۱۱۱ھ/۱۷۰۰ع کان ۱۱۳۱ھ/۱۷۱۸ع تائين رهيو. (خدادا خان: لب تاريخ سنڌ ص ۱۲۰) روپاهه هڪ قديم هندو رياست هئي، جنهن جي گادي جوهند "نانگ" هو. عربن جي دور ۾ هي هندو راجا راڻو سنڌ جو ولد ڏاچ ڪوريجو سمون حڪومت ڪندو هو. (رحيمداد خان مولائي شيدائي:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 266

جنت السند ص ۲۵۲) معنی آهي ته اهاپاست روپاه يا ان نالي جو ويو پر الوٽ شهر شهداد پور جي آسپاس
مولانا عبدالرزاق جي دور ۾ موجود هجي يا وري مذکور هندو رياست جو کو ٻيل شهر
ان دور ۾ روپاه جي نالي سان سڏبو هجي. شهر سان ڳالهه ڪجهه جڏهن ته توسڳهجي
ٿي هجي به ان وقت سان ڳنڍجي علائقي جو کو شهر هو. پر ياد رهي ته الله ڏني سان نالي
ريلوي اسٽيشن شهداد پور کان ڏهڻ پري ناهي.

۴. هن ڪري ته اصول يعني پيءُ، ڏاڏي وغيره لاءِ، فروع يعني پٽ، پوٽي وغيره ڪي مذڪر
ڏيڻ جائز نه آهي. ۽ ساڳي طرح فروع لاءِ اصول ڪي ڏيڻ به جائز نه آهي.

۵. مولانا عبدالرزاق ؒ: ميت جو وقت وارث — ص ۸۴ تا آخر ڪتاب ميراث ۽ سوڻ مقالي جو ص ۲۷۱ ص ۲۴۴ ۽ ص ۲۴۵

۶. ——— ايضاً ——— ص ۷۶

۷. ڏسو هن مقالي جو ... ۳۲۲ ص ۳۳۲، ص ۴۳۱، ص ۵۵ ص ۶۲۲، ص ۶۲۷ و ۶۲۸ ص ۶۴۴، ص ۶۴۵ س ۶۴۴ س ۷۲۷، ۷۴۱ ۽ ص ۲۴۵

۸. مخدوم امير احمد ؒ: مقدمه بذل القوة — ص ۲۵ ۽ ص ۲۶

۹. ڏسو هن مقالي جو — ص ۳۲۴، ص ۳۳۲ ۽ ۶۲۱ ۽ ۶۲۲

۱۰. مولانا ابوالڪلام آزاد: تذڪره — ص ۷۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 267

حيات العاشقين

مؤلف: مخدوم عبدالرحمان ابن مخدوم محمد هاشم ٹٹوي

تاريخ تاليف: ۱۱۶۸ھ / ۱۷۵۵ع .

مخدوم عبدالرحمان ٹٹوي والد صاحب مخدوم محمد هاشم جي پارسي ۽ عربي
کتابن مان مسئلا کيدي مناسڪ حج ۽ عمري متعلق هڪ ڪتاب سنه ۱۱۶۸ھ/۱۷۵۵ع
۾ ترتيب ڏنو، جنهن جو نالو "حيات العاشقين" رکيائين. هن ڪتاب ۾ حج ۽ عمري
متعلق اسلامي احڪام، حرمين شريفين جي حرمن پاڪ جي مقدس ماڳن جي اهميت،
سائٽ مسلڪ تاريخي روايتون ۽ حج جي راهه جي بي سموري معلومات فراهم ڪيل آهي.

مؤلف: مؤلف مخدوم عبدالرحمان جي سوانح حيات متعلق ڪي به تفصيلات سير
تي نه سگهيا آهن، سواءِ ان نوري ذڪر جي جو تحفة الڪرام ۾ موجود آهي ته پاڻ مخدوم
محمد هاشم جو وڏو فرزند هو ۽ ديني خدمتن جي سلسلي ۾ جهونا ڳڙهه ويل هوءِ
اتي ئي انتقال ڪيو هئائين. سندس ٻين ڪي تصنيفات هيون يا نه، تن بابت به
ڪو احوال ميسر تي نه سگهيو آهي.

حيات العاشقين جي تاليف جو مقصد حيات العاشقين جي تاليف جي مقصد بابت جيئن مؤلف
ڪتاب ۾ لکيو آهي اهي الفاظ هيٺ نقل ڪجن ٿا،
جن مان هن سلسلي ۾ ڪافي وضاحت ٿيندي.

هاڻي سڀ مومنن ڏيٺي هيجا ۔ ته آهن سڪل مسئلا دين جا لازمن مومنن تي فرض ٿا،
تن سڀان مسئلا حج جا سٽي ياد ڪجا ۔ سي ويڙي ڪيم سنڌي ۾ هيدي فارسي عربيا،
ته مان ٻين سي سکا سڪل مومنن کا ۔ ڪيم تفصيل تن جو سکائي جي سببا،
عربي ۽ فارسي آهي اهڪي ابو جهن کا ۔ سنڌي هيم سکي ڪري هيدي تن لاءِ ۔

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 268

حيات العاشقين جي تاليف جو سال

مؤلف کتاب متعلق وضاحت ڪندي، ڪتاب جي مواد ۽ سندس تاليف جي سال بابت جيڪي لفظ لکيا آهن، سي هي آهن :

هاڻي هي رسالو مون جوڙيو ڪيو سنڌي ٻوليءَ ۾ ـ ڪيان رسالن فارسيءَ جنهن مسائل ڇ سندا ،
سي آهن تصنيف منهنجي والد جي محمد هاشم جنهنو مان ۽ ـ جو استاد مرشد منهنجو ۽ زيادهه منهنجو علما ،
ڪتاب حيات العاشقين رکيم تنهين جي نالي ۽ ـ تاريخ نڪتي عام شيءِ مڙن سو مننڌا ،
جهڙي هي رسالو تمام ٿيو اچي من ماڳ ـ نهر اڪاويهه ساڻ ۽ اٺهٽيون هوور هيه هجرتا ۽ ۴

حيات العاشقين جي ترتيب ۽ ستا

حيات العاشقين به ٿنئي جي بين قديم سنڌي ڪتابن وانگر ٻيئي ۾ طبع ٿيو هو. جنهنجا هڪ کان زيادهه نسخا شمس العلماء ڊاڪٽر داؤد پوٽو موبائي لئبريري حيدرآباد ۾ موجود آهن. حيات العاشقين مطبع فتح الڪريمي ۱۳۰۷ھ/۱۸۹۰ع ۾ ڇپجي

جيتوڻيڪ حيات العاشقين به پنهنجي دور جي بين ڪتابن وانگر منظوم سنڌي ۾ تڪميل آهي پر هن نظم کي بي ترتيب برڪهي نظم ۾ بجاءِ ڪتابي ترتيب موجب سڌي، باب ۽ فصلن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. ابتدا ۾ حج جي فضائل متعلق احاديث نبوي ڏيکارڻ ويڙهن آهن جنهن کان پوءِ ڪتاب جو مقدمو حج جي عام فقهي احڪامن بابت آهي، جنهن کي مختلف فصلن ۾ ورهايو ويو آهي. ان کان پوءِ ڪتاب جو اصل مواد پنجن باب ۾ ڏيکاريو ويو آهي جي هي آهن : ۱. حج جا مسئلا ۲. عمري جا مسئلا ۳. حج متعلق متفرق مسئلا ۴. حضور صلي الله عليه وسلم جي زيارت متعلق موجود مسئلا ۵. حضور صلي الله عليه وسلم جي روضي متعلق متفرق مسئلا .

هي پنهنجي باب وري مناسب فصلن ۾ ورهايل آهن جن ۾ ڪٿي ڪٿي مفيد معلومات هيڪاندي ۽ ڪٿي ڪٿي موجود ڪري ڏني ويئي آهي. ان جو مڪمل احاطو ڪرڻ هت ڏيکاريو آهي تنهنڪري اختصار کان ڪم وٺي ڪجهه مواد بطور تعارف جي ڏيکاري ٿو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 269

حج جي فضائل بابت حديثون

حياة العاشقين ۾ جيڪي حديثون حج جي فضائل متعلق آيل آهن سي ٿورن لفظن ۾ هيٺ لکجن ٿيون.

۱. حضرت ابوهريرهؓ کان روايت ڪيل هڪ متفق عليه حديث ته "رفث ۽ فسوق کان سواءِ حج ڪرڻ واري ائين آهي جيئن ماءُ پيٽان جاول ٻار.

۲. سائٽي راويءَ کان روايت ڪيل سنن نسائي جي حديث ته مغيرن، منهنجي ۽ عورتن جو جهاد حج آهي.[۵]

۳. سائٽي راويءَ کان روايت ڪيل سنن ابن ماجه جي حديث ته حاجين جي دعا مقبول آهي.[۶]

۴. سنن بيهقي جي حديث ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن حاجين جي دعا قبول ٿيڻ ۽ الله تعالىٰ کان پاڻ دعا گهرڻ جا هٿ ڪڍن.[۷]

۵. حضرت بيبي عائشه صديقهؓ کان روايت ڪيل سنن دارقطني جي حديث ته جيڪو حج ڪرڻ کان اڳ وات ئي وفات ڪري ويو ان کي بنا حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.[۸]

۶. شرح سير ڪبير جي روايت ۾ امڙي شخص لاءِ فرمايل هڪ حج مقبول لکايو ويندو.[۹]

۷. حضرت حسن بصريؒ جي روايت ۾ حج، عمري، جنگ في سبيل الله ۽ رمضان شريف جي پنهنجان گذاري ويندڙ شهيد آهي.[۱۰]

حج جو ثواب ۽ حج نه ڪندڙ لاءِ وعيد

حج جي فضائل کي ڏسي مناسب آهي ته هرڪو حج ڪري پر جنهن تي حج فرض آهي اهو جي هن فرض کان غافل ٿيندو ته ڇهوڪندو. جنهن کي حج پڙهڻ کان ڪابه ڄاڻ مانع نه آهي ۽ حج مثل فرض ٻاهي سو جي حج کان سواءِ مري ويو ته ڀلي يهودي ۽ نصراني ٿي مئو. حج جي فرضيت کان انڪار ڪندڙ حضور صلي الله عليه وسلم جي شفاعت کان محروم آهي.[۱۰]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 270

جيتوڻيڪ نيڪون برائين کي محو ڪن ٿيون پر حج ڪا سواءِ ٻيون نيڪيون فقط معيف گناهه محو ڪن ٿيون پر حج ٻنهي کي محو ڪري ٿو. گهڻن عالمن انهي روايت کي ترجيح ڏني آهي پر ڪن جو ان سان اختلاف به آهي. سندن راءِ آهي ته حج سبب حقوق الله نه بخشن ٿين تا پر حقوق العباد بخشن نه ٿا ٿين، جيسين انهن کي ادا نه ڪري يا انهن ماڻهن کان جن جا حق پگا اٿس نه بخشائي. ۱۱

حقوق العباد متعلق مؤلف جي راءِ مؤلف مخدوم عبدالرحمان[۲] خود به هن پوئين راءِ سان متفق آهي. پاڻ فرمايو اٿس ته:

بجواءِ ڏيڻي تنهي اي غافل اسارا — پاسو ڪري گهرجي عذابن جي حقنا ،
ڏن بخشائج تنهکي عذابن ني مخلوقنا — ته چئين ڏيڻ قيام جي عذابون حسابا ،
ٻڌ رهين پنامه عذابن جي جيلا . ۱۲

حيات العاشقين جو مقدمو حج اسلام جو پنجون رڪن آهي جو قرآن مجيد، حديث شريف ۽ اجماع مطابق هر دڪوءِ عورت تي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو فرض آهي. بشرطيڪ حج جو ادا ڪندڙ جي حالت ۾ هن منهنت جا سڀ شرط موجود هجن. حج جي فرضيت کان انڪار ڪندڙ ڪافر آهن. زندگيءَ ۾ هڪ دفعي کان زياده دفعا حج ڪرڻ مستحب آهي.

حج ڪرڻ جو نذر باسيل هوندو ته اهو حج ڪرڻ به فرض آهي. حج جا شرط پورا نه هوندا نه به نيت ڪري احرام بڌڻ کان پوءِ ان حج کي مڪمل ڪرڻ فرض آهي. ۱۳

حج جا شرط: حج ڪندڙ مسلمان، بالغ، عاقل، آجو، قدرت رکندڙ ۽ نذرت هجي. حج جو وقت هجي ۽ رات جو امن هجي. ۱۴

قدرت جي معنيٰ: قدرت جي دائري ۾ اچڻ وارو جو خرچ، سواري اچڻ تائين عيال جي نفعي جو خرچ ۽ سواري جو انتظام شامل آهن. ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 271

عورتن لاءِ خاص شرط عورتن لاءِ محرم جو گڏ هُڻ شرط آهي. محرم سڱ سبب يا رضاعت سبب محرم هُڻ گهرجي. مڪي شريف کان ٽن ميل يا ان کان گهٽ ويندڙ عورتن لاءِ محرم شرط نه آهي. محرم جو نفقو عورت تي لازم آهي. مٿين شرطن مان کو هڪ به موجود نه هوندو ته حج فرض نه ٿيندو. ۱۶

حج جا ٻيا مانع: جيئن سبب شرعي طرح حج جا جائز مانع تسليم ڪيل آهن سي هي آهن.

۱. کوپڙو ضروري ڪم ۲. حاڪر ظالم جو اجازت نه ڏيڻ ۳. ڪاسخت بيماري. ۱۷

مقدمي ۾ مٿين ابتدائي بنيادي مسائل ويندا ٿڻ کان پوءِ مقصودهين حصن ۾ تقسيم ڪيل آهي.

فصل پهريون نيت حاجيءَ کي حج لاءِ نيت خالص ڪرڻ گهرجي ريا، ناموس ۽ اکاڻ، نفسانيت ۽ دنيا جي نفعي کان پاڪ هجي. جيئن عورت ۽ مرد ان جي سڀ عبادت معصيت ۽ بيڪاري. ۱۸

فصل ٻيو توبه حج کان اڳ توبه ڪرڻ گهرجي جنهن جا هي شرط آهن.

۱. اڳين گناهن کان توبه ڪجي ۲. حال ۽ مستقبل ۾ گناهن کان روڪجي ۳. آئندہ لاءِ مرڻ گهرجي گناهه نه ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ گهرجي.

توبه جا هي شرط فقط انهن گناهن لاءِ آهن جنجو تدارڪ نه ٿي سگهي. پر جن جو تدارڪ ٿي سگهي ٿو انهن جي توبه لاءِ مٿين شرطن سان گڏ تدارڪ ڪرڻ به شرط آهي. مثلاً: وڃايل نمازون قضا ڪرڻ ۽ غفلت لاءِ مٿين شرطن موجب توبه ڪرڻ. ساڳيو حڪم حقوق العباد لاءِ به آهي. ۱۹

توبه ڪندڙ لاءِ بهتر آهي ته مال قربان ڪري ۽ نماز توبه پڙهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 272

فصل ٹيون
حرام جو توشو

حج جي قصد ڪرڻ واري تي واجب آهي ته پاڻ سان ڪافي مقدار ۾ حرام جو توشو ڪٽي نه پهنجي اهل عيال، ماءُ پيءُ ۽ ٻين عزيزن کي جي مٿس آڌار هجن، ڏيڻي اچڻ تائين مناسب نفقي جو انتظام ڪري.

حج لاءِ حلال مال خرچ ڪرڻ

حج جي راهه جو سمورو توشو ۽ اهل عيال کي ڪفالت لاءِ ڏنل نفقو سمورو حلال مال مان هجڻ گهرجي. اهو خرچ جيڪڏهن حرام مال مان ڪيو ويندو ته حج قبول نه ٿيندو. حرام مال مان خرچ ڪندڙ تان فرض ادا ٿي ويندو پر حج مقبول نه ٿيندو، تنهنڪري جنهن مال ۾ حرام جو شبهو به هجي ان کان پاسو ڪجي. ۲۰

فصل ڇوٽون
ضرورتي سامان

حج تي وڃڻ واري لاءِ ضروري آهي ته اهڙو سمورو سامان پاڻ سان ڪٽي، جنهن جي سفر ۾ ضرورت پوڻي سگهي ٿي. جهڙو پٺسابه نه راهه ۾ ڪٽي پر اسراف نه ڪري. ڪاڏو نه ڏيئ ڪري ڪائي ۽ نه ئي اڻ لذت ۽ تنوع جو اهتمام ڪري. ڪيڙن پاڻ ۾ سادگي اختيار ڪري، جاڪاڻ ته خشوع ۽ خضوع ان ۾ ئي آهي. ۲۱

Gul Hayat Institute

فصل پنجون حج جي مسائل جو علم

حج جي حامد کي گهرجي ته حج جا سڀ مسائل جهڙوڪ فرض، واجب، سنتون، مستحب وغيره سکي ۽ حج جي مسائل ۾ جو جامع ڪتاب حج جي سفر ۾ پاڻ سان گڏ ڪٽي. ۲۲

فصل ڇهون ماءُ پيءُ ۽ استاد جي اجازت

ماءُ پيءُ، استاد ۽ عورت ڪان حج تي وڃڻ کان اڳ اجازت وٺڻ جڳي آهي. جنهن شخص جا ماءُ پيءُ جيئرا نه هجن ته ڏاڏي ۽ نانيءَ کان اجازت وٺي. ۲۳

۲۱

فصل ستون قرض ۽ امانت جي ادائگي

حج تي وڃڻ جي ارادي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پنهنجا سڀ قرض

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 273

حج تي وڃڻ سمان آڳ واپس ڪري ۽ وٺي پيل پين جون امانتون پڻ اصل ڌڻيءَ کي سپرد ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ڪنهن اهڙي مهرست نه هجي ته هي سڀ ڪم ڪرڻ وڪيل جي حوالي ڪري ويو. مائٽن سمان حق بخشائي ۽ وارثن کي وصيت ڪري ويو نه ته حج جي سفر ۾ ڪٽي سندس انتقال تي ويو نه سندس مٿي ڪا ٻوجھ مٿس رهيل مائٽن جا حق حقوق ادا ڪيا وڃن. مٿس رهيل روزن ۽ نمازن جا فديا يا پاڻ ادا ڪري يا ان لاءِ به وارثن کي وصيت ڪري ويو.[۲۴]

فصل اٺون: حج تي وڃڻ سمان آڳ مشورو ڪرڻ

حج تي وڃڻ سمان آڳ صالحن ۽ عالمن سان صلاح مصلحت ڪرڻ ضروري آهي، ان صلاح مصلحت جو موضوع حج سان لاڳاپو رکندڙ ٻيا امر هجن ٿا ڪين ۽ نه خود حج. يعني هي مشورو طلب ڪرڻ مناسب نه آهي نه حج لاءِ وڃڻ يا نه. فقهن جو اهو چوڻ آهي ته استخاره ڪرڻ به مستحب آهي.[۲۵]

فصل ناوٺون: استخاره ڪرڻ جو طريقو

هن فصل ۾ استخاره ڪرڻ جو طريقو سمجهايو ويو آهي. ۽ طوالت جي سبب ان هو طريقو هت نقل نٿو ڪيو وڃي.[۲۶]

فصل ڏهون: رفيق جو انتخاب

حج جي سفر ۾ پاڻ سان گڏ رفيق کڻڻ نهايت ضروري آهي ۽ اهو رفيق خاص صفات جو حامل هجڻ گهرجي. اهي صفتون مؤلف هن طرح بيان ڪيون آهن: رفيق عاقل، بالغ، ۽ هوشيار، ۽ اخلاق ۽ صالح عمل ڪندڙ هجي. جڳائين کي پسند ڪندڙ ۽ برائين سمان نفرت رکندڙ هجي عبادت ۾ تعاون ڪندڙ ۽ پُلن ڇڪن ۽ خطائن سمان روڪيندڙ هجي. سفر جو آڏو روڪار پڻ هجي بهتر آهي ته انهن وصفن سان گڏ عالم به هجي ۽ پنهنجي عزيزن مان هجي ته اڃا ئي بهتر.[۲۷]

فصل يارهون: حج لاءِ روانگي جو وقت ۽ ڏينهن

حج لاءِ خميس يا سومر ڏينهن صبح جي ڦهري ۾ روانگي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 274

مستحب آهي، احتياط بهتر آهي ته مهيني جا پهريان ڏينهن هجن. جمعي ڏينهن زوال ۽ ٻوڙ نڪرڻ مڪروهه آهي. نڪرڻ وقت صدقو ڏيڻ ۽ ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ گهرجن. ۲۸

فصل پارهون رخصت ونڊ

روانگي ڪان اڳ اهل عيال، رشتيدارن ۽ دوستن ڪان رخصت ٿيڻ ۽ انهن محل هر هڪ لاءِ دعا گهرجي. انهن دعائن جو متن ۽ دعائن گهرڻ جو طريقو ڪتاب ۾ تفصيل آهي. ۲۹

فصل تيرهون سواري جي چونڊ ۽ طريقو

هن فصل ۾ حج جي سفر ٿي روانگي ٿيڻ ۽ وهنجڻ تي سواري ٿيڻ جو مستحب طريقو تفصيلي طرح سمجهايو ويو آهي، پر جيڪڏهن ته هن وقت وهنجڻ تي سواري ٿي سفر لاءِ نڪرڻ جي ضرورت پيش نه ٿي اچي. تڏهن ڏسيل طريقي تي به عمل ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي وئي. ۳۰

فصل چوڏهون حج جي سفر ۾ نمازون جمع ڪرڻ

حج جي سفر ۾ حنفي مذهب وارن کي به نمازون جمع ڪري پڙهڻ نه گهرجن. شافعي مذهب وارن وقت هي طريقو درست آهي. مجبوري جي حالت ۾ حنفي مذهب وارن کي به آخر وقت ۾ ظهر پڙهي اول وقت ۾ وچين پڙهڻ جي اجازت آهي، ساڳئي طرح سانجهي ۽ سمهڻ جي نمازن جو به حڪم آهي. بيمار ماڻهوءَ لاءِ وهنجڻ تان لهڻ ضروري نه آهي. ان کي تيمم ڪري وهنجڻ تي ئي نماز پڙهڻ جي اجازت آهي. اهڙي شخص کي جهنگلي وهنجڻ تان لهڻ جي طاقت ناهي ته نمازون به جمع ڪري پڙهڻ جي اجازت آهي، جهنگلي وهنجڻ تان لهڻ جي طاقت آهي پر تاقلي کسان ڏاڙي ٿي وڃڻ جو انديشو اٿس ان کي به اهڙي اجازت آهي. ۳۱

فصل پندرهون سفر جا آداب

سفر ۾ رات جو منزل ڪري ڏينهن جو هلجي. وهنجڻ کي سفر تي ڏڪ نه هجي. وهنجڻ ڪمزور هجي ته هڪ کان زياده ان تي سوار نه ٿين، بلڪ وارو مقرر ڪري سوار ٿيندا رهن. وهنجڻ کي لعنت ڪرڻ جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 275

منع آهي. ساڳي طرح عام زندگيءَ ۾ ڪنهن معين انسان تي لعنت ڪرڻ پڻ ناجائز آهي. ٻيا برا لفظ به وهٽ کي نه چئجن ۽ نڪي ان جي ٻني ۽ تي تنبو کڄي. پر ضرورت وقت مباح آهي. ڪتيون ۽ ڪتا پاڻ سان نه رکجن عام زندگيءَ ۾ شڪار ڪندڙ ۽ ڏڻ واري کي ضرورت سبب درست آهن. اکيلو سفر ڪرڻ مڪروهه آهي، گهٽ ۾ گهٽ ٽي رفيق هڻڻ گهرجن. ڪنهن تي نرسڻ نه گهر جي چاڪاڻ ته مٿان ڪوتانگ يا ديون يا ڪوجهو وغيره اچي اٽان تي. سفر ۾ اڄ جي شدت سان بجاءِ لاءِ سورهه الم نشرح ۽ ٻڪ سان عافيت ۾ رهڻ لاءِ سورهه اخلاص پڙهڻ مستحب آهن.

مقدمي جي پوءِ رهن فصلن جي پهاڻي سان ٻوءِ ڪتاب جا پنج باب شروع ٿين ٿا جنهن ڪري اڳي ٿي ڪيل آهي. هيٺ هر هڪ جو ڪجهه بيان ڏجي ٿو.

باب پهرون: هن باب ۾ حج ۽ ان سان واسطو رکندڙ ٻين امرن متعلق مسائل جمع ڪيل آهن، جي وري مناسب فصلن ۾ ترتيب ڏيئي ڪيا ويا آهن هي آهن:

فصل پهرون ميقات جي بيان ۾ ميقات ان هنڌ کي چئبو آهي جنهن سان حج ۽ عمري لاءِ احرام ٻڌڻ واجبي آهي. حج يا عمري لاءِ ايندڙ تي ٽن قسمن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. هڪڙا آفاقي يعني اهي جيڪي ميقات جي مقرر ڪيل هنڌن سان ٻاهر رهندا. ٻيا ميقاتي يعني اهي جي حرم ۽ ميقات جي وچ ۾ رهندا. ٽيان مڪي يعني اهي جيڪي مڪي شريف ۾ رهندا. هن فصل ۾ هر هڪ گروه لاءِ مقرر ڪيل ميقات ۽ ان سان متعلق ٻيا ڪيترا مسائل بيان ڪيل آهن. ۳۳

فصل ٻيو احرام جي ترتيب هن فصل ۾ احرام سان واسطو رکندڙ مسائل ڏيل آهن. جن مان خاص هت لکجن ٿا.

احرام جا ٻه فرض آهن، نيت ڪرڻ ۽ لبيڪ چوڻ. نيت سان اڳي انهي وجهت واري مشهور دعا پڙهڻ گهرجي پوءِ ان ۾ انا اول المسلمين چوڻ بدران انا من المسلمين

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 276

چوڻ گهرجي. جاڪاڻ تہ اول المسلمين فقط نبين کي چوڻ ڪيئي ۽ نہ بين کي. پيو چوندو نہ الٽو گناهه ٿيندس. سنت جا مرڪبي لفظ ڪتاب ۾ ڪليل آهن جن جي سنڌي معنوا هنڌ طرح ڏني وئي آهي.

ڏينهن آڏ شروع ڪريان تو حج کي هاڻي هن ويرا - سهڪو عرسو سون کي سين پهنجي فضلا ،
۽ پڙ ڏون قبول ڪر تہ فضلي سون کنا آڳا - ۽ هر بيليپو سون سين تہ ڏن شئي تمامان ،
۽ برڪت ڏجي ڪارڙ سون منجهه تہ ڏين جي خدا سي تو هين لاءِ ،
۽ احرام پڌرام انجو ڪارڙ تو رهنا .

پر سنت قلبين سان ساڻ ڪاڻي آهه - جان چيائين سنت کي فقط زبان سان ،
تان ٻاهي اعتبار ان سنت جو ڪن نہ ٻڌهيا - پر گڏ ڏسنت قلب جي زبان سين افضل چائيجا ،
۽ جي چيائين هيڏي ساري سين قلبا - تہ ڇي ۽ پي سڏ هن زبان سين وهي لفظ ڏيا ،
تڏهن معتبر سنت قلب جي نہ سڏي زبانا .

تلبيه پڙهڻ: تلبيه جا الفاظ هڪ دفعو پڙهڻ فرض ۽ تڪرار ڪي دفعا شروع ڪرڻ سنت آهي. صلوٰة سڳورو پڙهڻ مستحب آهي

Gul Hayat Institute

تلبيه ۾ مرد ۽ ڏڙ اوچي ڪندو نہ جيئن ٻڌ ڌرم سڀ اڇا ساڌو رهن پر ايترو نہ جو چوڻ ۾ ڏکيائي ٿئي. عورتون ڇپجهو چوندون جا سنت آهي. پنهنجي ڪن سان ٻڌي سگهي ايترو آواز ڪرڻ گهرجي.

احرام ۾ عورت مٿو ڍڪيندي. منهن به اهڙي طرح ڍڪيندي جو هو ڪپڙو منهن سين چهڙي ڪي نہ ڇهي. مخدوم صاحب جا هن سلسلي ۾ الفاظ هيٺ نقل ڪجن تا چاڻاڻ تہ بين فقهي ڪتابن ۾ عورت کي احرام ۾ چهرو ڍڪڻ ممنوع ڪليل آهي. مخدوم صاحب وقتي حالتن سبب ميڙ جي حد تائين جهجهڪ ڪيو آهي

۽ پڙ ڍڪيندي منهن پرهنجو اهڙي ملهايا - جيئن نہ لڳي ڍڪي منهن سين تنهنجي گنڍي سا ،
ور ٻڌي پن ڪانين کي ميڙين منجهارا - تہ تنهن سين وچين اڳاهين شئي گڏي منهن نجا ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 277

جي ڏکيائين ان پرجيڪٽ بگي ڏيڻ منهن ساڻ ـ تڏهن عمارت پوليس تنهنجي ڏيڻ ٿيڻ گناهه ،

شي ذکر ڪيل مسئلن کانسواءِ عورتن جي مخصوص مسائل جو به هن فصل ۾ ذکر ڪيل آهي.

اضطباع جي سمجهاڻي اضطباع جي معنيٰ احرام جي مٿين چادر اهڙي طرح ڏيڪڙ آهي جو ان جو ساجو پلڙ ساڄي بغل هيٺان مٿائين کابي ڪڍي شي ڪي ڏيءِ ساجو ڪلهو اگهاڙو رکي. ۳۴

فصل ٽيون
احرام جا ممنوعات

احرام جي ممنوعات ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن.

رفث ، فسوق ، جهيڙو ، جماع ، ان جي ڪسب ماڻ ، بيا امر عادت موجب ڪپڙا يا جتي ڏيڪڙ ، ٽوڏيڪڙ ، شي تي ميندي يا ڪو نر رکڙ ، موزا يا جوراب جن سان پير جو مٿيون هڏ ڍڪجي.

عادت جي خلاف ڪپڙا ڏيڪڙ يا جتي پائڻ ڪراهت تنزيهي آهي. شي تي ٽوال يا ڪا بي شي هن سان عادت موجب ٽوڏيڻ ڪجي ، گرمي يا سردي ۽ مان بچاءِ ڪرڻ لاءِ رکڙ مباح آهي.

مرد ٽوڙي عورت لاءِ منهن ڏيڪڙ ، اونڌو شي سهڙ يا خوشبوءِ ڪڙهڻ ڪروهه آهي.

هن مسائل کان سواءِ بيا ڪيترا تفصيلات ۽ ماڻهون پڙهڻ هن فصل ۾ ڏسل آهن.

برجو شڪار: احرام ۾ خشڪيءَ جو شڪار ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي کي ان جي ڪهڻ لاءِ چوڻ يا خود ذبح ڪرڻ يا ٻئي کي ان جي خبر ڏيڻ يا ان کي قاسائڻ يا لڪائڻ يا ڏيکڙ هڙڻ يا آڻا ٻيڻ يا ان جا آڻاتري ڪائڻ ، اهي سڀ ڳالهيون منع آهن. احرام وارو خشڪيءَ جي شڪار جو واپار نه ٿو ڪري سگهي. اهڙو ڪرڻ بيع باطل آهي.

موذين کي مارڻ جو شرعي حڪم: ڪنهن به موذي جانور يا جيت وغيره کي احرام

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 278

ٻيو يا احرام کان سواءِ مارڻ گناهه ناهي ۽ نڪي منع آهي.

موذي جانورن ۾ شينهن، پوڙو، ڪتو، بگهڙ، سوئر، ڪچڙن وغيره شامل آهن. موذي جيتن ۾ ماڻگ، ڏچن، چاهو، ڪٻا، ٿور، چيچي ۽ موذي ساکوڑا، منگهڙ، مڪ، ڏينهو، مچهر وغيره، موذي پکين ۾ سرڙ ۽ باز اچي وڃن ٿا. جهنگلي بلي ۾ اختلاف آهي. باقي گهرو بلو موذين ۾ شامل نه آهي.

احرام ۾ جيڪو مارڻ منع آهي، مارڻ ۽ ڪفارت پوندي تفصيلات ڪتاب ۾ ڏنل آهن. ۳۵

فصل چوٽون مڪي شريف ۽ داخل ٿيڻ جي بيان ۾

هن فصل ۾ مڪي شريف ۾ داخل ٿيڻ جي طريقي ۽ آداب متعلق مسائل ۽ طواف قدوم جي مسائل ۽ دعائن وغيره جو ذڪر آهي. ۳۶

فصل پنجون طواف ۽ ان جا شرط

هن فصل ۾ طواف جي قسمن جو تفصيلي بيان حجراسود کي چمڻ جو طريقو. حجراسود آڏان نڪرڻ جو طريقو ۽ زمزم جي پاڻي پيئڻ ۽ طواف جا ٻيا متعلق مسائل ۽ پياتفصيل ڏنل آهن. خاص مسائل هي آهن.

Gul Hayat Institute

طواف جي نيت فرض آهي. طواف قدوم ۽ طواف زيارت جي عرفات کان پوءِ ڪندو سي پڻ فرض آهن انهن ۾ اضطباع سنت مقدم آهي، پر طواف وداع ۽ طواف نذر يا نفل ۾ سنت نه آهي، طواف کان سواءِ اضطباع سنت نه آهي. حجراسود کي چمڻ سنت آهي پر ٻي دفعا چمڻ مستحب آهي. هجوم سبب حجراسود ڏي هٿ رکي پڇاڙ هٿ چمڻ يا اشاري سان چمي ڏيڻ سان به سنت ادا ٿئي ٿي. چمڻ جي انتظار ۾ بيهڻ مڪروهه آهي. طواف وقت رڪن يماني ۽ ٽان لنگهڻ مهل ان کي چمڻ مستحب آهي. پر رڪن شامي ۽ رڪن عراقي کي چمڻ يا انهن طرف اشارو ڪرڻ مڪروهه آهي. زمزم

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 279

جي پاڻي پيئڻ وقت علم جي ماڻڊي، مرض جي شفاءِ گناهن جي بخشش جي دعا گهرڻ گهر جي. ۳۷

فصل چوون صفاءِ مروه جي وچ ۾ سعي جي ترتيب

سعي جي نيت ڪرڻ ضروري آهي، سعي جاست ڦيرا آهن، يعني صفاءِ مروه کان هڪ ڦيرو ليکبو آهي انهيءَ کانسواءِ بيا مسائل ۽ سعي جو طريقو دعائن سميت هن فصل ۾ بيان ڪيل آهي. ۳۸

فصل ستون سعي کان سنا معرف روانگي

ذوالحج جي اٺين تاريخ کي تروئيت جو ڏينهن چئبو آهي. هن ڏينهن سج اڀرڻ کان پوءِ بادشاهءِ بيا ماڻهو گذ جي سعي ڪان نڪرن ۽ منا ۾ اچي جمي آکين، وچين، سانجهي، سمهڻي ۽ فجر نماز ون پڙهن. منا ۾ ماڻهن جي رات رهڻ سنت آهي ۽ اهارات ٻئي هنڌ رهڻ مڪروهه آهي. ۳۹

فصل الوڻ منا کان عرفات ڏانهن روانگي

فجر نماز کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ سج اڀرڻ تائين منا ۾ رهڻ ڪرڻ مستحب آهي. پر آڻي پوءِ نڪرڻ جائز آهي. ۴۰

فصل ناوئن عرفات جا مسائل

عرفات ۾ ٻين ماڻهن سان گڏ اچي ڪري اڪيلو اچڻ مڪروهه آهي. هن سلسلي ۾ هيٺ مؤلف جا پنهنجا لفظ لکجن ٿا.

جڏهن هي شخص ساڻ پار عرفات ۔ سواڇي عرفات ۾ تڏهن ڪري هي ڪمزا،
جيئن اڪيلي اڇي عرفات ۾ گذ جي ماڻهن سان ۔ ٻيٽ هيڪلو ٻين کان آهي مڪروها،
جيئن ڀاڻي آهي قسم تڪبر جو ڪن ڪتابا ۔ ٻي هي آهي ناپاڪ هيناڻين جو ٻين لئن ۽،
ٻي گهڻن جي قبول ٿئي سگهڙي ٻي دعا ۔ کاڌ دعا هيڪلي جي سڪي ياد ڪجا.
ٻي جڏهن لهي شخص هيڪلائي ۾ دل جوڙي ۔ ٿيس گهٽائي حضور جي ۽ دل جو آٿاما.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 280

تڏهن ٻاهين ٻاڪ جا ميڙاڀيءَ جا اهلا .

جڏهن پڙهي هن دعائن ڀي تڏهن گاڙي ورگو ڙهيا ـ هنجون ساريون آکيون ڳڙيون ادب منجهان .
ريجهائي رب ڀي ڳهٽي تضرعا ـ ماڻهو ڀيرا ٻولڪري سوالي جا ٿيا ،
آهي ديل قبوليت جو ڀي ٿسڏ وساتا ـ جان روئن ٿا ڇڏي تڏهڪي تان تعليف جي تڏهڪي ،
جڏهن پسي ڳهاڻا خان جي منجهه ڪاڪ رهاتا ـ تڏهن حاضرين جي حساب جو ڏينهن پنهنجي آکين آڳيان ،
هي آهي ٻولڻ ان ڏينهن جو جاڳو جوانا ـ انهيءَ پران ڏينهن ڀي ساڻو ميڙ ٻا
صاحب سڀ جهان ڏيئي سوگهر ٻوڻ آسانا .

مذڪور ڳالهين کان سواءِ عرفات سان لاڳاپو رکندڙ ٻيءِ مسئلا هن مقام ۾
نهايت تفصيلي طرح سمجهايا ويا آهن . ۴۱

فصل ڏهون عرفات کان موٽڻ جي ترتيب

سڄ لٿي کان پوءِ ساڻو امام سان گڏ مزدلفي ۾ ايندا . رات
ٽي لهڻ مڪروهه آهي . سانجهي ۽ سمهڻي ٻنهي وقتن مزدلفي ۾
جمع ڪري پڙهڻ واجب آهي . عيد جي سڄي رات مزدلفي ۾ رهڻ سنت آهي .
مزدلفي ۾ نور وقوف ڪرڻ واجب آهي ۽ زيارهين سنت معتمد آهي . ان
سان سواءِ ٻيا مسائل هن فصل ۾ ڏنل آهن . ۴۲

فصل يارهون مناسان واسطو رکندڙ مسئلا

جڏهن مزدلفي مان منا طرف واپس اچڻ ٿا ڪن
پٿرن جو ٻڌي ڪٽي ۽ پوڻ پٿرون مزدلفي مان پاڻ سان
جو ٻڌي ، ڪل ستر پٿرون جو ٻڌڻ گهرجن . اهي پٿرون جمرن کي هڻڻ آهن
جن جو وقت ، طريقو ۽ ٻيا مسائل هن فصل ۾ ڏنل آهن .

فصل بارهون هدي ذبح ڪرڻ بابت

هدي ڪهڻ جي ڪيفيت ۽ ٻيا مسئلا تفصيل سان هن فصل
۾ ڏنل آهن . هي مختصر هن طرح آهن . هدي ڪي
پنجهي هٿ سان ٿي پاڻ ڪرڻ لڳل آهي . پر جي ڪو ذبح جو طريقو نه ٿو ڄاڻي ته پوءِ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 281

ٻڪي ڪي چوي ٿي پاڻ موجود رهي. ذبح لاءِ بسم الله ۽ دعا ذبح ڪان اڳ پڙهڻ گهرجي - بسم الله ۽ ذبح وچ ۾ دعا پڙهڻ مڪروهه آهي. ۴۳

فصل تيرهون
متوڪوڙائڻ ۽ عمرو ٽوڙڻ

حجرن ۽ عقبي کي ڇٽڻ هڻڻ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هدي ذبح ڪرڻ الڳ نه ڪيو هجي ته ذبح ڪري پوءِ متوڪوڙائي يا ڪرائي. پوءِ احرام لاهي نه مس اهي سڀ شيون حلال ٿيڊن جي احرام ۾ هيون سواءِ عورت سان جماع ۽ ان سان متعلق امرن جي، پر هي حڪم فقط ڄاڻ آهي. عمري ۾ عورت جائز ٿيندي. ستي جو ڄڻن حصو ڪوڙائڻ يا ڪرائڻ فرض آهي پر سڄو متوڪوڙائڻ سنت آهي. ورتن لاءِ متوڪوڙائڻ حرام آهي پر انهن لاءِ به وارن مان اڳرجي هڪ ٻل جيترو ڪرائڻ لازم آهي جي عورتن کي خوشي ڪرڻ گهرجن. ان کانسواءِ هن سلسلي ۾ پيا به ڪيترائي مسئلا آهن

فصل چوڏهون
طواف زيارت

طواف زيارت فرض آهي جو عيد جي ڏينهن ڪرڻ افضل آهي پر پاڻهين ۽ پاڻهين تاريخ به درست آهي. جيڪڏهن انهن تاريخن ۾ طواف زيارت نه ڪيو ته دم لازم ٿيندو. ۴۵

Gul Hayat Institute

فصل پندرهون
ڇٽڻ هڻڻ جي ڪيفيت

محرم کي پاڻهين ۽ پاڻهين تاريخ ڇٽيون هڻڻ واجب آهن. جيڪڏهن تيرهين تاريخ به نه ڇٽيو ته ان ڏينهن به هڻڻ واجب آهي. زياده تفصيلات حياتن الحاشيه ۾ ڏنل آهي. ۴۶

فصل سورهون
مناسڪ ڪرڻ جي ڪيفيت

مناسڪ ڇٽيون هڻي سڀ ڪان پوءِ طواف وداع ڪرڻ گهرجي جنهن جا مسائل ۽ طريقو وغيره ڪتاب ۾ سڀ کان ۽ سمجهايل آهن. ۴۷

فصل سترهون
طواف وداع

طواف وداع عمري وارن ۽ مڪي ۾ رهندڙن تي واجب نه آهي پر ميقات کان پاهران ايندڙ حاجين تي واجب آهي. طواف

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 282

وداع ۽ رمل ۽ اضطباع نہ ڪبو. طواف وداع کان پوءِ باب وداع مان نڪري باهر اچبو. ۴۸

باب ٻيو عمرو: هن باب ۾ عمري جي اهميت ۽ ضروري مسائل بيان ڪيا ويا آهن:

عمري يعني نندي حج جي فضيلت } مؤلف عمري کي نندي حج سان تشبيهه ڏني آهي ۽ سندس اهميت ۽ ثواب متعلق ڪجهه حديثون بيان ڪيون آهن. جي هن طرح آهن.

حضرت عبدالله بن عباسؓ کان روايت آهي ته عمرو گناهن جي ڪفارت آهي. بن عمرن جي وچ ۾ جيڪي گناهه ڪيا هوندائين سي بخش ٿيندا. صحيح بخاري صحيح مسلم ۾ حديث شريف آهي ته هڪ شخص جا ٻي عمرا حج برابر آهن. ٻي روايت ۾ آهي ته ٻه عمرا حج برابر آهن. رمضان ۾ ڪيل هڪ ٻي عمرو حج جي برابر آهي. ان حديث جو راوي حضرت ابن عباسؓ آهي. صحيح بخاري جي ٻي حديث ۾ آهي ته رمضان شريف ۾ عمرو ڪرڻ آنحضور صلي الله عليه وسلم سان گڏ حج ڪرڻ برابر آهي.

Gul Hayat Institute

عمري متعلق ضروري مسائل } سڀني عمرن ۾ هڪ دفعو عمرو ڪرڻ ان شخص لاءِ سنت مقدد آهي جنهن تي حج فرض نه آهي. ٻيادہ دفعا مستحب آهي نذر جو عمرو يا احرام ۾ عمري جي نيت ڪرڻ سان، عمرو فرض ٿئي ٿو.

فرض، واجب، سنت عمري ۽ حج جا هڪ جهڙا ئي آهن ميقات مان احرام جا مسائل. ۽ حج ۽ عمري ۾ هيٺين ڳالهين ۾ فرق آهي.

۱. حج فرض آهي ۽ عمرو سنت آهي. ۲. عمري لاءِ وقت مقرر نه آهي ۳. عمري جي ادا ڪرڻ ۾ آهي ته حج جي احرام باندڻ کان پوءِ جيڪڏهن وقت اندر ادا نه ٿيو ته ان جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 283

ڏسڻا آهي. ۴. عمري ۾ عرفات جو وقوف فرض نه آهي، مزدلفي جو وقوف ۽ رات ترسڻ واجب يعني سنت نه آهن ۽ ڪنهي سان ۾ رهڻ سنت آهي. ساڳي ريت طرح عمري ۾ جمرن کي ڇهڻ ۽ ڏينهن جو جمع ڪرڻ ۽ خطبا ٻڌڻ نه آهن. ۵. طواف قدوم عمري ۾ پاهران اينڊ ڏنل ۽ به لازم آهي پر حج ۾ سنت آهي. ۶. عمري ساڻيو ۽ طواف وداع لازم نه آهي. ۷. عمري ۾ جيڪڏهن دم ڏيڻ نه اٽڪل ياد ڪي جو ذبح واجب نه آهي پر فقط دنبو يا ڳئري واجب ٿيندا. حج ۾ اٽڪل ياد ڪي جو ذبح واجب ٿئي ٿو. ۸. عمري ۾ ميقاتين يا ميقات سان اندر رهندڙن جو هڪ ئي ميقات آهي يعني اهي ٻئي عمري جو احرام حرم ۾ ئي ٻڌندا. ۹. عمري ڪندڙ کي شروع طواف ۾ تلبيه چوڻ جي اجازت آهي پر حج وارن کي اهڙي اجازت نه آهي. ۱۰. عمري جي طواف ۾ پيل جنايت ڪيڏي به مدد ڏيڻ سان بخشش ٿي نه سگهندي.

۴۹

باب ٻيون مڪي شريف ۽ رهڻ جي آداب متعلق

هن باب ۾ متفرق مسئلا بيان ڪيا ويا آهن جي مڪي شريف ۾ رهڻ جا آداب سيکارين ٿا. هن مسئلن کي ڪل پنجن فصلن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. جنهن سان هر هڪ فصل جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

فصل پهريون: هن فصل ۾ مڪي شريف ۾ رهڻ جا طريقا ۽ آداب بيان ڪيل آهن. جي مختصر ڏجي آهن. طواف گهڻا ڪرڻ ۽ مسجد حرام ۾ ڪثرت سان نماز پڙهڻ ۽ عمدو ڪرڻ ۽ روزا رکڻ ۽ رمضان جي ۾ اعتڪاف ۾ ويهڻ ۽ حطيم ۾ داخل ٿيڻ ۽ زمزم جو پاڻي پيئڻ ۽ رهڻ ۽ جن جاين تي حضور صلي الله عليه وسلم جن دعائون گهريون آهن انهي دعائون گهرڻ ۽ مسجد حرام ۾ قرآن شريف جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ختمو ڪيڻ ۽ گناهه سان مڪمل طرح بچڻ ۽ مباح ڪن سان به پاسو ڪرڻ ۽ مسجد حرام ۾ ثواب

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 284

جا گھر ڪرڻ ۽ داخل ٿيڻ وقت اعتڪاف جي نيت ڪرڻ. ۵۰

فصل ٻيو: هن فصل ۾ بيت الله شريف ۾ داخل ٿيڻ جو طريقو ۽ ان بابت مسائل ذڪر ڪيا آهن. بيت الله شريف ۾ داخل ٿيڻ جيڪي مذهبن موجب مستحب آهي پر ان وقت داخل ٿيڻ جي جڏهن زيادهه هجوم نه هجي. ادب سان بيت الله شريف جي قنديلن وغيره ڏانهن ڏانهن يا جيت طرف نه نهاري. اندر گهٽ ۾ گهٽ ٻه رڪعتون نفل ان جاءِ تي پڙهڻ گهرجن جتي پاڻ سگورن نفل پڙهيا آهن ۽ ان سان سواءِ ٻيا تفصيلات هن فصل ۾ درج ڪيل آهن. ۵۱

فصل ٽيون: هن فصل ۾ انهن مقامات جو ذڪر آهي جتي دعا قبول ٿئي ٿي. هي مقام ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا اهي جي حرم جي اندر آهن ۽ ٻيا اهي جي حرم سان ٻاهر آهن، انهن سڀني جو تفصيلي ذڪر ڪتاب جي هن فصل ۾ آيل آهن. ۵۲

فصل چوٿون: هن فصل ۾ مڪي جي مقبري محلي جو ذڪر آهي. هي متبرڪ قبرستان مڪي شريف ۾ آهي جنهن جي زيارت ڪرڻ مستحب آهي. منجهس اصحاب، تابعي، اولياء، صالح ۽ ٻيا مومن مدفون آهن. هن قبرستان جي زيارت جو طريقو هن فصل ۾ ڏنل آهي. ۵۳

فصل پنجون: هن فصل ۾ انهن شين ۽ جانورن جو ذڪر آهي جن جي حرم جي حدن اندر وڍڻ يا ذبح ڪرڻ منع آهي. انهيءَ متعلق تفصيلي مسائل هن فصل ۾ ڏنل آهن. حرم جي حد جو تفصيل جو هن فصل ۾ جاءِ تي آهي سو هيٺ ٻڌايو ويو آهي.

حرم جي حد: حرم جي ڪل ايراضي ستر هن جوڙس ڪوه آهي. منڊس حدون اتر طرف: مدينه جي ڏانهن ڇهه ڪوه. ڏکڻ طرف: يمن ڏانهن ڇوڏهه ڪوه. اوڀر طرف: طائف ڏانهن ست ڪوه. ۽ اتر اوڀر طرف: عراق ڏانهن ست ڪوه آهي. هي حدون حضرت ابراهيم ع جي وقت سان مقرر ٿيل آهن. ۵۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 285

باب چوٿون: هن باب ۾ آنحضور صلی الله علیه وسلم جي روضي اطهر جي زيارت جي برڪت، طريقي ۽ مسائل متعلق بيان آهي. حضور صلی الله علیه وسلم جن جي روضي جي زيارت سنت مؤڪد آهي ۽ ان ۾ حضور جي رضا ۽ ثواب دارين جي وڏي اميد آهي. آنحضور صلی الله علیه وسلم جن سان روايت آهي ته حج ڪان پوءِ سندن زيارت لاءِ نه ويندڙ جڏ حضور جن کي ڏکويو. بي حديث شريف ۾ آيل آهي ته جنهن حج ڪان پوءِ سندن زيارت ڪئي، تنهن لاءِ سندن شفاعت واجب ٿي ۽ جنهن حضور جن جي قبر مبارڪ جي زيارت ڪئي تنهن جڏ سندن زيارت حياتيءَ ۾ ٿي ڪئي. آنحضور صلی الله علیه وسلم جن جي زيارت عورتن لاءِ به سنت آهي ۽ ان ۾ عالمن جو اختلاف آهي، پر عورتن کي بين قبرن جي زيارت ڪرڻ منع آهي. آنحضور جن جي زيارت کي عن عالمن واجب به ڪيو آهي.

روضي اقدس جي سامهون ملوڻ سگهوري وڃي آداب ۾ پڙهڻ گهرجي. آواز ڏئي نه ڪجي، حضور کان شفاعت جو سوال ڪجي ۽ بن مقصدن لاءِ جيڪي دعائون گهرجن تن ۾ سندن وسيلو ۽ نبي پر بهتر آهي ته الله جي رضا ۽ تنهن جي بخشش ۽ خاتمي بالخير لاءِ ٿي دعائون گهرجن. ان کان سواءِ هن فصل ۾ بيا مسائل ۽ زيارت جا آداب بيان ڪيل آهن. ۵۵

باب پنجون: هن باب ۾ مديني اطهر ۾ رهڻ جا آداب ۽ انهن سان متعلق مسائل تفصيل سان بيان ڪيل آهن. هي تفصيلات هيٺين فصلن ۾ تقسيم ڪيل آهن.

فصل پهرئون: هي فصل مديني ۾ رهڻ جي آداب متعلق آهي. جنهن ۾ هيٺيون خاص ڳالهيون ڏنل آهن:

مسجد نبوي ۾ انهن گهٽ اچڻ ۽ عبادت جي زيادتي ڪرڻ ۾ مسجد ۾ اچڻ وقت اعتڪاف جي نيت ڪرڻ ۾ حجري مبارڪ ۾ انهن نهارڻ ۽ رهڻ ۾ حد ڪرڻ ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 286

حضور ﷺ سلام پڑهندو رهن ٿا. مدینی جي ماڻهن سان محبت رکن ٿا. ان کان سواءِ بیا خیراتي تفصیلات هن فصل ۾ ڏنل آهن. ۵۶

فصل بیو: هن فصل ۾ مقبري بقیع جو ذکر آهي. هن مقبري ۾ اصحاب ۽ بیا مومن مدفون آهن. هتي حضرت عثمان رضی الله عنه جو قبو آهي جو بقیع جي ساکن مان سڀ کان پلو آهي. ان کان سواءِ حضرت ابراهیم ؑ فرزند پیغمبر خدا صلی الله علیه وسلم، حضرت زین العابدین بن امام حسین رضی الله عنه، بي بي عائشه رضی الله عنها ۽ بین کیترین مقتدر هستین جا رد هتا آهن.

مؤلف مخدوم عبدالرحمان رحمه الله هن فصل ۾ اسماعیل بن حضرت جعفر صادق رحمه الله جي روضي جو به نهایت عزت ۽ توقیر سان ذکر کیو آهي ۽ ان جي زیارت جو تاکید کیو آهي. ۵۷

اسماعیل بن حضرت جعفر صادق رحمه الله جي ذات اسماعیلیه اثنا عشریه جي وچ ۾ عقیدي جي لحاظ کان اختلاف جو سبب بڻي رهي آهي. سندن نسب ۾ ڪجهه سبب ڪري مخدوم صاحب هن مقبري جي زیارت جو به تاکید کیو آهي.

فصل ٽیون: هي فصل مدینی جي مسجدن جي زیارت متعلق آهي. هن ۾ مدینی جي سڀني بابرڪت مسجدن جا نالا ۽ سندن تاریخي اهمیت جا تفصیل آهي ۽ منجهن نفلن پڑهڻ ۽ دعائن ڪرڻ جو مشورو ڏنو ویو آهي. ۵۸

فصل چوٿون: هن فصل ۾ احد جبل جي زیارت جو بیان آهي. شهداءِ احد جي قبرن جا تفصیلات ۽ انهن جي زیارت ڪرڻ جو طریقو وغیره هن فصل ۾ سمجهایل آهي. ۵۹

فصل پنجون: هن فصل ۾ انهن شرف وارن ڪوهن جو ذکر آهي جن مان حضور علیه الصلوٰة والسلام جن غسل یا وضو یا گرڙ ڪون کیون آهن. اهل ۾ هي ڪوهه اڌ ميل کان پوءِ مخدوم صاحب جي چوڻ موجب ان وقت فقط يارهن ميل ڇیاهتا. جن جا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 287

تالاهن فصل ۶۰ جا تائيل آهن .

فصل ڇهون: هن فصل ۶۱ ۾ مديني منوره جي ڇهن مسجدن آهن تن جو ذڪر آهي ۽ سندن تالاهڻ جا تائيل آهن .

فصل ستون: هن فصل ۶۲ ۾ مديني کان وداع وقت جا آداب ۽ مسائل جا تائيل آهن . مسجد نبوي جي وداع جي زيارت ڪرڻ مستحب آهي . ساڳئي طرح حضور ۽ خلفاء جي زيارت ڪري . مديني مان حنفي مذهب موجب تبرڪ طور خاڪ يا ڪجهه کڻڻ درست آهن . شافعي مذهب موجب درست نه ٿا چون . ان سمان پوءِ هن فصل ۾ وطن پهچڻ جي مسائل متعلق ڪجهه بيان ڏنل آهي .

اهڙيءَ طرح حج جي مسائل جي تڪميل هي ڪتاب اختتام پذير ٿئي ٿو . ڪتاب جو اختتامي ٽڪرو، جنهن ۾ مؤلف مهربان جذبي ۽ جوش سان پرڻل هڪ مناجات ڇڻي وئي آهي جا عجز ۽ نياز جي جذبات سان پرپور آهي ، سا تبرڪاً هيٺ لکجي ٿي . هن مناجات مان هي به ظاهر ٿئي ٿو ته مخدوم عبدالرحمان جو ڪتاب حيات العاشقين جي لکڻ ۾ ايئن ڄاڻ جي عيب جوئي

پڙ آپيان پيري پاڪ رسول جي بندگيءَ جي نعت بيهنجا - جون ملڪ ۾ ڪن سلام سندي ٿي هن عاجز مهربان ،
ڏين ٻيا ڪونهن جو موسل ٿي هندا - ٿو آهي محبت ڪوهي مشفق مصطفيٰ ،
سڪيو سارو سيرين راتيو روز مرا - اسان واهائيندي درهه ٿياسگندي سيرپان ،
پرين پاڻ ڏيائين هيڪر حبيبا - هاڻي ڪم ڇڏ ڇيرين عاصي آ ڏهرا ،
جنين حال نه هنڊ ڪري تو رسولا - ڏس رڄ وڻن ۾ هاري هيڪلن ڪا ،
آپيان سير سمونڊ جي سڀني ٿي سختا - موهن ٿو ناهه ڪوهرون ڏين لوڏا ،
ڪندي ناهه خاڪ جي آهي تحقيقا - ان اوندهي نه ڪرين ۽ عيبت هل هڪاءِ ،
نه ڪا هشتي ڪاروبار نه ٿو هوتنهن جاءِ - ڇڏهي لنگهيان جن ٿي لهرون ۽ لڙڪا ،
هاڻي ٻيهم ٿو رسول ڏهاڙ نه وسيلا - دانهون دلگيرت جون بڌج باجهه منجهان ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 288

تج وسيلو تار مراد ڪيئي ۽ آڏا - عفو عبد الرحمان ڏي ڪارج ڪريا ،
جيڪن حال نہ هنڊ ڪوسر ۽ تو سوا - ۽ منجهيف آهي نڪٽي منجهه تن ماڻهنڙا ،
رسج ٻڌهڪي رحمت سين مشفق مجتبيٰ - هاڻ ڏيکار ته ڏيهه ڏي ڏر هنور سولا ،
پاڙ ڏيرين رسول جو ڪر ڏيهون نصيبا - ته جيئي جاڻت رسول جي ۽ حجرو مٿرهيا ،
جوان سلام سرور ڏي هردم درودا - واري واءُ وصال جو مشتاق مٿان . ۶۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 289

حوالا

۱. مخدوم عبدالرحمٰن : حیات العاشقین ص ۲۳۶
۲. علی شیر قانع : تحفۃ الکرام ص ۵۶۵، ص ۵۶۶
۳. مخدوم عبدالرحمٰن: حیات العاشقین ص ۳
۴. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۲۳۶
۵. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۷
۶. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۷، ص ۸
۷. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۷، ص ۸
۸. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۹
۹. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۹، ص ۱۰
۱۰. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۱، ص ۱۳، ص ۱۴
۱۱. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۲، ص ۱۳
۱۲. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۳
۱۳. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۳، ص ۱۴
۱۴. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۴
۱۵. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵
۱۶. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵، ص ۱۶
۱۷. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۱
۱۸. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۶
۱۹. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۶ — ص ۱۸
۲۰. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۹

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 290

٢١. مخدوم عبد الرحمٰن: حیات الحاشقین	ص ٢٠
٢٢. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٢١ ؛ ص ٢٢
٢٣. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٢٢ ؛ ص ٢٣
٢٤. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٢٣ ؛ ص ٢٤
٢٥. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٢٤ ؛ ص ٢٥
٢٦. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٢٥ ؛ ص ٢٦
٢٧. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٢٩
٢٨. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٣٠
٢٩. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٣٢
٣٠. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٣٣ ؛ ص ٣٤
٣١. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٣٤
٣٢. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٣٤ — ص ٣٩
٣٣. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٣٩ — ص ٤٥
٣٤. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٤٦ — ص ٦١
٣٥. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٦١ — ص ٧٣
٣٦. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٧٣ — ص ٨١
٣٧. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٨١ - ص ٩٤
٣٨. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ٩٤ - ص ١٠٠
٣٩. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ١٠٠
٤٠. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ١٠٠ — ص ١٠٢
٤١. ـــــــ الیضاً ـــــــ	ص ١٠٢ — ص ١١٤

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 291

٠٤٢	مخدوم عبد الرحمن: حيات العاشقين	ص ١١٤ — ص ١٢١
٠٤٣	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٢١ — ص ١٢٧
٠٤٤	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٢٧ — ص ١٣٠
٠٤٥	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٣٠ — ص ١٣٢
٠٤٦	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٣٢ — ص ١٣٩
٠٤٧	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٣٩
٠٤٨	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٤٠ — ص ١٤٣
٠٤٩	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٤٥ — ص ١٥٠
٠٥٠	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٥٠ — ص ١٥٤
٠٥١	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٥٤ — ص ١٦٠
٠٥٢	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٦٠ — ص ١٧٣
٠٥٣	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٧٣ — ص ١٧٦
٠٥٤	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٧٦ — ص ١٧٩
٠٥٥	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٧٩ — ص ١٩٥
٠٥٦	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٩٥ — ص ٢٠٠
٠٥٧	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٢٠٠ — ص ٢٠٨
٠٥٨	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٢٠٨ — ص ٢١٦
٠٥٩	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٢١٦ — ص ٢٢١
٠٦٠	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٢٢١ — ص ٢٢٧
٠٦١	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٢٢٧ — ص ٢٣٢
٠٦٢	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٢٣٢ — ص ٢٣٥
٠٦٣	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٢٣٥ — ص ٢٣٨

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 292

باب چوٽون

مخدوم محمد هاشم ؒ ڪمانيوءَ جو فقهي دور

ٻارهين صدي هجريءَ جي آخري پنجويهن ورهين ۽ تيرهين صدي هجري جي پهرئين اڌ تائين مخدوم محمد هاشم ؒ ۽ ان جي همعصرن جو اثر قائم رهيو. جن جي طريقي تي مزيد فقهي ڪتاب منظوم سنڌيءَ ۾ ترتيب ڏنا ويا. هن ڪتابن جو احوال چوٿين باب ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن جو ناتو مخدوم محمد هاشم ؒ ڪمانيوءَ جو فقهي دور ڏانهن ويو آهي. هن دور ۾ سنڌيءَ ۾ معاملات تي مزيد ڪتاب لکيا ويا. فقه تي جيڪي ڪتاب هن دور ۾ لکيا ويا، تن مان هيٺيان خاص آهن جي هن باب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

۱. فرائض الاسلام: (عربي تاليف مخدوم محمد هاشم ؒ جو سنڌي ترجمو علي بن حافظ ؒ) ص ۲۶۴ - ص ۲۸۲

۲. ست فرض: (مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) ص ۲۸۷

۳. اساس الفرائض: (مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ؒ) ص ۲۸۸ - ص ۲۹۲

۴. عثمان جي سنڌي عرف جو علمي: (مخدوم محمد عثمان ٽيارويءَ (اندڑ)) ص ۲۹۹ ۽ ص ۳۰۳

۵. سڳ نامو: (مخدوم عبدالله نلويءَ ؒ) ص ۳۰۵ - ص ۳۱۳

۶. نورالابصار: (مخدوم عبدالله نلويءَ ؒ) ص ۳۱۴ - ص ۳۵۲

۷. سراج المومنين: (مخدوم عبدالرسول نورنگ زادوءَ مخدوم حامد پيچ وارو) ص ۳۵۳ ۽ ص ۳۵۴.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 293

عربي کتاب فرائض الاسلام جو سنڌي ترجمو.

مترجم: بزرگ علي بن حافظ.

تاريخ ترجمه: ذي القعد ۱۱۷۷ھ/مئي ۱۷۶۴ع.

سلطان العلماء مخدوم محمد هاشم ٹٹوي عربي ٻوليءَ ۾ فرائض الاسلام نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو هو، جنهن جو موضوع سندس نالي مان ئي ظاهر آهي. اسلامي فرمن متعلق مخدوم صاحب جي هيءَ تصنيف سڄي دنيا ۾ منفرد حيثيت رکي ٿي! هي ڪتاب مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏهاڪا ترجمو ٿيو آهي.

فرائض الاسلام جا سنڌي ترجما

فرائض الاسلام جا هن وقت جيڪي به سنڌي ترجما معلوم ٿي سگهيا آهن، تن مان هڪ مخدوم محمد هاشم ٹٹوي جي ڏسي ۾ فرزند مخدوم عبداللطيف ٹٹوي جو ڪيل آهي جو ٻين مان طبع هيٺ به اڇي ٿيو آهي. هن ترجمي جو هڪ نسخو پير جهنڈي ضلعي حيدرآباد جي مشهور لئبريريءَ ۾ موجود آهي. ٻيو ڪاپي ۱۱۷۷ھ/۱۷۶۴ع يعني مخدوم محمد هاشم ٹٹوي جي وفات کان فقط ڇهه مهينا پوءِ علي نالي هڪ بزرگ به هن جو ترجمو ڪيو هو جو فرائض الاسلام جو ٻيو ترجمو آهي. هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو جناب سيد علي احمد شاهه تالپر شهداد ٽنڈو پير محمود حيدرآباد جن جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي، جيڪو مون کي جناب پير صاحب جي عنايت ۽ شفيق دوست جناب پير خادم حسين صاحب پروفيسر سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد جي اعانت سان ٿيندي ڪري ان جي زيارت نصيب ٿي. معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ هن ترجمي جو ئي واحد نسخو آهي.

مذڪور نسخي جي ابتدا ۾ مؤلف جا ٻه ٽي ڪن دوستن جي چوڻ تي خصوصاً مخدوم محمد هاشم ٹٹوي جي مجاور بزرگ المدني جي تاڪيد ڪرڻ ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 294

زور پرڻ ۾ ٻاڙ هي ترجمو مڪمل ڪيائين. هن نسخي جو نقل هڪ ٻئي بزرگ فقير عبدالله ساڪن پات جي هٿان بمبئي ۾ مسجد اسماعيل حڪيم ۾ سنه ۱۲۷۸/۱۸۶۲ع ۾ ڪيو ويو. ٻئي ڪتاب جي ترجمي ڪان هڪ سوهڪ ورهيه پوءِ هي حقيقت ڪتاب جي آخري صفحي تي لکيل آهي. مذڪور ڪتاب ڪان معلوم ٿئي ٿو ته فرائض الاسلام جي هن ترجمي جا سڀ نسخا مرورڪنڊن جي سپرد ڪيا ويا هئا، جن مان هي پڙهندڙن جي نقل ڪرائڻ سبب بمبئي ۾ تائين به ڏسڻ ۾ پيا هئا، جنان ڪتاب هذا جو نقل ڪرايا ويا. جناب پير خادم حسين صاحب ڪان معلوم ٿيو ته جناب پير علي احمد صاحب هي نسخو قيام پاڪستان کان پوءِ حيدرآباد دکن مان لڌي آيل هڪ مهاجر ڪان حاصل ڪيو. هن نسخي مان مزيد انڪشاف ٿئي ٿو ته فرائض الاسلام جي سڀني ترجمي مان، جو بمبئي ۾ موجود هو، رڳو شهر جي رهندڙ سڀني بزرگ فقير عبدالله شايد حيدرآباد دکن جي هڪ عالم دوست خفرات جي چوڻ تي هي نقل ڪرايو هو. والله اعلم.

فرائض الاسلام جي ترجمي جو مواد

فرائض الاسلام جي هن سڀني ترجمي ۾ اسلامي فرضن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي يعني اعتقادي فرائض ۽ عملي فرائض. اسين هتان هن حصي بابت جو ذڪر هيٺ ڪري ٿو.

اعتقادي فرائض

اعتقادي فرضن جي فهرست ۾ ڪل ٻٽيهه فرض ڳڻايا ويا آهن. انهن جي تعداد جو تفصيل هنڌ آهي. ايمان جون ست صفتون، الله تعالىٰ تي ايمان آڻڻ جا ڇوراسي فرض، ملائڪن تي ايمان آڻڻ جا اٺڻ فرض، ڪتابن تي ايمان آڻڻ جا يارهن فرض، رسولن تي ايمان آڻڻ جا ڇا ٻتاليهه فرض، قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ جا ايڪو لک ڇاهه فرض ۽ تقدير تي ايمان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 295

آڻجاڻي فرض. ۶

اعتقادي فرض ايمان جي موجودگي ۽ صحت جي ثبوت لاءِ جن ضروري عملي فرضن جو بيان به ڪتابن ۾ ڏنل آهي

قسم ٻيو جن جو تعداد ڪل هڪ سو پارهن ٻڌايل آهي. انهن مان ڪي حقوق الله سان تعلق رکن ٿا. مثلاً مسلمانن تي شفقت، انهن جي خوشي ۾ خوش ٿيڻ ۽ رنج ۾ غمگين ٿيڻ، انهن کي حتي المقدور تڪليف کان بچائڻ ۽ هٿ يا زبان سان ڪنهن کي نه رنجائڻ وغيره. ۷

عملي فرض: عملي فرضن جو تعداد ڪل ۱۱۳ ڄاڻايل آهي، جنهن کي هن طرح تقسيم ڪيو ويو آهي يعني فرض عين ۽ فرض ڪفايه. انهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

فرض عين: فرض عين ۾ نماز، روزي، حج ۽ زڪوات جي فرضن کانسواءِ ڪجهه انهن فرضن جو بيان به ڏنل آهي جي حقوق العبادسان واسطو رکن ٿا. فرض عين ۾ جي خاص ڳالهيون سيکارڻ ويون آهن، تن مان ٿورين جو انتخاب هت پيش ڪجي ٿو. ۸

Gul Hayat Institute

وضو: نماز لاءِ وضو ڪرڻ فرض آهي. وضوءَ ۾ ڪل اسي فرض آهن. ڏاڙهي ڪانٻي هجي يا ڇڊي، ان تي مسح جائز نه آهي. ڪانٻي ڏاڙهي فقط منان ڏوٻي پر ڇڊي ڏاڙهي اندران به ڏوٻي. ۹

جيڪڏهن بدن جي ڪنهن هنڌ ۾ ڪنهٽ ڪيل آهن ته ان حالت ۾ وضوءَ ڪرڻ ۽ غسل ڪرڻ فرض آهي پر جي گهٽا صحيح آهن ۽ ٿورا ڪيل آهن نه گهٽا ڏوڻ ڪين ۽ ٿورن تي مسح ڪري ڇڏي. جي هڪ جيترا ڪيل آهن ته اهي گهٽا ڪيل سمجهبا. پر امام شافعي ؒ جو انهيءَ ۾ اختلاف آهي. ۱۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 296

غسل: غسل جا کل ستيتاليه فرض آهن. غسل جي بين مسئلن کان سوا، جي خاص مسئلا سمجهڻ اڃتاسي هي آهن. عورت جي جسم ۾ جي سوراخ زيورن پائڻ لاءِ آهن، غسل وقت انهن ۾ پاڻي پهچائڻ گهرجي. ۽ جي اهي پوري ڏيا آهن نه پوءِ ضرورت کانسواءِ. عورت لاءِ فرج جي اندرين حصي کي ڌوئڻ ضروري ناهي. پر اڻ طهر ۽ مرد لاءِ خشفي تي چڙهيل کل ۾ پاڻي رسائڻ فرض آهي بشرطيڪ ان ۾ تڪليف نه ٿئي. جيڪڏهن کنهن کي غسل جي حاجت آهي ۽ غسل ڪرڻ سان آڳ ان کي ڪري نه سگهندو. فرض يا نفل نماز پڙهڻ، جنازي نماز، تلاوت جو سجدو، شڪراني جو سجدو، قرآن شريف جي سڀي آيت پڙهڻ، لهڻ پڙهڻ ۾ فرق نه آهي، قرآن شريف هٿ ۾ کڻڻ، چاهي فقط هڪ آيت هجي بشرطيڪ کنهن شيءِ تي ويڙهيل نه هجي، قرآن شريف سان سواءِ ڪجهه پوڪيل نه هجي. ڪجهه پوڪيل هجڻ جي ڪ معنيٰ يا تفسير وغيره نه ان کي کڻڻ ۾ هرج ناهي. مسجد ۾ داخل ٿيڻ، طواف.

ويم سان پوءِ جيڪڏهن عورت کي لهڻ جو خون جاري نه ٿيو ته ان لاءِ غسل ڪرڻ لازم آهي. هي قول امام ابوحنيفهؒ جو آهي. پر صاحبين غسل ضروري نه ٻڌايو آهي. فتويٰ امام اعظمؒ جي قول تي آهي.

تيمم: تيمم جا فرض به ستيتاليه آهن. جن مان خاص هي آهن. جيڪڏهن تيمم نماز پڙهڻ جي نيت سان نه ڪيو ويو آهي، پر فقط قرآن شريف چهڻ يا مسجد ۾ داخل ٿيڻ وغيره ڪن جي نيت سان ڪيو ويو آهي ته ان تيمم سان نماز ادا نه ٿيندي. جنهن شي سان تيمم ڪجي اها يا زمين جي جنس مان هجي گهر جي يا مٽي غبار موجود هجي گهر جي جو تيمم وقت هٿ تي ڏسڻ ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 297

اچي. پر جي هٿن تي غبار جو اثر ظاهر نه ٿيو ته تيمم روا نه ٿيندو.

تيمم ڪندڙ جڏهن پهرين پاڻي ۾ جي ڳولا ڪندو. جي ڪا ساڻ يا ڪي پري مان ڏسڻ ۾ اچن ته انهن ڏانهن وڃي. ڪنهن عادل مڪلف مان ڪنهن معين هنڌ پاڻي هڻڻ جي خبر ملي ته ان طرف وڃي. جيڪڏهن اهڙو هنڌ معين ناهي ته جوڏاري تي سوگز اندر ڳولا ڪڻي بشرطيڪ ان هجي. خوف جي حالت ۾ ڳولا فرض نه آهي. بنا ڳولڻ جي نماز پڙهي ته ڳولا ڪري ٻوءِ ان جو اعاده ڪري. جيڪڏهن امانت جي تلف ٿيڻ جو خوف هجي ته تيمم ڪرڻ فرض آهي. جيڪڏهن ڪنهن امڙي بندي خاني ۾ آهي جتي نه پاڪ جاءِ آهي نه ئي پاڻي ۽ نه تيمم لاءِ خاڪ. ان حالت ۾ بنا پاڪائي ۽ نماز پڙهي. ۱۲

موزي تي مسح ڪرڻ

موزي تي مسح ڪرڻ جائز ۽ ويا آهن. جن ماڻ خاص هي آهن. موزي تي مسح لاءِ جامدت مقرر آهي سا مقيم لاءِ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ۽ مسافر لاءِ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون آهن. پر جيڪڏهن پيرن ۾ امڙي بيماري آهي جو مرڻ ماڻ ٻاهر ڪڍڻ سان اها بيماري وڌندي ته مدت ماڻ زياده جيستائين مڪمل شفا ٿئي تيستائين مسح ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن پاڻي ٿوڙو آهي ۽ پيرن ڏئي ته تاسگهجن ته مسح ڪرڻ فرض آهي. جيڪڏهن پيرن ڏئڻ سبب نماز جي وقت ڪٽائڻ جو انديشو آهي يا عرفات جي ميدان جي وقت وڃڻ جو ڊپ آهي ته انهن ٻنهي حالتن ۾ موزي تي مسح ڪرڻ فرض آهي. ۱۳

جنبت: جنبت جي متعلق مسائل فرائض الاسلام جي هن ترجمي ۾ علحده ذڪر نه آهن پر هن فصل ۾ جاڻايل آهي ته هي مسائل غسل، وضو

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 298

۽ تيمم جي حصلڻ ۾ اچي چڪا آهن. ۱۴

حيض ۽ نفاس:- حيض ۽ نفاس جي بيان ۾ اڑهن فرض آهن. پر جيڪي ته عورت قابل ذڪر معمولي مسئلو ڏسڻ ۾ نه آيو تنهنڪري هت حيض ۽ نفاس جي عام مسئلن جو ذڪر ڪرڻ ضروري نه سمجهيو ويو. ۱۵

پاڪائي: پاڪائيءَ جا چوٿيا هيٺ فرض آهن جن مان خاص هي آهن. ڪپڙي، پٽڙو گيهه، ماکي يا تيل وغيره. جيڪڏهن پليت ٿين ته انهن ۾ ڪجهه پاڻي وجهي نيستائين ڪاڙهجي جيستائين سڀ پاڻي ڪيي وڃي. اهڙي طرح نئي دڳاڪاڙهجو ته پوءِ انهن کي پاڪائي جو حڪم آهي. تيل ۽ گيهه ۾ ڪاڙهڻ شرط نه آهي. نئي پيرا پاڻي وجهي وهائڻ ڪافي آهي. ماکيءَ ۾ پاڻي پنجون حصو وجهڻ گهرجي. جاول گيهه مان پليتي ڪوري ڪڍي نه ٻاڌي گيهه پاڪ ٿيندو. پليت گوشت جيڪڏهن رڌجي ويو ته رڌي ماپوءِ ان کي نئي پيرا پاڻيءَ سان ڌوئبو ته پاڪ ٿيندو. پر جي گوشت ڪچي ۾ پڪي ماپوءِ پليت ٿئي ته امام اعظمؒ جو قول آهي ته پاڪ نئي نه سگهندو. پر امام ابو يوسفؒ جو قول آهي ته گوشت ڌوئڻ سان پاڪ ٿيندو. بئي امام جي هر ڏاڻي قول تي ڪم ڪرڻ ماپوءِ سڪايو ڏيڻ فتوىٰ امام اعظمؒ جي قول تي آهي. پر هرحال ۾ گوشت جو شوربو پاڪ نئي نه سگهندو. ۱۶

استنجا:- استنجا جا چار فرض آهن. استنجا مان پوءِ هٿ مان بوءِ کي صاف ڪرڻ به ضروري آهي پر جي عاجز ٿئي ته هرج نه آهي. ۱۷

نماز جا فرض: نماز جي فرض جا به نوع بڌايا ويا آهن. پهريون باهرڀان فرض. جنڪي نماز جا شرط چئجي ٿو ۽ بيا اندرپان فرض جن کي ارڪان چئبو آهي. ۱۸

پهريون نوع:- پهرين نوع جي فرض ۾ نماز جي انهن شرطن جو بيان آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 299

نماز جي جاءِ جي پاڪائيءَ جي ضرورت هجي ته سجدي ۾ پيرن واري جاءِ
۽ ٻانهن واري جاءِ سان پاڪ هجڻ گهرجي، پر هٿن ۽ گوڏن واري جاءِ ۾ اختلاف آهي
بهرحال صحيح قول هي آهي ته اهي هٿ به پاڪ هجڻ گهرجن. مذڪور جاين
مان جي اڻڙي پليتي لڳل هوندي جا نماز جو مانع آهي ته نماز نه ٿيندي. نماز ۾
جي نماز جو آڳ يقين هجڻ گهرجي نه نماز جي جاءِ ۽ سندس ڪپڑا پاڪ آهن.
پير جي پاڻ پهنجن ڪپڙن کي پاڪ نه ٿو سمجهي ۽ انهن ۾ ئي نماز پڙهي ٿو پر پوءِ
ظاهر ٿئي ٿو ته اصل ۾ ڪپڑا پاڪ هئا ته به نماز نه ٿيندي. ساڳي صورت جسم
۽ مڪان جي پاڪائيءَ جي يا بي وقتي نماز جي آهي.

بلغار جي رهاڪن تي سومهڻي وتر فرض نه آهي، چاڪاڻ ته اتي سومهڻي
وتر جو وقت اچي ئي نه ٿو. جن هنڌن کي ڏينهن ۾ شفق ٿيڻ جو مان اڳيئي
سڄ ايري ٿو. اتي جي رهاڪن تي انهن ڏينهن ۾ سومهڻي ۽ وتر فرض نه
آهن. جمڙوڪ: بلغار جي ڪن حصن ۾.

هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ قيام فرض نه آهي. نماز ديهي پڙهڻ به جائز آهي.

جمعي جي نماز جي صحت جا شرط ٻيا ڪيتري موقوف آهي. امام جي
اقتداء جي نيت جمعي ۽ عيد نماز ۾ فرض نه آهي. چاڪاڻ ته اهي نمازون
امام کان سواءِ ادا ئي نه سگهندا هون. اسلام آڻڻ ۽ فرائض ادا ڪرڻ جي
وسائل لاءِ نيت شرط نه آهي. جمڙوڪ: غسل يا وضو سواءِ تيمم جي، امام ۽ مقتدي جي
وچ ۾ ايڙي ويجهي نه هجي، جنهن ۾ ڪاڏو هٿي ويجي. امام مقتدي جي مڪان
ادني حال وارو نه هجي. جمڙوڪ امام نفل پڙهندو هجي ۽ مقتدي فرض يا
امام فرض جي غلطي ڪندو هجي ۽ مقتدي صحيح فرض پڙهندو هجي. 19

بيو نوع:- قرأة ۾ فقط بسم الله پڙهڻ سان نماز درست نه ٿيندي. فرض

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 300

يم اعراب جي تغيرتين سان نماز رواڙ نٿيندي. چاهي معنيٰ يم به تبديل نٿي
يا معنيٰ يم تغير فاحش نه ٿئي . پر جي تجويد يم غلطي ٿي ۽ جيڪڏهن معنيٰ
تغير فاحش نه ٿئي تڏهن نماز فاسد نٿيندي . پر پڙهندڙ گنهگار ٿيندو
نماز جي جيڪڏهن نماز جو ڪوڪڙ سجوڏ يم ادا ڪيو ۽ اهو اڌ ڀل نه
سمجهيو، پر جيڪڏهن ڪوڪڙ سڏ يم شروع ڪيائين ۽ ان رڪن يم ڪي
جاڳي ٻيو ياجاڻڻ جي رڪن شروع ڪيائين پوءِ سڏ آيس ۽ اهو رڪن ادا ٿيو.
جنهن شخص مان جي فرض قضا ٿيا هجن، ان تي فرض آهي ۽ انهن جي فديي
لاءِ وصيت ڪري . سندس ترڪي مان جيڪڏهن سمورو فديو ادا ٿي سگهي ۽
ادا هجي نه ۽ جيترو ممڪن هجي ادا ڪرڻ جي.

جيڪڏهن جڏن رڪعتن فرض يم شڪ پيو ۽ تي ٿيون يا چار ۽
بن عادل مقتدين جي چوڻ تي هلڻ جي انهن تي ڇيون ۽ نماز جو اعادو
ڪيو. جيڪڏهن امام ۽ جي جماعت شڪ يم آهي باقي بن جماعتين مان هڪڙو
تي ۽ ٻيو چار چوي تو. ۽ جيڪو تي چوي سو نماز وري پڙهندو ۽ باقي بنين جي
نماز ٿي وئي . امام کي تن رڪعتن جو يقين آهي ۽ جماعت کي ڇڻ جو ۽ نماز
جو اعادو ڪيو. امام کي ڇڻ جو يقين آهي پر جماعت کي تن جو ۽ جماعتي
اعادو ڪندا ۽ نه امام .

نماز يم ڪنهڪي ٻڌڻ ۽ ياسڙڻ ۽ وڏسجي ۽ نماز ٻين فرض آهي
۽ ٻڌڻ وس آهر ان کي بچائڻ جي ڪوشش ڪجي .

ڪنهن شخص کي جمعي نماز يم شڪ پيو ۽ نماز صحيح ٿي يا نه پوءِ جي
احتياط ظهر جو وقت آهي ۽ اهڙي شخص کي گهر جي ۽ چار رڪعتون فرض آخر
ظهر جي ست سان ادا ڪري ۽ جي وقت اندر نه پڙهيائين ۽ قضا ڪري پوندس

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 301

ٻي جي وقت گذري ويو تنهن ڪري پوءِ شڪ پيس نه آخر ظهر پڙهڻ يا قضا ڪرڻ لازم نه آهي. جمعي ۽ ٻيا جوامام جيڪڏهن خطبي وقت حاضر نه هوندو ته نماز نفي امام جي ۽ نه جماعتين جي درست ٿيندي. ۲۰

جنازي جا مسائل

جيڪڏهن ڪو مرد اهڙين حالتن ۾ مري ويو جو ان کي غسل ڏيڻ لاءِ ڪو به مرد موجود نه هجي تڏهن اها عورت جا ميت مرد جي احاطت ۾ آهي ان کي فرض آهي ته ميت کي غسل ڏئي. ٻي جي اهڙي عورت موجود نه آهي يا ڪو مرد به غسل ڏيڻ لاءِ موجود ناهي نه پوءِ محرم عورت ميت مرد کي تيمم ڏيندي. پهنجي هٿن کي ڪپڙي سان ويڙهڻ ضروري نه آهي. ٻي جي محرم عورت به نه هوندي ته ڏاڙهن عورت هٿ کي ڪپڙو ويڙهي تيمم ڪرائيندي. سا ڳيو حڪم ان عورت جو آهي جا مردن ۾ گذاري ويي. ميت جي ڪنن ۾ فقط هڪ ڪپڙو فرض آهي جو ٻڌن کي ڏڪي. غائب ميت جي جنازي پڙهڻ جائز نه آهي. ۲۱

زڪواة: زڪواة ۾ ستيه فرض آهن. اٺن مان کي خاص هي آهن. حاجت اصليءَ ۾ کن عالمن جي راءِ موجب پهنجي ۽ پهنجي اهل عيال جي قوت جيترو هڪ مهيني جو طعام ۽ ڪپڙا جي راءِ موجب باقي مهينن جو طعام شامل آهي. بدعتين، ڪرتين، معتزلن، رافضين ۽ غير مسلمن کي زڪواة نه ڏبي. اٺن کي زڪواة ڏيڻ جائز نه آهي.

فطرو: صدقه فطر ۾ بارهن فرض آهن. فطرو ڏيڻ کي ڏيڻ جائز آهي ٻي هر ٻيءَ کي ڏيڻ جائز نه آهي. کن عالمن جو قول آهي ته هڪ شخص جو فطرو گهڻن فقيرن کي ڏيڻ جائز نه آهي. ٻي کن وقت ترجيح من قول کي آهي ته جائز آهي. ۲۲

اضحي: اضحيءَ ۾ ارڙهن فرض آهن. جن مان کي هي آهن. اضحيءَ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 302

کرڻ وقت جيڪڏهن الله تعالىٰ جي قربت حاصل ڪرڻ جي نيت نه هوندي ۽ فقط گوشت کائڻ جي نيت هوندي ته اضحي جائز نه ٿيندي. جيڪڏهن جانور ۾ ست جناسن مان هڪ جي به جيڪڏهن نيت صحيح نه هوندي ته سڀني جي اضحي ناجائز ٿيندي. جيڪڏهن ڪنهن سبب حج جي عيد جي نماز ڪنهن کان رهجي وئي ته ان ڏينهن سڄ لٿي کان اڳ قرباني نه ڪندو. جيڪڏهن پهرئين ڏينهن ڪنهن سبب عيد نماز پڙهي نه وئي ۽ پئي ڏينهن پڙهي وئي ته ان ڏينهن نماز کان اڳ قرباني ڪرڻ جائز آهي.

روزو: روزي جي بيان ۾ روزن ۽ اعتڪاف جا مسئلا مختصر طرح لکيا ويا آهن جي سڀني فقهي ڪتابن ۾ موجود آهن. جنهنکري انهن ڪي وري لکڻ جي ضرورت ڪانهي. ۲۴

حج: حج جي سهين ۾ ڪنهن وقت ايترو مال جمع ٿيو جو حج ڪرڻ فرض ٿيو پر حج نه ڪيائين ۽ مال خرچي ڇڏيائين ته به فرض ساڻ رهيو. ۽ جي حج جي سهين کان پهرين ڪنهن جمع ٿيو ۽ حج جي سهين کان اڳين خرچ ڪري ڇڏيائين ته حج فرض نه ٿيو. ڪنهن شخص بيمار ٿيڻ ۾ پهچي ڪري مال ٻئي کي نائب ڪري حج تي موڪليو پوءِ چڏو ٿيو ته سندس اهو حج نفل ٿيو. بيماري ۾ حج لاءِ وصيت ڪيائين ۽ سندس وفات ڪري پوءِ وارثن نائب موڪلي حج ڪرايو ته سڀ کان فرض ادا ٿيو. وارثن تي حج جي وصيت جي پورائي ڪرڻ تڏهن فرض آهي. جڏهن ترڪي جو ٽيون حصو حج لاءِ ڪافي ٿئي. مال سبب حج فرض ٿيو پر پوءِ فقير ٿيو ته به حج جو فرض ساڻ رهيو. ۲۵

فرض عين جو ٻيو قسم

فرض عين جي ٻئي قسم ۾ معاملات ۽ اخلاق سان تعلق رکندڙ فرض جا ٽايا ويا آهن جن مان ڪي هي آهن. ماڻ پيءُ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 303

استاد ۽ حاڪم جي اطاعت. بشرطيڪ سندن امر شرعي حڪم لاءِ هجي غير شرعي امر ۾ سندن اطاعت جائز نه آهي. ڪمائڻ ۽ پائڻ وغيره ۾ حلال مال ڪان خرچ ڪرڻ. حلال مال اهو آهي جنهن جي حرام هجڻ جو يقين نه آهي. برائو مال مالڪ کي موٽائي ڏيڻ، ورهاڱي وقت برابري ڪرڻ، ٽوڙ ٻوري ڪرڻ سڀ ڳالهائڻ، سواءِ انهن موقعن جي جن جو تفصيل فقه جي ڪتابن ۾ آيل آهي. جي طاقت هجي ته قرض ادا ڪرڻ، قرض ۾ مهر، نفقو، بيع جي قيمت وغيره ايجي ويا. ڪفارڻون ادا ڪرڻ، ديت ادا ڪرڻ، ٿوٽ ٽيل قرض ادا ڪرڻ، غير مجتهدن ۽ مجتهد جو تابع ٿيڻ، جو فرض ۾ فرض، واجبن ۾ واجب ۽ سنتن ۾ سنت آهي. عام ماڻهن لاءِ ان ڏڻي عالم جو تابع ٿيڻ جو فقيه آهي ۽ سندن شهر ۾ موجود آهي. ۽ فقط انهن ڪمن ۾ تابع ٿيو جي شرعي قرض هوندا هجن جي رڪاڪن عالمن جي راءِ موجب فرض ۽ ڪن جي راءِ موجب واجب آهي. سياڻپ ۾ فرض آهي نه بارن کي اسلام جا احڪام سيکاري. مرس ۾ فرض آهي ته مرد ۽ عيال کي اسلام جا احڪام سيکاري. غير جي گهر ۾ دخل ٿيڻ وقت اجازت طلب ڪرڻ. ۽ مرد جي گهر ۾ دخل ٿيڻ وقت اجازت گهرڻ ضروري آهي. الله جي رضا ۾ راضي رهڻ. تخليق وقت صبر ڪرڻ. عدت واري عورت ۾ فرض آهي ته عدت جي عرصي ۾ بيٽي سان نڪاح نه ڪري ۽ ان گهر مان نه نڪري جنهن ۾ عدت واجب ٿيس، جيئن عدت ختم ٿئي. جنهن عورت کي ٽي طلاقون ملڻ ۾ اها بيٽي نڪاح ۽ دخول ڪان اڳ ڇڏين مرد کان پاڻ کي روڪي. جيڪا عورت طلاق بائن يا مغلظ يا موت سبب عدت ۾ ويٺل آهي سا ضروري زينت کان سواءِ بي زينت کان پاڻ کي روڪيندي. عورت سان عمر ۾ هڪ دفعو جماع ڪرڻ، پنهنجي نفس ۽ اهل کي شرعيت جو تابع ڪرڻ ۽ نفقو جوش واجب آهي سوا ڪرڻ، جنهن عورت جو مار

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 304

بي عورت جي ٿج نہ ٿوڏائي، ان ني ان بارکي ٿج ڏيڻ فرض آهي. عورت کي گهر جو حڪم ڪرڻ. عزيزن سان رحم سان پيش اچڻ. عبادت ۾ اخلاص پيدا ڪرڻ. الله جي نعمتن تي شڪر ڪرڻ. هر حڪم ۾ الله تي توڪل رکڻ. هڪ ڪان وڌيڪ عورتن جي وچ ۾ عدالت ڪرڻ. ناپاڪ مال کي صدقو ڪرڻ. عورت کي شرعي امرن ۾ مرد جو تابع ٿيڻ. ڪوڙي شاهدي ڏيڻ کان بچڻ. زبان کي بحث کان روڪڻ. غيبت کان بچڻ. ڪن کي غير شرعي آواز ٻڌڻ کان بچائڻ. جهڙوڪ سرائير وغيره. غير شرعي ڪم ڏسڻ وچ ۾ کان پيرن کي هلڻ. هٿن کي غير شرعي ڪم ڪرڻ کان بچائڻ. مرد جي زنا يا بين سنج هيل ٻاڻين کان بچائڻ. سيني بدن کي برائين کان بچائڻ. غير شرعي ٻاڻين ۽ برائين جي تفصيل بابت ڪتاب ۾ اشارو ڏنو ويو آهي نہ بزرگ محمد اڪرم اعتصاري پنجابي رسالي ۾ حرام ٻاڻيون جمع ڪيون آهن جن جو تعداد هڪ سو پنجتيه آهي مثلاً: رشوت ڏيڻ ۽ وٺڻ، غصب، حسد، ڪبر، عجب وغيره. برائين جو مڪمل بيان ذڪر نہ ڪيو آهي. الله جي نالي کي تعظيم ڏيڻ، هر فرض نماز ۾ پڙهڻ، قرآن شريف جا ٻيا سورا ۽ دعائون جهڙوڪ سان نماز درست ٿئي، سا هڪ آيت وڏي يا ٽي آيتون ننڍيون آهن، موت اچڻ کان اڳ ان جي تياري ڪرڻ کفن خيرات يا مباح حڪم جيڪي خيرات ڏنو هوندائين ان جي استعمال کان بچائڻ.

فرض ڪفايه: جيڪي حڪم فرض ڪفايه آهن سي هي آهن. سلام ڪرڻ سنت مؤڪده آهي. ڇڪ جو جواب ڏيڻ، جيڪڏهن ڇڪ ڏيندڙ حد جوي. ٻي جيڪڏهن حد نہ ٿوي يا ٻڌڻ ۾ نہ ٻڌي تہ فرض نہ آهي، ميت کي غسل ڏيڻ، ميت کي ڪپڙي جو ڪفن ڏيڻ، جنازي نماز، ميت کي زمين ۾ دفن ڪرڻ، بيمار کي پڇڻ، ڪافرن سان جنگ ۾ مسلمان بادشاه جي مدد ڪرڻ، جڏهن عام لشڪر نہ هوندي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 305

ٻي عام لفظ وقت فرض عين آهي. امر معروف نهي منڪر. ٻئي جوءِ يا غلام جي حالت ۾ اهي ٻئي فرض عين آهن. سڄو قرآن شريف حفظ ڪرڻ طاقت آهر مظلوم جي مدد ڪرڻ، مسلمان کي نيڪ صلاح ڏيڻ جي اهڙي طاقت الله. فتويٰ ڏيڻ ۽ قضا جي حڪم هلائڻ کي قبول ڪرڻ. ٻيو جيڪو هن فقط هڪڙي اهڙو ماڻهو آهي جنهن ۾ اها اهليت آهي نه ان لاءِ فرض عين آهي. حق جي شاهدي ڏيڻ[۲۷]

فرائض الاسلام جو تجزيو

ڪتاب فرائض الاسلام جي سنڌي ترجمي جي فقهي اهميت بابت سنڌ جي ٻن جليل القدر عالمن جي راءِ هن سمان آڳ هن مقالي ۾ ٻڌي ڪئي وئي آهي.[۲۸] هي ٻئي بزرگ هڪ مخدوم امير احمد ۽ مولانا غلام مصطفيٰ ڪاسبي هن راءِ جا آهن ته ڪتاب فرائض الاسلام پنهنجي موضوع تي هڪ يگانو ۽ بي نظير ڪتاب آهي.

ڪتاب فرائض الاسلام جي سنڌي ترجمي تي هڪ نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪتاب ۾ انهن سيني ڳالهين کي فرض قرار ڏنو ويو آهي جي شرعي فرض نه نه آهن. برشرعي طرح فرض آهن. ان ڪري انهن کي شرعي حڪم سان لاڳاپو رکندڙ ٻين حڪم جا فرض به انهيءَ حڪم جي فرض ۾ شامل ڪيا ويا آهن. مثلاً وضو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پاڻي جي پاڪائيءَ بابت جيڪي ضروري ڳالهيون آهن تن جي ڄاڻ رکجي. اهڙي طرح پاڻيءَ جي پاڪائيءَ جي مسئلن کي به وضوءَ جي فرض ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري فرض جو تعداد ڪتاب فرائض الاسلام ۾ بين فقهي ڪتابن ۾ ڄاڻايل فرض جي تعداد کان گهڻو زيادهه آهي.

فرائض الاسلام اصل عربي ۾ ٻڌو ويو هو پر مخدوم محمد هاشم[۲۹] جو من ڪتاب ڪڍ جو مقصد عام ماڻهن ۽ علماءِ جو فائدو هو. فرائض الاسلام ۾ ڪيترن سنڌي ڪتابن ۾ جوڙ ۽ تنقيد ٻڌي ڪئي وئي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 306

فرائض الاسلام کتابیم جن کتابن مان حوالا ڈناویا آهن تن جا نالا

۱. ابوالمکارم — ص ۳۶۶

۲. اشباه نظائر — ص ۶۷ ص ۱۸۷ ص ۱۹۹ ص ۲۰۲ ص ۲۱۲ ص ۲۵۸ ص ۲۶۳ ص ۲۹۸

۳. امداد الفتاح — ص ۸۳ ص ۱۱۸ ص ۱۲۰ ص ۱۲۳ ص ۱۳۸ ص ۱۵۷ ص ۱۵۹ ص ۱۶۸ ص ۱۷۸ ص ۱۸۳ ص ۱۹۷ ص ۱۹۹ ص ۲۲۴ ص ۲۲۸ ص ۲۳۰ ص ۲۴۴ ص ۲۴۷ ص ۲۴۷ ص ۲۵۴ ص ۲۶۵ ص ۲۷۱ ص ۲۷۵ ص ۲۷۶ ص ۳۶۴ ص ۳۷۲

۴. بدایع — ص ۲۸۷ ص ۳۲۰

۵. برجندي — ص ۲۲۵

۶. بحرالرائق — ص ۸۳ ص ۱۱۳ ص ۱۱۵ ص ۱۱۹ ص ۱۴۷ ص ۱۷۵ ص ۱۷۸ ص ۱۷۴ ص ۱۷۶ ص ۱۹۲ ص ۱۹۳ ص ۱۹۴ ص ۱۹۵ ص ۱۹۹ ص ۲۰۱ ص ۲۰۹ ص ۲۱۲ ص ۲۱۳ ص ۲۱۷ ص ۲۲۰ ص ۲۲۳ ص ۲۲۵ ص ۲۲۳ ص ۲۵۸ ص ۲۶۴ ص ۲۷۳ ص ۳۱۷ ص ۳۲۸ ص ۳۶۴ ص ۳۷۴

۷. بحرالعیق — ص ۱۱۱ ص ۱۴۳ ص ۲۱۸

۸. تجنیس — ص ۱۴۹

۹. تفسیر بیضاوي — ص ۲۰۷

۱۰. تلویح — ص ۱۸۳

۱۱. جامع الرموز — ص ۳۷۲

۱۲. جواهر الفتاوی — ص ۱۹۴

۱۳. حاشیه شهاب — ص ۲۰۷

۱۴. حاوي — ص ۳۶۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 307

۱۵. حلاوت المصلي — ص ۳۶۲ ص ۳۷۳
۱۶. خزانة الروايت — ص ۳۶۳
۱۷. خزانة المفتين — ص ۱۸۸
۱۸. خلاصه — ص ۱۱۹ ص ۱۸۸ ص ۱۹۷ ص ۲۰۸ ص ۲۱۲ ص ۲۵۴
۱۹. درمختار — ص ۱۱۰ ص ۱۱۳ ص ۱۲۹ ص ۱۴۹ ص ۱۷۸ ص ۱۸۷ ص ۱۸۹ ص ۲۰۱ ص ۲۰۲ ص ۲۱۰ ص ۲۱۳ ص ۲۲۸ ص ۲۳۳ ص ۲۶۴ ص ۲۷۱ ص ۲۷۲ ص ۲۸۴ ص ۲۸۵ ص ۲۸۹ ص ۳۶۲ ص ۳۷۳
۲۰. سراج الوهاج — ص ۱۱۹ ص ۱۴۹ ص ۲۷۴ ص ۳۰۴ ص ۳۰۸
۲۱. شرح جامع — ص ۳۱۷
۲۲. شرح شرنبلالي — ص ۲۰۷
۲۳. شرح صراط المستقيم — ص ۷۳
۲۴. شرح منيرمنية — ص ۲۰۵ ص ۲۰۹ ص ۲۲۳
۲۵. شرح طحاوي — ص ۱۱۰ ص ۱۱۵
۲۶. شرح عين العلم: علي قاري — ص ۳۶۸
۲۷. شرح قدوري — ص ۲۶۴
۲۸. شرح مجمع ابن الملك — ص ۲۸۷
۲۹. شرح مشكواة: شيخ عبدالحق — ص ۳۶۷
۳۰. شرح منسك: ملاعلي قاري — ص ۲۱۴ ص ۳۱۷ ص ۳۵۱
۳۱. شرح منظومي وهبانيه — ص ۲۰۵ ص ۲۱۳
۳۲. شرح منية — ص ۱۱۳ ص ۱۴۹ ص ۱۸۰ ص ۱۸۸ ص ۱۹۰ ص ۱۹۷ ص ۲۰۹ ص ۲۱۰ ص ۲۱۲ ص ۳۳۳ ص ۲۸۰

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 308

۳۳۔ شرح وقایہ ص ۳۵۸

۳۴۔ شرح وہبانیہ ص ۱۸۰

۳۵۔ شرح ھدایہ ص ۸۳

۳۶۔ فتاویٰ تاتارخانی ص ۱۴۹ ص ۱۸۸

۳۷۔ فتاویٰ سراجی ص ۱۴۹ ص ۲۸۵ ص ۳۲۰

۳۸۔ فتاویٰ صدرشہید ص ۱۰۶

۳۹۔ فتاویٰ ظہیریہ ص ۱۴۹

۴۰۔ فتاویٰ عالمگیری ص ۱۱۹ ص ۱۸۸ ص ۲۸۱ ص ۳۰۱

۴۱۔ فتاویٰ غیاثیہ ص ۱۴۹

۴۲۔ فتاویٰ قاضیخان ص ۱۸۰ ص ۱۹۲ ص ۱۹۳ ص ۲۵۴ ص ۳۲۰ ص ۳۴۵ ص ۳۶۴

۴۳۔ فتح القدیر ص ۱۸۹

۴۴۔ فتح المبین ص ۱۱۸ ص ۱۴۹

۴۵۔ کافی ص ۲۳۱ ص ۳۴۵ ص ۳۶۳ ص ۳۶۴

۴۶۔ کتاب عقائد ص ۴

۴۷۔ کفایہ ص ۳۶۴

۴۸۔ کنزالدقائق ص ۱۵۹ ص ۲۳۱ ص ۲۳۷ ص ۳۶۲

۴۹۔ کنزالعباد ص ۲۰۸ ص ۲۸۹

۵۰۔ مبسوط سرخسی ص ۱۱۵

۵۱۔ متانت ص ۱۹۴

۵۲۔ مجتبیٰ ص ۱۸۸

۵۳۔ محیط برھانی ص ۱۱۹ ص ۱۸۸ ص ۲۵۴ ص ۲۶۴ ص ۳۰۸

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 309

٥٤. محيط سرخسي — ص ٢٣٣ ص ٢٥٤ ص ٣٠٧

٥٥. مضمرات — ص ٢٨١ ص ٣٦٤

٥٦. مظهر الانوار — ص ٢٠٦

٥٧. معراج الدراية — ص ١٤٩ ص ٢٨٧

٥٨. مناسك كبير — ص ٣٥٠

٥٩. نهايه — ص ٣١٧ ص ٣٦٤

٦٠. نهر الفائق — ص ١١٠ ص ٢٥٨

٦١. وقايه — ص ٣٦٢

٦٢. هدايه — ص ٢٣٤ ص ٣٠٥ ص ٣٣١ ص ٣٤٥ ص ٣٦٢

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 310

حوالاء تطیقات

۱. مخدوم امیر احمدؒ: مقدمہ بذل القوہ ص ۲۴
مولانا غلام مصطفیٰ صاحب قاسمی: سنبھلی دینی کتابوں کا تعارف قلمی مخطوطوں وارد حصہ
۲. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۶
۳. بزرگ علی بن حافظؒ: فرائض الاسلام ص ۱۶
۴. ذسو عکس من مقالی جو. ص ۳ ذسو عکس من مقالی جو ص ۲ ۷۸۳ء
۵. بزرگ علی بن حافظ: فرائض الاسلام ص ۷۸۵ء ص ۷۸۸
۶. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۷
۷. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۷ — ص ۵۰
۸. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۵۰ — ص ۵۶
۹. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۸۱
۱۰. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۸۳
۱۱. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۸۷
۱۲. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۹۱ — ص ۱۰۶
۱۳. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۲۶ — ص ۱۲۷
۱۴. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۲۸ء ص ۱۲۹
۱۵. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۲۹
۱۶. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۲۹
۱۷. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۳۴ — ص ۱۵۶
۱۸. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵۶ء ص ۱۵۷
۱۹. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵۸ء ص ۱۵۹
ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵۹ — ص ۲۶۸

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 311

۲۰۔ بزرگ علی بن حافظ: مرآۃ الاسلام ص ۲۶۸ — ص ۲۷۴ منہ تذسو من مقالی جو ص ۱۰۵، ص ۳۸۰ ج ۶۹۳

۲۱۔ ——— الیضاً ——— ص ۲۷۴ — ص ۲۸۲

۲۲۔ ——— الیضاً ——— ص ۲۸۲ — ص ۲۹۷

۲۳۔ ——— الیضاً ——— ص ۲۹۷ — ص ۳۰۱

۲۴۔ ——— الیضاً ——— ص ۳۰۱ — ص ۳۱۱

۲۵۔ ——— الیضاً ——— ص ۳۱۱ — ص ۳۴۱

۲۶۔ ——— الیضاً ——— ص ۳۴۱ — ص ۳۶۶

۲۷۔ ——— الیضاً ——— ص ۳۶۶

۲۸۔ تذسو من مقالی جو ص ۳۶۴ ج ص ۲۸۱

۲۹۔ تذسو عکس من مقالی جو ص ۷۸۴ — ص ۷۱۶

منہ تذسو من مقالی جو ص ۲۹۷

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 312

مخدوم شيخ عبدالرحيم گرهوڑيؒ

۱۱۵۲ھ/۱۷۳۹ع کان ۱۱۹۲ھ/۱۷۷۸ع

مخدوم شيخ عبدالرحيم گرهوڑيؒ جن سلطان الاولياء خواجه محمد زمانؒ لنواري واري جا وڏا خليفا هئا. سندن وقت ۾ ملتان کان وٺي ٺٽي تائين جهڙن ٻيو ڪو عالم نه هو!

سندن آبا واجداد مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ ذات جا مگر يا هئا. مگر يا قوم بابت جيڪو وڃي ٿو تہ اصل جيسلمير جا هئا، جتان لڏي پهرين شاهه گڙهه ۽ پوءِ رائي پور ضلع خيرپور، سنڌ ۾ آيا ۽ اتان پوءِ ميرپور ضلعي ۾ اچي آباد ٿيا. سندن جد اعليٰ جو نالو موسيٰ هو. تفحص مگر يا قوم جي سندن پاڙي کي موسيٰ جا ٻچوندڙ آهن. سندن والد صاحب جو نالو سعدالله هو. سندن والده صاحبه سندن شهادت جي موٽ ۾ تائين حيات هئي پر ان بابت وڌيڪ ڪو به احوال ڪونہ ٿو ملي؟

سندن ولادت: مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ سنہ ۱۱۵۲ھ/۱۷۳۹ع ڌاري ڳوٺ واڙ تعلقي ڪري ۾ جاوا هئا. ڊاڪٽر داؤد پوٽي مرحوم جن فرمايو آهي تہ قياساً معلوم ٿئي ٿو تہ بزرگ ميان عبدالرحيم گرهوڑيؒ جي والد صاحب جو گهر ڪنڊري ريلوي اسٽيشن جي اوڀر طرف هو جتي هينئر گاڙهيا سيد رهندا آهن. بزرگ عبدالرحيم جن ننڍي هوندي ئي هتي آيا آهن ۽ هتي پهچڻ کان پوءِ ئي تعليم حاصل ڪيائون ۽ هتان ئي لنواريءَ روانا ٿيا هئا.[۳]

تعليم: مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ ظاهري تعليم ڇوٽيارن جي گوٺ واري بزرگ ميان ميانؒ کان حاصل ڪئي جو ان وقت ڇوٽيارن جي مشهور مدرسي جو مدارالمهام هو. ان کانسواءِ اڏيري لعل جي ڊاڙي واري مدرسي مان به هڪ سيد بزرگ وٽان تعليم پرائي هئائون. جتي ان بزرگ جي شفقت متن اهڙو تہ اثر ڪيو جو سڄي حياتي سيد ن کي وڏي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 313

احترام جي نظر سان ڏسندا هئا.[۴]

علمي تبحر ۽ فقهي مسلڪ } مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي[۵] هڪ عظيم عالم ٿي گذريو آهي. مباحثي ۽ مناظري ۾ ڪوبه عالم مٿن غالب پوڻ نه سگهندو هو. فقهه جي ميدان ۾ پاڻ مجتهد جو درجو رکندا هئا تنهنڪري ڏاڍي طرح هميشه پنهنجي اجتهاد تي هلندا هئا، چاڪاڻ ته پاڻ کي شخصي طرح تقليد جو پابند نه ٿي سمجهيائون.[۵] روايتن موجب مناظري وقت مخدوم محمد هاشم[۶] جهڙي عالم جي راءِ يا فتويٰ کي بدليل طور پيش ڪرڻ جائز نه هئا، پر عام ماڻهن لاءِ تقليد ضروري سمجهندا هئا، اجتهادي مذهبن ۾ حنفي مذهب کي مقدم ٿي سمجهيائون. پاڻ فرمايو اٿن:

حلم سيوٽي سفر و، عالم سيب ڏيا - من تبع عالما لقي الله سالما سچوڻي سڌنا،
پر مذهب حنفين جو پهريون پر وڃا.[۷]

طريقت: طريقت جي راهه مخدوم صاحب[۱] پهرين شاهه عنايت الله شهيد جي خاص خليفي ميان ابن سعي ملقب به 'ارزاهه' جي صحبت ۾ جهوڪ شريف ۾ سال ڪن رهي حنفي پرايلو. پوءِ هن بزرگ جي حڪم تي ٽي لنواري شريف روانو ٿيو. طريقت جي راهه ۾ مٺن جلال جو درجو آيو جنهن ۾ پاڻ کي اهڙا ڪرڪيائون ۽ اهڙا قول چيائون جنهن ڪري وقت جي عالمن سندن برخلاف فتوائون جاري ڪيون. پاڻ ڪاڏو تمام ٿورو ساڻيندا هئا ۽ ٽئين ٽيئن ڏينهن مسهل دستي معدو خالي ڪندا هئا.[۸]

گرهوڙ وسائڻ: روايت موجب مخدوم عبدالرحيم[۲] پنهنجي وڏن جو جاگير ۾ جيسلمير ۾ ماڻهن ڪان چڏائي ڏيئي گرهوڙ واري موجوده هنڌ تي ڪنهن خيمي بزرگ کين اطلاع ڏنو ته سندن اصل سڪونت لاءِ اهو ئي هنڌ تجويز ڪيل هو، چاڪاڻ ته اهڙي هدايت حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن آڏي ٿي هن بزرگ کي ڏيڻ فرمائي هئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 314

ڀرڻ هدايت جي تعميل لاءِ هي بزرگ ان هٿ مخدوم عبدالرحيمؒ جو انتظار ڪندو رهيو. مخدوم عبدالرحيمؒ هي اصلاح ملندي ئي اتي ترسي پياءِ آگتي نه وڌيا.[9]

سندن اهم ڪارنامو مخدوم صاحب جي حياتيءَ ۾ سندن هٿان نيڪ ڪارنامو سرانجام ڏنو ويو، جي عام طور تي روايتاً مشهور آهن. جيڪو هي نوٽ اهي ٿئي ڪارنامو آنحضور صلي الله عليه وسلم جي اجازت ۽ سند سان بجا آندو ويو، اهي اهم ڪارنامو هي آهن:

۱. پير پٺوڙو اصل مسلمان هو پر ان کي هندو سمجهي مٺس ڏيوري نفرائي ڏني هئي. مخدوم صاحب اها ڏيوري ڏهراڻي جبر نفرائيءَ اتي بانگ ڏيڻ جي ابتدا ڪيائون جا اڄا تائين جاري آهي.

۲. مخدوم صاحب ٽرمان ٽنڊي جان محمد جي ديهه اندر پن وٽن جا ٽي پاڙا ٻنائي ڇڏيا جن جي وچ مان ماڻهوءَ حلال ۽ حرام جي خبر ورتي ويندي هئي.

۳. خير پور رياست جي ٽي پاڳي ۽ مهاڏيو ڪافر جي ٽڙهي سندن هٿان پڳي وئي ۽ هن جهاد ۾ ئي ڪين شهادت جي سعادت نصيب ٿي.

سندن شهادت سنه ۱۱۹۲ھ/۱۷۷۸ع جا ليکن درهين جي جملي ۾ ٿي.[10]

حرم ۽ اولاد: مخدوم عبدالرحيمؒ پنج حرم نڪاح ۾ آندا هئا جن مان ڪين چار ٻانيون ٿيون. ڏاڏي پوتيءَ مان جاول هڪ ٻانيءَ پهنجي پائٽي ڪي پرٽايائون ۽ باقي ٽي ٻانيون سندن ۾ پرٽائي ڏيڻ لاءِ وصيت ڪيائون. جا وصيت سندن شهادت کانپوءِ پوري ڪئي وئي. هنن ٻانيٽن جو اولاد اڄا تائين درگاهه جا سجاده نشين آهن.[11]

تصنيفات: سندن تصنيفن متعلق آڻجهائي ڏاکڙو هو ڇڏڻ ڪري بخشائي ڇوڙ آهي ته سندي ٻولي ۾ پاڙ تمام گهڻو ڪلام ڇيوهائون. فقه ۽ تصوف جي به ڪيترائي ڪتاب لکيا هئائون جي مدرسن افغان جي ڪاهن وقت جالڻ پلاڙ ٿي هئي، تنهن ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 315

گهرڻي ڏيا. سندن تصنيف مان فتح الفضل جنهن ۾ حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان ؒ جا ملفوظات جمع ٿيل آهن، حضرت جن جي سندي بيتن جي عربي شرح ۽ ابيات مثنوي مجيب سندن مرشد حضرت محمد زمان ؒ جي مدح ۾ آهن، سي اڃا موجود آهن. ۱۲ اڪثر اردو پوٿي مرحوم جن لکن تائن مخدوم عبد الرحيم ؒ جن ڪيترائي اجتهادي فيصلا ڪيا ۽ انهن بابت ڪجهه عربي ۽ فارسي تحريرات موجود به آهن پر پوٿي ۽ جي نقص سبب مطلب واضح نه ٿو ٿي. ۱۳ اڪثر صاحب موصوف ۽ پروفيسر عليءَ از جتوئي سندن مخطوطات جو ذڪر ڪيو آهي. ۱۴

سنڌ ۾ فقه جي علم ۾ سندن فقط هڪ رسالو اساس الفرائض جي نالي سان موجود آهي. جنهن ۾ علم ميراث متعلق مسائل جمع ڪيل آهن. ان کانسواءِ چند ورقن ۾ مشتمل اهم ديني فرمان بابت سندس راءِ پٽ تڪيل آهي. هنن ٻنهي رسالن متعلق هيٺ ڏي واقفيت آگتي ڏني آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 316

ست فرض

تصنيف: مخدوم شهيد عبدالرحيم گرهوڑيؒ

مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ ستن فرضن ۾ اسلام جا پنج رکن، امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر شامل ڪري ٿو.

امر بالمعروف: مخدوم صاحبؒ امر بالمعروف جا ڇهه حصا ڪيا آهن جي هي آهن ۱. مالڪ جو حڪم غلام لاءِ ۲. مرد جو حڪم عورت لاءِ ۳. ماڻس جو حڪم اولاد لاءِ ۴. استاد جو حڪم شاگرد لاءِ ۵. عالمن جو حڪم عوام الناس لاءِ ۶. حاڪم جو حڪم محڪوم لاءِ ۷. انبياء جو حڪم امتين لاءِ ۸. قلب ۽ عقل جو حڪم فرد لاءِ. ڇاڪاڻ ته قلب محبت رکڻ جي جاءِ آهي، جنهن ۾ الله تعالىٰ جي محبت کان سواءِ ٻي ڪا به محبت نه هجڻ گهرجي ۽ قلب هميشه الله تعالىٰ جي محبت جو حڪم ڏيندو رهندو آهي ساڳيءَ طرح عقل جو حڪم به هميشه فقط الله جي محبت لاءِ هوندو آهي.

نهي عن المنڪر: نهي عن المنڪر جا به ٻه ڳالهه آهن ۱. ڪنهن به ناحق نه رنجائڻ ۲. جنهن شيءِ کان بچڻ ۽ ان جي ممانعت ۾ مزاحيل آهي ته هن شيءِ کان پاسو ڪجي جنهن کي دل پسند نه ڪري. جيڪڏهن ان جي ناجائز هڻ ۾ اختلاف آهي ته پوءِ ان جنهن جي اصطلاح ۾ مڪروهه چيو ويو آهي تو ان ۾ هي شرط آهي ته جيڪڏهن دل کي نه وٺي ته مرتڪب نه ٿجي. پر جنهن جي دل کي ان ۾ ڪو عيب ڏسڻ ۾ نه اچي ان لاءِ جائز آهي. بهتر آهي ته اهو به ان ۾ دلچسپي نه وٺي ۽ اجتناب ڪري. ۱۵

مخدوم ابوالحسنؒ پڻ مڪروهه جي سمجهاڻي ڏني آهي. جنهن بابت ذڪر اڳي ٿي ٿي چڪو آهي. ۱۶

مخدوم عبدالرحيمؒ مڪروهه جا جيڪي مثال ڏنا آهن سي هي آهن. سهو، ڪوڙ، بناوٽ، نڪاح، بلي، جوا، بارود، حاضر جوابيءَ ۾ هٿ پير مخدوم محمد هاشمؒ سهو جائز، ڪوڙ حرام ليکيا آهن. ۱۷

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 317

اساس الفرائض يا سنڌي ترڪي واري .

تاليف: مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي .

مشهور عالم ۽ صاحب طريقت بزرگ مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي جاهي سنڌي بيت وڏي ۽ ترڪي بابت شرعي احڪامن جو مجموعو آهن . مخدوم صاحب فقهي مسائل مان ورڇ جي مسئلن کي نهايت ضروري ۽ اهم سمجهي سنڌي ماڻهن ان جي ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ هي ننڍڙو ڪتاب سنڌي ۾ ترتيب ڏنو

ڪتاب اساس الفرائض جي طباعت

ڪتاب اساس الفرائض پهريون دفعو مجموعي سڱ ناموسان گڏ سنه ۱۳۳۶ھ/۱۹۱۸ع ۾ مطبع گريمي بمبئي مان ڇپايو ويو.

جيئن ٿيڪ ان ۾ مخدوم عبدالرحيم جو ناالوڏل نه آهي پر هيئن ٿن سٽن ۾ اساس الفرائض جو نالو موجود آهي ۽ سنڌي ترڪي واري ڏاڻن به اشارو ڪيل آهي .

پنو بيان ترڪي جو ضروري قدرا ۔ جي هي پڙهي پروڙي نه ٻيو ٿيندو پڌرو ،
اساس الفرائض سنڌي نالو تهرڪجا . ۱۸

ڪتاب اساس الفرائض جي هن ڇاپي جو هڪ نسخو شمس العلماء ڊاڪٽر داؤد پوٽو سنڌ گورنمنٽ لئبريري حيدرآباد ۾ موجود آهي . ڪتاب اساس الفرائض جي ٻي ۽ وڏي ڊاڪٽر داؤد پوٽي مرحوم پنهنجي ڪتاب ڪلام گرهوڑي سان گڏ شايع ڪرايو سو جنهن جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته اساس الفرائض مخدوم عبدالرحيم جي تاليف آهي پر جيئن ته بمبئي واري اشاعت هن وقت عام طرح دستياب نه آهي . تنهنڪري ڊاڪٽر داؤد پوٽي مرحوم جي ڪتاب مان ورتا ويا آهن .

اساس الفرائض ۾ علم ميراث جي ڄاڻ عام ماڻهن ۾ وڌائڻ جي ضرورت جا هيٺيان سبب ڄاڻايا ويا آهن:

۱ ۔ حقوق العباد جي حفاظت تمام ضروري ديني احڪامن مان آهي . علم زندگي ۾ عدل ۽ انصاف ۽ معاشري ۾ رواداري قائم ڪرڻ لاءِ ورثي جو صحيح ورهاڱو ڪرڻ ۽ وارثن کي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 318

اِنھنجا حق ڏيڻ هڪ مؤثر قدم ثابت ٿي سگھي ٿو. تفنڪري مؤلف ان ڏي زور ڏيڻي فرمائي ٿو تہ:

هائي سڀ سرير مين ڏيڻي کي غلبا ۔ تہ آڳي عدل فرض ڪيو ٿا حق حرام ،

واما القاسطون فكانوا لجهنم حطبا صاحب سنوق سماء ۔ ان الله يحب المقسطين كيو در وچان ،

تست ڪجي قسط مين عدل الصافا ۔ المقسام في النار دوزخ راهه دياء ۔ ۱۹

۱۴. سماشري ۾ عدل قائم ڪرڻ لاءِ ذاتي بغض ۽ نفرت جي بنياد تي پراڻن حقن غصب ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجي، جاکاڻ تہ جن سان اسان جي دشمني آهي اهي به الله تعالىٰ جا ئي خلقيل بانها آهن. تفنڪري پنهنجي نفس جي خواهش تي الله تعالىٰ جي رضا ۾ ويڙهڻ نہ گهرجي :

جن سين وٽت نہ نفس هي اڀي آڳي جا ۔ ولا يجرمنكم شنان قوم على ان لا تعدلوا پاڻ ويرون پيون ڪجا

ڪارڻ رضا پنهنجي چڏي تان نہ شرعا ۔ ترڪو قسط تيڻ ڪجي جيهم چيو هنڌا ۔

سڪي تفنڪون سرورن پڙهي ٿو پڇنا ۔ ۲۰

۱۵. ورتو پورن حقن ۽ ورهاڻ سان سماشري ۾ امن قائم ٿئي ٿو، پر ان جي برخلاف ڪرڻ سان سماشري ۾ هڪ اهڙي وحشياڻي فساد جي اپري پوڻ جو انديشو آهي جنهنڪري مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ ڪٽن جي وڙهه سان تعبير ڪري ٿو.

۱۶. سنڌي سماشري جي هڪ وڏي اوڻائي هي آهي تہ ستاڊي ڪرائي ڏنل بنيادن جي ملڪيت جي حقن جي اڪثر انهن جي سپرد نہ ڪيو ويندو آهي بلڪ پائڙن جي حقن مان ڪٽيا ويندا آهي. بعضي وري وڏا پائڙيا جاجا وغيره سڏڻ جي حصي کي ورهائي ڏيڻ بدران بزرگن جي احترام ۽ ڪشب جي اتحاد جي نالي ۾ پاڻ ڦهائي ويندا آهن ۽ سڏڻ ڪي بين ماڻهن جي شرماشرميءَ سبب مان ۾ رهڻو پوندو آهي. پر دل ۾ خوش نہ هوندا آهن ۽ سڏڻ اندر مان از خود بد دعا ڪري ويندي هوندي. مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ هنن سماشري عيبن ڏانهن مختصر لفظن ۾ هيٺين سٽن ۾ اشارو ڪرڻ فرمايو آهي :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 319

جنفن جو مرض جيترو تفڪر وتنفن وانتا .....
ترجمي ڪارڻ ٿرت ۾ ڪتن ڪاريگنداا ،
جي مان ڪندا الڳ لوڪ جي ته پر ۾ پتيندااَ ۲۱

علم ميراث جي اهميت فقهه جي من شاخ جو علم حديث شريف جي فرمان موجب سموري علم جو اڌ آهي . مخدوم عبدالرحيمؒ فرمائي ٿو ته :

اڌ علم جو اهي اُ علم جيو رسول خداا ﷺ ،
تعلمو الفرائض وعلموها الناس فانها نصف العلم اتو احمداا ،
اجو ٿوري جوگهوٽ نه ڪمڙو عجبا ۲۲

علم ميراث جي اهميت متعلق مولانا محمد قاسم صاحب مشوري جن به علم الفرائض جي ديباچي ۾ تفصيلي ذڪر ڪيو آهي جنهنجو تعارف من ڪاني ۾ ٻڌي هٿ ڏنل آهي . ۲۳

مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ جي گهري سوچ شمس العلماء ڈاڪٽر داؤد پوٽي مرحوم جي راءِ آهي ته مخدوم عبدالرحيمؒ هڪ گهري سوچ رکندڙ فلسفي به هو . سندن الفاظ هي آهن : "بيشڪ هو گهڻن به علوم جي ڏاهي استاد مس آڪو نه هي پاڻ هي مرد ان سان گڏ پنهنجن نڪتن جي به ويٺو اپٽار ڪري ، الف ليله وليله واڱي حڪايت انڌ حڪايت آهي" ۲۴

مخدوم عبدالرحيم گرهوڑيؒ پنهنجي من طبعي ميلان ڪري خالص فقهي مسائل بکڙ وقت به روڪي نه سگهيو آهي ۽ انبياء عليهم السلام جي ميراث جو مسئلو جو اسلامي تاريخ ۾ گهڻي اختلاف راءِ جو سبب رهيو آهي سو ٻڌ بيان هيٺ آندو اٿس ۽ هن سلسلي ۾ پنهنجي راءِ هيٺين لفظن ۾ بيان ڪئي اٿس .

نبين جي ميراث جو مسئلو: نبي وارث نه ٿئي ڪنهي تنفن ورثا ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 320

سبب تفضيل اي يُئو سڀي سڀجهي جا - لانرث ولانورث ماترکنا صدقة لتن لاءِ پيا ،
قرب قرابت انکي ورثو ري سگهي - ان انبج الاما يوحي الي يڪنجي هٿ نه هٽا ،
العبد وما في يده ملك لمولاه بلڪل باري جا - تن تي نام نهاد ڪافرن سبب ڪيا ،
تيڪي ترڪو نه ٿئي اهين جو اصلا - مومن موجي مال ۾ سڀني شريڪا ،
وان الكافرين لا ولاية لهم كافر ناكم امان - ويقطعون ما امر الله به ان يوصل ڇڏي ڏاريا ،
انما المومنون اخوة والد بنيا - الولاء لحمة كلحمة النسب كافر ناكم ولا .

آياسون عيق ۾ درجه ورون پوءِ ڏاهن ۲۵

مٿين بيتن ۾ مخدوم عبدالرحيم "قرآن ڪريم ۽ حديث شريف جي روشنيءَ ۾ ثابت ڪيو آهي ته آنحضور صلي الله عليه وسلم جن جو روحاني خواه مادي لحاظ ڪان ڪوبه هڪ شخص يا مخصوص گروهه وارث نه هو، پر پاڻ ڪريم جن سڀني مسلمانن جا مولا آهن. ان لحاظ سان مومن سڀني پاڻ ۾ ڀائر آهن. ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن سندن روحاني والد آهن. تنهنڪري جيڪ مومن سندن روحاني خواه مادي ترڪي ۾ هڪ ٻئي جا وارث آهن.

اساس الفرائض جو مختصر تجزيو

اساس الفرائض ۾ گهڻو ڪري اهي سڀئي وڏيون حڪم سمجهايل آهن جي علم ميراث جي ڪتابن ۾ موجود آهن، پر اساس الفرائض جي بولي قديم سنڌي هڻڻ سبب ۽ عبارت نظم ۾ هڻڻ سبب جديد سنڌي زبان بي جاڻن لاءِ جيڪي درجي جي علم مان پي طرح واقف نه آهن، گهڻو ڪار اٿوتي نه سگهندو. من علم تي سنڌي ۾ پيا نسبتاً زيادهه آسان ڪتاب ٽيڪل آهن تنهن ڪري اساس الفرائض مان مسائل منتخب ڪرڻ جي ضرورت نه سمجهي ونئي آهي ميراث جي مسائل مان انتخاب مناسب موقعي تي پيش ڪيو ويندو.

اساس الفرائض جو اختتام: ميراث جي مسئلن بيان ڪرڻ مان پوءِ هڪ دفعو ري ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 321

مخدوم عبدالرحيم ڏنهنجي طبعي جولان جي اڻوهيت دنياداري ۽ مادي لالچ پاڻ
جي مذمت ڪئي آهي ۽ ٻڌ ديناجي چڱائين بابت ڪافي بيت چيا آهن، جن مان
ثابت آهي ته سندس خيال جولاڻ ۽ منظرف هو ته جيتوڻيڪ ترڪي جي ورهاڱي
وقت شرعي احڪامن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ ضروري آهي، پر ان کان وڌيڪ
پسند ڪي ۽ جي ڳالهه هي آهي ته الله تعالىٰ جي واٽ ۾ سڀڪجهه خرچ ڪري ڇڏڻ جي
۽ ڪوبه ورڻو امل ڇڏڻ جي ڳڻتي نه، جيڪو عزيزن قريبن ۾ ڪشمڪش جو باعث
ٿيندو آهي. ۲۶

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 322

حوالا ءتعليقات

۱-۴. شمس العلماء ڈاکٹر داؤد پوٹو: کلام گرهوڑي ص ۷ - ص ۷۰
۵. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۸ ءِ ص ۱۷
۶. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۲۰
۷. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۷۱
۸. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۷ - ص ۷۰
۹-۱۱. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۷ - ص ۷۰
۱۲. ڈاکٹر گربخشانی: لواري جا لال ص ۷۳ ءِ ص ۷۴
۱۳. ڈاکٹر داؤد پوٹو: کلام گرهوڑي ص ۱۷
۱۴. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۶۶
پروفیسر علینواز جتوئي: سندي کلام مخدوم شهید میان عبدالرحیم گرهوڑي ص ۱۵ ص ۱۶
۱۵. مخدوم عبدالرحیم گرهوڑي: کلام گرهوڑي ص ۱۰۳ - ص ۱۰۵
۱۶. ڈسو هن مقالي جو ص ۱۰۴
۱۷. مخدوم عبدالرحیم گرهوڑي: کلام گرهوڑي ص ۱۱۴ ڈسو هن مقالي جو ص ۱۸۵
۱۸. مخدوم عبدالرحیم گرهوڑي: اساس الفرائض مجموعه سنگ نامو ص ۸۰
۱۹. مخدوم عبدالرحیم گرهوڑي: کلام گرهوڑي ص ۱۵۶
۲۰. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵۶
۲۱. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵۷
۲۲. ـــــــ ایضاً ـــــــ ص ۱۵۷ ءِ ص ۱۵۸
۲۳. ڈسو هن مقالي جو ص ۶۹
۲۴. ڈاکٹر داؤد پوٹو: کلام گرهوڑي ص ۶۵

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 323

۲۵. مخدوم عبدالرحیم گرھوڑی: کلام گرھوڑی ص ۱۵۸ تا ص ۱۵۹

۲۶ ——— ایضاً ——— ص ۱۸۴ — ص ۱۸۸

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 324

مخدوم محمد عثمان منياروي
وسط بارهين صدي هجري کان اوائل تيرهين صدي هجري

مخدوم محمد عثمان "منياروي" جا سوانح حيات جناب مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي جي لفظن ۾ هيٺ ڪجن ٿا.

"مخدوم محمد عثمان "منيارين" وارن جي ولادت بارهين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري ٿي. ۽ وفات تيرهين صدي جي اوائل ۾ ڪئي! هي بزرگ عالم هڪ ئي وقت ۾ محدث ۽ فقيه هو. ليڪن فقه کان به علم حديث جو رنگ مٿس غالب نظر اچي ٿو. مخدوم محمد عثمان "تعليم سند جي قديم علمي شهر نصرپور ۾ مخدوم نور محمد" کان حاصل ڪئي. مخدوم نور محمد، مخدوم محمد هاشم "ٺٽوي" جو شاگرد هو: ..... مخدوم محمد عثمان "حنفي مذهب جا مقلد هئا پر سندن اها تقليد شاهه ولي الله صاحب محدث دهلويءَ واري رنگ جي هئي. مخدوم صاحب جاوڏا اصل هندوستان هئا.

ترجمو ڪو سا بوڇ ٻارن جي آخري دور ۾ هندو زياستن ۾ گهڙي فرڪندا هئا. عورتون ۽ ٻار ڪٽي انهن کي غلام بنائيندا هئا. مخدوم محمد عثمان "منيارين" واري انهيءَ نسل کي ٻڌايو آهي ۽ اسلام جي اهڙن ماڻهن جي حملن ورزي خراڻ ڏنو آهي. پٽي پاسي مخدوم محمد ابراهيم "ٺٽوي"، مخدوم محمد هاشم "جي پوٽي انهيءَ کي جهاد جو آهي.

مخدوم محمد عثمان جون تصنيفون

مخدوم محمد عثمان "۲۹۶ باب ٻڌي مشتمل "مشڪوات" جان حديثون منتخب ڪري انهن جي شرح "بيان معاني احاديث منتخبه از مشڪوات المصابيح" ۾ لکيائين. "شمائل ترمذي" جو فارسي ترجمو ڪيائين ۽ "صحيح بخاري" جي شرح به فارسي ۾ لکي. ان جي حاشيءَ ٻڌي نصرپور جي مشهور محدث قاضي محمد اڪرم جي ليکل شرح "امعان النظر شرح نخبة الفڪر" جو "صحيح بخاري" جو شرح آهي ٻڌ نقل ڪيائين. جيڪا ته هي شرح هن وقت نايابَ آهي. تنهنڪري ان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 325

جو انتخاب هڪ بيش بها خزانو آهي.

مخدوم محمد عثمان" جي سنڌي تصنيف

مخدوم محمد عثمان" ٽيارويِ سنڌي ۾ گهڻو ڪجهه لکيو پر نه تنهنجي ڪابه يقيني جاڙ حاصل ٿي نه سگهي آهي. پر ابوالحسن جي سنڌيءَ جي ٻڌيءَ مان جا ٻيل قديم ترين مجموعي ۾ هڪ ڪتاب "جوعلميءَ عثمان" نالي ڪنهن بزرگ جو جوڙيل موجود آهي. جنهن لاءِ قوي گمان آهي ته ان جو مؤلف مخدوم محمد عثمان" ٽيارويِ هو. اهڙي قياس جا بنياد هي آهن.

۱. مخدوم محمد عثمان" انهيءَ دور سان تعلق رکي ٿو، جنهن ۾ سنڌي عالمن فقهي مسائلءَ ديني نصيحتون سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ ٻاڌ ٿي لازم ڪيو هو ۽ ان دور جي وڏن وڏن عالمن سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيا هئا.

۲. مخدوم محمد عثمان"، مخدوم ابوالحسنءَ، مخدوم محمد هاشم" ٽي اترواڙي دور جا هو. جن ٻنهي بزرگن سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيا ۽ هن دور ۾ محمد عثمان" نالي ٻئي ڪنهن وڏي عالم جو نالو پڌرو نه ڪو نه ٿو اچي.

۳. مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي، عثمان جي سنڌيءَ نالي هڪ ڪتاب جي قلمي نسخي جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جو موضوع به "جوعلميءَ" ڪتاب جهڙو آهي. مولانا صاحب موصوف هن راءِ جو به اظهار ڪيو آهي ته "نٿي سگهي ته هن ڪتاب جو مؤلف مخدوم محمد عثمان" ٽيارين وارو هجي."

۴. ڪتاب جوعلميءَ جا ٻاڌيوڻا آهي ته نفلي حج ڪرڻ کان بهتر آهي ته جيڪا رقم ان ۾ خرچ ٿئي سا غريبن ۾ خيرات طور تقسيم ڪري ڇڏجي. جنهن مان ثابت آهي ته ڪتاب "جوعلميءَ" جو مؤلف نفلي عبادت کان خلق جي خدمت کي بهتر سمجهندو هو. جا ڪاهه وسيع النظريءَ روشن خياليءَ جو دليل آهي. مٿي ٻڌيءَ وصفون قبول ڪيو وڃي ته، مخدوم محمد عثمان" ٽيارويِ موجود هيون. جا ڪاڻ نه سندن فتوائن ۾ عام طرح اهڙي جهلڪ نظر اچي ٿي. جڏهين ته مخدوم عبدالرحمان ڪتاب "حياة الحاشين" ۾ هڪ ڪان زياده دفعا حج ڪرڻ مستحب ڪيو آهي.[۸]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 326

مٿين قرائن مان پريو رائندار وٺي ٿو ته ڪتاب "عثمان جي سنڌي" عرف
"چوعلمي جو مؤلف مخدوم محمد عثمان "منيارين" وارو هو. پر هڪ ٻي بنياد ٻي هن
قياس ۾ قدري شبهه پيدا ڪري ٿو. ڪتاب "سادي" ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته فرض جون "پرجن" جن
علمن جو ذڪر ڪيل آهي، ڪتاب چوعلمي انهن ئي جن علمن جي وضاحت ۾ لکيل
علحده ڪيل رسالو آهي. مخدوم محمد هاشم جي ڪيل ڪتاب "فرائض الاسلام" ۾ مذڪور
هڪ سو ٽيهن فرضن ٻي تنقيد ڪئي ويئي آهي. انهن جملن جو سنڌي ترجمو هن
ريت ڪيو ويو آهي.

جيڪي فرض سنڌي ۾ عاجز سڏايا،
سي پارهن سو باهٺ ٻڌا ليکي شمارا،
پر ڪيئن عالمن هيڪڙو سو ٽيهه فرض چيا،
ليکيائون تن کي جدا ڪري ڪو نه بيانا،
ليکيائون تن ۾ امر سي جي فرض نه ڄڻبا،
ڇڏيائون فرض ڪيترا قطعي جي ٻڌا،
سهو ٿيو ان کان بهتين موڪلي موڙا.

ان ڪان سواءِ هي به فرمايل آهي ته جن جن علمن جو ذڪر هن فرض جي ڪتابي
۾ شامل ڪيو ويو آهي، تن کي علحده ڪيئن رسالي ۾ لکڻ جو ضرورت ڪونهي". اهو
اشارو ڪتاب "چوعلمي" ڏانهن ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان شبهه پيدا ٿئي ته هي ڪتاب
شايد مخدوم محمد هاشم جي ڪيل ڪتاب "فرائض الاسلام" کان اڳ تحرير ڪيو ويو هو.
خصوصا جڏهن هي ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" جي قديم نسخي ۾ موجود آهي جيڪو هن
ايڊيشن آهي ته اهو دور مخدوم محمد عثمان "منياروي" کان اڳتي وڃي ٿو. ان وقت پاڻ يا ته حياتي
ئي نه هوندو يا اڃا ننڍو هوندو. تنهنڪري ئي سگهي ٿو ته اهو مؤلف مخدوم عثمان جي بزرگ جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 327

عثمان تالپي بن پين سندي عالمن جو ذکر به محقق طهاڻ کيو ويو آهي. هي به بزرگ هئا قاضي عثمان دريلويؒ (۱۰۰۲ھ/۱۵۹۴ع) ۽ علامه عثمان بن عيسيٰ بن ابراهيم بوبکانيؒ (۱۰۰۱ھ/۱۶۰۰ع) جي پٽي بزرگ برهانپور ڏانهن هجرت ڪري ويا هئا.[۱۴] هي پٽي مخدوم ابوالحسنؒ ڪان ڪجهه اڳ جا آهن. مخدوم ابوالحسنؒ ۽ مخدوم ضياء الدينؒ جي سندن ڪاڪاڏن سواءِ ڪجهه بين اهڙن سندي نظمن جي موجودگيءَ طرف اشارو. مخدوم محمد هاشمؒ جي ڪتاب "رشف الزلال" ۾ ملي ٿو، جي فقه جي لکيا ويا هئا.[۱۵] جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ابوالحسن جي سندي ڪان اڳ به ڪي بيا منظوم ڪتاب سندي ۾ فقه جي عنوان تي لکيل هئا. تنهنڪري تي سگهي ٿو ته مذڪور بزرگن مان ڪنهن ڪتاب "جوعلمي" برهانپور ڏانهن هجرت ڪرڻ ڪان اڳ لکي ڇڏيو هجي، جنهن تي پوءِ مخدوم محمد هاشمؒ اصلاح جي مقصد سان تنقيد ڪرڻ فرمائي هجي هڪڙي طرح پاڻ ابوالحسن جي سندي ۽ پين سندي منظوم ڪتابن ۽ پارسي ڪتاب مفتاح الصلوٰة جي اصلاح ڪا ۽ تنقيد ڪئي اٿن.[۱۶] پٽي طرف هي امڪان به اهي ته فرائض الاسلام ۾ ذڪر اشارو فقط ڪتاب "سايڙون" ڇه ويهون فرمن جون ۽ ڪتاب "ضياء الدين جي سندي" ڏانهن هجي. جن بنهي ڪتابن ۾ هڪ سو ٽيهن فرمن ۽ ڇهن علمن جو ذڪر موجود آهي ۽ ڪتاب "جوعلمي" عرف عثمان جي سندي "فرائض الاسلام" جي لکجڻ ڪان پنهنجي مخدوم محمد عثمانؒ "سياروي" هٿان تاليف ڪيو ويو هجي.[۱۷]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 328

عثمان جي سنڌي عرف چوعلمي

مولف: مخدوم محمد عثمان سيارويءَ جو انداز

ڪيترائي ڪرهڪ سوڻيهن فرض يم، جيڪي چار علم سکڻ فرض شمار ڪيا ويا آهن. ڪتاب چوعلميءَ يم انهن چئن علمن جو ذڪر آيل آهي[18]. اهي چار علم هي آهن. ۱. علم توحيد جو ۲. علم نماز جو ۳. علم رمضان جو ۴. علم حيض ۽ نفاس جو. ڪتاب چوعلميءَ جو ديباچو هينئن لکجي ٿو.

ڪتاب چوعلمي جو ديباچو

ڪتاب چوعلميءَ يم مذڪور علمن جي بيان ڏيڻ ۽ انهن کي تمهيدي بيت ۾ لکيا ويا آهن، جن کي ڪتاب جو ديباچو شمار ڪري سگهجي ٿو. اهي بيت هي آهن.

آهي ڪتابن يم خبر هيءَ ڪري — نه پڇبا ڪن ڪر ماٺو جن پري،
سان ڏيين وڃ يم سنڌي بند پري — او ڪارئون اکري لنگهين مان ڏري.
علم شريعت سڪ کين ڏي جان نه ري — چونڊي سنڌي سيني آهي ايءَ گري.
الاهي عثمان چئي نان ڪي ڏينهون جاڻ — نه اٽي آگيئن بند جو پچون کو پرياڻ.
تحرير ترسل ڏينهن تمام جي ڪرڻ ۽ سان ڪي شريعت جو علم ڪر آسان.
نه سو سکهون ۽ پڙهون توفيق ڏيهون جاڻ.
کوهه نه سکر ماڙهو ها علم شريعت جو — جنهن ري سکئي ناهه ڏنگ فاڻ عليم ٿيو.
مسلماني هر جي سي آهن ٿوڪ ئي پنج — سکو گهٽي ليئن سين سنجهان لاهي ونج.
نه آن کي ڏينهن ڏي پرين ۽ ڏانهن وڃان پئي نه ڪنج.
هيڪ شهادت ڪلمو بيا پنج وقت نماز — ٽيون روزا رمضان جا چوٽين مال زڪواة.
پنجون وڃڻ حج ڏانهه جي هوءِ وهڻ واٽ — ۽ پورائي پوين کي وهڻ سمر سات.
پرزڪواة ڏيڻ، حج ڪرڻ ٽي سالين — فرض نه آهن اي ٻئي انتي فقيرن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 329

جنين حج گذارڻو هيڪڙو فرض نه ٿي ٿئن - پر زکوٰة سڀني ڪن سال جي ورسائي سڀ عيدن .
گرنا بالغين بلوغ ٿيو ڪ آجائي گولن - جي سي مڙيا مال ڪي ته ورحج وڃن .
جنهن حج گذارڻو هيڪڙو سو ڪنا حج ٻئي - چڪي نه ٿو شوحج جو ڪٽي فقيرن ڏئي ۱۹
ٿين تمهيد کان پوءِ مذڪور جڙن علمن جو بيان شروع ٿئي ٿو پر هي ڪتاب نهايت
مختصر طور لکي پورو ڪيو ويو آهي، ان ڪري انهن جو هت لکڻ ضروري نه آهي .

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 330

حوالاءِ تعليقات

١. جناب ڊاڪٽر بلوچ ماڻهو جن جو چوڻ آهي ته سنڌن وفات ١٢١٩ھ/١٨٠٥ع ٻڌائي.
(مقدمه مصلح المفتاح ص ١٨)

٢. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: رساله الرحيم سنڌي مشاهير سنڌ عبر ص ٣٠
مزيد تفصيل لاءِ ڏسو جناب مولانا قاضي فتح الرسول نظاماني جو مضمون الرحيم ١٣٦٨ھ

٣. ڊاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ١٧ ص ١٦

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: رساله الرحيم سنڌي مشاهير عبر ص ٣٠

٤. ——— ايضاً ——— ص ٣١

٥. ڏسو هن مقالي جو ص ٩٥

٦. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: سنڌي ديني ادب جو ڪنڌ ص ٢١

٧. ڏسو هن مقالي ص ٣٠٠

٨. جناب ڊاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ١٧
مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ٢٤١

٩. ڏسو هن مقالي جو ص ١٥٥ - ص ١٥٩

١٠. ڊاڪٽر عبدالجبار: سنڌيون ص ٦٢

١١. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ٨٥

١٢. ڏسو هن مقالي جو ص ٩٥

١٣. ڏسو هن مقالي جو ص ١٦١، ص ٢٦٤ ۽ ص ٢٩٥

١٤. ڊاڪٽر احمد اقبال: تصحيح فاڪهة البستان ص ١٧ - ص ١٩

١٥. ڏسو هن مقالي جو ص ١٢٩ ۽ ص ١٣٠

١٦. ڏسو هن مقالي جو ص ١٩٥ ص ٩٦، ص

+ ڏسو هن مقالي جو ص ١٢٣ ۽ ص ١٥٥

١٧. مؤلف محمد عثمان: ڪتاب جو عڪسي مجموعو ابوالحسن جي سنڌي ص ١٢٥ ص ١٢٦

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 331

مخدوم حافظ عبدالله نليوي

۱۱۵۰ھ/۱۷۳۷ع کان ۱۲۳۶ھ/۱۸۲۱ع

انداز[1]

مشهور انگريز مصنف سر رچرڊ فرانسز برٽن ميرن جي ماحبي ۽ ان کان اڳ واري دور ۾ سندي ادب سان تعلق رکندي جاڻايو آهي ته ان دور ۾ سندي بولي ۽ جون ٻي علمي شخصيتون گهڻيون مشهور هيون. سندن نالا هي آهن. مخدوم محمد هاشم[2]، سيد عبداللطيف ٻنائي[3] ۽ مخدوم عبدالله[4]!

ولادت: هن ٽن بزرگن مان مخدوم عبدالله[5] ابن محمد ڪچ علائقي جي هڪ ڳوٺ 'نرئي' يا 'نلئي' ۾ تقريباً ۱۱۵۰ھ/۱۷۳۷ع ۾ تولد ٿيو هو[6]. ٽنهنجي هن بزرگ کي 'نرائي' يا 'نليوي' به ڪيو ويو آهي[7]. مولانا غلام مصطفيٰ[8] ماحب قاسمي جو جوڙ آهي ته هو اصل بدين تعلقي جي ماندرالي ڪهن ڳوٺ جو رهاڪو هو جنان ٻوءِ مقامي حالتن کان مجبور ٿي ڪچ ڏانهن لڏي ويو ۽ 'نرئي' ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. هي بزرگ سنڌ جي مندرن جي قبيلي مان هو[9]. باقر عبدالجبار جو جوڙ آهي ته لاڙ ۾ ماندرالي ۽ ڳوٺ وجوهي ۾ ماندرالي علائقي

تعليم: پاڻ شيخ تعليم جي زيور سان آراسته ٿيو ۽ قرآن شريف به حفظ ڪيائين. سندن تصنيفن مان ظاهر آهي ته هو هڪ باشرع پرهيزگار بزرگ هو ۽ پنهنجي سموري عمر تقويٰ، علم جي خدمت ۽ خلق کي تنبيه ۽ تبليغ ڪرڻ ۾ صرف ڪيائين.

عزيزن ۽ يارن کان ڌار ٿيڻ جو عذاب: محمد صديق ميمڻ[10] جي راءِ آهي ته سندس هن پيارن عزيزن ۽ دل گهريل دوستن جي مفارقت جو اثر سندس دل تي هو ۽ هن يارن عزيزن جي ناخوشگوار سلوڪ کان به پاڻ متاثر هو. انهي اثر جي ڪجهه جهلڪ سندس ڪتاب 'قمرالمنير' ۾ موجود آهي. جنهن جو خاڪو مرحوم هڪ هي مثال ڏئي آهي:

" الاهي احسان سين مالڪ سندا ملڪن - سڏ عرض عبدالله جو فادرين ڪرين ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 332

حرمت حضرت رسول جي عزت اصحابن - هڪ تدارڪ تنهنجو سنجهان ٿي مهرن ،
جنهنکي ڏکن جا ڏيل يم پياچاڪ چهن - پاهر پاڻ نه ٿڪي سنجهه مچ برن ،
داد و ڏيل وجود کي سر جي اڀي سورن - گونڊ رتي گونڊ رين ابر اوتون ڪن ،
موت، سنجهلاتون، مار قتون هم غم هزارن ۷.

ڪتاب نصيحت نامي مان جو به عبدالله الحق نالي حنفي بزرگ جو ڪيل آهي ان مسند جو ڪجهه اظهار ٿئي ٿو.

مثلاً :

الهي عبدالله چوي پي مونکي سهارڻ ڪا - نه ڪو ميلو ڏاريان ڏي تو رحيما ،
قرب نه قرابت ڪنهنجو هونسين ڪنهن نه سهاءُ - مائٽ مٽ عزيزيون سڀ لڏي ڏورو وهيا ،
مونکي ناري تنهنجي بي پڇان نه ڪا - راحم رحيم مونکي هن زماني جي هولا ،
نالائق کي نصيب ڪرين پاڻ وسندڙ ڏيران - سنجهه محبت محمد جام جي مارج هون هولا ،
سدا سڪ سرير مرون جن جي، جاڏنجي تان - جي هي هزار پيتين هن زماني جي هولا ،
جنهن ڏينهن عزت ڪوڙ کي اڀي ٿي آهه - جي اولاد اشرافن جو سي ڏلها، ٻڪيا، ڏبرا ۸.

"ڳالهه تا ڪن ته ڪن شرعي ڳالهين ٿي ٿرئي جي مائٽن جي هن پلاري عالم سان ابٽ ٿي پئي، ان ڪري نه ٿرئي مان نڪري ڪڇ جي ڏهڪ پئي ڳوٺ ٻسري، نڪتي ابڙا سوڀ ڏيڻي رهيو. اڀي ٻي وڃات ڪيائين. سندس قبر به ٻسري ۾ ٿي آهي ۹."

ڪڇ جو راءُ مخدوم صاحب جو ڏاڏو معتقد هو ۽ ڪيس سالياني وظيفو ٻڌي ڏيندا هئائين. ۱۰ راجا مخدوم صاحب کي گهڻن ڳوٺن ڏيڻ جي به آڇ ڪئي هئي پر مخدوم صاحب انهن جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۱۱.

مخدوم عبدالله جا ٻو نير

مخدوم عبدالله جي اولاد مان هي اڃا تائين ٻسري ۾ رهنڌاءِ ڪي ڪلهم وقت کان ڪراچي جي ڀرسان موسيٰ لائين ۾ اڀي آباد ٿيا آهن ۱۲.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 333

سنڌي ڪتاب "منتخب الفوائد" جو مصنف مولوي حافظ عبدالرحمان مخدوم صاحب جو ڄڻ ٻڌ هو ۽ بمبئي جو مشهور ناشر ۽ تاجر ڪتب قاضي حاجي ابراهيم ان جي اولاد مان هو.

مخدوم عبدالله نليوي ۽ مخدوم عبدالله واعظ

مخدوم عبدالله نليوي جي مغالطي سبب بعضي مخدوم عبدالله واعظ سمجهيو ويو آهي ۽ هن بن هم نام بزرگن جي هڪ ئي شخصيت تصور ڪيو ويو آهي. پر مخدوم عبدالله نليوي جي والد صاحب جو نالو محمد هو ۽ مخدوم عبدالله واعظ جي والد بزرگ جو نالو عبدالقادر هو. ان کان سواءِ مخدوم عبدالله واعظ سن ۱۱۶۷ھ/۱۷۵۴ع ۾ يا سنه ۱۱۷۷ھ/۱۷۶۳ع ۾ گذاري ويو هو. پر مخدوم عبدالله نليوي جي وفات تقريباً ۱۲۳۶ھ/۱۸۲۱ع ۾ ٿي. تنهنڪري ظاهر آهي ته هي ٻئي علحده شخصيتون هيون نه هڪ شخصيت. ۱۸

تصنيفات:-

مخدوم عبدالله نليوي سنڌي بولي ۾ گهڻائي ڪتاب تحرير ڪيا پر عربي ۽ فارسي ۾ چيو وڃي ٿو ته کوهه ڪتاب لکيو نه هئائين. ۱۹ سندس سڀ سنڌس جيڪي ڪتاب ڪليل آهن تن جا نالا هي آهن.

۱. بدر المنير ۲. تفسير يوسف ۳. خزانة الابرار ۴. خزينة الاعظم ۵. خلفاءِ راشدين ۶. سگ نامو ۷. شجاعت سيد الانام ۸. شهادت امام حسين ۹. صفت بهشت ۱۰. غزوات ۱۱. قصو سيد نا امير عمر جي اسلام آڻڻ جو ۱۲. قمر المنير ۱۳. كنز العبرت ۱۴. نصيحت نامو ۱۵. نور الابصار.

مذڪور ڪتابن مان فقه جي خالص موضوع تي فقط هڪ ڪتاب سگ نامو ڪليل آهي. ڪتاب نور الابصار ۾ به فقه جو ڪافي مواد موجود آهي تنهنڪري هن ٻنهي ڪتابن جو تعارف ايندڙ صفحن ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 334

سگ نامو

مؤلف: مخدوم حافظ عبدالله ٹيلوي.

ڪتاب سگ نامي ۾ مسلمانن جي معاشرتي لاڳاپن مان ڪن متعلق شرعي احڪام جو تفصيل ڏنل آهي. پر هن ڪتاب جي تاليف جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي. راقم الحروف عاجز جي سامهون هن ڪتاب جو جيڪو نسخو آهي سو هڪ ڪتابي مجموعي ۾ سنه ۱۳۳۶ھ/۱۹۱۸ء ۾ مطبع ڪريمي بمبئي مان ڇپجي شايع ٿيو هو. جنهن جو ٽائيٽل "مجموعه سگ نامو" آهي. هن ڪتاب جي مذڪور اشاعت جو هڪ نسخو مشن العلماء دادڪردادو پوٽو سنڌ گورنمينٽ لئبريري ۾ موجود آهي.

مجموعه سگ نامي جا ٻيا ڪتاب

سگ نامي جي مذڪور مجموعي ۾ سگ نامي کانسواءِ ٻيا هي ڪتاب شامل آهن. ۱. ايمان مجمل ۽ ايمان مفصل ۲. ترتيب نڪاح ۳. خطبو نڪاح ۴. ميت جو وقت وارڻ ۵. ميت جو ورثو ورهائڻ رسالو "ميت جو وقت وارڻ" ڪفن بزرگ عبدالرزاق جو تڪميل آهي ۽ "ورثي ورهائڻ جو" رسالو "مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي" جي تاليف آهي. باقي ٽن رسالن جي ڪنڊ ڪٿ جا ٽالا مجموعي ۾ جاءِ تي نه آهن. پر انهن جو مواد سابيو اهڙو ئي آهي جو جاءِ تي موجود آهي.

سگ نامي جي تمهيد

سگ نامي جي تمهيد ۾ مؤلف جيڪي جاءِ تي لکيو آهي ان جو حاصل مطلب هي آهي ته دين اسلام الله تعالىٰ جي وڏي ۾ وڏي نعمت آهي. هر ڪو مسلمان خوش نصيب آهي جڪڏهن ته الله تعالىٰ جي هن بي بها نعمت ان کي عطا ڪئي ويئي آهي. ڏينهن ڏينهن آهي ته هن نعمت جو شڪر ادا ڪري. شڪر ادا ڪرڻ جو افضل طريقو هي آهي ته ڪنهن به انسان تي ظلم نه ڪري ۽ گناهن کان پاڻ کي محفوظ رکي. صغيرا گناهه ڪبيرن گناهن جو ۽ ڪبيرا ڪفر جو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 335

۲۱

سبب ٿين ٿا . باهمي تعلقات جي شريعت موجب قائم رکڻ ۽ حقوق الله جي الله تعالىٰ جي فرمان موجب نگهداشت کرڻ لاءِ شرعي احڪام جي پوري جاڻ هڻڻ ضروري آهي.
ٽنهنڪري ڪن دوستن جي مشوري ٿي هي ڪتاب سڪ ٿا موضوعي ڪتابن مان چونڊ ڪري سندي جاڻڻ ڳڻ ۽ عربي ڪتابن جي ڳاڙهي لاءِ سندي عام ليکو ويو آهي . ان ۾ طهارت، رضاع، طلاق ۽ قسم متعلق مسئلا جمع ڪيل آهن. ٽنهي ۾ آيل مؤلف جا الفاظ هي آهن.

آهي حمد حڪم جي کوڙين شڪرانا — جو آهي لائق حمد ۽ ٿنا جو هردم هميشا ،
ظاهر ڪيائين زمين تي دين اسلاما — جا آهي نعمت وڏي گهڻو ڪنا نحمتنا ،
سو نصيب ڪيائين جنهنڪي وڏو تنهن ٻڌا — آهي لازم تنهن ٿي راتيون روز مرا ،
ٿو ڪري شڪرانو ان سڏو نعمتا — ۽ خوف ان جي زوال جو سدا مٿ لاهي مورا ،
نه ڪري ظلم ڪنهن تي انسانا — ۽ ڪري ڪوشش ڪان ڏي ذات خدا ،
جيڪي آهي ڪبائر ۾ ثابت صحيحا — نه گناهن فيد اجي آهن اهڙي طريقا ،
جيڪي رسائين وڏن گناهن ڏي عذر ٿئي جا — ۽ گناهه وڏا جي سي آهن اهڙا ڏوڻا ،
جيڪي رسائين ڪفر ڪي فاعل ٿئي جا — ۽ ڪافر ٿي سب ڪهن مومن ٿي آهي لازم لزوما ،
نه رکي خوف خالق جو دائم مدام — نه ٿئي ڏور ڏوهن کان ۽ اوڏو عبادتا ،
نه رامپيو رحمان جو ٿئين نصيبا — ٿيئن مطلب مٿي سندا دنيا ۽ عقبيٰ ،
ذالک لمن خشي ربه ايڏي آهي عطا — ۽ اميد جا عفو جي سا مٿ لاهي ،
الايمان بين الخوف والرجاء ات اشارة اي آهي — جو صلوٰتون سلام شوق سين هميشا ،
مٿي خير خلق جي احمد امينا — جو رحمت ڪارڻ عالمين موڪليو مولا ،
سو نهين ٻيني رسلان سچو شاهنشاه — ۽ انتي آل اصحاب جي سڀن روز مرا ،
صلوٰتون سلامن سين ڪنا عند الله جل وعلىٰ — جي آهن امان امت جو ۽ نور نشانا ،
موڙهن واتون لڏيون مٿي جي طفيلا — ماڻ هن حقير ڪي جيو هن نيڪنشا ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 336

ٿ ڪي مسئلا محرمات جا ۽ پڙ رضاع سندا ۔ ڪي مسئلا طلاق جا ڪي پڙ قسم سندا ،
ڪيڪي عربي فارسيا ڪرتون سندئي واءِ ۔ ٿ نفخ رسي تن کي جي عاري عربيا ،
ٿ ڪي جائن فارسي آهن نا مورا ۔ تڏهن شروع ڪيرتهنکي سائ ٻيليئي الله ،
آهيم اميد تڏهن صاحب ڏاڍن اهائي اصلا ۔ ٿ بخشش ڪري گناهن کي سين بڏهي مغفرتا ،
آهي عرض تن نيڪن ڏونه جي پس من نسئي کا ۔ ٿ جيڪا پسن ان مسئلن ۾ خاطئي جي خطا ،
ٿ ساري سا صحيح ڪن ٻڌهن جي عطا ۔ ان الله لا يضيع اجر المحسنين ڏيندن ڏاتار ا ۲۲

هن مختصر تمهيد کان پوءِ ڪتاب جو اصل متن شروع ٿئي ٿو. جڏهن جو اختصار هنطرح آهي.

محرمات: محرمات جي باب ۾ اڻڄاسي عورتن جو بيان آهي جن سان نڪاح ڪرڻ ڪڏهن ۽ ڪڏهن سبب حرام آهي، اهي سبب هي آهن ۱. نسب يعني پيءُ يا ماءُ طرفان ڪڏهن اهڙي رشتي سبب جڏهن ڪري ان عورت سان شادي ڪرڻ شريعت موجب حرام آهي ۲. مصاهرت يعني نڪاح ڪرڻ سبب زال جي مائٽياڻين سان پيدا ٿيل رشتو ۳. رضاع يعني ٻڌ پيڻ سبب پيدا ٿيل تعلق ۴. اصول يا فروع مان ڪڏهن مرد جي ڪڏهن عورت سان ناجائز تعلقات سبب ۵. ازدواج يا شرڪ سبب ۶. تعداد ازدواج يعني جيڪن نڪاح ۾ آڻ پوءِ پنجين عورت سان نڪاح. ۲۳

هر هڪ سبب ڪهڙي طرح ۽ ڪهڙين حالتن ۾ نڪاح تي اثر انداز ٿئي ٿو. ۽ ان جا ڪهڙا خاص حالتن ۾ ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا، تن سڀني جو تفصيلي بيان ڪتاب ۾ جاءِ تائين آهي. هت فقط رضاع متعلق ڪجهه تفصيلي مسائل درج ڪجن ٿا. جاڪاڻ ته عام مائٽوا ڻهن مسائل کان ڪٿو ئي خبر آهن.

رضاع: رضاع جي مدت ايائي سال آهي. يعني ايائي سال تائين ڏڌ عمر وارو ٻار يا وڏو مائٽو جيڪڏهن ڪنهن عورت جي ٿڃ پيئندو ته ان سبب عورت رشتو ثابت ٿي ويندو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 337

رضاع تورد کي گھوڪائي آهي. جيڪي عورتون سگ سبب حرام آهن سي سڀئي رضاع سبب به حرام آهن.

ڪنهن مرد سان سندس زال جي ڪيرپيارڻ سبب رضاعي مائٽي ٿڏهن پيدا ٿيندي جڏهن اهو پار جنهن جي ٿڃ پياري وئي هوندي سوان مرد مان ٿي هوندو. مثال: ۱. هڪ عورت کي قدرتي ڪير آهي، پار نه ڇاڻائش. ته انجي ڪيرپيئندڙ پار جو ڪيرپيارنيندڙ عورت جي مڙس سان گڏ به رضاعي رشتو پيدا نه ٿيندو.

۲. هڪ عورت ڪنهن مرد مان حامله ٿي، پوءِ ان مرد کي طلاق ڏني. عدت گذرڻ ڪانپوءِ ٻئي سان شادي ڪيائين. هاڻي اهو ٻيو ان پار جو رضاعي پيءُ نه ٿيندو جنهن پهرئين مرد مان ٿيل پار سان گڏ ان عورت جي ٿڃ پيتي هوندي. اهڙي عورت جي ڌيءُ ان جي مرد جي ٻي زال جي پٽ کي حلال آهي.

ڪيرپيئندڙ ڪرڪان فقط پار ۽ سندس اولاد مائٽ ٿين ٿا ۽ ڪيرنيندڙ ڪرڪان سڀ عزيز ٿين ٿا.

ٿڃ جيڪڏهن ڪنهن مسير جي طعام سان ملائي ڏني ته ان جو ڪو به اعتبار نه آهي ٻي دوا يا ٻاڻي سان ملائي ڏني ته جيڪڏهن ٿڃ زياده هوندي ته رضاع ثابت ٿيندو. ٻي جيڪڏهن دوا يا ٻاڻي زياده هوندو ته رضاع ثابت نه ٿيندو.

جيڪڏهن ڪنهن بن عورتن گڏ جي ڪنهن پار کي ٿڃ پياري ته اها عورت رضاعي مائ ٿيئي، جنهن جي ٿڃ جو مقدار زياده هوندو،

ڪنواري ۽ مئل عورت جو ڪيرپيارڻ جي ثابت ڪندڙ آهي، پر ڪيرسان ڪنهن جي سبب رضاع ثابت نه ٿيندو.

ڪنهن شخص جون به زالون هجن، هڪ اولاد ڪيرواري ۽ ٻي ادائي سان ڪان به

Gul Hayat Institute.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 338

نندي. ڪيرواري عورت نندي ٻار کي ڇڏي نه سگهندي ٻئي حرام ٿيون.
هن حالت ۾ ڏاڏي عورت سان جيڪڏهن وطي ٿيل نه هوندي ته مهر نه ملندس.
پر جي جماع ٿيل هوندو ته سڄو مهر ملندس، ۽ نندي ٻار کي اڌ مهر ملندو.
جيڪڏهن ڏاڏي عورت هي حڪم دانسته ارادي سان فساد جي نيت سان
ڪيو هوندو نه نندي عورت جو حق مهر پرٽو پوندس. فساد جي نيت ڏهن ثابت
ٿيندي جڏهن ان عورت کي هن مسئلي جي خبر هوندي، پر مسئلي جي خبر هوندي به
جيڪڏهن نندي ٻار جي مرڻ جو انديشو هوندو نه ٽيڄ بيمار ڏسان فساد جي نيت
ثابت نه ٿيندي.

رضاع جي ثبوت لاءِ ٻن مردن يا هڪ مرد ۽ ٻن عورتن جي آکين ڏٺي شاهدي جي
گهرج آهي. ۲۴

ڪنيزن بابت مسائل ڪتاب سڏ ٿا ڏين ته ڪنيزن يا گولين سان ازدواجي تعلق
پيدا ڪرڻ بابت شرعي مسائل ٻڌل آهن. هن وقت غلامي جو رواج ختم ٿي چڪو آهي، تنهنڪري هي مسئلا انسان جي معاشرتي زندگي ۾ ڪوبه اثر نه ٿا رکن، ۽ نه واقفيت پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ٻن مسئلن بابت مؤلف جا
ٻڌايل الفاظ هيٺ لکجن ٿا.

جي آهن ۽ گوپون منجهه مڪ ڪهڙن شخصا - سي آهن ٻئي پيرون پاڻ ۾ ثابت صحيحا،
نه وطي ڪرڻ ٻڌي سان ٿا هي مور روا - بلڪ جماع ڪرڻ هڪڙي سان آهو ويستا،.....
۽ حرام آهي نڪاح ڪرڻ ٻهن جي گوئي ڪا. ۲۵

طلاق: عاقل بالغ ۽ جاگندڙ مرد جي ڏنل طلاق ثابت آهي. ڇاهي جبر سبب
يا نشي ۾ اها طلاق ڏني وئي هجي. گونگي جي طلاق اشاري سان ثابت آهي. مغير
جرئي ۽ سڌ واري جي ڏنل طلاق ثابت نه آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

طلاق رجعي: جيڪڏهن فقط هڪ طلاق ڏنل آهي ته عدت گذرڻ کان اڳ ٻئي نڪاح پڙهڻ کانسواءِ رجوع ڪري سگهجي ٿو. رجوع جو حق مرد کي آهي چاهي عورت کي پسند نه هجي.

رجوع قولي: رجوع قولي مرد جي زباني اعلان سان عورت جي حاضريءَ يا غيرحاضريءَ ۾ ٿي سگهي ٿو. مثلاً: عورت جي غيرحاضريءَ ۾ مرد چوي ته "آءٌ پنهنجي عورت ڏانهن موٽيس"، يا عورت کي روبرو چوي ته، "آءٌ تو ڏانهن موٽيس".

رجوع فعلي: رجوع فعلي ڇهڻ يا فقط شهوت سان نظر ڪرڻ سان به ثابت ٿئي ٿو.

رجوع لاءِ شاهدڪڙ مستحب آهي عدت کانپوءِ مرد عورت کي رجوع جي يادگيري ڏياري نه ته عدت ۾ رجوع ڪيو هو. پوءِ جي عورت ميني ته صحيح ءِ جي نه ميني ته غلط آهي.

طلاق بائن: جيڪڏهن فقط هڪ طلاق ڏنل آهي ءِ عدت ۾ رجوع ڪيو نه ويو آهي نه عدت گذرڻ کان پوءِ اها طلاق، 'طلاق بائن' سڏيندي. جنهن کانپوءِ حلالي کانسواءِ ٻيو نڪاح سان پڻي عورت سان ڪرڻ جائز آهي.

طلاق مغلظ: بيڪ وقت ڏنل ٽي طلاقون 'مغلظ' يا وقفي کانپوءِ متواتر ڏنل ٽي طلاقون، 'طلاق مغلظ' سڏبيون آهن ۽ مغلظ کانپوءِ ساڳي عورت سان حلالي کانسواءِ نڪاح ڪرڻ جائز نه آهي.

طلاق متعلق متفرق مسئلا جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ ڪنهن اصطلاحي لفظ جو طلاق ڏيڻ لاءِ عام استعمال هجي ته جيڪو به ٻولي ٻولجي ته انهن لفظن جي معنيٰ طلاق ڏيڻ آهي نه انهن لفظن چوڻ سان 'صريح طلاق' پوي ٿي. جيڪڏهن وطي ڪيل آهي نه اها طلاق رجعي آهي ءِ جيڪڏهن وطي نه ڪيل آهي نه اها طلاق بائن آهي.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 340

جيڪڏهن طلاق ڏيڻ وقت مرد هڪ دفعو طلاق جي لفظ چوڻ سان صاف طرح طلاق ڏني ته هڪ رجعي طلاق پوندي، چاهي نيت، بائن يا مغلظ طلاق ڏيڻ جي هجي، يا طلاق ڏيڻ جي نيت اصل هجي يا نه. پر جيڪڏهن طلاق اهڙن لفظن سان ڏني وئي آهي، جنهن سان طلاق جو صاف مطلب نه نڪري يا نڪي طلاق جي تعداد جي خبر پوي تي. مثلاً: ڪو مرد پنهنجي عورت کي چوي ته "تون طلاق آهين" يا ان وقت دل ۾ تن طلاقن ڏيڻ جي نيت رکي ته اها طلاق مغلظ ٿي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪا به نيت دل ۾ نه آهي ته به هڪ طلاق رجعي واقع ٿيندي. عيوض وٺي ڏنل طلاق، رجعي طلاق نٿيندي آهي.

ڪنهن شخص ٻئي کي چيو ته تون پنهنجي عورت کي طلاق ڏي يا ان مرد اشاري سان هائوڪار ڪئي يا نه زبان سان، نه به طلاق ٻڌي. عورت جي ڪنهن جڏهن جي جواب ۾، جنهن ۾ طلاق جي گهر ڪيل آهي، هائو چوڻ سان يا قبوليت ڏيڻ سان هڪ طلاق پوندي. پر جيڪڏهن اها هائوڪار يا قبوليت هڪ دفعي کان وڌيڪ دفعا ڏنل هوندي ته جيترا دفعا هائوڪار ڪيل يا قبوليت ڏنل هوندي اوترا دفعا طلاق پوندي. طلاق جا لفظ بنا نيت جي دفعا چوڻ سان يا طلاقون يا دفعا چوڻ سان يا سڀ طلاقون چوڻ سان "طلاق مغلظ" پوندي.

جنهن عورت گهر کان باهر نڪرڻ جو اراده ڪيو، تنهنڪي سندس مڙس چيو ته "جي گهر کان باهر نڪرندين ته تو کي طلاق آهي". پوءِ جي اها عورت ان وقت گهر کان باهر نڪتي ته طلاق پوندس. پر جي ان وقت نه نڪتي يا پوءِ نڪتي ته طلاق نه پوندس. جيڪڏهن ڪنهن عورت ڪنهن بار کي مارڻ جو اراده ڪيو يا مڙس ان کي چيو ته "جي تون بار کي مارينديں ته تو کي طلاق آهي". ماڻي جڏهن، اها عورت ان بار کي مارينديں

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

نہ ان کي طلاق پئجي ويندي.

طلاق رجعي ۽ بائن ۾ ڏنل طلاقون رجوع ڪرڻ يا نئين نڪاح ڪرڻ سان لهي نه ويندڙ ون ۲۶

عدت: حيض واري عورت جو عدت ٽن حيضن جي مدت آهي. حيض هلندي جي طلاق ڏني وئي نه اهو حيض هن هدت ۾ شمار نه ڪبو. بلڪ ان کان سواءِ ٻي حيض ليکبا. صغير يا پيرسن عورت جنهنکي حيض ايندڙ نه هجي. انهيءَ طلاق جي حالت ۾ عدت جي مدت ٽي مهينا آهي. جنهن عورت جو مرد مري ويو آهي ان جو عدت چار مهينا ۽ ڏهه راتيون آهي. نوڙي صغير هجي يا مطوعه هجي يا نه. حمل واري عورت جو عدت حمل کان فارغ ٿيڻ تائين آهي. جنهن عورت کي طلاق يا مڙس جي موت جو اطلاع عدت جي عرصي گذري وڃڻ کان پوءِ مليو آهي سا دوباره عدت ۾ نه ويهندي. پر جنهنکي حيض ايندڙ نه آهي سا جيڪا هن طلاق کان پوءِ ٽن مهينن جي شمار تي عدت لاءِ ويٺي آهي ۽ ان عرصي ختم ٿيڻ کان اڳ يا پوءِ حيض جا هي ٽي ويو آهي نه اڳيون عهو نه ٻيلبو ۽ وري حيض جي حساب سان عدت جو عرصو پورو ڪبو. ۲۷

قسم کٽڻ: قسم جا ٽي قسم آهن قسم منعقد، قسم غموس ۽ قسم لغو. قسم منعقد کان سواءِ ٻئي ڪنهن به قسم ۾ ڪفارو نه آهي ۽ قسم غموس جو ڏڏ گناهه آهي. ڪن عالمن وٽ هن قسم جو ٽيجو ڪفر آهي.

قسم منعقد: قسم منعقد اهو قسم آهي جو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ کيو وڃي. هن قسم کي جيڪڏهن پورو نه ڪري سگهجي نه فقط ڪفارو لازم ٿيندي. پر پيو ڪو گناهه نه ٿيندو.

قسم غموس: قسم غموس معنيٰ الله تعالىٰ جو قسم کڻي ڪنهن حقيقت کان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 342

انکار کرڻ. جنهن جي سچائيءَ ۾ مڪمل شڪ نه هجي تنهن کي پوري طرح آگاهه آهي. هن قسم کان گوشو ڪرڻ واجب آهي.

قسم لغو: قسم لغو شڪ ۽ ويسر ۾ ڪيل قسم کي چئبو آهي. جنهن جي نڪا ڪفارو آهي ۽ نه گناهه، بلڪ عفو آهي.

قسم جو طريقو: قسم فقط الله تعالىٰ جي ذات جو ڪرڻ گهرجي. ۽ جي الله تعالىٰ جو نالو نه وٺائين ۽ فقط هي لفظ چوائين ته "شاهدي تو ڏيان" يا "قسم تو کڻان" ته به قسم ٿيو.

قسم جي پابندي: گناهه لاءِ ڪيل قسم يعني گناهه ڪرڻ لاءِ ڪيل قسم پاڙڻ نه گهرجي. بلڪ واجب آهي ته اهڙي قسم کي توڙي پاڙڻ جي ڪفارو ڏجهي. قسم کٽي کاڌائه شئي پاڙڻ جي حرام ڪيبي ته اها شئي حرام نه ٿي پوندي ۽ ان جي استعمال سان به ڪفارو واجب نٿيندي. جيڪڏهن قسم ۾ انشاءَ الله جا لفظ گڏ يائين ته به ڪفارو نه پوندي.

ڪنهن شخص قسم کنيو ته هلائي عورت جي ڪنهل ست جي ملهمان نه ڪائيندس. هاڻي جي ست پاڙ ڪٽي ڪائيائين ته ڪفارو نه پوندي. ۽ جي ان عورت ست ڪٽي ملهه ڪيس ڏنو ۽ ان ملهمان ڪائيائين ته ڪفارو پوندس.

قسم جي ڪفارو: قسم جي ڪفارو هي آهي ته ڏهن فقيرن کي، جي بالغ هجن، به وقت پيٽ پري ماني ڪارائي. ٻئي وقت ساڳيائي فقير هجن ڪڙهن. يا ڏهن فقيرن کي اهڙا ڪپڙا ڏئي جن سان سندن جسم ڍڪجي يا ڏينهن جا لاڳيتا روزا رکجن. ۲۸

تجزيو ۽ اختتام: محمد دم عبدالله نيلوي پهرين بزرگ هو جنهن مختلف ديني موضوعن تي سنڌي ۾ تمام گهڻا ڪتاب لکيا. ڪن ڪتابن ۾ فقهي احڪام تي سنڌ جا قديم مناسب ڪتاب به ڪوٽ نظر آيا تنهنڪري ڪمال تحقيق سان سنگ نامو ڪيائين. پر هن ڪتاب ۾ ڪيترائي مسئلا ۽ مسئلي ۾ اختلاف ڏيکاريا آهي. ڪتاب جون اختتامي سٽون جن ۾ ڪتاب جو تاريخي سڻ آهي.

مولا مون کي ڪين درست ڪي ڏينا ۔ الحي عبدالله کي هي ڪين ڪو مولا
برحق پيارا پيغمبر جي جو مهر محمد شاهه ۔ ساڻ آل ۽ اصحاب سڀ دانا سنجهان ۔ ۲۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 343

نورالابصار شرح خزانة الابرار
مؤلف: حافظ عبدالله نليوي
تاريخ تاليف: ۱۱۹۳ھ / ۱۷۷۹ع

کتاب نورالابصار ۾ فرض نمازن ۽ روزن کان سواءِ ٻين نمازن ۽ روزن متعلق شرعي مسائل جمع ڪيل آهن. هي کتاب تاريخ ٽين جمادي الثاني جمعي جي ڏينهن ظهر ۽ عصر جي وچ ۾ سال ۱۱۹۳ھ/جون ۱۷۷۹ع ۾ لکجي پورو ٿيو. اهو ذڪر مؤلف ڪتاب جي آخر ۾ هن لفظن ۾ ڪيو آهي.

تحقيق جڏهن نورالابصار هي نسخو ٿيو تماما - جو خزانة الابرار مٿي آهي شرح سندي سواءِ ،
ٻن اڪاوڙه سوءِ ۱۱۹۳ ٽيانوي هوڌ رهيه گذريا - حضرت جي جرت پجاڻا جو ختم الانبياء ،
ٻڻ هٿي جمادي الثاني سندي ٽين تاريخا - ڏينهن ٻڻ جمعي جو هو وچ ظهر ۽ عصرا ،
سو نسخو جوڙ نيڊي مون ناڪس کي جهجها ڏينهن لڳا - سبب هن امرن جي، جي مانع ٿيا وجان ،
ٽان پي فضل سين الله جي جڏهن توفيق ٿيم تنهنڪاءِ - تڏهين پورو نسخو ٿيو مدد سين مولا ،
تنهن ٿيم آندم اقسام ڪٿي روايتن سندا - جي آهن سڀاين هنا جي ٻڻ ٽون سوا ،
جي موجب قول مجتهدن جي اڏن ولين جا - جي هنا ڪتابن ڏسڻ جي جي اوراد نٻا ،

. . . . . .

الٰهي عبدالله کي ٽون حرمت حضرتا - ڪجهه پڌرا ڏوهه ٽون بخش بادشاه -

نورالابصار جي تاليف جو سبب

مؤلف مخدوم عبدالله "نورالابصار جي ديباچي ۾ وڌيڪ ٻڌايو آهي ته نمازءِ روزي جي مسئلن متعلق عام ماڻهن ۾ طرفان جا ٻيجا ڪي ٿي ٿي، تنهن ڪري ان انداز ڏيڻ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان ماڻهو ڪي اهڙيون نمازون پڙهن ٿا ۽ روزا رکن ٿا، جي يا ته ممنوع آهن يا مڪروهه. تنهنڪري پاڻ ضروري سمجهيا ٻڻ ته اهڙو ڪو ڪتاب لکجي، جنهن ۾ فرض نمازن ۽ روزن کان سواءِ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 344

ٻين نمازن ۽ روزن بابت مسئلا جمع ڪيل هجن ته جيئن عام ماڻهن لاءِ دين جي
من شعبي کي سمجهڻ يم به آسانيءَ ٿئي .

هن ضرورت کي ملحوظ رکندي مؤلف هڪ ڪتاب 'خزانة الابرار' تحرير
ڪيو . پر پوءِ پاڻ ئي محسوس ڪيائين ته ان يم مسائل جي فقط اجمالي صورت ڏني
وئي هئي . پر حقيقت يم انهن سڀني مسئلن جي مناسب تشريح جي به گهرج هئي
تنهنڪري هڪ ٻيو ڪتاب 'نورالابصار' جي نالي سان 'خزانة الابرار' جي تشريح
پر ڪيائين . هن سلسلي يم مؤلف جا پنهنجا الفاظ هي آهن .

هيئن منجهه حقير جي اي اپي پيو عرضا — ته ڪجهي تن نمازن جو هوند نسخو سنڊي واءِ ،
جي آهن نمازون اڳرلون سواءِ پنجن فرضنا — ڪهلا بهتر رمضان جي ، جي روزا آهن پيا ،

. . . . . .

ڪي مشهور آهن جي نمازن ۽ پيا روزا — ماڻهوءِ ٿيت ثواب جي جن کي ڪرين تا ،
پر مجموعه ۽ معنوع تن کي تا ڪن ڪتابا — سي پسي امورا هٿ اسنجهه ماڻهن مشهورا ،
ڪيوسون قصد قلب يم مالڪ بڳ خدا — جان هوند ڪيي امور سڀ اي ڪتابن ڪنا ،
سنڊي وائي سهڪا لکي هجن سي پدرا — نه مان رسي موبن کي هين نفعو تنهن سنجهان ،
جيئن اکتران امورن جي توسيع ڪري پيچا — تيلا نهن موڪي پڙ تنهنجي مان ٿئي ثوابا ،

. . . . . .

الدال علي الخير ڪفاعله اي آهيم اسيدا — تيلا نهن جوڙيم نسخو فضل سائڻ خدا ،
خزانة الابرار تنهنجو رکيوسون اسما — هيڪڙو باب نهن يم جوڙيندي ويرا ،
هيڪڙو باب نمازن جو پيو روزن لاءِ — پر امور منجهس جي مجمل طريقا ،
ٿئي ڪارڻ ڪيوسين ورتي قصد بيمارا — نه ڪجهي شرح ان جو هوند ورتي مفصلا ،
نهن لاءِ ٿئي تن امورن سنڊو تفصيل اظهارا — ڏيکاريل آهن جي احوال طريقا ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 345

سي بيا فائدا ان امورنٽون سوا - اخترمناخ جن ۾ آهن اپار ا ،

سي سڀ جمع ٽين شهن منجهه هيڪاند ا - .....

سو شروع ڪيوسين نالي سين الله تعالى ا - نورالابصار سندي ۾ ڪيوسون اسما ،

قادر ڪر قبول سو مهر سين مولا ۳۱

نورالابصار جي ترتيب ۽ اشاعت

ڪتاب نورالابصار سنه ۱۳۰۰ هـ/ ۱۸۸۲ع بمبئي جي حيدري پريس مان فاضي بيان فتح محمد ولد قاضي بيان نورمحمد ۽ نورالدين بن جيوا هان جي شراڪت سان، مخدوم عبدالصمد نورنگ پوري هٿان چپجي شايع ٿيو هو. راقم الحروف جي سامهون هن اشاعت جو هڪ نسخو آهي. ان جو هڪ نسخو شمس العلماء سنڌ سرڪار لئبريري حيدرآباد ۾ موجود آهي.

نورالابصار منظوم سنڌي قديم ڪيل آهي جنهن ۾ باب آهن. هڪ باب نمازن جو ۽ ٻيو روزن جو. هتن ٻنهي بابن مان هڪ جاوري ۾ حياڪري سگهجن ٿا يعني هڪ حصو انهن نمازن ۽ روزن جو، جي واجب، سنت يا مستحب آهن ۽ هڪ حصو انهن نمازن ۽ روزن جو جي ڪنهن خاص جائز ۽ نيڪ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سلف صالحين کان اوراڻل جي ڪتابن ۾ مقبول آهن.

جيئن ته انهن نمازن ادا ڪرڻ ۽ روزن رکڻ جو نورالابصار ۾ فقط ملي ٿو بيان ڪيل آهي جنهن کي فقه جي دائري ۾ شامل نٿو ڪري سگهجي. تنهنڪري هن مقالي جي مقصد کي ملحوظ رکندي انهن ملي ٿن کي هتي نه ڪيو ويندو ۽ فقط فقهي مسئلا اختصار سان ڪتاب جي تعارف طور هيٺ لکبا. جي فرض نمازن ۽ روزن کان سوا ٻين نمازن ۽ روزن سان تعلق آهن.

باب پهريون نمازجي بيان ۾

هن باب ۾ فرض نمازن کي ڇڏي، واجب نمازن ۽ سنت ۽ مستحب نمازن ۽ انهن نمازن جو بيان آهي، جي خاص وقتن تي پڙهيون آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هيٺ ڪجھ منتخب مسئلا ذڪر ٿا.

۱. صلوٰة الوتر: فرض نماز کانپوءِ واجب نمازن جو ذڪر آهي. جن ۾ وتر به نماز گھڻو تاڪيد وارد ٿيل آهي. تنھنڪري مؤلف پھرين وتر جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان بابت هيٺيان تفصيل سمجھايا اٿس.

صلوٰة الوتر جي اهميت ۽ ڪيفيت ۽ ثواب معراج جي رات سدرة المنتهيٰ وٽ حضرت جبرئيل عليه السلام پاڻ ڪرتار کي عرض ڪيو ته جيڪڏهن پاڻ اڳي هڪ رڪعت نماز پڙهندا ته حضرت جبرئيل کي به ان مان ثواب رسندو ۽ جيڪڏهن ته سدرة المنتهيٰ حضرت جبرئيل جو مڪان آهي. آنحضور صلي الله عليه وسلم جن اڳي هڪ رڪعت نماز پڙهي پر ڪين خيال آيو ته هڪ رڪعت مشروع نه آهي، تنھنڪري پي رڪعت پاڻ نه پڙهيائون. پر الله تعالىٰ کان حڪم ٿيو ته ٽن رڪعت به پڙهو، جيڪڏهن ته الله تعالىٰ وتر سان گھڻي محبت رکي ٿو. "ان الله وتر يحب الوتر" الله تعالىٰ پاڻ واحد وتر آهي تنھنڪري وتر سان محبت رکيٿو. حضور جن ٽن رڪعت به پڙهي، جنھن ڪان پوءِ اهي ٽي رڪعتون هميشه پڙهڻ جو حڪم ٿيو.

Gul Hayat Institute

پلصراط نان ٽپڻ ۾ وتر پڙهڻ واري کي اهڙي آساني ٿيندي جو اڻڪي فقط ٻي رکون پائيندو. حالانڪ پلصراط تلوار کان تکي ۽ ڪان سنھي ۽ اونداهي رات کان وڌيڪ ڪاري آهي ۽ دوزخ مٿان رکيل آهي. سندس اصل پنڌ ٽن هزار ورهين جو آهي.

وتر جو وجوب: حديث شريف ۾ وتر جو حڪم ٻن لفظن ۾ آيو آهي.
"ان الله تعالىٰ زادكم صلوٰتكم الخمس الا وهي الوتر فحافظوا عليها".
جن عالمن جوڙ آهي ته وتر پڙهڻ فرض آهي. امام ابو يوسف، امام محمد ۽ ڪن ٻين امامن وتر کي سنت مؤڪد ڪيو آهي. امام اعظم جيتوڻيڪ هڪ روايت ۾ فرض ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 347

چيو آهي، پر سندس صحيح قول موجب وتر واجب آهي. اڪثر مسلمانن جو اجماع به انهيءَ ڳالهه تي آهي ته وتر واجب آهي. وتر جو انڪار ڪندڙ کي ڪافر نه ٿو چئجي پر فقها فاسق سڏ جي ٿو. وتر جي نيت ۾ وقت واجب چوڻ گهرجي.

وترجو وقت: وترجو وقت عشاء کان صبح تائين آهي. فوت ٿي ويڻ جي حالت ۾ قضا ڪرڻو آهي.

وترجون رکعتون: امام شافعيؒ ۽ امام احمدؒ جي فتوىٰ آهي ته وتر هڪ رکعت آهي. ڪن عالمن وٽ وتر پنج رکعتون ۽ ڪن وٽ ست رکعتون به آهي. پر امام اعظمؒ وٽ وتر ٽي رکعتون هڪ سلام سان آهي.

وترجي قرات: ڪتاب نورالايضاح ۾ وترجي قراءت جا ڪيترائي مسئلا ڄاڻايا ويا آهن. پر سڀ کان افضل طريقو جنهن تي امام اعظمؒ جي فتوىٰ آهي ته پهرين رکعت ۾ سورة الاعلىٰ ٻي رکعت ۾ سورة الڪافرون ۽ ٽين رکعت ۾ سورة اخلاص پڙهجن. پر ساڳئي وٽ سڀجهايو ويو آهي عليه الصلوٰة والسلام جي سنت سان موافقت پيدا ڪرڻ لاءِ سڀ طريقا پڙهيا پڙهجن. ۳۲

Gul Hayat Institute

وتر نمازِ دعا قنوت وتر نماز ۾ امام اعظمؒ جي قول موجب قنوت پڙهڻ واجب پر صاحبينؒ جي راءِ موجب قنوت پڙهڻ سنت آهي. دعا قنوت مان مراد مطلق دعا آهي جا معين ۽ مخصوص نه آهي. ڪتاب نورالايضاح ۾ جي ٿوري ڦير گهير سان قنوت جا ڪل ست طريقا ڏنل آهن. جن ۾ لاءِ عبداحد اڪثر جا حوالا ڏنا ويا آهن. حنفين ۾ جيڪو عام مقبول ۽ رائج آهي سو ڪتاب نجرالرائق ۾ ڏنل آهي.

دعا قنوت ۾ واو عطف جا جيڪڏهن نه پڙهجا ته ضرورت ناهي پر اهي پڙهڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 348

سان ثنا ۽ بي زيادتي ۽ جو سبب ٿين تا جنهن کري ثواب زيادہ ملي ٿو.

حنفي عالمن وٽ امام اعظمؒ جي قول موجب هڪ دعا قنوت پڙهڻ واجب آهي. ۽ ٻيو دعا قنوت ۽ ان سان شامل کرڻ افضل آهي. ڇاڪاڻ ته حضور عليه الصلوٰة والسلام جن خود پاڻ ۽ اهو پڙهندا هئا ۽ حضرت امام حسنؓ کي اهو پڙهڻ پاڻ سيکاريو هئائون. ۽ حضرت امام صاحبؒ ئي ان جي روايت ڪئي آهي. ڪتاب ۾ من قنوت جو متن ڏنل آهي.

جنهنکي قنوت ياد نه هجي تنهنکي مختلف دعائون يا سورة اخلاص پڙهڻ جي اجازت آهي. جن جي پڙهڻ جو طريقو ۽ ڪتاب ۾ سيکاريل آهي ۽ اها تنبيه ۽ ڪيل آهي ته هي طريقا فقط امين لاءِ آهن جيڪي ان ڏانهن آهن. جيڪي جاڻن تا ۽ قنوت ياد نه اٿن امين کي قنوت ياد ڪرڻ ۾ هرگز ڪاهلي ڪرڻ نه گهرجي.

جڏهن وتر جماعت سان پڙهبو هجي ۽ ڪو شخص ٽين رڪعت ۾ اچي ڇڏي سو جيڪڏهن امام پٺيان قنوت پڙهي نه ٻيو ضروري نه پڙهي. ۽ جيڪڏهن ٽين رڪعت جي رڪوع ۾ ڇڏي ته به قنوت جو حق مٿانئس ادا ٿيو. جهڙي طرح رڪوع ۾ ڇڏي واري ٻاڻ تي آڻ جو حق ادا ٿئي ٿو. وتر ڪان پوءِ ڪي دعائون يا تسبيحون پڙهڻ مسنون آهن جي ڪتاب ۾ ڏاڪايل آهن.

رمضان شريف ۾ نماز وتر

رمضان شريف ۾ وتر نماز جماعت سان پڙهڻ مستحب آهي. ان ۾ قرأة جهري ڪبي باقي قنوت ڪجهو پڙهبو وتر متعلق هيئيون ڏاڪايلون فقط رسمون آهن جن بابت ڪي به مستند فقهي احڪام ڏنل نه آهن. ۳۳

وتر نماز ڪان پوءِ به سجدا

فتاوىٰ تاتارخانيه ۽ مضمرات ڪان ۽ ڪتاب مفاتيح الجنان ۾ هڪ حديث آيل آهي جنهن ۾ وتر ڪان پوءِ به سجدا ڪرڻ ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 349

امن يہ تسبيحن ۽ دعائن پڑھڻ جو ذکر آهي. جنهن جو تمام وڏو ثواب بيان ڪيل آهي. اڳ ذکر ثواب جو تفصيل به نورالايضاح ۾ ڏنل آهي. پر مؤلف جو چوڻ آهي ته اها حديث موضوع آهي. اهڙين حديثون کي ملهڻ جون اڄڪلهه نيت سان جوڙيل آهن ته ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ ۽ دين ۾ خلل وجهڻ. اهڙين حديثن جو نقل ڪرڻ جائز نه آهي، پر هن نيت سان ته ڪوڙ کي پڌرو ڪجي ته جيئن ماڻهو انهن حديثن کان آگاهه ٿي تن عمل نه ڪن.

نماز کانپوءِ سنڌ دسجدو

ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته نماز کانپوءِ سنڌ دسجدو ڪري ان ۾ دعا گهري ٿا. انهن ۽ سجدن ۾ آهن ته دعا جي قبوليت جو اهو طريقو احسن آهي. پر ان سجدي جو ڪو به اصل نه آهي. بلڪ ائين ڪرڻ مڪروه آهي. پاڻ ڪاڻ ته هر ڪو صباح عمل جو ماڻهو عام طور ڪن ٿا. تنهنڪري اڳ عمل ۾ سنت يا واجب سمجهن ٿا. جنهنڪري اهو عمل ڪرڻ مڪروه ٿيو پوي. جهڙي طرح ڪنهن خاص نماز ۾ ڪنهن خاص قرأة جو تعين ڪرڻ ۽ ان ۾ ان قرأة کان سواءِ ٻيو ڪجهه هر گز نه پڑهڻ. ساڳي طرح عاشوري جي ڏينهن عاشوري جي مشهور نماز کانپوءِ سجده ڪري ان ۾ دعا گهرڻ به مڪروه آهي

Gul Hayat Institute

وتر نماز کانپوءِ به رڪعتون

وتر نماز کانپوءِ به رڪعتون نماز پڑهڻ ثابت آهي پر عام ماڻهن ڪي اهي ٻن رڪعتن جي پڑهڻ ۾ شبهه آهي. اهو شبهه هڪ متفق عليه حديث مشڪوات جي بنياد تي پيدا ٿئي ٿو. جنهن ۾ چيل آهي ته وتر نماز کانپوءِ ٻي ڪابه نماز پڑهڻ جائز ناهي. ٻيو سبب هي آهي ته پاڻ سڳورا تهجد نماز سان گڏ وتر پڑهندا هئا. جنهنڪري هن کي گمان ٿيو ته وتر کانپوءِ جي به رڪعتون جيون ڏون اهن سي فجر جي سنت آهن. حضرت بي بي عائشه رضي الله عنها هڪ جي حديث مٿي ڏيکاري هوندي آهي ته پاڻ سڳورا وتر هڪ رڪعت پڙهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 350

پوءِ ٻه رکعتون ڏينهن پڙهندا هئا جن ۾ رکوع ائين ڪندا هئا جهڙي سنت ٻه رکعتون انهن کان سواءِ پڙهندا هئا. جن حديث سگوري تہ سبب شبهه پيدا ٿيو تہ وتر کا پوءِ جيڪي ٻه رکعتون چيون وڃن ٿيون سي وتر جي ٽن رکعتن جا مثال آهن. مطلب تہ بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها جي روايت کيل حديث مان ناقابل انڪار ثبوت ملیو تہ پاڻ سگورا وتر کا پوءِ ٻه رکعتون پڙهندا هئا. تنهنڪري هي ٻئي حديث بظاهر جڙ متضاد معنيٰ رکن ٿيون.

حنفين جي تطبيق: مذڪور ٻنهي حديثن جي معنيٰ ۾ حنفي عالمن هنڪڙ تطبيق ڪئي آهي تہ وتر کا پوءِ ٻه رکعتون جي حضور صلي الله عليه وسلم جن پڙهيون آهن سي وترسان ملحق يا ان جي تابع آهن نہ علحده. جهڙي طرح مغرب نماز جي فرض کا پوءِ ٻه رکعتون آهن. مغرب نماز جو فرض ٻه ڪ طرح ڏينهن جو وتر آهي تنهن ڪري جنهن متفق عليه حديث ۾ وتر کان پوءِ نماز پڙهڻ جي منع آهي. ان جو مطلب آهي تہ وتر کان پوءِ ٻه رکعتون پڙهي پوءِ بي ڪا نماز پڙهڻ جي منع آهي.

حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها واري حديث مان ۽ مؤطاء امام مالڪ ۾ آيل ٻي حديث مان ثابت ٿئي ٿو تہ فجر جي سنت وتر جي پوين ٻن رکعتن کان علحده آهي. باقي وتر جي رکعتن جي تعداد ۾ جو اختلاف آهي تہ ان لاءِ هي چيل آهي تہ وترجون ٽي رکعتون ٻين دليلن مان ثابت آهن. [۳۵]

نماز سنت مؤڪد: ڏينهن رات ۾ جيڪي نمازون سنت مؤڪد آهن انهن جون بارهن رکعتون آهن. ٻه رکعتون فجر جي نماز کان پهرين، چار رکعتون ظهر جي فرض کان پهرين، ٻه رکعتون ظهر جي فرض کان پوءِ، ٻه رکعتون مغرب جي فرض کان پوءِ ٻه رکعتون عشاء جي فرض کان پوءِ. هن سموري سنتن ۾ فجر جي سنت جو ثواب زيادہ درجو آهي. ان کان پوءِ ڪن عالمن جي راءِ موجب

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مغرب جي فرض سان ٻوءِ ٻن رکعتن جو درجو آهي، ان سان ٻوءِ ظهر جي فرض بعد ٻن رکعتن جو. ان سان ٻوءِ عشاء جي فرض نماز بعد ٻن رکعتن جو ۽ آخر ۾ ظهر جي فرض سان پهرين ٻن رکعتن جو. پر صحيح قول هي آهي ته فجر جي سنت سان ٻوءِ ظهر جي فرض سان پهرين جيڪي رکعتون آهن سي زيادهم ٻوکد آهن. ۽ هي باقي سڀ سنتون پاڻ ۾ مرتبي جي لحاظ سان برابر آهن.

سنت نماز جي اهميت

جيڪو سنت جو ترڪ ڪري ۽ ان کي حق نه ٿو سمجهي سو ڪافر آهي. پر جيڪو سنت کي سنت سمجهي ٿو پر پڙهي نه ٿو ته اهو ڏوهاري آهي. جيڪي نمازون سنت ٻوکد آهن انهن جي پڙهندڙن کي وڏو ثواب حاصل ٿئي ٿو. پاڻ سڳورا قيامت جي ڏينهن سڀني جي شفاعت فرمائيندا ۽ انهن لاءِ بهشت ۾ گهر جڙندو.

سنت نماز گهر ۾ پڙهڻ

سنت نماز گهر ۾ پڙهڻ به سنت آهي. ان ڪري هر ڪا سنت نماز مسجد سان گڏ ۾ پڙهڻ بهتر آهي. فرض جي تڪبير بگي وڃي سان ٻوءِ سنت پڙهڻ هرگز جائز نه آهي. پر گهر ۾ سنت پڙهڻ واري سان هي اصول لاڳاپيل نه رهندو.

سنت ۽ نفل نماز ۾ فرض جو علم

ٻوءِ ظهر جي فرض سان پهرين سنتن پڙهڻ سان ٻوءِ جيڪڏهن ڪنهن پاڻي پيتو يا ڪجهه ساڻائين يا دنيا جي واپار يا بي ڪنهن مشغوليءَ ۾ پهتي سنت ويگي. ۽ ري پيو ۽ فجر پڙهڻ گهر جيس. پر ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته ان سبب سنت نه ڇڏيندي پر ان جو ثواب ناقص ٿيندو. ان ڪري به احتياطاً موٽائي پڙهجي. ڪتاب ڪنز العباد ۾ چيل آهي ته فجر جي سنت سان ٻوءِ دنيوي گفتگو ڪرڻ سان سنت ويجي ٿي باقي هڪ ڏڪ پاڻي يا هڪ گره ساهه يا توري کاڙهڻ يا السلام عليڪم چوڻ سان سنت جي پڇاڙ جو ڏيڍ ڪوهي جو ايترو معاف آهي. ساڳيءَ طرح ظهر جي سنت پڙهي فرض پڙهڻ سان اڳي مسجد مان باهر نڪتو ۽ ٻوري موٽي مسجد ۾ آيو ته ان کي ڪجهه ته سنت ويهي پڙهي چاڪاڻ ته هي ڏسنت فرض جي تابع آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 352

سنت نمازن ۾ قرأة

سنت نمازن ۾ ڪنهن به قرأة جي عادت ڪرڻ نه ڪپي. بلڪ ڪڏهن تخفيف پڙهجي ۽ ڪڏهن تطويل. جاڪاڻ ته پاڻ سڳورن. جي ڪنهن به فرض يا سنت نماز لاءِ ڪا به خاص قرأة عادتاً مقرر نه هئي. تنهنڪري منفي حالن جو چوڻ آهي ته قرأة مقرر ڪرڻ مڪروه آهي. جاڪاڻ ته اهڙي طرح جي عقيدي جو اظهار ٿئي ٿو ته انهن خاص سورتن کانسواءِ بيون سورتون پڙهڻ جائز نه آهن. جيڪڏهن ماڻهوءَ جو اهڙو ڪو به عقيدو نه آهي ته جن هنڌن پاڻ سڳورن جي ڪنهن مخصوص قرأة جي گهڻائي سان پڙهڻ جي عادت هئي انهن سڀني هنڌن اها قرأة تبرڪاً پڙهڻ ۾ ڪا به ڪراهت ڪانهي بلڪ افضل آهي. ۳۶

فجر نماز جي سنت

ڪن عالمن جي راءِ آهي ته فجر جي سنت جي بن رڪعتن جو تاڪيد وترجهڻ ڏني آهي، تنهنڪري هي سنت وتر وانگي واجب آهي. حديث شريف ۾ آهي ته فجر جي سنت جون به رڪعتون دنيا ۽ جيڪي منجهس آهي ان سڀ کان بهتر آهي. يعني دنيا جيڪي به اڄ آهي اهو سڀ جيڪڏهن الله جي راهه ۾ صدقو ڪجي ته ان جي ثواب کان فجر جي بن رڪعتن سنت پڙهڻ جو ثواب زيادهه آهي.

فجر جي سنت جو ترڪ

فجر جي سنت جو ترڪ واجب يا فرض جي ترڪ جهڙو ڏاڍو آهي. جو حرام جي ويجهو بلڪ حرام ئي آهي. ان ڪري فجر جي سنت ڪنهن به حالت ۾ ترڪ نه ڪري سواءِ بيماريءَ جي عذر جي. يعني اهڙي بيماري جو فرض به تڪليف سان پڙهي سگهجي. جيڪڏهن فرض جي پڇي نه سگهڻ جو انديشو هجي ته به فجر جي سنت ترڪ ڪجي يعني فجر جي فرض جي تڪبير ٻڌڻ کان پوءِ اڪيلي نماز جيڪڏهن سمجهي ته سنت پڙهي جماعت کي جي رڪعت ۾ پڇڻ جو يقين آهي ته سنت پڙهي پوءِ مورت ۾ سنت ڇڏي فرض ۾ شامل ٿئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 353

فرض جي تڪبير ٻڌي وڃي تہ ڪنهن اهڙي جڳهه تي پڙهي جتان امام جي نظر نہ پوندي هجي. جماعت ۾ قوي پسندي ضعيف جي بنا جائز نہ آهي. جيڪو من ڳالهه جو خيال نہ رکندو ۽ صف جي پٺيان ظاهر سنت پڙهندو اهو فرض جي هڪ رڪعت به وڃائيندو ۽ سنت به ڪاهت ٿيندس. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ فرض ۾ التحيات ۽ ڇهڙي جي امير هجي تہ به پهرين سنت پڙهجي. پر جمهور علماء وٽ پهرئين قول کي ترجيح آهي

فجر جي سنت جي قضا

فجر جي سنت جيڪڏهن اڪيلي فوت ٿئي نہ ان جي قضا ناهي. باقي جيڪڏهن فرض به فوت ٿئي تہ پوءِ اڏ ڏينهن گذرڻ کان اڳ ٻئي قضا ڪري سگهجن ٿا. جمڙي طرح خيبر کان مونديءَ، ڪهن وادي ۽ يم اڏجاڳي کان سڏهڻ سبب پاڻ سگورن ۽ سڄي لشڪر کان فجر جي سنت ۽ فرض ٻئي فوت ٿيا هئا ۽ پاڻ ٻئي قضا ڪيا هئائون. اڏ ڏينهن گذرڻ کانپوءِ فقط فرض جي قضا آهي ۽ نہ سنت جي.

امام محمدؒ جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن فقط سنت به فوت ٿئي تہ سج ايرئي کانپوءِ فقط ان جي به قضا ڪرڻ بهتر آهي. ٽهڪڙي عالمن جو چوڻ آهي تہ بهتر آهي تہ احتياطاً امام محمدؒ جي مذهب تي عمل ڪجي. فجر جي سنت جيڪڏهن وقت اندر پڙهي وئي ۽ فقط فرض فوت ٿيو تہ فرض قضا ڪرڻ وقت سنت دري نہ پڙهجي

فجر جي سنت جي قضا بابت حيلو

لشيخ عبدالحق محدث دهلويؒ مشڪواة جي شرح ۾ فرمائي ٿو تہ فجر جي سنت جي قضا لاءِ جي ماڻهو هيءَ حيلو هلائيندا آهن جنهن جو نقل فقيهه اسماعيل زاهد کان آندو ويو تہ جيڪڏهن فجر جي فرض فوت ٿيڻ جو انديشو هجي تہ پهرين سنت نيتي پوءِ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 354

پيڇي فرض يا شامل ٿيڻ نه مصنف جي لفظن ۾
" لازم سبب شروع جي سنت ٿئي سا ،
ء واجب سبب قطع جي ٿئي سندس قضا ."
تنهنجي فرض سمان پوءِ وري سنت قضا ڪرڻ سگهبي . پر شيخ عبدالحق دهلويؒ
جو جوڙ آهي ته امام سرخسيؒ "هن قول کي رد ڪيو آهي جا گهاڙ نه اهڙيءَ طرح
عبادت ۾ داخل ٿي هن نيت سان ٿيو ته ان کي قطع ڪرڻ ء اهڙو عمل فساد جي
مترادف آهي . جيتوڻيڪ انکي وري بيو دفعو پوري ڪرڻ جو ارادو به موجود آهي
ان کا سواءِ ڪنهن به نيڪ عمل کي شروع ڪري پوءِ ان کي قطع ڪرڻ هرگز
جائز نه آهي .

فجر جي سنت سان ئي گڏ ٻيون هر وقت لاڳو آهن

فجر جي سنت سان ئي گڏ ٻيون هر وقت لاڳو آهن . جهڙ نه پره ٿئي تان کان پوءِ اول وقت ۾ پڙهڻ بيو پهنجي گهر ۾ پڙهڻ ، ٻيون ٻه ٻه رکعت ۾ سورة الڪافرون ء بي رکعت ۾ سورة اخلاص جي قراءة ڪرڻ

توحيد جون ڇهه صفتون

فجر جي سنت جي مذڪور قراءة ۾ توحيد جون ڇهه صفتون جامع آهن . يعني توحيد اعتقاد ، توحيد ارادت ، توحيد قصد ، توحيد علم ، توحيد عمل ء توحيد معرفت .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 355

ظهر نمازجون سنتون

حديث مبارڪ جو ارشاد آهي تہ جنهن ظهر کان اڳ چئن رڪعت سنت جي ۽ ان کان پوءِ چئن رڪعت سنت جي حفاظت ڪئي، الله تعالىٰ ان جي جسم کي باه تي حرام ڪيو. هن ارشاد آهي تہ جنهن هي چار رڪعتون ترڪ ڪيون منهنجي شفاعت ان کي هرگز حاصل نہ ٿيندي. ظهر کان پوءِ چئن رڪعتن ۾ به رڪعتون سنت مؤڪد آهي.

ظهر جي فرض کان پهرين چار رڪعت سنت جي قضا

ظهر جي فرض کان پهرين چار رڪعتون سنت جيڪڏهن فوت ٿئي تہ هڪڙن عالمن جي راءِ موجب فرض کان پوءِ جيڪي به رڪعتون پڙهجن ٿيون سي پڙهي پوءِ قضا ڪجن يا پهرين جو چوڙ آهي تہ چار رڪعتون قضا ڪري پوءِ به رڪعتون پڙهجن. يوتہ قضا ادائي مقدم آهي.

هن سنت کي قضا ڪرڻ وقت جماعت ڪجي ان ڪري قضا جو لفظ جيڪو نہ آهي ظهر جي وقت جو ٻاوڙيجي. چاڪاڻ تہ هن سنت جو وقت فوت ٿيڻ جيڪو سنت جي نيت ۾ قضا چوڙ بهتر نہ آهي. تنهنڪري فقط اجو آهي ڏيڻ جي سنت جيڪي. ۳۸

عصر جي سنت: حضرت عبدالله بن عمر رضه کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن فرمايو تہ الله تعالىٰ مثل ان شخص تي رحمت ڪري، جو عصر جي فرض کان پهرين چار رڪعتون پڙهيو. هڪ ٻي حديث ۾ ان سنت جي پڙهڻ تي باربن وڏين ٻڌي عبادت جي ثواب ۽ دنيا مان ايمان جي سلامتي سان لڏڻ جي بشارت ڏني آهي. حنفي مذهب موجب نمازيءَ کي اختيار آهي تہ هي سنت چار رڪعتون

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 356

پڑهي يا به رکعتون. پر چار رکعتون پڑهڻ افضل آهي. هي سنت مستحب آهي ۽ نه مؤکد. جا کاڻ ته پاڻ سڳورن هن جي همیشگي نه ڪئي آهي. ۽ نڪي همیشه چار رکعتون ئي پڑهندا هئا. ۳۹

مغرب نماز جون سنتون

شرح مشڪوات ۾ حديث آهي ته مغرب نماز کان پوءِ ڇهه رکعتون وچ ۾ ڪجهه نه ڳالهائڻ ۽ سواءِ پڑهڻ جو ثواب بارهن ورهين جي عبادت جي برابر آهي. انهن ۾ به رکعتون مؤکد آهن ۽ به به رکعتون هڪ سلام سان پڑهڻيون آهن. حديث شريف ۾ آيو آهي ته سا نڪي نماز جي فرض نماز کان پوءِ ستصل جيڪو به رکعتون سنت پڑهندو ۽ فرض ۽ سنت وچ ۾ ڪجهه نه ڳالهايو هوندائين ته ملائڪ انهي فرض نماز ۽ سنت ٻئي ڪٽي ويي عليين ۾ رسائين تا. جو ستين آسمان تي مناهون معان آهي. جتي نيڪين جا عمل جمع ٿين تا. ۴۰

عشاء نماز جون سنتون

عشاء نماز جي فرض کان پهرين چار رکعتون سنت پڑهڻ مستحب آهي پر به رکعتون به ڪيل آهن. عشاء جي فرض نماز کان پوءِ چار رکعتون مستحب آهن جي امام اعظم جي قول موجب هڪ سلام سان ۽ صاحبين جي قول موجب بن سلامن سان پڑهڻ گهرجن. پر مصلي اختيار وارو آهي ويڙهن ته هڪ سلام سان پڙهي يا ويڙهن ته بن سلامن سان پڙهي. جيڪڏهن عشاء جو فرض مستحب وقت ۾ پڙهيو نه سگهيو ۽ ادرات کان به دير ٿي وئي ته پوءِ چار ئي رکعتون پڑهڻ بهتر آهن ته مڪروه وقت جي پڑهڻ جي نقصان لاءِ جبر ڪرڻ ٿين. باقي انهن مان فقط به مؤکد آهن. پاڻ سڳورن جي هن ڇهن رکعتن ۾ مواظبت ثابت آهي. شيخ عبدالحق سفر السعادت ۾ فرمائي ٿو ته عشاء جي فرض کان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 357

اڳ چئن رکعت سنت بابت کا به حدیث کا نه ٿي ملي. پر شيءِ انهن
اٺئي رکعتن کي روا رکيو آهي. چاڪاڻ ته ظهر جي وقت واڱي عشاء جي وقت
پڙهڻ تطوع مکروه نه آهي. حرمين شريفين ۾ عشاء سان اڳ چئن رکعتن سنت
جي عمل نه ڪندا آهن.

بهرحال فقه جي اڪثر ڪتابن جي قول موجب هي سنت مؤڪد نه
آهي پر مستحب آهي. تنهنڪري بهتر آهي ته اهي چارئي رکعتون اڪثر
پڙهجن ته جيئن سنت جو استخفاف نه ٿئي ۽ ڪڏهن به پڙهجن چو ته رکعتن
جي تعداد ۾ اختلاف به آهي ۽ ڪڏهن موقوف ڪجن ته جيئن سنت مؤڪد
واڱر انهن جي عادت نه ٿئي. [۴۱]

نماز تراويح: رمضان شريف ۾ تراويح نماز جماعت سان پڙهڻ سنت
مؤڪد آهي. ان جو منڪر رافضي گمراه آهي جنهن جي شاهدي شريعت ۾ جب
جائز نه آهي. حضرت علي رضه کان روايت آهي ته تراويح پڙهندڙ جا الله تعالى
اڳيان سڀ گناه بخش ڪري ڇڏي ٿو ۽ هو امڙ ڄڻي وڃيڻو جهڙو نئون ڄاول
ٻار.

Gul Hayat Institute

حديث ۾ ذڪر آهي ته حضور جن، خلفاء راشدين، اهليت عظام،
ازواج مطهرات ۽ بين اصحابن رضه رمضان شريف ۾ ويهه رکعتون باجماعت
تراويح نماز ڏهن سلامن سان پڙهي آهي. پر پوءِ انهن جي فرمن ۾ پوڙ جي
الله ويٺي کان ۽ امت مان پيرسن، مسافرن ۽ مريضن جي عاجز ۾ پوڙ جي
ڏيڻ سان ٻاڙ سگورن اهي جماعت سان پڙهڻ ترڪ ڪيائون ۽ فرمايائون
ته آئنده هي نماز گهرن ۾ پڙهندا ڪريو. حضرت ابوبڪر صديق رضه خلافت ۾
نائين هيءَ نماز ماڻهو گهرن ۾ پڙهندا آيا پر حضرت عمر فاروق جي خلافت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 358

يہ ماڻھن يم عمل ۾ ڪاهلي ظاهر ٿيڻ لڳي تنھنڪري حضرت عمر فاروق رضؓ جي خيال آيو تہ مسان آڳتي هلي ماڻھو سنتن سان مفاپيرا ٿي ويون تنھنڪري ويسي امحابن سان ملاح ڪري اتفاق راءِ سان نماز تراويح ويھي باجماعت شروع ڪياؤن . حضرت علي رضؓ ان اتفاق وقت موجود نہ ھئا پر جڏھن واپس آياءِ حقيقت کان واقف ٿيا تہ حضرت عمرؓ جي تعريف ڪياؤن ۽ ڪين دعائون بہ ڏنائون.

ان سبب هيءَ نماز سنت مؤڪده علي الڪفايہ آهي . جيڪڏھن ڪي مسجد يم تا پڙھن ۽ ٻيا گھرن يم تا پڙھن تہ انهيءَ يم ڪنھن ڪنھن جوھرج ڪونهي تراويح نماز يم بہ بہ رڪعتون هڪ سلام سان پڙھيون آھن. چار رڪعتون هڪ سلام سان مڪروہ آھن. حنفي مذھب موجب رات جو پڙھجندڙ نفل يا سنت نماز چار رڪعتون هڪ سلام سان افضل آهي پر هي اصول تراويح نماز سان نہ ٻڌندو ڇاڪاڻ تہ امحابن سڳورن جي پيروي ويم بہ بہ رڪعتون پڙھڻ بهتر آهي.

Gul Hayat Institute

امام اعظمؒ جي قول موجب تراويح ويھ رڪعتون آھن پر امام مالڪؒ ۽ امام شافعيؒ وٽ تراويح چنبہ رڪعتون آھن . فتاوىٰ نامارحانيءَ يم ڏنيوچل آهي تہ جيڪڏھن ويھن رڪعتن کان وڌيڪ باجماعت پڙھندو تہ مڪروہ آهي ، پر بہ جي علحدہ پڙھندو تہ مستحب آهي .

تراويحن جي هر ڇھن رڪعتن ڪانپوءِ استراحت جڳائي تنھنڪري هر ڇھن رڪعتن ڪانپوءِ تسبيح يا بہ رڪعتون نفل پڙھڻ گھرجي . ڪي شھرن جي ماڻھن جي عادت آهي تہ هر ڇھن رڪعتن ڪانپوءِ ڪعبت الله جو طواف ڪندا آھن پر مدينہ جا ماڻھو هر ڇھن رڪعتن ڪانپوءِ چار رڪعتون

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 359

نفل پڑهندا آهن ۽ رمضان اطهر جي زيارت به ڪندا آهن ۽ آخري جُمعي ڏينهن پنهنجي فقط تسبيح پڙهندا آهن. اهڙي طرح ڪرڻ سان سورهن رڪعتون پوڻ ٽين ٽيون جي ملائي ڪل چوٽيه رڪعتون ٿين ٿيون.

تراويحون عشاء کان پوءِ ۽ وتر کان پهرين پڙهجن. وتر سمان پوءِ به پڙهي سگهجن ٿيون پر پهرين پڙهڻ بهتر آهي. جنهن سمان ڪجهه تراويحون رهجي ويون سو وتر پڙهي پوءِ اهي قضا ڪري يا پهرين اهي پڙهي پوءِ وتر پڙهي.

جيڪڏهن هڪ امام جي پٺيان عشاء جو فرض پڙهيائين ۽ ٻئي جي پٺيان تراويح ۽ وتر پڙهيائين يا تراويح هڪ جي پٺيان پڙهيائين ۽ ٻئي جي پٺيان وتر پڙهيائين ته به نماز درست ٿي. جيڪڏهن فرض هڪ امام جي پٺيان پڙهيائين ۽ تراويح ۽ وتر ٻئي جي پٺيان ۽ پوءِ معلوم ٿيو ته ڪنهن سبب فرض فاسد ٿيو آهي ۽ ان جو اعاده ڪرڻو آهي ته تراويح به موٽائي پڙهندو، جماعت ته تراويح جي سنت فرض جي تابع آهي، پر بقول امام اعظم رح جي وتر واجب آهي ان سبب ان جو اعاده لازم نه آهي. جيڪڏهن جُمعي ته عشاء جي فرض جي اعادي سبب ترتيب فوت ٿي ٿي ته به بنا قصد فوت ٿيل ترتيب جي صورت ۾ اعاده لازم نه ٿو ٿئي. پر صاحبين رح جماعت وتر سنت آهي تنهنجي سند ن قول موجب ان جو اعاده ضروري آهي.

تراويح ۾ قرآن شريف پڙهڻ سنت آهي. هڪ دفعي سمان به ختما بهتر ۽ ٻن سمان ۾ بهتر آهن. پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ختم ضروري آهي. ستاويهين رات ختم ڪرڻ افضل آهي. جيڪڏهن حافظ نه هجي ته ٻيو ڪو امام جي هر رڪعت ۾ ڏهه ڏهه آيتون پڙهندو ته به ختمي جو ثواب ملندو. هر رڪعت ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 360

فجي ڏهاڙي سورة اخلاص يا سورة الفيل کان آخر قرآن تائين به ڏهاڙي ورجائڻ سان به پڙهي سگهجي ٿو. سورة تڪاثر وٺان شروع ڪري ٻوئين رڪعت ۾ سورة اخلاص پڙهڻ واري ته اهو طريقو سڀ کان احسن آهي. هن قرآن ۾ شايد ڪنهي شبه پوي ته اذا جاء کان پوءِ جو اخلاص پڙهبي ته ڇيئن ٿيندي جو طريقو مڪروه آهي. پر اهو طريقو فرمن لاءِ مڪروه آهي پر سنت يا نفل ۾ ان جو ڪو حرج ڪونهي. مخدوم محمد هاشم جي قول موجب جيڪڏهن ڪنهڪي ضرورت جيترين سورتون به ياد نه هجن ته سورة اخلاص هر رڪعت ۾ فجي ڏهاڙي پڙهڻ سان آيتن جي تعداد جي حساب موجب سڄي قرآن شريف ختم ڪرڻ جو ثواب ملندو ۽ بارهن ڏهاڙي پڙهڻ سان حرفن جي تعداد موجب سڄي قرآن ختم ڪرڻ جو ثواب ملندو.

تراويح ۾ ايتري قرأة ڪجي جو جماعت کي تڪليف نه ٿئي. ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته فاتحه سان پوءِ هڪ هڪ آيت پڙهندا آهن ته جيئن جلد فارغ ٿجي، هي طريقو مڪروه آهي. متاخرين جي فتوىٰ آهي ته فجي آيتون ٻڌي ٻون يا هڪ آيت وڏي پڙهي ته به تراويح جا رڪعتن جي ادا ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪرڻ پڻ مڪروه آهي. ترتيب سان پڙهڻ ۾ زيادهه ثواب آهي. تراويحن ۾ مقتدي جو ڪم آهي ته التحيات ۾ صلوٰة پڙهڻ ۾ تڪ نه ڪري ان سان پوءِ جو دعائون تڪ ڪري سگهجن ٿيون. نيٺ سان پوءِ ثناء پڙهڻ ۾ تڪ نه ڪري.

رمضان شريف ۾ جيڪڏهن قرآن شريف ختم ڪيو ويو ته باقي ڏينهن ۾ تراويحون تڪ نه ڪجن. جيتوڻيڪ ڪن عالمن جو انهيءَ ۾ اختلاف به آهي پر صحيح قول اهو آهي ته ختمي ڪيو ويو باقي ڏينهن ۾ تراويحون تڪ ڪرڻ مڪروه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 361

آهن. حديث شريف يم آهي ته "ان الله تعالىٰ فرض عليكم صيام رمضان وسنة لكم قيامه." يعني الله تعالىٰ اوهان تي رمضان جا روزا فرض كيا آهن ۽ سنة كئي آهي هون اوهان تي ان جو قيام، تنهنكري جڏهن روزا پورا ٿيندا تڏهن قيام جي سنت پوري ٿيندي. ۴۲

قضا عمري: 'شرح تحفة المنهاج' تصنيف علامه ابن حجر هيثميؒ ۾ تفصيل آيل آهي ته كي ماڻهو رمضان شريف جي آخر جمعي جي ڏينهن جمعي نماز كان پوءِ نماز جا پنجئي فرض 'قضا عمري' جي نيت سان جماعت كري پڙهندا آهن. هن عقيدي موجب ته اها نماز سڄي عمر جي ويلن فرض جي كفارة ٿيندي ۽ ان لاءِ هيٺ موضوع حديث به پيش كندا آهن.

"يه هي قول باطل آهي ۽ هرگز حديث ناهي. جاكان ته ان جي سند صحيح ناهي ۽ نڪي اهڙو كو عمل ثابت آهي جو نماز جي ويلن وقت لاءِ جبر، ٿي سگهي سواءِ هن جي ته سڀ وقت ساري قضا كهن. 'هدايه' جي هن شارح هن حديث كي تسليم كري ليكو آهي ته انهيءَ تي عمل كرڻ سبب ويل وقت قضا ٿي سگهن ٿا. پر اصول غلط آهي، جاكان ته هي مصنف كي محدث نه هڻا جي صحيح ۽ سقيم حديث كي پڌرو كري سگهن. بلڪ جيڪي كتابي كو تكيل ڏنائون سو تحقيق كا سواءِ ئي نقل كري ڇڏيائون. كتاب 'موضوعات المحديث' يم تكيل آهي ته جڏهن كان جيكي فرض چني ويا آهن سو جيكڏهن دوزخ جي عذاب كان بچڻ چاهي ته سڀ فرض ساري سنپالي قضا كري. پر اهڙو وهم وقت پڙهي سڄي جماعا فرض ادا يا ورڻ فرض جو استغفار كرڻ ۽ سمجهڻ ٿيڻ آهي جو كفر ۽ حرام جي برابر آهي. ۴۳

متفرق نمازون: مذكور سنت نمازن كان پوءِ مؤلف اهڙين نمازن جو ذكر كيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 362

آهي جي نوافل ۾ داخل آهن ۽ انهن جو تمام گهڻو ثواب آهي ۽ بعضي انهن مان
کن خاص نيڪ ۽ جائز مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ سيکاريون ويون آهن. جيئن
ته هن نماز جا فقط طريقا ڪتاب ۾ ڏسيل آهن جن ۾ فقهي مسائل جو
گهڻو بيان ڪونه آهي تنهنڪري هن نماز جا فقط نالا معلومات لاءِ هيٺ درج
ڪيا وڃن ٿا. نالا هي آهن.

۱. نماز تهجد ۲. نماز تسبيح ۳. مغرب ۽ عشاء نمازن کان پوءِ نوافل
۴. نماز حق الوالدين ۵. نماز حفظ الايمان ۶. نماز سراج القبر ۷. نماز
هدية الرسول ۸. نماز دفع غم ۹. نماز ڪفاية مهمات ۱۰. ظالمن ۽
جابرن جي شر جي دفع لاءِ نماز ۱۱. دشمن ۽ حاسدن جي دفع لاءِ نماز
۱۲. ذڪاءِ بک جي سختيءَ جي دفع لاءِ نماز ۱۳. ڪنهن وبا جي دفع لاءِ نماز
۱۴. قبر جي سختي ۽ تنگيءَ کان امن پرڻ لاءِ نماز ۱۵. صراط جي سهڪائي
لاءِ نماز ۱۶. منڪر ۽ نڪير جي سوال جواب جي آسان ٿيڻ لاءِ نماز ۱۷. حوض
ڪوثر جي پاڻي پيئڻ لاءِ نماز ۱۸. عمل نرڙ جي سولائيءَ لاءِ نماز ۱۹.
نماز شراق ۲۰. نماز ضحيٰ ۲۱. نماز اوابين ۲۲. صلوٰة حاجت.
۲۳. نماز استخاره ۲۴. صلوٰة سفر ۲۵. نماز حفظ القرآن ۲۶. نماز ابهار
۲۷. نماز رويت ۲۸. نماز رات معراج ۲۹. شبان ڏينهن جي نماز ۳۰. قدر جي
رات جي نماز ۳۱. عاشوري جي ڏينهن جي نماز ۳۲. ميت کي ثواب پهچائڻ
جي نماز ۳۳. صلوٰة الاوابين ۳۴. جنازي جي نماز ۳۵. نماز ڪسوف
۳۶. نماز خسوف.

عيد نماز : عيد نماز متعلق فقط هڪ خاص مسئلو ٻوليءَ اهڙو بيان
ڪيو آهي جو هت بيان ڪرڻ ضروري آهي جيڪا ٻڌا ڪنهن خاص فائدو ٻڌائي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 363

اهو مسئلو هي آهي ته بنهي عيدن جي نمازن ۾ خطبي جي ختم ٿي وڃڻ کانپوءِ عيد گاهه کان پاهرجا ٻه رکعتون نماز بنا جماعت هڪ سلام سان پڙهڻ وڏو ثواب آهي. ۽ جنهن کان عيد نماز فوت ٿي وڃي ته ان لئي هي نماز پڙهڻ افضل آهي. ۴۴

باب ٻيو روزن جي بيان ۾

کتاب نورالابصار جي ٻئي باب ۾ انهن روزن جو ذڪر ڪيل آهي جي فرض نه آهن. نه يا ڏهه تر مستحب آهن. ۽ سنجهائڻ لئي واجب يا سنت به آهن. جيئن ته روزي جي متعلق ضروري مسائل نه مني روزن سان تعلق رکندڙ ۽ فقهي اعتبار کان اهي ٿي مسائل بين روزن سان به لاڳو ٿين تا تنهنکري انهن کي وري جائڻ هت ضروري نه آهي. هت فقط انهن روزن جا بالا ٻڌجن تا جي رمضان جي روزن کان سواءِ آهن ۽ جن جو ثواب ۽ طريقو ڪتاب ۾ جاڻايا ويا آهن. اهي هي آهن.

محرم جا روزا: محرم جو مهينو انهن چئن مهينن مان آهي جن کي حرم جا مهينا چيو ويندو. جاهڪ نه سنجهن جنگ حرام آهي. هن فضيلت سبب سنجهس روزا رکڻ چڱا آهن پر خاص ڪري ڏهين تاريخ آهي. جنهن کي عاشوري جي ڏينهن روزو رکڻ اهڙا ۽ ڪڏهن به ترڪ نه ڪندا هئا. محرم جا روزا نائين ڏهين ۽ يارهين تاريخ رکڻ سڀ کان بهتر آهن. فقط نائين ۽ ڏهين رکڻ ٻئي درجي جي آهن پر جيڪو نه ڪري سگهي ان لاءِ هڪ روزو به جائز آهي. محرم جي پهرين ڏهي جا روزا رکڻ مستحب آهن پر رافضين جي عادت جي برخلاف ڪرڻ جي خيال کان پهريان يا هن روزا رکڻ بهتر آهن. ۴۵

ذوالحج جي ڏهي جا روزا

قرآن شريف ۾ سورة الليل ۾ جن ڏهن راتين جو قسم کنيل آهي اهي ڏه راتيون ذوالحج جي پهرئين ڏهي جون

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 364

آهن. ان کري هن ڏهي جا روزا رکڻ چڱا آهن. رمضان شريف جا فوت ٿيل روزا هن ڏهي ۾ قضا ڪرڻ مستحب آهن. هن ڏهي ۾ پلائي حج جي ڏينهن سبب آهي پر حاجين کي حج جي ڏينهن جو روزو رکڻ جائز نه آهي ته ڪان حج جي ساڻ سڏ ۽ عائشه ۽ بين عبادتن ۾ انهن سمان ڪا ڪاهلي ڪي ڏيي.

ذوالحج جي ڏهي ڪان مراد پهريان نو ڏينهن آهن. عيد جي ڏينهن روزو رکڻ حرام آهي. ۽ ذوالحج جي عيد جي ڏينهن نماز ڪان جيڪو نه ٿو ڪائي پٽي ڏهن لاءِ ثواب آهي ۴۶

صفر، شعبان، جمادي الثاني ۽ ٽائين جا روزا

صفر جي پهرين، ستين، ۽ ويهين ۽ ستاويهين، ربيع الاول جي پنجين، بارهين، سورهين ۽ ويهين، ربيع الآخر جي ڏهين، ويهين ۽ ٽيهين، جمادي الاول جي بي، بارهين ۽ باويهين، جمادي الثاني جي پهرين، پندرهين ۽ آخري ڏهن تاريخن ڪي روزن رکڻ جو تمام وڏو ثواب آهي ۴۷

رجب جا روزا

رجب جي مهيني جي روزن جو تعداد مقرر نه آهي پر ڪتابن ۾ هن روزن جي گهڻي تعريف آهي. تنهنڪري جيترا به روزا رکڻ ثواب آهي، چاڪان ته هي مهينو حرام آهي پٽن مهينن مان هڪ آهي ۽ باڻ سڳورا هن مهيني جا روزا گهڻي رغبت سان رکندا هئا.

Gul Hayat Institute

ڪن ماڻهن ۾ قول مشهور آهي ته هن مهيني جو هڪ روزو لک روزن جي برابر آهي. جنهنڪري هن مهيني جو ٿالوئي ڪانو ڪيائون، پر اهو قول ضعيف آهي. ان سواءِ هن مهيني جي پندرهين تاريخ جي روزي ڪي ماڻهو ۾ ۾ روزو جو ڏڪ آهن پر ان جي به ڪا سند ڪانهي، باقي رجب جي ستاويهين تاريخ ۽ بين مختلف روزن جو وڏو ثواب ڪتابن ۾ حديث جي سند سان بيان ٿيل آهي. ۴۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 365

شعبان جا روزا } پاڻ سڳورا جيڏا روزا هن مهيني ۾ رکندا هئا، اوڏا ٻئي ڪنهن به مهيني ۾ رمضان کانسواءِ نه رکندا هئا. تنهنڪري هن مهيني ۾ روزن رکڻ جو وڏو ثواب آهي پندرهين تاريخ جو روزو رکڻ سنت آهي ان کانپوءِ عادتي روزيدار کانسواءِ ٻين کي روزو

شوال جا چهه روزا } عيد الفطر ڪان پوءِ شوال جي مهيني ۾ ڇهه روزا رکڻ افضل آهن. جيڪو هميشه هي روزا رکندو هوندو ان کي ماڻ الدهر جهڙو ثواب ملندو. ۽ جيڪڏهن ڪنهن هڪ سال ۾ رکيا ئين نه فقط ان سڄي سال جو ثواب ملندس. هن روزن رکڻ جو بهتر طريقو هي آهي ته هڪ روزو رکي ۽ هڪ ڏينهن ڇڏي نه جيئن نصارن جي عمل جي مخالفت ٿئي.

ذوالقعد جا روزا } هن مهيني ۾ ڪوبه هڪ روزو يا سومر جي ڏينهن جو روزو يا پنجوهين تاريخ جي روزي جو وڏو ثواب آهي.

بارهن مهينن جا روزا مٿ پورا ٿيا هينءَ ڪان پوءِ ڪن خاص روزن جو بيان آهي جي هيٺ لکجن ٿا.

ايام بيض جا روزا: هر مهيني تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين تاريخ کي ايام بيض چوندا آهن. هي روزا حضرت آدم عليه السلام کي فرض هئا. حضرت آدمؑ جڏهين زمين تي آيو تڏهين سندس وجود ڪاري ٿي ويو جنهنڪري الله تعالىٰ کيس حڪم فرمايو ته هر مهيني هي ٽي روزا رکندو ڪر. جڏهن حضرت آدم عليه السلام هن حڪم جي تعميل ڪئي ته سندس جسم ۽ پهرئين وانگر پير نور ٿيو. الله تعالىٰ ۽ حضرت آدمؑ کي فرمايو ته سڄن اولاد مان جيڪي هي ٽي روزا رکندا انهن جا چهرا به قيامت تائين ساڳي طرح روشن ٿيندا. انهيءَ سبب هي روزا اسان ۽ سنت آهن، جيڪو هر مهيني هي ٽي روزا رکندو ۽ تنهنکي سڄي مهيني جي روزن رکڻ جو ثواب ملندو ۽ اهڙي طرح

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 366

پارهن ٹي مهينا هي روزا رکڻ ڏکي سڄي سال جي ڏينهن جا مسلسل روزا رکڻ جو ثواب ملندو. چاکاڻ تہ قرآن شريف ۾ آهي تہ "من جاء بالحسنة فله عشر امثالها" يعني تہ جنهن هڪ چڱائي آندي تنهن لاءِ اهڙيون ڏهہ آهن. هن آيت سگوري موجب جيڪي هميشہ هي ٽي روزا پابنديءَ سان رکن تا سي صائم الدهر آهن.[۵۲]

داؤدي روزا: رمضان شريف کان سواءِ باقي سال ۾ هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن روزي رکڻ کي داؤدي روزا سڏيو ويو آهي.[۵۳]

صائم الدهر: سڄو سال پگهو پگ روزا رکڻ جي حضور پاڪ جن منع فرمائيندا هئا ڇاڪاڻ تہ ٽي سگهي ٿو تہ هر روز روزو رکندڙ عيال جا حق پوري طرح ادا نہ ڪري سگهي يا ان کان ٻي عبادت ٽي استقامت نہ پچي، تنهنکري "صائم الدهر" رهڻ جو ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ داؤدي روزا رکڻ بهتر آهن. ان کان سواءِ هميشہ روزن رکڻ ۾ ريا جو دپ آهي جو عمل کي مٽائي ڪندڙ شڪ اصغر آهي.[۵۴]

مستحق روزا: سومر يا خميس يا جمعي جي ڏينهن مان ڪنهن ٻه ڏينهن ٽي روزو رکڻ مستحب آهي. ڪن عالمن منفرد روزا رکڻ مڪروهہ چيو آهي پر سومر، خميس ۽ جمعي جي ڏينهن جا روزا اڪيلا رکڻ مڪروهہ نہ آهن بلڪ مستحب آهن.[۵۵]

روزن جو چاليهو: ڪي جاهل مشائخ روزن جو چاليهو رکندا آهن پر هي عادت مڪروهہ آهي.[۵۶]

هزاري روزا: معيني تفسير ۾ نقل آهي تہ سال ۾ پنج روزا هزاري روزا آهن، يعني انهن مان هڪ روزي جو ثواب هزار روزن جي روزن جي ثواب جي برابر آهي پران گالهہ جو ڪو به اصل نہ آهي.[۵۷]

تجزيو: ڪتاب نورالابصار تحقيق جي نهايت خبردار نظر سان ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترن ٽي فقهي مسئلن جي منجهس تصحيح ڪئي وئي آهي، جي معتبر نہ هئا. اهڙي طرح هي ڪتاب عوام جي پلائي سان گڏ علماء جي رهبري ۽ ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ ڪيترن متعلق فقهي مسئلن جي وڏي بحث کان پوءِ مناسب تطبيق ٻڌل ڪتاب ۾ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 367

کتاب نور الابصار شرح خزانة الابرار مرحبن کتابن کان استفادو کیوویلوا می تن جي فهرست .

۱. احیاء العلوم : امام غزالیؒ — ص ۸۱
۲. اختیار شرح مختار: — ص ۱۰۸
۳. اخلاق الاخیار — ص ۳۷۸
۴. آداب اللباس : شیخ عبدالحق دهلویؒ — ص ۴۳۴
۵. اذکار التوبه — ص ۲۷۹
۶. اذکار سیوطی (اذکار نووی) — ص ۱۸ ءِ ص ۱۲۲
۷. امداد الفتاح — ص ۱۱۲
۸. انیس الواعظین — ص ۳۹۰
۹. اوراد: مخدوم بهاء الدینؒ — ص ۳۳۰
۱۰. اوراد : مولانا محی السنه — ص ۱۰۲
۱۱. بحر الرائق — ص ۲۶
۱۲. بحر الزخار — ص ۱۸۱
۱۳. بدایع — ص ۶۵
۱۴. برجندي (شرح نقایه) — ص ۱۸۲
۱۵. بیان مخدوم فتح محمدؒ — ص ۳۵۹
۱۶. بیان مخدوم محمد هاشمؒ — ص ۱۳۱
۱۷. تبیین الحقائق — ص ۱۸۵
۱۸. تجنیس الملتقط — ص ۳۳۲
۱۹. تحفة المرید — ص ۵۳۴

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 368

۲۰.	تحفۃ المسکین: مخدوم محمد ہاشمؒ	ص ۳۰۷
۲۱.	تخریج الاحیاء: عراقی	ص ۷۶
۲۲.	ترغیب الصلوٰۃ	ص ۱۹
۲۳.	تفسیر درالمنثور: امام جلال الدین سیوطیؒ	ص ۴۶۶
۲۴.	تفسیر کشاف	ص ۳۹۶
۲۵.	تفسیر مدارک	ص
۲۶.	تفسیر معالم التنزیل	ص ۱۸
۲۷.	تفسیر مینی	ص ۵۲۷
۲۸.	تنبیہ الغافلین	ص ۲۴۷
۲۹.	تنزیہ الشریعت	ص ۲۴۶
۳۰.	تہذیب الاسماء	ص ۲۴۶
۳۱.	توضیح الاوقات	ص ۵۵
۳۲.	جامع الاصول	ص ۴۳
۳۳.	جامع ترمذی	ص ۴۳
۳۴.	جامع الرموز	ص ۷۶
۳۵.	جامع الفقہ	ص ۱۸۵
۳۶.	جامع الفتاویٰ	ص ۴۱۷
۳۷.	جامع کبیر	ص ۲۷۶
۳۸.	جامع شیخ عبدالرزاقؒ	ص ۲۰
۳۹.	جذب القلوب	ص
۴۰.	جمع الجوامع: امام جلال الدین سیوطیؒ	ص ۲۸۵

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 369

۴۱. جمع المناسک — ص ۳۴۸
۴۲. جواہر خمسہ — ص ۳۲۳
۴۳. جواہر الفتاویٰ: اخلاطی — ص ۹۶
۴۴. جوہرۃ النیرہ (شرح قدوری) — ص ۱۰۵
۴۵. حاشیہ: امام سیوطیؒ (مؤطا امام مالکؒ تی) — ص ۱۶۲
۴۶. حاشیہ: شیخ الاسلام (شرح وقایہ تی) — ص ۱۸۲
۴۷. حزب الاعظم — ص ۲۹
۴۸. حسن التوسل: شیخ ابن الحجر مکیؒ) — ص ۳۴۲
۴۹. حصن الحصین: امام شیخ جزریؒ) — ص ۲۴
۵۰. حقائق (شرح منظومہ) — ص ۵۳۰
۵۱. حیات الحیوان — ص ۱۵۲
۵۲. حیات الصائمین: مخدوم محمد ہاشمؒ — ص ۲۲۱
۵۳. حیات القلوب — ص ۴۵۹
۵۴. خیرۃ الفقہا — ص ۱۱
۵۵. خزانۃ الاعظم (شرح کنز العبرۃ): مخدوم عبداللہ نیلویؒ ص ۴۵۲
۵۶. خزانۃ المجلالی — ص ۳۴۷
۵۷. خزانۃ الروایۃ: امام غزالیؒ — ص ۱۸۰
۵۸. خزانۃ المفتین — ص ۵۳۰
۵۹. خلاصۃ الاحکام — ص ۱۰۲
۶۰. خلاصۃ الفقہ — ص ۷۱
۶۱. دار قطنی — ص ۳۴

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 370

۶۲. دارمی ص ۲۹
۶۳. درالمنثور: شیخ الآثار ص ۷۶
۶۴. دعواۃ الکبیر: بیہقی ص ۲۴۶
۶۵. دلائل خیرات: علامہ جزولی ص ۲۲۹
۶۶. ذریعۃ الوصول: مخدوم محمد ہاشم ص ۲۲۸
۶۷. رسالو امام غزالی ص ۲۷۵
۶۸. رسالو حافظ زین الدین عراقی ص ۵۰۸
۶۹. روض الفائق ص ۴۶۹
۷۰. زاد الائمہ: امام زاہدی ص ۱۸۸
۷۱. زاد المتورعین ص ۴۳۴
۷۲. زخیرۃ ص ۱۸۵
۷۳. سراج الوہاج (شرح قدوری): ص ۱۰۵
۷۴. سفر السعادت (شرح صراط المستقیم): شیخ عبدالحق ص ۱۲
۷۵. سندی مخدوم ضیاء الدین ص ۲۲۳
۷۶. سنن ابن ماجہ ص ۴۴
۷۷. سنن ابو داؤد ص ۱۵
۷۸. سنن سعید بن منصور ص ۱۱۴
۷۹. سنن الہدیٰ (شرح مشکوٰۃ) ص ۱۱۶
۸۰. شرح اذکار: مصنف ابن علان ص ۲۵۷
۸۱. شرح اذکار: نووی مصنف شیخ ابن عدیح لبکری ص ۲۴۷
۸۲. شرح اکبر منیۃ المصلی: امیر الحاج ص ۱۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 371

۸۳	شرح بخاري: قسطلاني"	ص ۵۰۷
۸۴	شرح تحفة المنهاج: علامه ابن حجر مكي"	ص ۱۹۲
۸۵	شرح ترمذي : عراقي	ص ۲۵۶
۸۶	شرح توضيح الاوقات	ص ۴۴۷
۸۷	شرح حصن الحصين: شيخ علي قاري"	ص ۳۴۶
۸۸	شرح شرعة الاسلام: مخدوم حسن"	ص ۱۱۱
۸۹	شرح شمائل نبوي: شيخ علي قاري	ص ۲۴۲
۹۰	شرح صدور	ص ۱۲۴
۹۱	شرح صراط المستقيم: شيخ عبدالحق"	ص ۱۳
۹۲	شرح صغير منية المصلي	ص ۱۳
۹۳	شرح قصيده امالي	ص ۴۴۸
۹۴	شرح كبير منية المصلي	ص ۱۳
۹۵	شرح كنز	ص ۱۸۲
۹۶	شرح مشارق: بدرجمال الله بن حبيب"	ص ۴۹۲
۹۷	شرح مشكوة : شيخ عبدالحق	ص ۱۲
۹۸	شرح منية المصلي: بزازي	ص ۴۱۸
۹۹	شرح مواهب الرحماني	ص ۱۳
۱۰۰	شرح مؤطاء	ص ۴۲۲
۱۰۱	شرح وقايه: ابوالمكارم"	ص ۱۱۶
۱۰۲	شرح هدايه: كمال الدين محمد"	ص
۱۰۳	شرح هدايه: عيني"	ص ۳۱

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 372

۱۰۴	شعب الایمان: بیہقی	ص ۱۰۴
۱۰۵	صحیح ابن حبان	ص ۷۸
۱۰۶	صحیح بخاری	ص ۴۳
۱۰۷	صحیح بخاری جو شرح: عینی	ص
۱۰۸	صحیح مسلم	ص ۴۳
۱۰۹	صلوٰۃ القدوم	ص ۳۶۲
۱۱۰	صلوٰۃ ماچین	ص ۳۲
۱۱۱	صلوٰۃ مسعودی	ص ۳۲
۱۱۲	طریق واضحت	ص ۸۵
۱۱۳	عمل الیوم واللیلہ: شیخ جلال الدین سیوطی شافعی	ص ۲۴
۱۱۴	عوارف: امام سہروردی	ص ۱۰۲
۱۱۵	غنیہ الطالبین	ص ۲۱۸
۱۱۶	فتاویٰ ابن حجر مکی	ص ۵۶ ۵
۱۱۷	فتاویٰ ابوالفضل عمرانی	ص ۱۸۹
۱۱۸	فتاویٰ امام زاہدی	ص
۱۱۹	فتاویٰ بزازی	ص ۵۳۰
۱۲۰	فتاویٰ تاتارخانی	ص ۳۵
۱۲۱	فتاویٰ پورانی: شیخ عبدالوہاب بن یزید ابن سعید	ص ۱۸۲
۱۲۲	فتاویٰ حجۃ	ص ۱۹۱
۱۲۳	فتاویٰ حمادی	ص ۱۸۴
۱۲۴	فتاویٰ سراجی	ص ۷۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 373

۱۲۵. فتاویٰ صوفیہ — ص
۱۲۶. فتاویٰ ظہیری — ص ۱۸۳
۱۲۷. فتاویٰ عالمگیری — ص ۹۳
۱۲۸. فتاویٰ قاضی خان — ص ۱۴
۱۲۹. فتاویٰ قنیہ — ص ۲۶۷
۱۳۰. فتاویٰ نورالدین بن قطب الدین — ص ۱۴
۱۳۱. فتح القدیر (شرح ہدایہ): شیخ ابن الہمام — ص ۵۲۹
۱۳۲. فتوح الاوراد — ص ۸۱
۱۳۳. فضائل الاعمال: حافظ نسفی — ص ۳۸۱
۱۳۴. قدوری — ص ۴۲
۱۳۵. قنیہ: امام زاہدی — ص
۱۳۶. قوت القلوب — ص ۲۱۱
۱۳۷. قول البدیع: شمس سخاوی — ص ۲۲۹
۱۳۸. کافی شرح وافی — ص ۱۱
۱۳۹. کتاب الاتقان فی علوم القرآن — ص ۳۲۹
۱۴۰. کتاب اللمعۃ — ص ۲۴۷
۱۴۱. کشف الرموز — ص ۴۲۶
۱۴۲. کفایہ — ص ۱۶۶
۱۴۳. کلمۃ الطیب: امام سیوطی — ص ۴۲۷
۱۴۴. کنزالدقائق — ص ۱۲
۱۴۵. کنزالعباد — ص ۹۱

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 374

۱۴۶۔ کنزالعبرت ص ۴۵۲
۱۴۷۔ مائۃ الفوائد ص ۸۲
۱۴۸۔ مبسوط ص ۴۲۹
۱۴۹۔ متانۃ الروایۃ ص ۴۱
۱۵۰۔ مجمع اوسط ص ۲۴۷
۱۵۱۔ مجموع خوانی ص ۱۱۶
۱۵۲۔ محیط برھانی ص ۵۲۹
۱۵۳۔ مختار ص ۲۸۴
۱۵۴۔ مختصر البحر: امام سبکیؒ ص ۲۶۱
۱۵۵۔ مختصر البیان ص ۱۳
۱۵۶۔ مختصر حاجی باقی بن قربان بلخیؒ ص ۱۶۴ء ص ۲۹۸
۱۵۷۔ مرقاۃ (شرح مشکوٰۃ: علی قاری) ص ۲۴۶
۱۵۸۔ مرقاۃ الصعود: امام سیوطیؒ ص ۲۴۶
۱۵۹۔ مستدرک حاکمؒ ص ۶۹
۱۶۰۔ مسند امام ابوحنیفہؒ ص ۱۲۲
۱۶۱۔ مسند امام احمدؒ ص ۴۴
۱۶۲۔ مسند فردوس: امام دیلمی ص ۲۴۳
۱۶۳۔ مشکوٰۃ الابرار ص ۴۷۱
۱۶۴۔ مشکوٰۃ الانوار ص ۸۰
۱۶۵۔ مضمرات ص ۱۳۱
۱۶۶۔ مطالب المؤمنین ص ۴۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 375

۱۶۷ . معانی الآثار: امام طحاوی" ص ۱۸
۱۶۸ . معجم اوسط: طبرانی ص ۷۱
۱۶۹ . معراج الدرایت ص ۴۰
۱۷۰ . معراج غیطی ص ۳۸۹
۱۷۱ . مفاتیح الجنان (شرح شریعۃ الاسلام) ص ۳۷
۱۷۲ . مفتاح الصلوٰۃ ص ۱۲
۱۷۳ . مقدمۃ امام فقیہ ابواللیث ص ۳۹۶
۱۷۴ . مقدمۃ غنویۃ ص ۳۱
۱۷۵ . مقصود القاصدین ص ۱۲۸
۱۷۶ . مکحول شامی ص ۱۰۳
۱۷۷ . ملتقط عباسی: ابونصر سعد اللہ بن عبد اللہ مزنی ص ۱۸۴
۱۷۸ . مناسک صغیر: بخلادم محمد ہاشم" ص ۳۵۰
۱۷۹ . منافع المسلمین (فارسی شرح مختصر وقایہ: شیخ تقی الدین شمنی") ص ۱۶۵
۱۸۰ . مناہج الاباہ ص
۱۸۱ . مصنف ابی بکر بن شیبہ ص
۱۸۲ . موضاعلت الحدیث: شیخ علی قاری ص ۱۹۴
۱۸۳ . مؤطاء امام مالک ص ۴۴
۱۸۴ . نسائی ص ۳۹
۱۸۵ . نوادر خانہ ص ۱۸۴
۱۸۶ . نہایہ (شرح ہدایہ) ص ۱۹۳
۱۸۷ . نہر الفائق ص ۴۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 376

١٨٨ . وصايا قدسي من ١٢٨ .

١٨٩ . هدايه من ١٧

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 377

حوالاءِ تعليقات

۱. رجرڊ برٽن : سنڌءِ سنڌ ۽ ماڻڙيءَ ۽ سنڌ ڳالهون ص ۷۷

۲. مولانا غلام مصطفیٰ صاحب قاسمي: مهاڳ کنز العبرت ص ب

۳. مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي : مهاڳ کنز العبرت ۾ س نراڻي يا نرڻيءَ وارو سنڌي آهي (مهاڳ کنز العبرة من الف ءِ ج) ۾ ڪتاب منتخب الفوائد جيڪو مخدوم عبدالله هالائي مزار تي مخدوم عبدالرحمان جو ڪيل آهي، انهي ۾ ماڻڙيءَ ۽ مخدوم عبدالله ٺٽوي ڪيو ويو آهي. (منتخب الفوائد ص ۳۷ ڏسو عکس هن مقالي جو ۷)

۴. مولانا غلام مصطفیٰ صاحب قاسمي: مهاڳ کنز العبرة ص ج

۵. ڊاڪٽر عبدالجبار سنڌ ٻولي ص ۷۳
شيخ سڪي ڳالهه ان وقت من علائي ۾ مائڻ رڻاي عرڪيت ۾ جيڪي جوهاري ڪم رهيو آهي.

۶. مولانا غلام مصطفیٰ صاحب قاسمي : مهاڳ کنز العبرت ص ج

۷. ڪابهادر ميمڻ ، ادبي تاريخ ص ۱۰۰

۸. مخدوم عبدالله : نصيحت نامو ص ۳ ڏسو هن مقالي جو ص ۶۱ ۽ ص ۶۲ ۾ عکس هن مقالي ص ۷۷

۹. مولانا غلام مصطفیٰ صاحب قاسمي: مهاڳ کنز العبرت ص ج

۱۰. ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ج

رجرڊ برٽن : سنڌءِ سنڌ ۽ ماڻڙيءَ ۽ سنڌ ڳالهون ص ۷۸

۱۱. مولانا غلام مصطفیٰ صاحب قاسمي: مهاڳ کنز العبرت ص ج

۱۲. ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ج

۱۳. منتخب الفوائد ص ۳۷ ڏسو عکس هن مقالي جو ص ۷۸

۱۴. ڪابهادر ميمڻ: لسنة جي ادبي تاريخ ص ۹۲

محمد سومار شيخ : ڪچين جا قول ص ۱۴۲ وغيره

۱۵. ڏسو هن مقالي جو ص ۵۶ ۽ ص ۸۱

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 378

مخدوم عبدالله نليويؒ متعلق سنه ۱۳۷۶ھ/۱۹۵۷ع تائين بالكل ٿوري معلومات موجود هئي سڀ تذكرو نويس سندس ڪل سڀني ڪتابن جو مصنف مخدوم عبدالله واعظؒ کي ٻڌائي سمجهندا هئا. جڏهن جناب محمد مدني مخدوم عبدالله نليويؒ جو ڪتاب ڪنزالعبرة ٻيو ڏسوچپائي شايع ڪرايو تڏهن ان جي مهاڀ پهريون ڏڦو سنه ۱۳۸۰ھ/۱۹۶۱ع ۾ مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي مخدوم عبدالله نليويؒ جي شخصيت جو ڪجهه قدر وضاحت سان تعارف ڪرايو، انڪشاف ڪيو ته جن سندي ڪتابن جو ڪلڪٽر مخدوم عبدالله واعظ کي سمجهيو پئي ويو تن جو اصل مؤلف مخدوم عبدالله نليوي هو (ڏسو مهاڀ ڪنزالعبرت).

۱۷. مخدوم عبدالله واعظ عرف ميان موريلوؒ ميان عبدالقادرؒ جو فرزند هو. ميان عبدالقادر مخدوم ابوالحسنؒ جو سڀ کان ننڍو پٽ هو. ميان عبدالله هڪ باصفا عالم ۽ بزرگ ۽ برڪتي ماڻهو هو. پنهنجا برڪتي ياوقف هميشه وعظ ڪرڻ ۾ مصروف رکندو هو. سندس وڏو پاڻ ميان محمد حفيظؒ هڪ وڏو صالح ۽ عامل متقي شخص هو. خدا تعالىٰ سندس شخصيت کي ڪرامتن جو مالڪ بڻايو. جيڪو به غير مسلمان سندس منهن ڏسڻ کان وهو ته پروڙي ويندو هو ته هي ڪو مسلمان آهي. (سيد صمام الدين راشدي جي روايت جي تعجب ظاهر ڪيو آهي ته هي ڪيئن آهي جهاڙ ميان ان سيد وهو. (سيد صمام الدين راشدي جي روايت جي تعجب ظاهر ڪيو آهي ته هي ڪيئن آهي جهاڙ ميان ان جي مريد الهي جو شبه آهي: سامي مهراڻ جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر سال ۱۹۶۲ ص ۱۳۸) مٿي جي معلومات ٻڌائي ٿو ته ان جي وفات جمي هندن جي ميلي جي ڏينهن ٿي هئي. انهي تائين ڪل مسجد اسلام پور ميان محمد حفيظؒ ڏاڦن سنڀاليل آهي.

(علي شير قانع: تحفة الڪرام ص ۵۶۰ ۽ ص ۵۶۱).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 379

۱۷. مولانا غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ ص ۹۸۲

ڈاڪٽر بلوچ: ٽيهه آريلون ص ۱۳

۱۸. رچرڈ برٽن پنهنجو ڪتاب سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان جو ترجمو ۱۸۷۵ع/۱۲۶۸ھ ۾ ڪيو. رحمت حنيف صديقي: سر رچرڈ فرانسس برٽن جي حياتيءَ جو مختصر احوال: سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌين ص ۳۸۰). ان ۾ هو صاحب ڪي ٿو مخدوم عبدالله ڏيوي ڏانهن رسال آڻڻ وغيره ڪري ڏيو آهي. (رچرڈ برٽن: سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۽ سنڌ ۽ سنڌين ص ۷۸)

۱۹. ——— ايضاً ——— ص ۷۸

خانبهادر رسيم: سنڌي ادبي تاريخ ص ۹۴

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: مقدمه ڪنز العبرت ص ج

ڪن محققن جي هيءَ راءِ به آهي ته شيخ سڪي ٿو ته مذڪور ڪتابن مان ڪي ڪتاب مخدوم عبدالله واعظ ڪي به ڪيل سمجهن مثلاً: ڈاڪٽر بلوچ جن مان راءِ جا آهن ته ڪنز العبرت مخدوم عبدالله جو ڪيل هو. (ڈاڪٽر بلوچ: ٽيهه آريلون يا ڪي پهين يون ص ۱۳) خانبهادر رسيم پڻ ساڳي راءِ جو هو (ادبي تاريخ ص ۹۴) پر مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي جن راءِ جا آهن ته مخدوم عبدالله واعظ ڪي به ڪتاب نه ڪيو هو. (روبرو ملاقات ۽ جواب)

من عاجز جي سمجهه موجب ابوالحسن جي سنڌي ڌاري مجموعي ۾ پيران پير جي مدح ۾ جيڪي اشعار ڪيل آهن تن لاءِ زياده امڪان هي آهي ته مخدوم عبدالله واعظ جا ڪيل مجن پر ڪنز العبرت مخدوم عبدالله واعظ جو ڪيل ٿي نه ٿو سگهي جا ڪتاب جي آخر ۾ مؤلف مخدوم عبدالله جي والد جو نالو محمد جا ٻڌايل آهي (ڏسو هن مقالي جو ص ۵۶) جڏهن ته مخدوم عبدالله واعظ جي والد جو نالو عبدالقادر هو. (ڏسو ضميمي نمبر ۱۶ ص ۳۴۹)

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 380

۲۰. ڏسوهن مقالي جو ص ۳۶۵ ۽ ۳۶۹-۳۷۲

۲۱. مخدوم عبدالله هالائي: سنگ نامو ص ۲۴

۲۲. ——— الينا ——— ص ۱۴ — ص ۱۶

۲۳. ——— الينا ——— ص ۲۳ — ص ۲۶

۲۴. ——— الينا ——— ص ۲۹ — ص ۳۶

۲۵. ——— الينا ——— ص ۲۷ ۽ ص ۲۸

۲۶. ——— الينا ——— ص ۳۶ — ص ۴۶

۲۷. ——— الينا ——— ص ۴۶ — ص ۴۹

۲۸. ——— الينا ——— ص ۴۶ — ص ۴۹

۲۹. ——— الينا ——— ص ۴۶ تفصيل ڏسو ڪتابي "فقه" جو ص ۱۳۹

۳۰. ——— الينا ——— نورالابصار ص ۵۳۹ ۽ ۵۴۳ ڏسو عڪس من مقالي جو ص ۷۸۹ ۽ ۷۹۰

۳۱. ——— الينا ——— ص ۵ — ص ۸

۳۲. ——— الينا ——— ص ۸

۳۳. ——— الينا ——— ص ۲۲ — ص ۳۵

۳۴. ——— الينا ——— ص ۳۵ — ص ۴۲

۳۵. ——— الينا ——— ص ۴۲ — ص ۵۹

۳۶. ——— الينا ——— ص ۵۹ — ص ۷۴

۳۷. ——— الينا ——— ص ۷۴ — ص ۸۷

۳۸. ——— الينا ——— ص ۸۷ — ص ۹۷

۳۹. ——— الينا ——— ص ۹۷ — ص ۱۰۳

۴۰. ——— الينا ——— ص ۱۰۳ — ص ۱۱۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 381

٤١.	مخدوم عبدالله : نور الانصاري	ص ١١٢ ـ ص ١٢٣
٤٢.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٥٧ ـ ص ١٩١
٤٣.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ١٩١ ـ ص ١٩٥
٤٤.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٤١١ ـ ص ٤٢٤
٤٥.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٤٨٩ ـ ص ٥١٠
٤٦.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٤٨١ ـ ص ٤٨٨
٤٧.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥١٠ ـ ص ٥١٢
٤٨.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥١٢ ـ ص ٥١٩
٤٩.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥١٣ ـ ص ٥١٩
٥٠.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥٢٥
٥١.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥٣٦
٥٢.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٤٧٣ ـ ص ٤٧٩
٥٣.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٤٧١ ـ ص ٤٧٣
٥٤.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٤٧٩ ـ ص ٤٨١
٥٥.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥٢٠ ـ ص ٥٢٥
٥٦.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥٢٩ ، ص ٥٣٠
٥٧.	ـــــ ايضاً ـــــ	ص ٥٢٧

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 382

سراج المومنين

مؤلف: مخدوم عبدالرسول نورنگزادو"

تصحيح ۽ نظم: مخدوم حامد ابن شيخ محمد حسن"

پُج واروَ.

تاريخ تاليف:- ۱۲۴۰ھ/۱۸۲۵ع کان ۱۲۸۵ھ/۱۸۶۸ع.

(واري دور ۾ ڪنهن سال)

ڪتاب سراج المومنين اڃا غير مطبوع آهي. هي ڪتاب جئن قلمي جلدن ۾ ٽڪيل آهي، جي مولانا پير وهب الله شاهه صاحب گوٺ پير جهنڊو ضلعو حيدرآباد جي ذاتي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهن. پر پهرئين جلد جو هڪ نقل ادارہ سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي جام شورو جي لئبريري ۾ به موجود آهي، جو فقط ايمان جي مسئلن تي مشتمل آهي.

ڪتاب سراج المومنين ۾ فقهي مسئلا مخدوم عبدالرسول نورنگ زاري جمع ڪيا ۽ مخدوم حامد ابن شيخ محمد حسن "پُج واري" انهن مسئلن جي تصحيح ڪري. ڪين نظم جي صورت ڏني. ڪتاب جو پهريون جلد ۱۲۴۰ھ/۱۸۲۵ء ۾، ٻيو جلد ۱۲۸۱ھ/۱۸۶۴ء ۾ ۽ ٽيون ۽ چوٿون جلد ۱۲۸۵ھ/۱۸۶۸ء ۾ لکي مڪمل ڪيا ويا. پهرين جلد جو ابتدائي فقرو هيٺ نقل ڪجي ٿو.

سارا ايمان سبحان کي جو حاڪم حڪيما - ازل کنا ابد سين جنهنجي آهه بقا.
نڪو ايرازو ازل جو نه نهايت ابدا - هوند و هميشه مون ڏي شيند وجگ فنا.
ڪل شئي هالڪ الا وجهه ايڏا انهن ڪن ڪاڻ - ۽ پڙ ڪاڻ محمد ميرکي ڏيئي رسالتا.
رسائي خبر خلق کي سڏي دين هدىٰ - هون ملڪ ٿن سرورتي دائم مدام.
۽ پڙ اٿي آل اصحاب ان جي ۽ تابعڻا - جي آهن بانهي اسلام جاءِ ڏيئا دين سڏا.

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 383

هاڻي ذڪر نماز جو ڪريم بيانا - ته سڀ مومن تن کي ڪن عبادت موٽ.
هيءَ منجهه حقير جي طلب نه هئي ها - سبب ٿورائي علم جي ۽ گهٽائي غفلتا.
پر موجب حديث حضرت جي جاچياؤن ها - من کتم علما نافعا الجمه الله يوم القيمة
بلجام من النار کما ورد کلاما - ته جو لکائي علم نافع کي جاڻي جاڻ منجهان.
واڳون وجهائيندو تنهنکي باري بيپرواه - کنا جيري دوزخ جي ڏينهن حياتا.
تڏهن سمي سنڌي ۽ جو منجهه ذڪر نمازا - جان مان ڪنهنکي نفوٿي جي ابوجهه عربيا.
۽ اسين جنهن پيلکا رکنا جاڻي وارد منجهه حديثا - تڏهن شروع ڪيم هي نسخو هيءَ ڪتابيا.
منجهه مهيني شعبان جي جو ڏهين تاريخا - تڏهن هٿ هجرت کي حبيب جي پارهن سوگذريا.
۽ پٽ چاليهه ورهيه پيا مٿار پارا - سان عنايت توفيق الله جي جنهن هٿ هدايتا.
سراج المومنين رکيم سندس نانءَ - سو صاحب سڳورو ڪري سين عزت عظيما.
منجهه نظر نيهن جي، جي عالم ۽ علماء - جي آهن خائف توسندا صالح سو نهارا.
۽ پٽ ڏي توفيق عمل اتي آگا اسامين کا - ۽ وجهين محبت مومن جيئن پڙهن پرت منجهان.
جي ڪا ڪنايهون سهوٿي سا عفو ڪج آگا - وما توفيقي الا بالله عليه توڪلت
واليه انيب بي بهم ڪاهدا - لا اله الا الله محمد رسول الله.

(صلوات عليه وآله)

ڪتاب سراج المومنين جا ڪاڻ ته اڃا فقط قلمي صورت ۾ آهي ۽ ان جو ڪافي قديم ۽ بوسيده آهي. تنهنڪري موجوده صورت ۾ انهي ۽ جي ورق گرداني ڪرڻ مخطوطي کي نقصان رسائڻ جو باعث ٿئي ها. تنهنڪري مسائل جي انتخاب ڪرڻ ڪاوڙ ڪري، ڪتاب جي فقط شئين تعارف تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي. بهرحال هن ڪتاب جي اڃا سر لو تصحيح ۽ طباعت جي گهٽي ضرورت آهي.

حوالا.

۱. مولانا غلام مصطفيٰ ناسي: ديني ادب جو ڪنڊلاڳ قلمي نسخن وارو حصو ص ۱۲
۲. ——— الفنا ——— ص ۱۲

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 384

سنڌي ٻولي ۽ فقهي ادب

جو ارتقا

سنڌ يونيورسٽي جي ڊاڪٽريٽ فلاسافي

جي ڊگريءَ لاءِ پيش ٿيل

تحقيقي مقالو

(جلد ٻيو)

مرتب:- يار محمد قاضي

ايم-اي، ايل ايل-بي، بي-ٽي

اسسٽنٹ پروفيسر [redacted] تقابل اديان و ثقافت اسلامي سنڌ يونيورسٽي.

زير نگراني ۽ رهبري:

جناب ڊاڪٽر عبدالواحد صاحب هاليپوٽو

فاضل علوم الدين، ايم-اي (بمبئي)، ڊي-فل (آڪسفورڊ)

سابق پروفيسر خصوصي امتيازي درجه (نوي) ۽ سربراهه

شعبه تقابل اديان ۽ ثقافت اسلام سنڌ يونيورسٽي.

موجوده ڊائريڪٽر ادارهٔ تحقيقات اسلامي، اسلام آباد.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 385

باب پنجون
ترجمن جو دور

تيرهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌ اندر سنڌي قلمي فقه جاڳي
۽ نوان ڪتاب لکيائڻ ڏيا، جنهن جا هيٺيان چند خاص سبب هئا.

۱. آپ ڪيل وڏن عالمن جا ڪتاب هن دور ۾ طباعت ۽ اشاعت هيٺ آيا، جنهنڪري
نوان ڪتابن لکڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي ويئي.

۲. وقت جي حڪومت طرفان به ديني علوم جي ترويج ۽ حاصل خواهه توجهه نه ڏني ويئي.

۳. چاپخانن جي مالڪن ترجمن طرف زياده زور ڏيڻ ۾ انفن جي همت افزائي ڪئي.
چاڪاڻ ته انهن ۾ شايد گهو تجارتي نفعو هو.

تنهنڪري هن دور ۾ جيتوڻيڪ جي خاص نوان ڪتاب لکيائڻ ڏيا پر هندي (اردو)
۽ پارسيءَ مان گهڻ فقهي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا. جنهنڪري هن دور کي هن مقالي
۾ ترجمن جو دور سڏيو ويو آهي. هن باب ۾ هيٺيان ڪتاب شامل ڪيل آهن.

۱. ضرورت المسلمين : حاجي محمد سمو ۔ من ۳۵۷

۲. سراج الاسلام: سنڌي ترجمو خلاصة الفقه : حاجي محمد سمو ۔ من ۳۵۷-من ۳۶۰

۳. مفيد المسلمين: سنڌي ترجمو حيرت الفقه : حاجي محمد سمو ۔ من ۳۶۰-من ۳۶۵

۴. تحفة الاحباب: سنڌي ترجمو ڪشف المحجات : حاجي محمد سمو ۔ من ۳۶۳-من ۳۷۶

۵. ترتيب الصلوٰة: سنڌي ترجمو هدايت الاصفيا : حاجي محمد سمو ۔ من ۳۶۵-من ۳۷۲

۶. مفتاح الصلوٰة : سنڌي ترجمو فارسي ڪتاب مفتاح الصلوٰة : مخدوم عبدالصمد ۔ من ۳۸۰-من ۴۰۴

۷. مختصر مصلح المفتاح : سيد علي محمد شاهؒ ڏاڙي وارو ۔ من ۴۱۰ - من ۴۵۱

۸. مصلح المفتاح : سيد علي محمد شاهؒ ڏاڙي وارو ۔ من ۴۰۶ - من ۴۰۹

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 386

جناب حاجي محمد صاحب لسون ڪاتب تيرهين صدي هجريءَ جو پوئون اڌ.

جناب حاجي محمد صاحب لسي متعلق ڪابه ڪا به معلومات حاصل ٿي نه سگهي آهي نه هو صاحب اصل ڪير هو يا ڪٿي جو باشندو هو. سواءِ هن جي ته پاڻ هڪ چڱو عالم هوءِ ٻين پوئين مان سندي ٻيءَ ترجمي ڪرڻ جي صلاحيت سندس موجود هئي، ان کان سواءِ هڪ ماهر خوشنويس هو. تيرهين صدي هجريءَ ٻيءَ ڏهاڪي ڇپيل ڪتابن جي ڪتابت سندس هٿان ٿي آهي! جناب محمد سومار شيخ هن بزرگ کي ڪچ جو رهاڪو سمجهي ٿو.[۲] حاجي محمد لسي جا به فرزند هڪ احمد ۽ محمد لسون هٿان جن مان حاجي احمد ڪتابت جي فن مان چڱي طرح واقف هو.[۳]

حاجي محمد لسي صاحب فقه جي موضوع تي چار ڪتاب ترجمو ڪيا ۽ هڪ پاڻ لکيائين جن جا نالا هي آهن.

سندس پهنجو ڪيل ڪتاب: ضرورت المسلمين،

سندس ترجمو ڪيل ڪتاب: خلاصة الفقه ۽ حيرت الفقه، ترتيب الصلوٰة فقه الاحناف

من ڪتابن جو احوال اسان ڪنهن ٻئي جاءِ تي ڏيڪاري ڏيکي ٿو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 387

ضرورت المسلمین

تالیف: حاجي محمد سمون "کاتب"

ضرورت المسلمین هڪ تمام ننڍڙو ڪتابچو آهي. هن ۾ دين متعلق جي ابتدائي ضروري ۽ معلوماتي ڳالهيون سمجهايون ويون آهن. ضرورت المسلمین گهٽ پڙهيل، بازار ۽ سفر ۾ رهندڙ سندي مسلمانن جي ديني گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ کار آئو ڪتاب آهي. هي ڪتاب هڪ مجموعي ۾ ٽن ڪتابن خلاصة الفقه ۽ حيرة الفقه جي ترجمن سان گڏ بمبئي ۾ مطبع فتح الڪريمي" مان پهريون دفعو سنه ۱۲۹۱ھ/۱۸۷۴ع ۾ الحاج فاضي عبدالڪريم" طرفان ڇپايو ويو، جنهن جا هڪ ڪان زياده نسخا شمس العلماء داڪٽر دائود پوٽو سندس موبائي لئبريري ۾ موجود آهن. هن مجموعي جي پهي اشاعت مطبع ڪريمي بمبئي مان سنه ۱۳۳۹ھ/۱۹۲۱ع ۾ شايع ڪئي ويئي. ضرورت المسلمین ۾ هيٺين معلومات جمع ڪيل آهي.

۱. پنج بنيادي ڪلما ۲. ايمان مجمل ۳. ايمان مفصل ۴. نماز جي ترتيب ۽ طريقو ۵. جنازي سان جو طريقو ۶. نماز کانپوءِ جيڪي دعائون پڙهجن ٿيون تن مان ڪي دعائون ۷. روزي رکڻ ۽ روزي کولڻ جون ٻيون ۸. ميت کي قرآن شريف جي ختمي جو ثواب ۽ غريبن کي بطور خيرات کارائل طعام جو ثواب بخشڻ لاءِ دعا ۹. عقيقي جا مسائل ۽ دعا.

Gul Hayat Institute

ضرورت المسلمین جي خاص خوبي اها آهي ته هر هڪ ڪلمي يا دعا جو معني سندي ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

سراج الاسلام سندي ترجمو خلاصة الفقه

مترجم: حاجي محمد" سمون

تاريخ ترجمو: ۱۲۸۶ھ/۱۸۶۹ع

خلاصة الفقه نالي هڪ ڪتاب امل فارسي ۾ لکيو ويو هو جنهن جو هنڊي ترجمو مولوي حافظ شجاع الدين" مفيد المسلمین جي نالي سان ڪيو ۽ ان هنڊي ترجمي ڪان سراج الاسلام نالي سان جناب محمد" سمي ان کي ۱۲۸۶ھ/۱۸۶۹ع ۾ انجو سندي ۾ ترجمو ڪيو. هي ڪتاب جي بمبئي ۾ رفاهي شوڪا ڪانپوءِ سڙهين داس ڏيو سنگهه تاجر ڪتب مسکر ۱۳۴۶ھ/۱۹۲۷ع ۾ ابوالعلائي اسٽيم پريس آگري مان لٿو ۽ ڇپايو جنهن جي ڪاتب جو نالو حافظ عبدالهادي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 388

ولد مرحوم حاجي محمد آدم گڙهي ياسين والا تڪليل آهي. ڪتاب جو سرورق
تائيپ ۾ سڪي ۽ ٻئي چاپيو ويو هو. راقم الحروف منهنجي نظر ڪان ٻيئي نسخا گذريا.
اول الذڪر ٻئي نسخا شمس العلماء داؤد پوٽو سنڌ مهراڻ يونيورسٽي جي مرڪزي لئبريري حيدرآباد ۾ موجود آهن ۽
سکر وارو چاپو سنڌ يونيورسٽي جي مرڪزي لئبريري جي اورينٽل حصي ۾ ڪل آهي. حوالن لاءِ
صفحن جا نمبر ٻئي واري ئي اشاعت مان ڏنا ويا آهن.

خلاصة الفقه جو مواد: خلاصة الفقه ۾ پهريائين ايمان مفصل جو بيان ڪيو
ويو آهي. جنهن کان پوءِ عبادت متعلق فقهي احڪام جو سرسري خاڪو ڏنو ويو آهي ۽
ڪن جاين تي مترجم طرفان ڪي وضاحتي اشارا حاشيا ۾ لکيا ويا آهن. جن فقهي موضوعن
تي ڪتاب ۾ مسائل جمع ڪيا ويا آهن سي هي آهن.

وضوءَ جو بيان ۽ وضوءَ ۾ پڄڻ جو بيان ۽ غسل جو بيان ۽ ڪهين جو بيان ۽ اوباري جو بيان
تيمم جو بيان ۽ حيض ۽ نفاس جو بيان ۽ نجاست خفيفه جو بيان ۽ نجاست غليظه جو بيان
استنجا ڪرڻ جو بيان ۽ نماز جي پڄڻ وقتن جا نالا ۽ نمازن جا وقت ۽ نماز جا فرض ۽
نمازون سنتون ۽ نماز جي وصف ۽ نماز ۾ پڄڻ جو بيان ۽ نماز جا مڪروهات ۽ فرضن جو
تعداد ۽ سنتن جو تعداد ۽ مستحبن جو شمار ۽ تراويح جو ذڪر ۽ سجدي سهو جو ذڪر ۽
سجدي تلاوت جو ذڪر ۽ مسافر جي نماز ۽ جمعي جي نماز ۽ عيد جي نماز ۽ خسوف ۽
ڪسوف جون نمازون، جنازي جي نماز ۽ زڪواة جو ذڪر ۽ صدقي ۽ فطري جو ذڪر ۽ روزن جو
ذڪر ۽ حج جا مسئلا ۽ قربانيءَ جو ذڪر.

خلاصة الفقه جيتوڻيڪ هڪ مفيد ڪتاب آهي پر نهايت مختصر آهي: جنهن ڪري
سنڌ جا مسائل مان ڪجهه به نقل ڪرڻ جي ڪا به ضرورت نظر نه ٿي آئي. هي ڪتاب پراڻي
سنڌي دستور موجب منظوم بولي ۾ لکيو ويو آهي. پر منجهس نظم جو نمونو قديم طرز کان مختلف
آهي. بولي ۾ نظم جي نمونن جي واقفيت لاءِ ڪتاب مان نماز جي روحاني پهلو متعلق

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 389

ڪجهه اشعار هت نقل ڪجن ٿا .

جنهن ڪنهن جاتا فرض سنت واجبات ،
سو عمل هن ٿي ڪري جا وصف صلوٰة .
اوسيڻي شئي پاڻ اهڙو بي قرار ،
ڪر ڪو حاڪم انس ڪو چوبدار .
سو ڪري پڻ استنجاءِ وضو بهتر تمام ،
ادب سين او شئي اچو جيئن ڪو غلام .
حق ڪي حاضر اوبجهي، شئي خوفناڪ ،
سڀ علائق ڪان ڪري سو دل ڪي پاڪ .
انڪساري عاجزيءَ سين شئي دل نرم ،
جمع خاطر پڻ ڪري حق ڪان شرم .
ءِ پوءِ توفيق ڪي الله ڪان ،
دل سين نيت سو ڪري ءِ سين زبان .

. . . . . Gul Hayat Institute . . . . .

ويهي جڏهن قعدي اندر ٿي باادب ،
ايئن سمجهي ناڏسي هون ڪي تورب .
سرنمائي دل ٿي ڏر پنهنجو نظر ،
ران ٿي جوڙي ڪرايون ٻئي ڏون ڏر .

. . . . . .

هونهه ڦيري ڏي ٻنهي طرفن سلام ،
مقتدين جي پڻ ڪري نيت امام .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 390

هيڪلي نيت فرشتن جي ڪري ،
جي ڪلهن سي ٻئي دل ۾ ذري .
بلڪ سڀ يارن جي نيت آهه خوب ،
تا محبت سين ٿين روشن قلوب .
مومن کي ياخدا توفيق ڏي ،
فضل سين تون بخش مسلم جي مڙي .١٠

مفيد المسلمين ڪتاب حيرة الفقه جو سنڌي ترجمو

مترجم: حاجي محمد سمون

تاريخ ترجمو: ١٢٩١ھ/١٨٧٤ع

حيرة الفقه نالي ڪتاب اصل عربيءَ ۾ ڪيل هو جنهن تان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ ٻئي ٻيءَ جي قديم ناشر قاضي محمد ابراهيم ولد قاضي نور محمدؒ جي خوشخط سان ان جو اردو ترجمو شايع ڪيو ويو. آخر سنه ١٢٩١ھ/١٨٧٤ع ۾ حاجي محمد سمونؒ ڪاتب جي هٿان ساڳئي ناشر جي تجويز تي حيرة الفقه، مفيد المسلمين جي نالي سان ان جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو[١١] جو ٻئي ٻيءَ مان ۽ ڏسڻ شايع ٿيو .[١٢] ۽ ٻئي ٻيءَ وارا ٻئي ڇاپا گهڻ وقت کان ٿي ويا ۽ ڪمياب ٿي ويا. جنهنڪري مستر هيمنڊ اس ناجر ڪتب سڪر جي اهتمام سان ابوالعلائي اسٽيم پريس آگري مان خلاصة الفقه واري نالي ٻيءَ ڇاپا ورايو هو ۽ ان جو ڪاتب به ساڳيو حافظ عبدالهادي ولد مرحوم حاجي محمد آدم گڙهي ياسين وارو آهي . هن ڪتاب جو ڪور به خلاصة الفقه جي ساڳئي نمونني تائپ ۾ سڪر جو ڇپيل آهي .[١٣] بندي راقم الحروف هن ڪتاب جو سڪر وارو ڇاپو ٻڌل ڏٺو جنهن مان اول الذڪر شمس العلماء سنڌ صوبائي لئبريري حيدرآباد ۾ آخر الذڪر سنڌ يونيورسٽي مرڪزي لئبريري اورينٽيل حصي ۾ موجود آهن .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 391

كتاب بوواد جيڙهه الفقه يم فقه جا كجهه متفرق مسائل هڪ مخصوص طرز يعني مختصر جي انداز يم ڪيل آهن. جن مان چند هيما ڪتاب جي تعارف طور هيٺ لکجن ٿا.

غسل جنابت: سوال: هڪ شخص جنابت جي غسل جي حاجت هوندي به مسجد يم داخل ٿيو. پر جڏهن مسجد کان باهر آيو ته سندس اها حاجت پوري ٿي وئي ۽ ڪيس غسل جي ضرورت نه رهي سو ڪيئن؟ جواب: هن شخص غسل جنابت ڪيو هو پر غرغرا ڪرڻ وسري وياهئس جي جنابت جي غسل لاهڻ لاءِ فرض آهن. هي شخص انهيءَ غلط فهميءَ يم ته غسل جي حاجت کان آجو آهي مسجد يم داخل ٿيو. حالانڪ سندس غسل صحيح نه ٿيو هو. جڏهن مسجد يم پاڻي پيتائين نه پاڻي ان جي حلق يم ويو ۽ ان جو غسل صحيح ٿيو چاکان ته غرغرن ڪرڻ جو مقصد به حلق يم پاڻي پهچائڻ آهي ۽ حلق يم پاڻي ڪهن به طرح پهچڻ سان مضمضه کي ادا ڪري ٿو، تنهنڪري هن جو اپٽو غسل هاڻي مڪمل ٿيو ۽ هو پاڪ ٿي ويو. پر وضوءَ يم غرغرا ڪرڻ فقط سنت آهن.

وضو: سوال: هڪ شخص جنهن کي نه وضو آهي ۽ نه تيمم، سو نماز پڙهي رهيو آهي ۽ نماز سندس صحيح آهي سو ڪيئن؟ جواب: هن شخص جو وضو نماز پڙهندي ڀڳو هو تنهنڪري نماز مان نڪتو ۽ وضو سارڻ لاءِ نڪتو. پر جيسين نئون وضو ساري واپس نماز يم اچي تيسين نڪي وضو ڪيل اٿس ۽ نه تيمم پر اهو وقت ان جو نماز مان ٻاهر ٿي شمار ٿيندو جڏهن نماز پڙهي رهيو آهي.[15]

تيمم: سوال: هڪ مسافر وضو ڪرڻ جي لائق پاڻي نه آهي ۽ اڄ جو خوف به نه اٿس نه به ان جو تيمم ڪرڻ جائز آهي سو ڪيئن؟ جواب: هن مسافر جا ڪپڙا ناپاڪ آهن، تنهنڪري جيڪو ٿورو پاڻي ساڻ اٿس ان سان ڪپڙا ڌوئي پاڪ ڪرڻ کي اوليت ڏيندو ۽ نماز تيمم ڪري پڙهندو.[16]

نماز: هڪ شخص امام پٺيان نماز ادا ڪئي آهي پر اڃا به جيسين هڪ رڪعت وڌيڪ نه پڙهندو تيسين هن جي نماز نه ٿيندي سو ڪيئن؟ جواب: سي شخص مغرب نماز مفرد

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 392

حيثيت ۾ پڙهي پوءِ مسجد ۾ آيو ۽ جماعت ۾ نفل جي نيت سان شريڪ ٿيو. پر جيڪڏهن چار رڪعتون پوريون نه ڪندو ۽ تيسين سندس نماز نه ٿيندي، چاڪاڻ ته نفي رڪعتون نفل جائز نه آهي. ۱۷

روزو: سوال: هڪ شخص روزو رکي ارادتاً پگهو، پرش يا ڪفارت پئي نه ڏنا. سو ڇئن؟ جواب: جن شخص حرام روزو رکيو هو. مثلاً عيد جي ڏينهن جو. يا عورت حيض ۽ نفاس جي حالت ۾. تنهنڪري انهن کي حرام روزو ڀڃڻ لاءِ ڪا به ڪفارت يا قضا نه پوندي. ۱۸

رويت هلال عيد: هڪ بار متعلق امام اعظم ؒ جو قول آهي ته رمضان شريف ۾ چاڙ ۾ آهي پر امام يوسف ؒ چيو آهي ته شوال ۾ چاڙ آهي سو ڇئن؟ جواب: هي بار رمضان شريف جي ٽيهين تاريخ چاڙ هو. رات جو چنڊ نه ڏٺو پر زوال جي وقت شاهدن شاهدي ڏني ته جن چنڊ ڏٺو هو. امام اعظم ؒ جي قول سان هي شهادت معتبر نه آهي. تنهنڪري اهو ماه رمضان جيڪو. امام يوسف جي راءِ موجب هي شاهدي معتبر آهي ۽ اهو روزو افطار ڪيو تنهنڪري شوال جيڪو. ۱۹

زڪواة: سوال: هڪ شخص جو پوري ۽ ڪامل نصاب جو مالڪ آهي پر فقير آهي ۽ زڪواة ڏيڻ جو حقدار آهي سو ڇئن؟ جواب: هي شخص جو پائي مال جو مالڪ آهي ۽ نصاب جو صاحب آهي. پر انهن جي مقابلي جي لحاظ سان فقير آهي مالدار ناهي. تنهنڪري جيڪو جو پائي مال تي واجب ٿيل زڪواة ادا ڪندو پر پاڻ پئي سان زڪواة ڏيڻ جو مستحق آهي. ۲۰

احڪام مساجد ۽ نڪاح سوال: هڪ شخص جي اچڻ سبب هڪ مسجد ڪي ڦيرائي گهر ڪرڻ واجب ٿيو ۽ امام ۽ مؤذن ڪي پهنجي زالن ڪي طلاقون ڏيڻون پيون سو ڇئن؟ جواب: مذڪور پئي عورتون ان آيل مرد جون پهرين نڪاح بدلون زالون هيون ۽ اها مسجد سندن رهڻ جي جاءِ هئي. ڪجهه وقت ڪانپو ۽ اهو شخص لاپتا ٿي ويو. عورتن قاضيءَ وٽ غلط شاهدن ڏياري ان شخص جو مرڻ ثابت ڪيو ۽ انهن سان هڪ امام سان ۽ پيءُ مؤذن سان نڪاح ڪيو. امام ۽ مؤذن جن شخص جي گهر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 393

کي ان جي اجازت ۽ اطلاع سان سواءِ مسجد بنايو. ان شخص جي اڇڻ سان پنو ۽ جڏهن حقيقت ظاهر ٿي ته قاضيءُ امام ۽ مؤذن جا نڪاح رد ڪيا ۽ مسجد جيڪا مالڪ جي ملڪيت ۾ ان جي اجازت بنا اذاڻي ڏني هئي سا واپس ان جي ملڪيت ۾ ڏني وئي.

سوال: هڪ عورت وات ٿي ويئي هئي. هڪ شخص ان سان پيجو نه هت ڪيئن ويئي آهين جواب ڏنائين ته نڪاح گهوري آهيان. ان شخص ٻڌن ڏين حق مهرسان سائٽ نڪاح ڪرڻ جي آڇ ڏنيس جا هن عورت قبول ڪئي ۽ هو شخص اتي ويهي رهيو. ٿوري دير کانپوءِ هڪ ٻيو شخص آيو، جنهن ان عورت سان سائبي مٽين گفتگو ڪان پوءِ ويهن ڏين سان نڪاح جي آڇ ڏنيس جا به هن عورت قبول ڪئي ۽ اهو ٻيو شخص به اتي ويهي رهيو. تانبوهڪي ٽيون شخص آيو. جنهن ٻڌ سائبي گفتگو ڪانپوءِ ڏهن ڏينهن جي مهرسان سائٽ نڪاح ڪرڻ جي آڇ ڪيس، جا ٽئي عورت قبول ڪئي. هي ٽيئي مرد پوءِ پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ حجت ڪرڻ لڳا ۽ قاضيءَ وٽ ويا. هاڻي هن جو فيصلو ڪيئن ٿئي؟ جواب: قاضيءَ ٽنهن جڻي جو نڪاح ثابت ڪيو. چاڪاڻ ته پهرئين شخص جي حالت ۾ ايجاب، قبول ۽ مهر هڻا پر شاهد نه هڻا. ٻئي جي حالت ۾ ايجاب، قبول ۽ مهر هڻا ۽ شاهد فقط هڪ هو. پر ٽئين جي حالت ۾ سڀ شرط ثابت هڻا. يعني ايجاب، قبول ۽ به شاهد موجود هڻا. تنهنڪري ان جو نڪاح ثابت ٿيو. ۲۱

طلاق: سوال: هڪ شخص گهر ڪان باهر ويو جڏهن واپس آيو تڏهن ڏٺائين ته سندس عورت ڪنهن ٻئي مرد سان نڪاح ڪيو ويئي آهي. پر هي ان ڳالهه تي ڪو به اعتراض ڪري نه سگهيو سو ڪيئن؟ جواب: ان شخص ان عورت کي ٽي طلاقون ڏيڻ هيون جي شرطي هيون. يعني جيو هڻائين ته جيڪڏهن عورت گهر ڪان باهر وئي ۽ ڪنهن ڏاريئن مرد سان ڳالهيون ڪيائين نه ڪيس ٽي طلاقون آهن. عورت گهر ڪان باهر به وئي ۽ ڏاريئن مرد سان ڳالهيون به ڪيائين تنهنڪري عورت ٽي ٽي طلاقون ٻڌي چڪون ۽ پهرئين مرد جي نڪاح ڪان آجي ٿي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 394

ويئي. اها عورت حامله به هئي جنهن جو منهن حمل ان سهل ٿيو ٿنهنجي عدت جي پاڻي ڪان به آزاد ٿي. ان سبب ٻئي نڪاح ڪرڻ ۾ باقي ڪا به شرعي رڪاوٽ نه رهي ۽ عورت نڪاح ڪيو. ۲۲

ميراث: سوال: هڪ شخص جي وفات وقت ان جي وارثن ۾ هڪ مائٽو پاڻ، هڪ سوٽيرو پاڻ ۽ هڪ سالو هئا. پر شريعت موجب سڀ ملڪيت سالي کي ڏياري وئي سو ڇو؟

جواب: ان شخص کي پهرين زال مان جو پٽ هو. تنهن پنهنجي پيءُ جي پيءَ زال جي ماڻ سان شادي ڪئي هئي جنهن مان هڪ پٽ جائو هوس جو پنهنجي ڏاڏي جو سالو ٿيو پر سندس پوٽي جي حيثيت ۾ سموري ملڪيت جو اڪيلو ۽ جائز وارث به هو. ۲۳

شهادت: هڪ شخص پري ڪان پنهنجي جاءِ جي ڪنڌي کنهن عورت کي بيٺل ڏئو سوچيائين ته سندس زال، ڏيءَ يا گوڻيءَ مان هڪ آهي. تنهنجي قسم کنيائين ته جيڪڏهن سندس زال آهي ته طلاق ڏيندس. جيڪڏهن گوڻي آهي ته آزاد ڪندس. جيڪڏهن ڏيءَ آهي ته ان کي ڪجهه چاڪ هٽندس. گهر اچڻ ساڻ پنوءِ جڏهن ان جو اظهار ڪيائين ته هر ڪنهن قبول ڪيو ته هوءَ ڪنڌي هئي. هاڻي کنهن جو قول قبول ڪري؟ جواب: ڏيءَ جو قول قبول ڪري. چاڪاڻ ته عورت ۽ گوڻي جي حالت ۾ سال آهي ته طلاق ملي يا آزاد ٿيڻ ۾ خوش هجي. ۲۴

حد زنا: سوال: هڪ مسلمان عورت سان پنجن شخصن خلوت ڪئي. ازروءِ شريعت هڪ کي بنا ڪنهن سزا جي ڇڏي ڏنو ويو. ٻئي کي قتل ڪرايو ويو. ٽئين کي سنگسار ڪرايو ويو. جوٿين کي هڪ سو ڏرا هڻايا ويا ۽ پنجين کي فقط اسي چابڪ لڳا. سو ڇو؟

جواب: پهريون چريو، ٻيو ڪافر، ٽيون شادي شده، چوٿون مجرد ۽ پنجون غلام هو. ۲۵

حرام ۽ حلال ڪاڏو: سوال: هڪڙي ٻئي ٽانو ۾ پيل ڪاڏو ٽن جڻن ڪاڏو. هڪ کي حرام، ٻئي کي مڪروهه ۽ ٽئين کي حلال آهي. سو ڇو؟ جواب: هڪ کير پيئارينڊ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 395

عورت جي ڪير جي سيڙهه اتفاق سان ڪاڏي سان پريل ڪنهن ٽانو ۾ پئي. اهو ڪاڏو ان عورت جي
ٻار لاءِ حرام ۽ خود عورت لاءِ مڪروهه آهي. سيد علي محمد شاهه دائڙي واري ۽ من مسئلي جي
تائيد ڪئي آهي - ۲۶

حيرة الفقه جو مختصر تجزيو

حيرة الفقه جو سندي ترجمو نثر ۾ ڪيو ويو آهي. من ڪتاب ۾ فقه جي مختلف موضوعن تي فقط ڪي ٿورا مخصوص مسائل، جن مان هر هڪ ۾ ڪا نه ڪا پيچيدگي موجود آهي يا دانسته پيدا ڪئي وئي آهي، چونڊي هڪ سوالي ۽ مسئي جي صورت ۾ ڪي پوءِ ان جو حل يا جواب ڏنو ويو آهي. جنهن جا ڪجهه مثال شي ذڪر ٿي چڪا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته اصل عربي ڪتاب فقه جي نوعمر طالبن لاءِ لکيو ويو هو، جن ۾ فقه جي علم لاءِ دلچسپي ۽ رجحان وڌائڻ ۽ فقه جي روشني ۾ مسائل جو حل خود سوچڻ جي مشق ڪرائڻ ۽ فقه جي ميدان ۾ دماغ جي گهوڙي کي ميهڻ ڏيڻ مصنف جو اصل مقصد هو. پر ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪي مسئلا صحت جي اعتبار کان شبهه کان خالي نه آهن. مثلاً: غسل ۾ غرغرا ڪرڻ فرض لکيو ويو آهي، پر مولوي محمد عثمان کوراهي ۽ سيد علي محمد شاهه دائڙي وارو وضوءِ غسل ۾ غرغرا ڪرڻ فقط سنت لکيا آهن. ۲۷ عدت متعلق هڪ مسئلو ڪتاب ۾ هنڌ هنڌ بيان ڪيل آهي ته جنهن عورت کي طلاق ملڻ يا مڙس جي مرڻ جي خبر هڪ دڪي مدت کان پوءِ ملي ته ان لاءِ به لازم آهي ته عدت جي عرصي جي شرعي پابندي ان مدت گذري وڃڻ سان پوءِ به پوري ڪري. ۲۸ پر صحيح مسئلو هنڌ آهي ته جيڪڏهن عدت جي مدت، طلاق يا مڙس جي موت جي خبر ملڻ سان اڳ ئي ختم ٿي چڪي آهي ته مزيد عدت ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. ۲۹

ترتيب الصلوٰة
مترجم: حاجي محمد سومن ڪاتب

ترتيب الصلوٰة قاضي نورمحمد بن قاضي عبدالڪريم مطبع ڪريمي بمبئي مان سنه ۱۳۱۲ھ ۱۸۹۴ع ۾ شايع ڪرايو. هي ڪتاب ٻيو دفعو جناب برادران محمد يائين عبدالحسين تاجران

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 396

کتب ببئي ۽ ڪراچي جي ڪوشش سان مطبع طيبي ببئي مان چپائي پڌرو ڪيو ويو.[۳۰] راقم الحروف منهنجي نظر مان هي ٻئي اشاعتون نڪتيون آهن ڪتاب ترتيب الصلوٰة اردو ۽ ڪتاب هدايت الاصفيا جو سنڌي ترجمو آهي جنهن ۾ ڪي اضافا به ڪيل آهن جهڙوڪ، ايمان جي متن جي علمي جو مخدوم عبدالله ملهڻ ڪيل سنڌي ترجمو.[۳۱] ترتيب الصلوٰة جي ابتدا منظوم سنڌي ۾ هيٺين لفظن ۾ ڪئي ويئي آهي.

سڀ ساراهون رب ڪي جو هادي حيّ حڪيم،
جنهن قادر ڪيو قدرت سين سونهارو سليم،
مٿو محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جو صاحب خلق عظيم،
هون صلوٰتون تنهن سرور اتي ڪروڙيون تسليم،
تنهن احمد اچي امت ڪي دين ڪيو تقليم،
۽ سڀن رحمتون رب جون مٿي آل ۽ اصحاب،
جي اجارا اسلام جا نوري ۽ نجاب،
هاڻي سکي ياد ڪريو هي مسئلا دين سندا،
آهي لازم سڀ کان مومن مٿي تي هيءَ هي ڪلما،
سيکاري پنهنجي اولاد کي جا پر اسلاما،[۳۲]

ترتيب الصلوٰة جو مواد

متين ابتدا ڪان پوءِ ترتيب الصلوٰة ۾ سڪڙ جملن جي بنيادي ڳالهيون سمجهايون ويون آهن. ۽ انهن جو فقط عربي متن ڪيو ويو آهي اهي ڳالهيون هي آهن. پنج ڪلما۔ ايمان مجمل ۽ استغفار. ان کان پوءِ ڪثيرالذڪر هڪ سو ٽيهه فرض بيان ڪيل آهن.[۳۳]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 397

پرهن کتاب ۾ به هن تعداد جو ڳاڻتو پورو ڪيل نه آهي،
جيڪي ڳالهيون هڪ سو ٽيهن فرمن جي عدد ۾ شمار
ڪيل آهن سي هي آهن: وضوءَ جا چار(۴) فرض، تيمم جا
ٽي(۳) فرض، غسل جا ٽي(۳) فرض، ايمان جون ست(۷) صفتون،
نماز جي پنجن(۵) فرمن جون ٽيهتون، ٽيهن فرض روزن جون ٽيتون،
رمضان جا ٻيهه روزا، فرمن نمازن جون ستره(۱۷) رڪعتون،
حضور جن جي نسب مبارڪ مان چار(۴) پشتون، جن فقهي مذهبن
جي امامن جا نالا، اسلام جا پنج(۵) رڪن، نماز جا تيرنهن(۱۳) فرض،
جي ڪل هڪ سو پنجويهه(۱۲۵) ٿيا. الهي عدد ۾ جيڪڏهن پنجن(۵)
قبلن جو علم شامل ڪجي ته هڪ سو ٽيهه(۱۳۰) جو انگ پورو ٿيندو.
٣٤
ٽنهن ڪان پوءِ نماز ختم ٿيڻ تي هر وقت پڙهڻ جهڙيون دعائون
لکي سيکاريون ويون آهن.[۳۵]

جمعي نماز: جمعي نماز خطبي پڙهڻ جي ترتيب پڻ
ڪتاب ترتيب الصلوٰة ۾ سيکاري وئي آهي. جمعي جي فرض ڪان پهريائين
جيڪا سنت پڙهي وڃي ٿي، تنهن لاءِ اعلان ڪرڻ جو طريقو
هن طرح سيکاريل آهي ته سنت ڪان پهريائين يعني جمعي نماز
جي پهرين بانگ ڪانپوءِ مؤذن الصلوٰة سنت الجمع جا لفظ وڏي
آواز سان پڪاري، مائٽن کي سنت پڙهڻ جي ياد گيري ڏياري.
ڪن ٻين هنڌن انهن لفظن بدران الصلوٰة سنت رسول الله[۳۶]
چوڻ جو رواج آهي. هن مسئلي متعلق هن ئي مقالي ۾ ٻين هنڌن
به ذڪر ڪيو ويو آهي.[۳۷] آخر ظهر پڙهڻ به جمعي نماز جي ترتيب

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 398

داخل ڪيل آهي.[۳۸]

ترتيب تراويح: تراويحن جي ترتيب ۾ هر ڇهن رڪعتن کانپوءِ نبي اڪرمؐ تي درود پڙهڻ ۽ خلفاء راشدين جي صفت ڪرڻ ۽ خاص زور ڏيڻو ويو آهي.[۳۹]

عيدون ۽ قرباني روزو ۽ جنازي نماز: تراويح نماز جي ترتيب کانپوءِ روزي رکڻ ۽ چوڙڻ جي نيت، عيدنمازن جو نيتون، قرباني جي نيت ۽ ضروري دعائون سيکارڻون ويون آهن. ميت سان تعلق رکندڙ سڀ ضروري ڳالهيون، جهڙوڪ جنازي نماز تدفين، تلقين، ميت جي وارثن سان تعزيت ۽ انهن جو طريقو واسطو رکندڙ دعائون سميت سيکارڻو ويو آهي.[۴۰]

پاڪائي: پاڪائي ۾ سڀڪنهن قسم جي غسل، مثلاً غسل جنابت، غسل نفاس، غسل حيض، غسل جمع، غسل عيد، غسل احرام وغيره جون نيتون ۽ دعائون سيکارڻون ويون آهن. استنجا ڪرڻ جو طريقو ۽ ان سان متعلق دعائون پڻ لکيون ويون آهن.

خاص وقتن جون دعائون: خاص وقتن جي دعائن ۾ جماع جي وقت جي دعا، قبرستان جي دعا، مرڻ جي ڀاڪر وقت دعا، آذان ۽ اقامت جي وچ ۾ دعا، ڏينهن جي ڏهن وقتن جي دعا، ڏينهن ۽ رات جي ڏهن وقتن جي دعا سيکاريل آهن.[۴۱]

نڪاح: نڪاح جو طريقو هنڌ هنڌ سيکاريل آهي نه پر ان ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي وارث کي تجديد ايمان ۽ رد ڪفر جا ڪلمات پڙهايا ويا آهن، جن جو سندي ۾ ترجمو ذڪر آيل آهي. هي بيت ايمان متعلق هڪ مسلمان جو صحيح نقطهٔ نظر واضح ڪندڙ آهن.

ان کان سواءِ بيتن جي بولي ادبي نقطي کان به قابل توجه آهي ۽ خاص ڳالهه هي آهي ته انهن بيتن جو جوڙيندڙ ڪو بزرگ عبدالله نالي آهي جو غالباً مخدوم عبدالله نرسئي وارو يا مخدوم عبدالله واعظ آهي تنهنڪري اصلي بيت هيٺ نقل ڪجن ٿا.[۴۲]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 399

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ايمان مفصل جي علمي جو سندي تفسير

الله ربي جل جلاله، الله آهي هيڪڙو واحد رب وڏو،
پروردگار بادشاه مولو مون سنڌو.
محمد رسولي ع حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ رسول سنڌو رحمان،
سچ سين مڃيو آهي مون سين هيين ع زبان.
والقرآن اماسي ع قرآن ڪلام الله جو آهي سنڌم امام،
خبر جنهن ۾ سپ ڪا سنڌي حلال حرام.
والڪعبة قبلتي ع ڪعبت الله قبلو ڪري مڃيو آهي مون،
آگي بيت اڏايو جو پلو شي يون.
والمؤمنون اخواني مومن شرئي منهنجا پلا آهن پيار،
اياجي اسلام انهي دانهن ديندار.
والاسلام ديني اسلام سڳورو منهنجو درست آهي دين،
مولي منهن جو تنهن شي ثابت رکين يقين.
آمنت بالله آنا مون الله ڪري ايمان ملڻ سنجهان،
جو آهي موجود مون ڏي جوڳو عبادتا.
هوهيشاه جو پڙ هوندو هميشاه،
پاند نه پرو تنهنجي ڪو هميشگي جو آهه.
ڪو نهي شريڪ تنهن سين نه ڪو وزيرا،
وحدهٗ لاشريڪ لهٗ لآاله سو آهه.
انهي هيڪڙائيءَ ان جي مخلوق سپ گواهه،
آهي منزهه مڙني پرئين باري بي عيبا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 400

كوفوٽيلوناهكو تنهن موي جو مورا،
نسل نسبا پاڪ سو منزه بي مثلا.
نه ڪو شبيه صاحب جو نه ڪو نظيرا،
لم يلد ولم يولد ولم يكن له كفوا احد سندس اي مفتا.
وملآئكته ۽ پڻ ملائڪ ٻيا سڀي سڀ منجهان،
خلقت جنهن جي خالق ڪئي ڪا نهوري نورا.
نه اڄ بک او ڏي ان کي نه طلب طعاما،
سهند نه رکن سمهڻ سين نه شهوت تن کي ڪا.
نه ڪا نشاني مرڻ جي نه ڪا سندي نشاء،
نه ٿئي احتلام ان کي ۽ سڀ نه ڏاڙهي ڪا.
ايا آهن امر ۾ صدق سان سدا.
ڪنڌ نه ڪيون ڪنڌهين آگي جي امرا،
لا يعصون الله ما امرهم ويفعلون ما يؤمرون سندي تن مفتا.
وكتبه ۽ پڻ ٻيا ان ڪتابن مڙئي مولي جي ڪا،
مولي ڪا ماڻهن ڏونهن مرسلن هٿان،
سي آهن ڪتاب الله جا مڙئي موچارا.
آهي تن ۾ صاحب جي ساراهه ۽ ثنا،
وعدا واحد جا سڀ امر ۽ نهيا.
نازل نبين ٿي سي قادر ڪتاب ڪيا.
جي ٻيا مڙني مرسلين سي اسان پڻ ٻيا.
ورسله ۽ پڻ ٻيا مرسل مڙئي ۽ پڻ انبيا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 401

جي خاصا پاڻها خالق جا محبوب مقبولا ،
خبر ڏين خلق کي آگي جي پارا .
رسالن رحمان جا وعيد ۽ وعدا ،
امر نهي آگي سندا ڪرين اظهارا .
سکئي جنين درست ٿئي دين ۽ دنيا ،
اول تن انبيائن جو حضرت آدم آهه ،
آخران سپني جو مير محمد شاه صلي الله عليه وسلم .
اسان نبي ڏيڻ جا ميجا صدق منجهان ،
واليوم الآخر ۽ پڻ ڏينهن قيامت ميجان ،
جو تحقيق آهي اچڻو ريهين شڪ شبها ،
۽ پڻ جيڪي امور آخرت جا ڪتاب نڪيا .
ڏينون خبرون جن جون حضرت پيغمبر خدا .
سي اسان امور سڀئي وساه سين ميجيا .
ايمان آندو سون تن ۾ سچي يقينا ،
والقدر خيره وشره من الله تعالى ،
۽ پڻ ميجو سين سچ سين گهٽي وياها .
نه تقدير جڳئي ۽ مٽي جي آهي عنا الله .
پر خير ۽ راضي مون ڏٺي شريناه رضا .
مولى کي مٿاين ڏونهن ڪانهي محبت کا .
والله لا يحب الفساد کيو قرانا .
والبعث بعد الموت ۽ پڻ ميجو سچ سين امر ٿاهو ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 402

نه مرڻ پچاڻان مون ڏٺي موتي جيارنيڏو .
سيکو ايڏارلو آخرت ڏينهن جيکو مري ويو ،
جونه وسوڙو ان گالهه کي گمراهه سوئيو .
وان الله يبعث من في القبور آگي پاڻ چيو ،
ءِ جيڏ پچاڻان ناهه کو موتي موت ٻيو .
هوندو حيات هميشه سڀي بندو سيکو ،
کي ويندا جنت ۾ ڪن دوزخ ماڳ ڏيو .
فريقٌ في الجنة وفريقٌ في السعير ورهاگو ڪيو ،
قادر جي قدرت جو ڪوڻي پائنه پرو .
آهي عبد الله کي پڙ وڏو آسرو ،
نه ڪلمي ساڻ لڏين جي مان ڪري تنيون .
وڃن ساڻ ايمان سين ڪلمو جن چيو ۴۳

فاتحه: نڪاح جي ترتيب کان پوءِ اهڙيون دعائون سيکاريون ويون آهن جن ذريعي نيڪ عمل جو ثواب سڀني جي ارواحن کي بخشي سگهجي ٿو. ۴۴

خاص ڏينهن جون نمازون خاص ڏينهن ءِ موقعن جي نمازن ۾ نماز اوابين، نماز حق الوالدين، نماز حفظ الايمان، نماز سراج القبر، نماز تهجد، نماز تسبيح، نماز اشراق، نماز ضحيٰ، نماز زوال، نماز رات معراج نماز رات برات، عاشوري جي رات جي نماز، قدر جي رات جي نماز جو طريقو ترتيب ءِ ڏيڻ سيکاريا ويا آهن. ۴۵

عقيقو: ترتيب الصلوٰة ۾ عقيقي جا مسائل پڻ ڇاڻايا ويا آهن ۽ مطلع ڪيو ويو آهي ته عقيقي جا مسائل هندي ڪتاب "هداية الامنا" مان ترجمو ڪري ڪيا ويا آهن. ۴۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 403

تحفة الاحباب سنڌي ترجمو ڪشف الحجاب .

مترجم:- حاجي محمد سومڙ ثاقب .

ڪتاب تحفة الاحباب جناب حاجي محمد سومڙ ثاقب جو ترجمو ڪيل آهي. جنهن جي عجم ۾ ڪتاب جي ترجمن جو ذڪر هن مقالي ۾ موجود آهي. هي ترجمو قاضي ابراهيم ابن قاضي نور محمد ساڪن پل بند رمضان هردريا بمبئي مان ڇپائي شايع ڪيو. جنهن ڪتاب جي ڪتابت خود مؤلف جي ڪيل آهي. تحفة الاحباب ڪتاب ڪشف الحجاب تان ترجمو ڪيو ويو هو پر اهو جامع نه آهي نه ڪتاب ڪشف الحجاب عجمي پوليءَ ۾ مختصر ڪيل آهي. ننڍي ترجمي جو ڪو سند جامع آهي. تحفة الاحباب جو هڪ نسخو شمس العلماء ڊاڪٽر بهگوان داس جي لئبريري حيدرآباد ۾ ڪيل آهي.

تحفة الاحباب جو مواد تحفة الاحباب ۾ حصن ۾ ورهايل آهي، جنهن مان هڪ حصي ۾ پاڻي جي يعني وضو، غسل، حيض وغيره جا مسائل جامع تفصيل سان بيان ڪيل آهن. بئي حصي ۾ عبادتن جا احڪام جمع ڪيا ويا آهن. پهرئين حصي سان تعلق رکندڙ مسئلا گهڻن سنڌي ڪتابن ۾ موجود آهن تنهنڪري ان جو انتخاب ڪرڻ ضروري نه سمجهيو ويو. چاهڪن کي طوالت جو ڊپ هو. پر بئي پاڪي ۾ پردي متعلق جي مسائل آيل آهن تن جي معلومات جي هن وقت جي معاشري ۾ سخت ضرورت سمجهي وڃيٿي. تنهنڪري هي اهم مسئلا هيٺ درج ڪجن ٿا.

تحفة الاحباب جي ابتدا ڪتاب تحفة الاحباب جو ترجمو جڏهن ڇاپائي تڏهن اسلام کان اڳ واري زماني ۾ عورتن تي جي پابندين عائد ڪيل نه هيون ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي بعثت کان پوءِ عورتن لاءِ پردو لازم ٿيو ۽ گهرن ۾ رهڻ ضروري ڪيو ويو. سواءِ مرد جي اجازت جي يا ضرورت وقت جهڙوڪ بيماري جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 404

علاج لاءِ يا شريعت جي مسئلن پڇڻ لاءِ. پران وقت به برقعو پائي باهر نڪرڻ ضروري آهي. ۴۸

ڏاڙين مردن کان پردو ڪرڻ

هر بالغ عورت تي ڏاڙين مردن کان پردو ڪرڻ واجب آهي. جنهن نم پيرن کان مٿي تائين سڀ جسم ڍڪڻ گهرجي سواءِ منهن ۽ هٿن جي. پيرجي پٺي ظاهر ڪرڻ يم به ڪوانڊيشو ٿا لکي سا گي طرح نه ڀنت جون جاڙون جيڪڏهن اتفاقي طرح ظاهر ٿي پون تڏهن يم به ڪو هرج ڪونهي. مترجم جي ڏاڻي راءِ هي آهي ته هن زماني يم عورت کي غير مرد کان چهرو به لڪائڻ گهرجي.

جنهن جو ڏسڻ درست نه آهي ان کي چهڻ يا هٿ ڏيڻ درست نه آهي جا هي سرد شهوت کان خالي هجي پر پرس عورت کي ڏسڻ يا هٿ ڏيڻ يم ڪو هرج ڪونهي.

جنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ جو ارادو آهي ان جو چهرو ڏسي سگهجي ٿو آهي جا هي مرد کي شهوت به هجي. پر مترجم جي راءِ آهي ته هن وقت يم بهتر آهي ته ڪنهن معتمد عورت کي موڪلي صورت ۽ سيرت جي تحقيق ڪرائجي.

غير عورت جي سامهون ٿيڻ جي ضرورت سبب ڪاهه درست آهي. جيڪڏهن ڪا ڏاڙين عورت پاڻ يم بڌ ٻڌي ڏسجي يا ڪنهن بالڪل گهر يم اڪيلي ستري وڃي ته انڊيشو هجي نه اهڙي عورت کي چهڻ جائز آهي. ۴۹

مڙهن کان حجاب جو بيان

پيءُ پنهنجي ڌيءَ کي يا ماءُ پنهنجي پائيڀيءَ کي يا ڀاڻيجيءَ کي يا ڀاڻيجيءَ کي سامهون يا پٺيان ڏن کان گوڏن تائين نه ڏسي، باقي ان کا سواءِ بين عضون جي ڏسڻ يم هرج ڪونهي. جيڪڏهن محرم مرد کي شهوت جو انڊيشو نه هجي ته پوءِ محرمات سان اڪيلي وڃڻ يا سفر ڪرڻ يم انڊيشو ڪونهي. پر جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 405

لشهوت جو خوف الله نه مباح نه آهي. ۵۱

عورتن جو عورتن کان حجاب

مسلمان عورتن کي لازم آهي ته پاڻ کي غير مسلم عورت کان ان سان گڏي طريقي سان حجاب ڪري جنهن سان محجوب رکن جنهن سان محجوب رکڻ جي تاڪيد ڪئي آهي. ۵۱

غلام يا مخنث کان حجاب جو حڪم

مخنث به مرد کي ارادتاً نامرد ڪرڻ حرام آهي. تنهنڪري ان کان خدمت وٺڻ به مڪروهه آهي. مرد نوڪرن چاڪرن کي گهر ۾ رکڻ به روا نه آهي. جتي عورتون يا نابالغ ٻار رهندا هجن. اهڙا ضعيف پوڙها جنهن جو مزاج احمقن جهڙو هجي يا جنهن کي عورتن جي ڪا به ضرورت نه هجي اهي به فقط ڪاڻ پيڻ لاءِ گهر ۾ آڻڻ مباح آهي. جيڪي ڇوڪرو ڏهن ورهين جي عمر کي پهچي ويا هجن ته ان کي ماڻهن جي ماڻ پيڻ، نائي وغيره کان علحده سمهارڻ لازم آهي. ۵۲

تحفة الاحباب جو ترجمو

ڪتاب تحفة الاحباب منظوم سنڌي ۽ ڪم ترجمو ڪيل آهي. جنهن ته هي ڪتاب موجوده معاشرت جي ڪيترن ڳالهائن تي شرعي احڪام جي وضاحت ڪري تو نهنڪري اڄي اڳاڙي حيثيت جي پڻ وڏي اهميت آهي. تحفة الاحباب ۾ ڪافي مسائل آيل آهن جن مان هت فقط ٿورا منتخب ڪري لکيا ويا آهن. تفصيلات خود ڪتاب مان ڏسي سگهجن ٿا. تحفة الاحباب نه فقط ترجمو آهي پر منجهس مترجم جي ذاتي فقهي راءِ پڻ موقعي به موقعي ڏني ويئي آهي. جن فقهي ڪتابن جا حوالا تحفة الاحباب ۾ ڏنا ويا آهن تن مان ڪن جا نالا هن سان گڏ ڏجن ٿا. جنهن ڪتاب جي فقهي حيثيت ظاهر ٿئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 406

جن کتابن مان عتاب تحفة الاحباب یم حوالا آمنداویا آهن تن جا نالا .

۱. آداب القاضي ص ۶۴
۲. تبیین ص ۷۰ و ۸۲
۳. ترغیب الصلوٰة ص ۸۹
۴. تفسیر حسینی ص ۷۶
۵. تفسیر کبیر ص ۷۲ ص ۸۴ ص ۸۸
۶. جامع برامکیه ص ۶۷
۷. حمیدي ص ۶۶
۸. ذخیره ص ۶۸ ص ۷۷ ص ۸۳ ص ۹۵
۹. سراج الوهاج ص ۷۲ ص ۸۱ ص ۸۳ ص ۸۴ ص ۸۵
۱۰. سرابي ص ۶۷ ص ۸۹
۱۱. غرائب ص ۶۸
۱۲. فتاویٰ تاتارخاني ص ۷۴ ص ۸۲ ص ۸۸ ص ۹۳ ص ۹۴
۱۳. فتاویٰ غیاثیه ص ۶۹ ص ۷۰
۱۴. فتاویٰ فقه ص ۸۲
۱۵. فتاویٰ قاضي خان ص ۷۶
۱۶. کفایت الشعبي ص ۹۳
۱۷. کافي ص ۸۱ ص ۸۲ ص ۸۹ ص ۹۳
۱۸. محیط ص ۶۸ ص ۶۹ ص ۷۱ ص ۹۳ ص ۹۵
۱۹. مشکواة ص ۸۵ ص ۸۷
۲۰. معتبرات ص ۹۴
۲۱. ملتقط ناصري ص ۹۱
۲۲. هدایه ص ۸۱

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 407

حوالاءِ تعليقات

۱. هن کري جو سنڌ سڪيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب جن جو مختصر تعارف هن مقالي ۾ ڏنل آهي، تن ۾ سنڌ سڪيل نالي سان گڏ ڪاتب لفظ شامل ڪيل آهي. محمد سومار شيخ به سنڌ سڪيل ڪتابت جو ذڪر ڪيو آهي. (ڪچين جاڏل ص ۱۷۶) سنڌ سڪيل دور تيرهين صدي هجري ڏاهو. مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۳۷۳

۲. محمد سومار شيخ: ڪچين جاڏل ص ۱۷۶

۳. ——— الهنڌا ——— ص ۲۲۳

مولانا قاسمي: رساله الرحيم سنڌي اشاعت جوڻين ۱۹۶۶ء ص ۱۱۰

۴. ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۹۱

۵. حاجي محمد سومرو: ضرورت المسلمين ص ۳ — ص ۲۵

۶. حاجي محمد سومرو: سراج الاسلام سنڌي ترجمو خلاصة الفقه ص ۵

سراج الاسلام ۽ مفيد المسلمين ٻئي ڪالا ٻيٽي واري ڇاپي ۾ موجود ناهن پر سکر واري ڇاپي ۾ اهي ٻئي ڪالا ڏنل آهن.

۷. جڏهن ته پير سرور ڪتابن جي فهرست ۾ هن ڪتاب جو حافظ عبدالهادي ڪٽي آهي.

۸. حاجي محمد سومرو: سراج الاسلام ترجمو خلاصة الفقه ص ۵۲

۹. ——— الهنڌا ——— ص ۵۷

۱۰. ——— الهنڌا ——— ص ۵۷ ۽ ص ۵۸

۱۱. حاجي محمد سومرو: مفيد المسلمين ترجمو حيرة الفقه ص ۸۱

۱۲. ڏسو هن مقالي جو ص ۳۵۷

۱۳. ——— الهنڌا ——— ص ۳۵۷ ۽ ۳۵۸

۱۴. حاجي محمد سومرو: مفيد المسلمين سنڌي ترجمو حيرة الفقه ص ۸۱ ص ۸۲ ۽ ص ۸۵

من ين ڏسو هن مقالي جو ص ۳۶۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 408

۱۵. حاجي محمد سمون: مفيد المسلمين سندي ترجمو حيرة الفقه ص ۸۸ ۸ ص ۸۹

۱۶. ايضاً ص ۱۱۳

۱۷. ايضاً ص ۱۲۰

۱۸. ايضاً ص ۱۲۱

۱۹. ايضاً ص ۱۰۷ ۽ ص ۱۰۸

۲۰. ايضاً ص ۸۶

۲۱. ايضاً ص ۸۷ ص ۸۸ ص ۹۴ ۽ ص ۹۵

۲۲. ايضاً ص ۹۳ ۽ ص ۹۴

۲۳. ايضاً ص ۱۲۳

۲۴. ايضاً ص ۹۱

۲۵. ايضاً ص ۱۲۷

۲۶. ايضاً ص ۱۲۵

۲۷. ايضاً ص ۶۸ ۽ ص ۱۶
ص ۱۶
ص ۵۵۲
تدسو هن مقالي جو
مزيد تدسيو هن مقالي جو ۲

۲۸. حاجي محمد سمون: مفيد المسلمين سندي ترجمو حيرة الفقه ص ۱۱۹

۲۹. مولوي محمد عثمان كوراهي: تحفة الاسلام حصو ۵ ص ۵۵

مولوي عبد الحميد : تحفة الفقيه حصو ۳
ص ۴۹
ص ۳۱۲
ص ۷۹۲
مزيد تدسوهن مقالي جو

۳۰. تدسوهن مقالي جو

۳۱. تدسو هن مقالي جو ص ۳۶۹-۳۷۲

۳۲. حاجي محمد سمون: ترتيب الصلوٰة ص ۲

۳۳. تدسو هن مقالي جو ص ۱۵۵

۳۴. حاجي محمد سمون: ترتيب الصلوٰة ص ۵۴

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 409

۳۵.	حاجي محمد سون: ترتيب الصلوٰة	ص ۵ ـ ص ۱۲
۳۶.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۱۲ ـ ص ۱۳
۳۷.	ڈسو من مقالي جو	ص ۴۸۲ ۽ ص ۶۴۲
۳۸.	حاجي محمد سون: ترتيب الصلوٰة	ص ۱۳
۳۹.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۱۳
۴۰.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۱۳ ـ ص ۲۰
۴۱.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۲۱
۴۲.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۲۲ ـ ص ۲۹
۴۳.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۲۳ ـ ص ۲۵
۴۴.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۲۷ ـ ص ۲۹
۴۵.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۲۹ ـ ص ۳۷
۴۶.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۳۷ ـ ص ۳۹
۴۷.	ڈسو هن مقالي جو	ص ۳۵۷، ۳۶۰ ۽ ۳۶۵
۴۸.	حاجي محمد سون: عقد الاصابه	ص ۶۱ ـ ص ۶۴
۴۹.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۶۵ ـ ص ۷۴
۵۰.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۷۵ ۽ ص ۷۶
۵۱.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۸۳
۵۲.	ـــــــ ايضاً ـــــــ	ص ۸۹ ۽ ص ۹۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 410

مفتاح الصلوٰة

(فارسي كتاب مفتاح الصلوٰة جو سنڌي ترجمو)

مترجم: مخدوم عبدالصمدؒ ولد مخدوم حاجي محمد مقيم ٹورنگپوٽو.

ترجمي جي تاريخ: ١٢٩٣ھ / ١٨٧٦ع

مولانا الشيخ فتح محمد سنڌي برهان پوريؒ فارسي بولي ۾ "مفتاح الصلوٰة" جي نالي سان هڪ ڪتاب نماز جي فقهي مسائل تي مشتمل ١٠٦١ھ/١٦٥٠ع ۾ تصنيف ڪيو هو جو من موضوع تي سڄي هندستان ۾ مستند ۽ قابل اعتماد ڪتاب ڀيو ويو آهي ۽ قديم زماني ۾ مڃ هن ابتدائي مدرسن ۾ فارسي ذريعه تعليم رهي هئي، تڏهن هي ڪتاب مدرسن جي نصاب ۾ شامل هو. مخدوم عبدالصمدؒ هن ڪتاب جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ ان جي تصحيح قاضي عبدالرحيمؒ ساڪن عالمي جو ڪوٽ ڪئي آهي. هي ڪتاب قاضي نورمحمدؒ ابن قاضي عبدالڪريمؒ ناجر ڪتب بمبئي مطبع ڪريمي بمبئي مان سال ١٣٤٦ھ/١٩٢٧ع ۾ چپائي شايع ڪيو. ڪتاب جا هڪ ڪان زياده نسخا شمس العلماء سنڌ سرڪار هو بائي لئبرري حيدرآباد ۾ محفوظ آهن.

مترجم مخدوم عبدالصمدؒ جو پهنجي ترجمي بابت پهريون ابتدائي فقرو ۽ قاضي عبدالرحيمؒ طرفان ڪتاب جي تصحيح بابت سندس ٻي پهريون تصديق هيٺ نقل ڪجن ٿا.

مفتاح الصلوٰة جو ابتدائي فقرو

پهاڻان حمد ۽ صلوٰة جي ۽ پوءِ درود ا،
عبدالصمد پٽ حاجي محمد مقيم جو ٽوڪري هي عرض ا.
ته هيين ۽ هن حقير جي پيو اڃي اهڙو خيال ا،
ته ڪجي هوند ترجمو سنڌ ۾ مفتاح الصلوٰتا.
جو نسخو موجاروڪ قديم منجهه ماڻن مشهورا،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 411

تصنيف شيخ فتح محمد جي رحمت ڪرڻين خدا .
تہ ان مسئلا سمجهڻ لاءِ اچن سنڌي وارن ڪا ،
تہ لفظ ٿئي ماٺن ڪي ۽ ٿئي مون ڪي ثوابا . ۳

. . . . . .

ماڻڪ جڏهن هي ڪتاب تمام ٿيو تڏهن ٿئي پندرهين تاريخا .
ڪنهيني محرم جي سن بارهن سو اناسي ورها .
هالڪا اهلاڪ هوءِ مومن انتي جي طالب هن نسخي جا .
تہ جڏهن هي نسخو تمام ٿيو اچي مولي جي سهرا .
تڏهن ڪٽي وڻيس جناب قاضي صاحب جي حضور سنجها .
جو عالم، عامل، زاهد، ڪامل گهڻو ٻي ريا .
ديندار، پرهيزگار گهڻو آهي ذيو سنڌو ڏيها .
جناب ميان قاضي عبدالرحيم صاحب ساڻن عالم جي ڪوٺا .
تنهن سڳوري گهٽي تحفتاً مشقت ڪري ڪيو موڪليا .
ڪارڻ ته جو تنهن سڳوري کي لڳي ڏيهن ڪيڙا .
ڏيڻ درجو ڏئي گهڻو تمام تنهنکي ٻڌن جن خزانيا . ۴
ٻڌائان حمد حڪيم کي جو مالڪ ملڪ خدا جو شانهن .
۽ صلوٰة حضرت رسول اطهر تي جو ختم الانبيا عليه الصلوٰة وسلام .
روشن هوءِ طالبن کي جي پڙهڻ ڏسڻ سنڌي فقها .
تہ هي ترجمو مفتاح الصلوٰة جو سنڌي زبانا .
مخدوم ميان حاجي عبدالصمد تنهنکي ڪيو تصنيفا .
جو ڪنا اولاد حضرت مخدوم نورنگ جي رحمه الله تعالىٰ .

قاضي عبدالرحيم طرفان کيل تصحيح جي تصديق

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 412

پوءِ هو ڪليائين تهن ڪتاب ڪي ڪارڻ تصحيحا .

ڏاهن مون فقير عبدالرحيم ساڪن عالمي جي ڪوٽا .

تڏهن تصحيح ڪيم تنهنڪي سين بيليئپي خدا .

مقابل ڪيم نسخي اصليءَ سين پارسيءَ مفتاحا .

سانڍ ملاحظي ڪتاب فرائض الاسلام ۽ رشف الزلال .

جي ٻڌي تصنيف مخدوم حاجي محمد هاشم جي بوسيد العلماء .

۽ سانڍ مطالعي ڪتاب شرح منية جي ۽ درمختارا .

۽ ٻڌ ڪتاب شاميءَ ۽ حاشيءَ درمختار جي ڪيم تحقيقا .

تان پي ٿيم بعضي بابن ۾ جي زيادهه مسئلا .

جي تل ڪيم ڪتابن مٿين هتا سواءِ مفتاحا .

پر ڪيل اشارو ان محلن ۾ ڏنهن ان ڪتابنيا .

ته شئي معلوم پڙهندڙن ڪي اي ٻڌ حقيقتا .

اللهم وفقهم وآياڪا لما تحب وترضى آمين ڪتبه الفقير عبدالرحيما .

ساڪن ڪوٽ عالمي عظيم مطابق جوءِ قادر ڪريما .

مترجم ۽ مصحح ڪي من ڪئي وڏي تعداد يعا .

ڪاڻ نفع مومنن جي، جي طالب دين جا .

ترجمو ڪيائون صحيح موافق اصل جي جو مفتاح الصلوٰة .

مٿئين ڪيل پڙهڻ فقري مان واضح شئي ٿو ته مفتاح الصلوٰة جو سنڌي ترجمو مخدوم حاجي عبدالصمد سنه ۱۲۸۸ھ/۱۸۷۱ع ۾ مڪمل ڪري هيڏ يوهو. پر جناب قاضي عبدالرحيم صاحب طرفان ان جي تصحيح ۽ مزيد وقت ورتو ويو. اصل ڪتاب کان زائد اضافا جي ترجمي ۾ موجود آهن سي به قاضي عبدالرحيم جا شامل ڪيل آهن. مفتاح الصلوٰة

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 413

پر آيل ڪجھ مسائل جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

ڪتاب مفتاح الصلوٰة جا مسائل ياد ڪرڻ لاءِ سنڌي بيٽن جو آسان طريقو.

مفتاح الصلوٰة ۾ فقه جي عالمن جو هڪ خاص طريقو مسائل ياد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن موجب الف باءِ جي حرفن مان ڪي خاص لفظ جوڙي، ڪنهن مخصوص مقصد کي واضح ڪيو ويندو آهي جنهن سبب مذڪور مطلب آسانيءَ سان ياد رهي سگهندو آهي. مثلاً: عالمن فرمايا ته فقهي مسئلي ۾ امام اعظمؒ ۽ صاحبين جي راءِ ظاهر ڪرڻ لاءِ حروف تهجي مان ڪي لفظ ٺاهيا ويا آهن جن سان خاص مطلب جو اظهار ٿئي ٿو. **انهيءَ مثال** تي واري شخص جو ڪو هڪ گهڙڻ وارو مسئلو آهي. هن مسئلي ۾ امام اعظمؒ جي راءِ آهي ته اڌ شخص ۽ پاڻي ٻئي پليت آهن. امام ابو يوسفؒ فرمائي ٿو ته ٻئي پهنجي حال تي رهندا يعني شخص پليت ۽ پاڻي پاڪ. ۽ امام محمدؒ جو قول آهي ته اڌ شخص ۽ پاڻي ٻئي پاڪ آهن. هن راءِ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ حروف تهجي مان لفظ 'جمط' ٺاهيو ويو جنهن جي، 'ج' مان مراد نجاست آهي جا امام اعظمؒ جي راءِ طرف اشارو ڪري ٿي. 'م' جو مقصد حال آهي جو امام ابو يوسفؒ جو قول واضح ڪري ٿو ۽ 'ط' مان مراد آهي طهارت. جا امام محمدؒ جو مقصد واضح ڪري ٿي. اهڙي طرح ٻنهي امامن جي راءِ هڪ ئي لفظ ذريعي سان ظاهر ڪري سگهجي ٿي. هن طريقي موجب مفتاح الصلوٰة جو مصنف، جن سنڌي بيٽن ذريعي آسانيءَ سان ياد ڪيو سمجهي سگهجي ٿو سي هي آهن:

فرائض نه جائڻ ته ٽئي منجهه قَلَقَ - اُجْحِبِن نُوَقِّ ثُقِّ رَسَقَ،
جي واجب نه جائڻ ته ٽيهن منجهه خَطَرَ - فُضَتْ ثُقَتْ لُقَتْ جَسَرَ،
جي سنت ٿون جائڻ ته ٽيهن پيشوا - رُوَتْ بُتَتْ ثُبَتْ دَرَا،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 414

شين بيتن جي بي، چوٿين ۽ ڇهين ست ۾ نماز جي فرضن، واجبن ۽ سنتن جو تعداد ٻڌائي ويو آهي تو- جن جي وضاحت هيٺ ڏجي ٿي .

فرض: اُجَبِّس جي الف مان مقصد انگڙا يعني بدن جا عضوا ياسمورو جسم پاڪ ڪرڻ، ڦهرين 'ج' مان مراد جامه يعني ڪپڑا پاڪ ڪرڻ، ٻئي 'ج' جي معنيٰ جاءِ پاڪ ڪرڻ ۽ 'س' جو مقصد آهي ستر ڍڪڻ . نُوَيِّ جوڙن' نيت ڪرڻ لاءِ 'و' وقت سيجاڻڻ لاءِ ۽ 'ق' قبلي سيجاڻڻ لاءِ آيل آهن . لُقَقِّ ۾ 'ت' تڪبير اولیٰ ڏانهن، ڦهرين 'ق' قيام ڪرڻ ڏانهن ۽ پوئين 'ق' قراءة پڙهڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا . رَسَقَّ جي 'ر' رڪوع ڪرڻ ڏيکاري ٿي، 'س' سجدو ڪرڻ ۽ 'ق' قعده آخري ۾ ويهڻ .

واجب: فُضَتِّ ۾ 'ف' فاتحه پڙهڻ جي، 'ض' ضم ڪرڻ يعني سورة ڳنڍڻ لاءِ ۽ 'ت' تئين رڪعت جو آيل آهي . لُقَتِّ جي ڦهرين 'ت' تشهد لاءِ، 'ق' ڦهرين قعده لاءِ ۽ پوئين 'ت' نماز جي رڪن ۾ تعديل لاءِ آيل آهي . لُقَتِّ جي 'ل' جي معنيٰ آهي لفظ سلام چوڻ، 'ق' جو مقصد آهي قنوت وتر ۾ پڙهڻ ۽ 'ت' مان مراد آهي تڪبيرون جن سان عيدن جون نماز ۾ 'ج' جهري قراءة، 'س' سر يعني ڇپجهو پڙهڻ ۽ 'ر' رعايت ترتيب جي ڏيکارين ٿا .

سنتون: رُوَتِّ ۾ 'ر' معنيٰ رفع يعني تڪبير وقت هٿ ڪنن تائين، 'و' معنيٰ رفع يعني ساڄو هٿ کاٻي هٿ مٿان ٻڌڻ، 'ث' معنيٰ ثناء پڙهڻ . ثَبَتِّ ۾ 'ت' تعوذ پڙهڻ لاءِ، 'ب' بسم الله چوڻ لاءِ، ۽ پوئين 'ت' تسميح يعني سمع الله چوڻ لاءِ . ثُسَبِّ ۾ ڦهرين 'ت' جو مقصد تڪبير چوڻ، 'س' جي معنيٰ 'سڀ بار' يعني ٽي دفعا تسبيح چوڻ ۽ پوئين 'ت' جو مطلب آهي 'توقف ڪرڻ'، قوم ۾ ۽ جلسي ۾ . دَرَاجو 'د' درود پڙهڻ ڏيکاري ٿو، 'ر' ۾ 'الف' جي معنيٰ آهي اخذ الرڪيڊ يعني

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 415

رکوع يا گوڏا جملڻ.

ان کان پوءِ مفتاح الصلوٰة ۾ بيان هيٺ آيل مسائل مان چند هت ڪجن ٿا.

وضوءَ جا مڪروهه: مفتاح الصلوٰة ۾ وضوءَ جا جوڏهن مڪروهه ڪيل آهن. جن مان ڪي هي آهن. وضو ٻن رطل پاڻيءَ کان زياده پاڻيءَ سان ڪرڻ مڪروهه آهي. وضوءَ ۾ ٽن رطل کان زياده استعمال ڪرڻ اسراف آهي.

رطل جي وضاحت: هڪ رطل جي تور چاليهه تولا آهي هر هڪ تولو بارهن ماسن جو ٿيندو آهي. يعني اڏسير پاڻي. ٻن لٽڪن ۾ وضوءَ ۾ هڪ سير کان زياده پاڻي استعمال ڪرڻ مڪروهه آهي. وضوءَ جا ٻيا مڪروهه هي آهن.

اس ۾ گرم تيل پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ، وضو ڪرڻ وقت آکيون ۽ چپ زور سان بند ڪرڻ، غليظ جاءِ يا ان جاءِ ۾ جتي استنجا يا پيشاب ڪجي تو، وضو سارڻ، ساڄي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ، ڪابي هٿ سان نڪ کي پاڻي ڏيڻ يا گرڙيون ڪرڻ، ٻڌڻ جي لاءِ وضوءَ جو ٿان عليحده يا خاص ڪري رکڻ، جنهن مان ڪنهن ٻئي کي وضو ڪرڻ جي اجازت نه ڏيڻ.

غسل: غسل ۾ فقط هڪ تولو پاڻي استعمال ڪرڻ ڪيئي، جي ان رطل ٽين ٿا. جيڪڏهن ٽن رطلن جو هڪ سير ٿئي ٿو. تنهنڪري ان رطل يا تولي ۾ چار سير پاڻي ٿئي ٿو.

پاڪ ۽ پليت پاڻي: وضوءَ لاءِ پاڪ پاڻي جو حوض شرعي فتويٰ موجب ڏه درده ڏهڙ گهر جي. ڏه درده جي وضاحت هي آهي ته ان حوض جي ديگهه ڏهه گز ۽ ويڪر به ڏهه گز ڏهڙ گهر جي يعني ان جي گل ايراضي هڪ سو چوڙس وال هجي. ٻي ڏکائي ۽ ويڪراڻي ۾ گهٽ وڌ ٽيڙ سان گوهه فرق نه پوندو. گز جي ماپ جو اندازو گهڻن عالمن ليکو آهي. ٻي آساڻيءَ خاطر ڪن عالمن هيڏن ٻ چيو آهي ته جيڪو گز جنهن

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 416

هند رائج هجي. اهو انهيءَ هند معتبر آهي. ۱۰

شين جو پاڪ ڪرڻ: هن باب ۾ مختلف شين کي پاڪ ڪرڻ جا شرعي طريقا تڪميل آهن پر جا ٽاڻيل آهي تہ هي مسئلا اصل ڪتاب مان زيادہ تڪيا ويا آهن جي مخدوم محمد هاشمؒ جي تصنيف "فرائض الاسلام" مان ورتا ويا آهن. "هن سلسلي ۾ تفصيلي مسائل خود ڪتاب مان پڙهي سگهجن ٿا، پر "فرائض الاسلام" مان ڪي مثال هن مقالي ۾ ڏيڻ تڪيا ويا آهن. جي انان ڏسي سگهجن ٿا." بهرحال ڪجهہ خاص مسئلا هت ۾ درج ڪجن ٿا.

سوئر جا دار پاڪ نہ آهن ۽ ڪم نہ آڻڻ گهرجن، پر جنهي کي اهڙو احتياج پيش آهي جو انهن جي استعمال کان سواءِ سري نہ سگهندي تہ انهن کي ڏيڻ جي ڪسب ۽ ڪم لاءِ شرعي اجازت آهي. جهڙوڪ: موچي، سونارا، ڪٽي وغيره. ۱۳

فرائض الاسلام ۾ اُن جي پوٽڙن ۽ ردي ۽ ڪري ۽ جي پوٽڙين مان اُن کي ڏي ان کي پاڪ ڪرڻ جو شرعي طريقو بڌايل آهي ۽ جا ٽاڻيل آهي تہ اهڙي طرح حاصل ڪيل اُن کائڻ جائز آهي. مفتاح الصلوٰة ۾ سنڌي دماڪت ڪيل آهي تہ چيٽي ۽ لڏ مان لڏل ان کي ڏيڻ سان پاڪ نہ ٿيندا ۽ نہ ئي ڪري کائڻ جائز نہ آهي. ۱۴

نماز جي نيت ڪرڻ نماز جي نيت ۾ لفظ "نويت" چوڻ درست ناهي. جاڪاڻ تہ ان جي معنيٰ آهي "نيت ڪيم" ۽ نہ "نيت ڪريان ٿو". نيت ڪيم ڪنهن ڪم جي ڪرڻ کان پوءِ زبان تي آڻڻ جي ڪنهن ڪري صحيح نہ آهي. لفظ "نويت" عوام ۾ گهڻو مشهور آهي پر ان لاءِ نہ ڪي حديث جو ڪو دليل آهي ۽ نہ ئي فقه جو. ۱۵

نماز جو وقت سڃاڻڻ "مفتاح الصلوٰة" فارسي ۾ جيڪو اصل پاڻي جو ذڪر آيل آهي، تنهن باب جو سنڌي ترجمو پر چيل آهي تہ اهو سنڌ جي سان موافق نہ آهي جاڪاڻ تہ اهو برهان پور جي موسمي حالتن مطابق تحقيق

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 417

ڪري ٿڪيو ويو آهي. تفڪري هن ترجمي ۾ سندس جي حالتن مطابق مخدوم محمد هاشم جي ڪيل تحقيق ٿڪي وئي آهي. جنهن جو تفصيلي احوال هن مقالي ۾ آڻيئي اڳي ڇڪو آهي. [16]

زلة القاري: قرأة جا اهي مسئلا جي بين علمن جي مدد سان سمجهجن ٿا جهڙوڪ: علم قرأة، صرف نحو وغيره، سي هن سنڌي ۾ نه آندا ويا آهن. جا ڪاڻ نه سنڌ وارن کي جيڪي فقط سنڌي جاڻن ٿا، هنن مسئلن سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. هن سلسلي ۾ هڪ خاص مسئلو هي ٿڪيو ويو آهي ته قرأة ڪندي اعراب جي هيرڦير سبب نماز نه ٿيندي. جيتوڻيڪ معنيٰ ۾ ڪا فيرگهير نه ٿي وڃي. ۽ جي معنيٰ ۾ ايڏي قدر تغير پيدا ٿيندو جو ڪفر جو انديشو ٿي پوي ته ان حالت ۾ نماز ٿيندي. [17]

سلام: نماز ختم ٿيڻ وقت سلام جو لفظ ڇوڙ واجب آهي ۽ حنفي مذهب جو ٻڌڻ هن طرح سان فيرائڻ وقت "السلام عليڪم ورحمة الله" ڇوڙ سنت آهي، "عليڪم السلام" ڇوڙ مڪروه ۽ "وبرڪاته" بدعت آهي پر ان کي مباح ڪن ٿا. سلام جي سنت سنت آهي ۽ ڪن مستحب ٿڪي آهي. [18]

عيدن جون تڪبيرون: عيدين ۾ تڪبير تحريم ٻڌڻ وقت ثنا پڙهجي. ٽن تڪبرن هڻڻ وقت هٿ ڪليا رکڻ ۽ هر دفعي ٽن تسبيحن پڙهڻ جيترو وقت توقف ڪبو آهي ڪن جي راءِ آهي ته جي گهٽا ماڻهو هوندا ته ايترو توقف ڪرڻ مستحب آهي. جي ماڻهو گهٽ آهن ته ايترو توقف ضروري نه آهي. [19]

قرأة ۾ آواز جي حد: جهري نمازن ۾ جيڪڏهن امام ضرورت کان زيادهه ٻڌجو آواز بلند ڪيو ته ان جي فضيلت جو ترڪ ڪيائين. هتي ضمناً طلاق جو مسئلو به آندو ويو آهي ته جيڪڏهن عورت کي طلاق اهڙن لفظن ۾ ڏني وئي جنهن شريعت موجب جهري چئي نه توسگهجي ته اها طلاق نه پوندي. جهري جي حد هي آهي ته جيئن کي ٻڌو به اهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 418

لفظ بڌي سگهي. ٢٠

ترتيب : مفتاح الصلوٰة ۾ نماز جي ترتيب بابت گهڻ مثال ڏنا ويا آهن جن مان گهڻ ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن سان پهرين رڪعت مان هڪ سجدو رهجي ويو ۽ ان پٺيان رڪعت ۾ ٻئي سجدا ڏنا ته ان جي نماز فاسد نه ٿي پر مٿس سهوَ جو سجدو لازم ٿيندو ۽ هڪ رڪعت جي رڪن جي ترتيب جي رعايت جي تقاضا هي آهي ته ان رڪعت ۾ رهجي ويل رڪن انهيءَ ئي رڪعت ۾ مونائي پڙهجن. مثلاً: جنهن امام سان آڳ رڪوع ڪيو يا رڪوع سان آڳ سجدو ڪيو ته ان تي فرض آهي ته وري امام ڪري ۽ پوءِ وڃي رڪوع ڪري ۽ جي امام ڪيو اٿس پر رڪوع رهجي ويو اٿس ته رڪوع ڪري پوءِ سجدي ۾ وڃي ته ان جي نماز درست ٿيندي پر سهوَ جا سجدا اٿس لازم ٿيندا. ترتيب جي ترڪ سبب نماز ۾ جيڪا زيادتي ٿيندي سا جيڪڏهن هڪ رڪعت سان لڳت آهي ته ان جو ڪو هرج ڪونهي. پر جي هڪ پوري رڪعت زيادهه ٿي ته اها نماز پڄي پوندي. ٢١

سهوَ : جڏن رڪعتن نمازن جيڪڏهن پويون قعدو ۽ سڀري ويو ۽ نماز ۾ اڃي بيٺو ته پنجين رڪعت ۾ جيئن سجدا ڪيو اٿس تيئن هيءَ ئي قعدو ۽ سلام ويهڻ درست آهي. پر اهڙي صورت ۾ سهو جو سجدو ڏيڻ لازم آهي. ۽ جي پنجين رڪعت جو پهرين سجدو ڏنائين ته اهو فرض باطل ٿيو. ٻي رڪعتون فرض ۾ چوٿين رڪعت پڙهڻ جو به اهڙو ئي حڪم آهي. چوٿين ۽ پنجين رڪعت سان پوءِ جيڪڏهن ڇهين رڪعت به پڙهي ويئي ۽ ان ۾ آخري قعدو ويهڻ سان پوءِ سهوَ جا سجدا ڏيئي سلام ڦيرايو ويو ته فرض صحيح ٿيندو ۽ زيادهه پڙهيل ٻه رڪعتون نفل ۾ داخل ٿيندا ويون. ٢٢

ثناء : ثناء پڙهڻ سنت آهي. اٽنڪ وجهت پڙهڻ امام اعظم جي راءِ موجب سنت نه آهي پر امام ابو يوسف جي سنت سڏايو آهي. ثناء سان پوءِ پڙهجي. جيڪو رڪوع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 419

ٻيو تنهنجي ٻي رکوع جي فوت ٿيڻ جو خوف نه آهي ته رکوع ۾ ثناء پڙهندو پر جي امڙوانده ٿيندو ته ثناء پڙهڻ ان تان ساقط ٿي.[۲۳]

رکوع ۾ دير ڪرڻ: جيڪڏهن ڪنهن امام ڪنهن مقتدي جي اچڻ لاءِ رکوع ۾ ڪجهه دير ڪئي ۽ سندس اها رعايت ڪرڻ ڏيڻ جي حڪم سبب آهي ته ان جي نه فقط منع آهي بلڪ ڪمر جو خوف آهي. پر جي اها رعايت الله ڪارڻ آهي ته نه فقط جائز آهي پر ان ۾ ثواب به آهي.[۲۴]

تسميع: سمع الله لمن حمده رکوع مان ٻئي ڏيڻ وقت چوڻ سنت آهي. امام فقط سمع الله لمن حمده ٻئي اٿندو ۽ پوءِ امام اعظم رحمه الله جي روايت موجب ان کان پوءِ لڪ الحمد به چوندو. امام محمد رحمه الله ۽ امام ابو يوسف به ان سان شامل راءِ آهن. پوءِ سمع الله لمن حمده وڏي آواز سان چوندو ۽ ربنا لڪ الحمد آهستي. منفرد لاءِ به سڀني جي اتفاق سان اختلاف آهي. پر صحيح قول آهي ته ٻئي چوڻ منفرد لاءِ به بهتر آهي.[۲۵]

قومي ۾ جلسي ۾ توقف ڪرڻ: قومي ۽ جلسي ۾ توقف ڪرڻ سنت آهي. قومي ۽ جلسي ۾ ڪجهه پڙهڻ ۽ سڀ طريقن ۾ پوئين امام احمد بن حنبل جي مذهب ۾ فرض آهي پر حنفي مذهب موجب جلسي ۾ اللهم اغفرلي چوڻ مستحب آهي.[۲۶]

قعدي ۾ درود پڙهڻ: پوئين قعدي ۾ درود پڙهڻ سنت آهي. هڪ مسلمان لکي سڄي زندگي ۾ ڪڏهن ۾ ڪڏهن هڪ دفعو صلوٰة سڳوري پڙهڻ فرض آهي. حنفي مذهب جي عالمن جي راءِ آهي ته جڏهن حضور نرمل ٻئي جو نالو مبارڪ ڪو شخص ڪنهن ٻڌي جي واتان ٻڌي يا پاڻ ڏني ته صلوٰة پڙهڻ واجب آهي ۽ ان جو تارڪ فاسق آهي. هڪ ئي مجلس ۾ پاڻ سڳورن جو نالو هڪ ڪان زيادهه دفعا ٻڌڻ يا ڏيڻ سبب هڪ دفعو درود پڙهڻ واجب ۽ هر دفعي پڙهڻ مستحب آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 420

بهرحال کن عالمن هر دفعي درود پڑهڻ واجب ٿيو آهي. ۲۷

درود شريف ڪان پوءِ دعا پڙهڻ ٻنهن جي پوئين مقتدي ۽ درود ڪانپوءِ دعا پڙهڻ جي سلسلي ۾ هڪ مسئلو هن طرح ٿيو ويو آهي. ته جنهن شخص نماز پڙهي، ۽ بين مسلمانن ۽ مسلمات لاءِ خير جي دعا نه گهري ته ان جي نماز ناقص ٿي. ۲۸

آمين چوڻ : جڏهن امام قراءة ڪجهي پڙهي تو ٻڌڻ مقتدي ۽ ٻڌي آمين چوڻ سنت نه آهي. ۲۹

مفتاح الصلوٰة جي اصل ڪان مترجم جو ڪيل اضافو مترجم چاڻائي ٿو ته اصل فارسي ڪتاب مفتاح الصلوٰة ۾ جيڪي مسائل ذڪر هئا ۽ جن بابت مٿي ذڪر ڪيل ٿي بيت آيل آهن سي هت ختم ٿيا. پر ڪي ضروري مسائل رهجي ويا آهن جي مترجم هن ڪتابن ۾ پاڻ داخل ڪيا آهن. مترجم جا سندس لفظ هيٺ نقل ڪجن ٿا.

ته جيڪي ٽي بيتن ۾ فرض واجب سنتون هيون مذڪورا .
جن ٿي جوڙجيندڙ ضروري مسئلن جي هٿي ڪئي ڪفايتا .
سي مڙئي هون هنيان سمند آهن ڪي ڪيا پڌرا .
بيا پڻ سنتون ۽ مستحب ڪٿا آهن ڪتابن ڪيا .
تورٽي ڪفاية المومنين ۽ عيون المسائل ڪي بيا .
سي هاڻي هن پاڻ ۾ ڪي ڪريان مڙئي لاءِ پڌرا .
۽ پڻ ملاحظو ٿيم هن پاڻ ۾ سندن ڪرار مسئلا .
نه ٿورائي شي سمنديئن کوٽي فائدو حاصلا . ۳۰

تنهنڪري هن زائد مسائل مان به ڪجهه انتخاب هت پيش ڪجي ٿو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 421

قيام جامكروھ: ثناء وڏي آوازسان پڑھڻ، اُنی وجھت مُشرکين لفظ تائين پڑھڻ نماز جي نيت ۽ تڪبير تحريم جي وچ ۾. پرينت ڪان اڳ ان جو پڑھڻ مکروھ نہ آھي. قيام ۾ پير ملائي بيھڻ يا جُٹن آڱرين ڪان ڪشاد و ڪرڻ پڻ مکروھ آھي. ۳۱

قرأة جامكروھ: قرأة پڑھڻ وقت جيڪڏھن اُباسي اچي ڇاڪيڙي ياھت سان دفع ڪجي تہ ڪراھت تحريم آھي. اُباسيءَ کي چپ ڏنڊن ۾ جھلي دفع ڪرڻ نہ فقط قرأة وقت پر سموري نماز ۾ مستحب آھي.

ھڪڙي رڪعت ۾ ھڪ سورة پڑھڻ ۽ ان ڪان پوءِ واري سورة ڇڏي، ٽئن سورة پئي رڪعت ۾ پڑھڻ مکروھ آھي. پر جي ڇئين سورة پھرين سورة ڪان ڏگھي آھي تہ پوءِ نماز مکروھ نہ ٿيندي ڇاڪاڻ تہ ڏگھي سورة کي ٻن ننڍين سورتن جو حڪم آھي.

جڏھن امام قرأة ۾ اٽڪي پوي ان ڪان اڳ قرأة جو واجب مقدار پڑھي چڪو آھي تہ ان کي ڪنھن جماعتيءَ طرفان حرف ملڻ جي انتظار ۾ قرأة نہ ڪرڻ گھرجي پلڪ ڀڪ رڪوع ڪرڻ گھجي. اھڙي حالت ۾ رڪوع نہ ڪيائين تہ مکروھ آھي.

Gul Hayat Institute

ھڪ رڪعت ۾ ھڪ سورة جو آخري حصو پڑھي، پئي رڪعت ۾ ڪنھن پئي سورة جو آخري حصو پڑھڻ کي ڪتاب ڪنزالدقائق ۾ مکروھ تحريمي لکوويو آھي. پر صحيح روايت موجب جيتوڻيڪ مکروھ نہ آھي تہ بہ ان ۾ فضيلت جو ترڪ آھي. سورة البينہ ڪان پوءِ وارين سورتون ننڍين سورتن ۾ شمار آھن. اھڙين سورتن کي ڪنھن جي ٻن رڪعتن ۾ ورھائي پڑھڻ مکروھ آھي پر نفل ۾ ڪو حرج نہ آھي. ۳۲

رڪوع جامسائل: رڪوع جي مسائل مان ھڪ خاص مسئلو ھي ٻڌايو ويو آھي تہ رڪوع جي تسبيح ۾ جيڪڏھن عظيم جي ظ پڑھڻ ۾ ڪنھن کي آسامي نہ ٿئي تہ ان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 422

۲۳ بدران کریم پڑھڻ درست آهي. هن مسئلي جو ذکر ابوالحسن[۲] جي سنڌي جو
بيان کندي هن مقالي ۾ آڻيئي ٿکجي ڇڪو[۳] آهي.

سجدي جا مکروهه

۲۴ هن کتاب ۾ سجدي ۾ آڻڻ پورڻ مکروهه ڪيو ويو آهي پر
کتاب نجرالرائق ۾ جاڻايو ويو آهي ته دل جي حضور حاصل ڪرڻ ۾
آڻڻ جو پورڻ جيڪڏهن معاون ثابت ٿئي ته مکروهه نه آهي بلڪ درست[۳۵] مطلق آهي[۳۶]

قعدي جون سنتون ۽ مستحب

۲۵ کتاب عيون المسائل ۽ کتاب کيدانيءَ ۾ آيل آهي ته
التحيات ۾ آڱر سان اشارو ڪرڻ مکروهه آهي. پر حنفي
مذهب جي عالمن جي متفق فتويٰ آهي ته هي اشارو ڪرڻ سنت آهي.[۳۶] مسئلي
۲۶ مذڪور جو ڪجهه بيان هن مقالي ۾ آڻيو ويو آهي.[۳۷]

التحيات جو فضيلت

۲۷ التحيات ۾ شهادت جي ڪلمي جي متن ۾ وحدهٗ لاشريڪ
لهٗ جا الفاظ شامل ڪيل نه آهن. ان جا به سبب آهن هڪ ته
التحيات ۾ آڱر سان جو اشارو ڪيو ٿو وڃي سو شيطان لڪي لوهه جي تير مثل آهي تنهن
ڪري مذڪور لفظن بدران اهو اشارو ئي ڪافي آهي. ٻيو ته مذڪور ڪلمي جا الفاظ
معراج جي رات ملڻ ادا ڪيا هئا ۽ جيئن ته اهي لفظ ۾ شرڪ جو ڪو ذرو شبهه يا شائبهه
به موجود نه هو تنهنڪري انهن لفظن جوڙ جو ضرورت نٿو. معراج جي رات حضور نبي
ڪريم[۳] کي الله تبارڪ وتعالىٰ طرفان خطاب ٿيو ته اي نبي[۳] محبوب سڀني جي ڪا
ثنا ڪريو. تڏهن آنحضور[۳] التحيات لله والصلوٰت والطيبات چيو. تڏهن الله جل شانهٗ
السلام عليك ايها النبي ورحمة الله وبركاتهٗ چيو. حضور جن[۲] وري فرمايو السلام علينا
وعلىٰ عباد الله الصالحين. تنهن تي الله جي ملائڪن چيو اشهد ان لا اله الا الله
واشهد ان محمدا عبدهٗ ورسوله..

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي شبهه ٿئي ته جناب حضرت حبيب رب[۲] جي معراج

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 423

جي رات سلام ۾ پنهنجي امت جي صالحن کي نه ياد فرمايو، پرويچارن عاصين کي ياد نه ڪيائون نه ان جي جواب ۾ بزرگن جو چوڻ آهي نه حضرت جن ڪمال شفقت سان عاصين کي لفظ "علينا" ۾ داخل ڪرڻ فرمايو آهي. ۳۸

نماز جي جاءِ جا مڪروهه

جن جاين تي نماز پڙهڻ مڪروهه آهي سي هي آهن. غصب ڪيل زمين ۾، غصب ڪيل مصلو، قبرستان ۾، جنهن جاءِ تي بن شخصن جي دعوىٰ آهي پر ڪنهن جي حق ۾ اڃا فيصلو نه ٿيو آهي ۾، بنا عذر مسجد جي چت تي ۾، جنهن جاءِ ۾ پليتي پيل آهي ۽ ان جي چت تي ۾، جنهن جاءِ ۾ دهليءَ سان جن ٽڪر، جنهن گهر ۾ ڪتو، چوپڙ يا شطرنج آهن ۾، جنهن جاءِ ۾ نقش رکيل آهن ۽ اونڌهه واري جاءِ. ۳۹

نماز لاءِ ڪپڙي جا مڪروهات

ڪپڙي جي متعلق ڪيترائن ڳالهين مفتاح الصلوٰة ۾ آندلون ويون آهن جي نماز جي ڪراهت جو سبب ٿين ٿيون. جن مان ٽورليون هي آهن. نئون ڪپڙو موجود هوندي پراڻو ڪپڙو پائي نماز پڙهڻ ۾، عمدن ڪپڙن هوندي سادن ڪپڙن سان نماز پڙهڻ ۾، دستار هوندي توپي سان نماز پڙهڻ ۾، ازار هوندي فقط پيرهن ۾ نماز پڙهڻ ۽ پيرهن هوندي ازار ۾ نماز پڙهڻ ۽ فارسي ڪپڙي هوندي هندي ڪپڙي ۾ نماز پڙهڻ. ۴۰

نماز جاءِ مشترڪ مڪروهه

اجورو ڏني نماز پڙهڻ يا پڙهائڻ ۾، نماز ۾ سرود طرف ڪنڌ ڪرڻ ۾، مائي ڪاءِ بنا گهٽي ڪرڻ جي نماز ۾ بيهڻ ۾، طعام موجود هوندي ڪ سان نماز ۾ بيهڻ ۾، امام پٽيان هڪڙو جماعتي ڏاڙهي بيهڻ يا مفسدن جداڻي بيهڻ ۽ پر نماز ۾ نانگ ۽ پٽون مارڻ مڪروهه ناهي. ۴۱

صفت نماز جي بيان ۾

فرض نماز جي ٽين رڪعت ۾ فاتحه بدران مان ڪري بيهڻ يا تسبيح پڙهڻ يا فاتحه مان ڏوڻ تسبيح پڙهڻ جائز آهي. فرض

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 424

نماز سا پنوءِ مهمات لاءِ فاتحه پڑهڻ بدعت سوءِ آهي. پر سنت سمان پوءِ فاتحه بدعت احسن آهي. ۴۲

جماعت: مسجد ۾ مردن سان گڏ جوان عورتن کي نماز پڑهڻ درست ناهي پوڙهيون عورتون بنا نيت ڪرڻ جي مردن سان باجماعت نماز ادا ڪري سگهن ٿيون يا انهن کي به ظهر ۽ عصر نمازن ۾ اڇڻ درست نه آهي. ۴۳

جمعي نماز جا شرط ڪنهن به مسجد ۾ جمعي نماز قائم ڪرڻ لاءِ مسجد جي اذاڻ وقت ئي مسلمان سلطان يا ان جي نائب يا شهر جي قاضيءَ کان اجازت وٺڻ ضروري آهي. ٻن خطبن جي ٻڌڻ جي حالت ۾ مسجد جي ٻاهر ٻڌڻ جي حق آهي ته به ڪنهن به هنڌ کي خطيب مقرر ڪري. جمعي جي نماز جي نيت ۾ لفظ "نوٽ" ڪليل آهي. جڏهن ته من ڪان اڳ نماز جي نيت ۾ هي لفظ آڻڻ هن ئي ڪتاب ۾ منع ڪيل آهي. ۴۴ جمعي جي سنت لاءِ جو علحده جاءِ ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ ڪليل آهي ته اها بدعت آهي، حاجاج بن يوسف ثقفي جي زماني ۾ جاري ٿي. پر هي بدعت حسن آهي جا ڪاڻ ته صحابن ۽ مجتهدن ان جو انڪار نه ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ مولوي هدايت الله سنبلياروي جو چوڻ آهي ته هي بدعت بني اميه جي دل آهي، تنهنڪري ان تي عمل نه ڪرڻ گهرجي. ۴۵ مولانا عبدالغفور هماياني جي راءِ آهي ته سنت نماز پڙهڻ لاءِ اهڙو اعلان بدعت سوءِ آهي. پر فرض نماز لاءِ جماعت کي حاضر ڪرڻ لاءِ چوڻ جائز بنا ڪراهت جي آهي. ۴۶

جمعي جي ڏينهن ماڻهن کي لتاڙي اڳين صفن ۾ وڃڻ جي سخت منع آهي لتاڙڻ جو مقصد آهي ماڻهن جا جسم يا ڪپڑا لتاڙڻ. پر جيڪڏهن اڳتي وڃڻ ۾ ڪنهڪي کي به تڪليف نه ٿي پهچي ته ڪو به گناهه نه آهي. مسلمان کي ايذاء رسائڻ قتل جهڙو گناهه آهي. ۴۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 425

مسافر جي نماز: ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته سفر ۾ سنت نماز معاف آهي
پر صحيح قول هي آهي ته سفر ۾ ان وطن موٽي اچڻ ساڻ پوءِ سنتون پڙهيون ويون
جيئن سفر ۾ آهي تيئن حضر ۾ نماز جي سنت ڪن سواءِ بين نمازن جون سنتون
به پڙهيون. مسافر جيڪڏهن چاٽي واٽي سفر ۾ چار رڪعتون فرض
پڙهندو ته گنهگار ٿيندو، پر سندس نماز درست ٿيندي جنهن ۾ ٻه رڪعتون
فرض ۽ ٻه رڪعتون نفل ٿيڪيون. امام مسافر پٺيان جيڪڏهن مقيم چار رڪعتون
فرض پڙهيو ته پويون ٻه رڪعتون امام جي سلام ورائڻ ساڻ پوءِ پاڻ ڏار پڙهندو.
۽ ان ۾ ڪا به قرأة نه ڪندو. هن ٻن رڪعتن ۾ جيڪڏهن ڪا سهو پيس ته
سهو جا سجدا نه ڏيندو. ۴۸

نماز ۾ وضو ٽپڻ: نماز ۾ جيڪڏهن وضو ٽپي ته نئون وضو ڪري ساڳي
نماز پڙهي پوري ڪري سا نماز درست ٿيندي. پر جيئن ته ان جي سڃي
مشڪل جي پوري بجا آوري ڪرڻ ڏکي آهي، تنهنڪري بهتر آهي ته اها نماز
ڇڏي، نئين سر نماز ادا ڪجي. ۴۹

تجزيو: ڪتاب مفتاح الصلوٰة يا سنڌي ڪتاب مفتاح الصلوٰة جو سنڌي ترجمو آهي.
پر هن ڪتاب جي فقهي اهميت اصل ڪتاب ڪان هن ڪري زياده آهي جو مترجم مخدوم عبدالصمد
اصل ڪان ڪيترائن ئي مسئلن جو سنجمس اضافو ڪيو آهي. ان ڪان سواءِ جناب قاضي عبدالرحيم
صاحب کي ڪل نظر ثاني سندس اهميت ۾ مزيد واڌارو ڪيو آهي. ڪتاب منظوم سنڌي ۾
ڪيل آهي پر بولي ڪجهه قديم ٿي آهي جنهن سبب موجوده دور جي سنڌي خواندڙ ماڻهن
کي به هن ڪتاب جي مطالعي ڪرڻ ۾ مطلب سمجهڻ ۾ زياده دشواري ٿي ٿي ويندي،
جنهنڪري هن ترجمي جي اصل فارسي ڪتاب ڪان افاديت به زياده آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 426

كتاب مفتاح الصلوٰة سندي هم جن كتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن تن جا نالا .

۱. اساس المصلي ص ۱۶۶

۲. بحرالرائق ص ۹ ص ۱۰ ص ۱۴ کان ص ۲۶، ص ۳۶ ص ۴۳ ص ۶۷ کان ص ۷۱ ص ۷۴ ص ۷۳ ص ۷۵ ص ۷۷ ص ۷۸ کان ص ۸۲ ص ۸۴ ص ۸۷ ص ۸۸ ص ۹۰ ص ۹۱ ص ۱۰۰ ص ۱۰۱ ص ۱۰۴ ص ۱۰۶ ص ۱۰۷ ص ۱۰۹ کان ص ۱۱۱ ص ۱۱۳ کان ص ۱۲۰ ص ۱۲۲ ص ۱۲۴ ص ۱۲۵ ص ۱۳۰ ص ۱۳۱ ص ۱۳۳ کان ۱۳۸ ص ۱۴۳ ص ۱۴۴ ص ۱۴۷ ص ۱۵۱ ص ۱۵۲ ص ۱۵۵ ص ۱۷۱ ص ۱۷۶ کان ص ۱۷۸ ص ۱۷۰ ص ۱۷۲ ص ۱۷۵ کان ص ۱۷۷ ص ۱۸۰ کان ص ۱۸۴ ص ۱۸۷ ص ۱۸۸ ص ۱۹۷ ص ۲۰۳ ص ۲۰۵ ص ۲۰۶ ص ۲۰۸ ص ۲۱۱ ص ۲۱۲ ص ۲۱۴ ص ۲۱۵ ص ۲۲۸ ص ۲۲۹ ص ۲۵۰ ص ۲۵۱ ص ۲۵۳ کان ص ۲۵۸

۳. بحرالذخار ص ۱۲۸ ص ۲۲۷ ص ۲۴۴

۴. بدايع ص ۱۸ ص ۷۰ ص ۱۲۲ ص ۱۲۳ ص ۱۲۷ ص ۱۲۸ ص ۱۵۱ ص ۱۹۷ ص ۲۱۴ ص ۲۲۹ ص ۲۴۵ ص ۲۵۱ ص ۲۵۸

۵. بيا من مخدوم محمد هاشم ص ۵۳

۶. تبين ص ۵۸

۷. تجنيس ص ۱۱۸

۸. ترغيب الصلوٰة ص ۲۳۴ ص ۲۵۹

۹. تفسير بيضاوي ص ۹۳

۱۰. جامع ترمذي ص ۱۴۰ ص ۱۴۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 427

۱۱. جامع ترمذی — ص ۱۳۸

۱۲. جامع الرموز — ص ۲۵۸

۱۳. جامع صغیر — ص ۱۵۱

۱۴. جمع الجوامع — ص ۱۱ ص ۱۳

۱۵. جواهر الفتاوی — ص ۷۵

۱۶. جواهر النیر — ص ۲۳۲

۱۷. حلبی — ص ۷۷

۱۸. حاشیہ درمختار — ص ۶۸

۱۹. حصن الحصین — ص ۱۰۴

۲۰. خزانۃ الروایت — ص ۷۸ ص ۱۰۹ ص ۱۳۷ ص ۱۵۵ ص ۲۱۵

۲۱. خلاصہ — ص ۷۷ ص ۸۲ ص ۹۲ ص ۱۰۴ ص ۱۰۹ ص ۱۱۰ ص ۱۱۵ ص ۱۲۲ ص ۱۲۷ ص ۱۵۱ ص ۱۵۳ ص ۱۷۶ ص ۱۸۷ ص ۱۹۷ ص ۲۴۷ ص ۲۵۰ ص ۲۵۸ .

۲۲. دار قطنی — ص ۱۰۵

۲۳. درمختار — ص ۴۴ ص ۴۵ ص ۱۴۷ ص ۱۹۴ ص ۲۱۳ ص ۲۳۴ ص ۲۳۵ ص ۲۳۶

ص ۲۴۸

۲۴. ذخیرۃ العقبی — ص ۲۰۶ ص ۲۲۶ ص ۲۴۰

۲۵. روضۃ العلماء — ص ۷۸

۲۶. زیلعی — ص ۲۵۸

۲۷. زینت القاری — ص ۲۵۵

۲۸. سراج الوہاج — ص ۸ ص ۱۰۸ ص ۲۰۱ ص ۲۳۱

۲۹. سنن ابن ماجہ — ص ۱۴۰ ص ۱۷۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 428

۳۰. سنن ابوداؤد — ص ۱۴۰ ص ۱۷۸

۳۱. شامي — ص ۴۹ ص ۶۸ ص ۸۲

۳۲. شرح الارشاد — ص ۲۳۴

۳۳. شرح المجمع — ص ۶۱

۳۴. شرح منية المصلي — ص ۴۷ ص ۸۲ ص ۸۵ ص ۱۰۱ ص ۱۰۴ ص ۲۰۳ ص ۲۴۸ ص ۲۵۹

۳۵. شرح طحاوي — ص ۱۲۲

۳۶. شرح قدوري — ص ۲۰۲

۳۷. شرح كنز — ص ۲۳۲

۳۸. شرح مختصر وقايه — ص ۲۵۸

۳۹. شرح وقايه — ص ۷۷ ص ۷۹ ص ۱۲۸ ص ۲۴۰

۴۰. صحيح بخاري — ص ۸۵ ص ۱۴۰ ص ۱۴۲

۴۱. صحيح مسلم — ص ۱۳ ص ۸۵ ص ۱۴۰ ص ۱۴۲

۴۲. صحيح نسائي — ص ۱۳ ص ۱۰۴ ص ۱۴۰ ص ۱۴۲

۴۳. صلوٰة مسعودي — ص ۱۳۴

۴۴. طحطاوي — ص ۲۳۳

۴۵. عمدة الفتاوىٰ — ص ۷۱

۴۶. عمل اليوم والليله — ص ۲۱۹ ص ۲۲۱

۴۷. عيون المسائل — ص ۱۰ ص ۵۱ ص ۱۴۳ ص ۱۴۴ ص ۱۴۶ ص ۱۴۷ ص ۱۴۹ ص ۱۵۳ ص ۱۵۵ ص ۱۵۷ ص ۱۷۱ ص ۱۷۳ ص ۱۷۶ ص ۱۷۸ كان ۱۷۰ ص ۱۷۲ ص ۱۷۶ ص ۱۸۲ ص ۱۸۸ ص ۲۵۲ ص ۲۵۴ ص ۲۵۵

۴۸. كافي — ص ۵۸ ص ۸۰ ص ۸۶ ص ۱۳۵ ص ۱۳۶ ص ۱۴۰ ص ۲۲۷ ص ۲۵۰ ص ۲۵۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 429

۴۹. عزالافکار ص ۵۱ ص ۱۸۸

۵۰. فتاویٰ برجندي ص ۳۵ ص ۷۸ ص ۸۰ ص ۸۱ ص ۸۲ ص ۹۰ ص ۹۱ ص ۱۳۸ ص ۱۲۰ ص ۲۴۱

۵۱. فتاویٰ برهنه ص ۲۳۴ ص ۲۳۵ ص ۲۳۶

۵۲. فتاویٰ داؤدي ص ۱۸۵

۵۳. فتاویٰ ذخیري ص ۳۵ ص ۷۸ ص ۸۴ ص ۸۵ ص ۱۰۱ ص ۱۰۴ ص ۱۲۳ ص ۱۲۸

۵۴. فتاویٰ زاهدي ص ۴۲ ص ۱۱۵ ص ۱۳۵

۵۵. فتاویٰ سراجي ص ۲۳۵

۵۶. فتاویٰ صغیري ص ۸۹

۵۷. فتاویٰ صوفیه ص ۱۳۷

۵۸. فتاویٰ ظهیري ص ۸ ص ۸۰ ص ۸۴ ص ۹۲ ص ۱۰۱ ص ۱۱۴ ص ۱۳۴ ص ۱۳۳ ص ۲۲۷ ص ۲۴۹ ص ۲۵۲

۵۹. فتاویٰ عالمگیري ص ۲۳۲

۶۰. فتاویٰ غیاثي ص ۹۱ ص ۱۸۵ ص ۱۸۶ ص ۱۹۸

۶۱. فتاویٰ قاضي خان ص ۳۶ ص ۴۲ ص ۹۲ ص ۹۸ ص ۱۱۳ ص ۱۱۵ ص ۱۸۳ ص ۱۹۶

۶۲. فتاویٰ ولوالجي ص ۸۷ ص ۲۵۸

۶۳. فتح القدیر ص ۷۵ ص ۷۷ ص ۸۴ ص ۸۵ ص ۹۱ ص ۹۳ ص ۹۸ ص ۱۱۲ ص ۱۱۴ ص ۱۱۷ ص ۱۱۹ ص ۱۲۷ ص ۱۵۲ ص ۱۷۱ ص ۱۷۹ ص ۱۸۵ ص ۱۸۹ ص ۱۹۵ ص ۲۱۲ ص ۲۳۰ ص ۲۵۶

۶۴. فتح المذاهب ص ۵۴

۶۵. فتوح الاوراد ص ۱۴۲ ص ۱۹۵

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 430

٦٦. فرائض الاسلام من ٣٧

٦٧. قنيه من ٥٥ من ٩٠ من ١٢٣ من ٢٤٥ من ٢٥١

٦٨. كافي من ٥٨ من ٨٠

٦٩. كشف الاسرار من ٨٦ من ١٢٠

٧٠. كفايت المومنين من ٦ من ١٣ من ١٤٤ من ١٤٦ من ١٤٧ من ١٤٩ من ١٥٣ من ١٥٧
من ١٧١ من ١٧٧ من ١٩٩ من ١٧٦ من ١٧٧ من ١٨٠ من ١٨٨

٧١. كنز الدقائق من ٥٩ من ٦٤ من ١٧٤ من ١٨٥ من ٢٢٢ من ٢٢٥ من ٢٣٦ من ٢٣٧

٧٢. كنز العباد من ٥٣

٧٣. كيداني من ٧٨ من ١٠٧

٧٤. مبسوط من ١٠٦ من ٢٥٩

٧٥. مجتبى من ٥٨ من ١١٤ من ١١٨ من ١٢٠ من ١٤٠ من ٢٠٦ من ٢٠٩ من ٢٤٦
من ٢٥٣

٧٦. محيط من ٦١ من ٨٩ من ٩٢ من ١٠١ من ١٠٤ من ١١٣ من ١١٤ من ١٢٢
من ١٥٣ من ١٨٣ من ١٩٧ من ٢٢٩ من ٢٥٨

٧٧. مشكوة المصابيح من ٢٠٠

٧٨. مضمرات من ١٩٦

٧٩. مطلوب المومنين من ١٦

٨٠. معراج الدرايت من ١٢

٨١. مفاتيح المسائل من ٨٦

٨٢. مفتاح الصلوة من ١٧٠

٨٣. منية المصلي من ١٠ من ٥٨ من ٧٩

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 431

٨٤. نصاب الفقه ص ١٣٤

٨٥. نهايه ص ٣٤ ص ١٨٨

٨٦. هدايه ص ٢٦ ص ٥٨ ص ٨٧ ص ١٠١ ص ١٠٤ ص ١٠٩ ص ١١٣ ص ٢٢٧

٨٧. ينابيع ص ٥٠

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 432

حوالاڳ تعليقات

۱. ڈاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۵ — ص ۲۹

"مخدوم فتح محمدؒ مشهور عالم شيخ عيسيٰ جند اللهؒ جو فرزند هو. هي بزرگ اصل پاٽ شهر جاهڻا جن لڏي وڃي، هندستان ۾ برهان پور ڪي وسايو هو."

(ڈاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ۲۵)

۲. ڈاڪٽر بلوچ : مقدمه مصلح المفتاح ص ۳۳

ڪتاب مفتاح الصلوٰة جو هڪ پيو ترجمو. ان کان پوءِ شيخ مخدوم النور لاڙائيؒ ڪيو هو. (ڈاڪٽر بلوچ: مقدمه مصلح المفتاح ص ۳۰)

۳. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۳

۴. ——— ايضاً ——— ص ۲۶۰

۵. قاضي عبدالرحيمؒ : مفتاح الصلوٰة سندي ص ۲۶۱ ـ ص ۲۶۲

۶. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۲۶۱

مفتاح الصلوٰة جي تصحيح سال ۱۲۹۱ھ/۱۸۷۴ع ۾ ٿي. (مفتاح الصلوٰة ص ۲۶۱)

۷. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۷

ڏسو عڪس هن مقالي جو ص ۷۹۳ مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۵۱۱

۸. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۱۷ — ص ۱۸

۹. ——— ايضاً ——— ص ۱۸

۱۰. ——— ايضاً ——— ص ۳۶

۱۱. ——— ايضاً ——— ص ۳۷

۱۲. ڏسو هن مقالي جو ص ۲۷۹

۱۳. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۴۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 433

سمجهين وجيئو ته سوئر جي وارن مان فيل جي شيون هجڻ ڏندن ۽ ڪپڙن صاف ڪرڻ جا برش وغيرهه
پنهنجي مقصد ۽ نهايت ڪار آمد آهن، انهن جي استعمال ۾ ڪهڙن اجتهادي فيصلي
جي ضرورت آهي ته هڪ مسلمان لاءِ انهن شين جو استعمال ڪرڻ جائز آهن يا نه
جتاڻ ته شبهه آهي ته اهڙيون شيون پاڻ وٽ رکڻ ۽ سندن تجارت ڪرڻ سبب باقي عام طرح وڪامن شيون.

۱۴. محمد هاشم عبدالصمد : مفتاح الصلوة سندي ص ۳۸

۱۵. ـــــ الينا ـــــ ص ۵۸

۱۶. ـــــ الينا ـــــ ص ۶۲ ۽ ڏسو هن مقالي جو ص ۱۲۶ - ص ۱۳۶

۱۷. ـــــ الينا ـــــ ص ۹۲
ص ۱۰۶ ۽ ص ۲۷۱ — من يه ڏسو هن مقالي جو

۱۸. محمد هاشم عبدالصمد : مفتاح الصلوة سندي ص ۱۰۱

۱۹. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۰۶

۲۰. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۰۸ — ص ۱۰۹

۲۱. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۱۰ — ص ۱۱۲

۲۲. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۳۰ ۽ ص ۱۳۱

۲۳. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۳۴

۲۴. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۳۷

۲۵. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۳۸

۲۶. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۳۹

۲۷. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۴۰

۲۸. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۴۲

۲۹. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۴۳

۳۰. ـــــ الينا ـــــ ص ۱۴۴

مفتاح الصلوة جي من سندي ترجمي ۾ قاضي عبدالرحيم به جي اما ڪيا آهن، پر اهي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 434

امانا خود کتاب جي مختلف بابن ۾ داخل ڪيا ويا آهن. جن لاءِ پاڻ فرمائي ٿو "تاڪي ٿيڪ بعضي بابن ۾ ڪي زيادهه نسٽلا". (ڏسو هن مقالي جو ص ۳۸۲) تنهنڪري ڪتاب سان گڏ شامل ڪيل هي امانتي حصو خاص مخدوم عبدالصمدؒ جو ٿيڪل سمجهڻ گهرجي.

۳۱. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۱۴۸ ۽ ص ۱۴۹

۳۲. ——— الينا ——— ص ۱۵۲ – ص ۱۵۷

۳۳. ——— الينا ——— ص ۱۵۸

۳۴. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۰۵ ۽ ۱۰۶

۳۵. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۱۶۷

۳۶. ——— الينا ——— ص ۱۷۰

۳۷. ڏسو هن مقالي جو ص ۱۰۴

۳۸. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۱۷۱ ۽ ص ۱۷۲

۳۹. ——— الينا ——— ص ۱۷۴ – ص ۱۷۸

۴۰. ——— الينا ——— ص ۱۷۹ – ص ۱۸۳

محلوم ٿئي ٿو ته فارسي جيڪي ڪي صنعتي جيڪي ڪي ترجمو ڏيڻ جهڙو ڪو شايد هنڪو فارسي ڪتاب تان ورڌو ويو آهي مقصد شايد سبڪ آهي ته ملڪي جيڪي ڪي غير ملڪي جيڪي ڪي ترجمو ڏيڻ آهن.

۴۱. مخدوم عبدالصمدؒ مفتاح الصلوٰة سندي ص ۱۸۳ – ۱۹۴ (ڏسو هن مقالي جو ص ۳۸۲ ۽ ۴۳۲)

۴۲. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۱۹۵ – ص ۱۹۷

۴۳. ——— الينا ——— ص ۲۰۵

۴۴. ——— الينا ——— ص ۲۱۰ ۽ ڏسو هن مقالي جو ص ۳۸۲

۴۵. ——— ايضاً ——— ص ۲۱۴

۴۶. مزيد ڏسو هن مقالي جو ص ۴۱۲

۴۷. ڏسو هن مقالي جو ص ۴۴۲

۴۸. مخدوم عبدالصمدؒ: مفتاح الصلوٰة سندي ص ۲۰۷ – ص ۲۱۵

۴۸. ——— الينا ——— ص ۲۳۲ – ص ۲۳۵

۴۹. ——— الينا ——— ص ۲۵۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 435

سيد علي محمد شاهؒ دائري وارو

۱۲۲۶ھ/۱۸۱۱ع کان ۱۲۸۷ھ/۱۸۷۰ع تائين

سيد علي محمد شاهؒ منياري سادات جي خاندان مان هو، سندس والد صاحب جو نالو سيد نيڪ محمد شاهؒ هو. سيد علي محمد شاهؒ سنه ۱۲۲۶ھ/۱۸۱۱ع ۾ دائري شريف ۾ جائو هو.[1] سندس تعليم ابتدائي منزل تي دائري جي درسگاهه ۾ ئي شروع ٿي. پوءِ ثانوي ۽ اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شاهؒ صاحبؒ منيارين ۾ علامه مخدوم عبدالڪريمؒ جي درسگاهه ۾ داخل ٿيو. هن درسگاهه ۾ بن قابل استادن علامه مخدوم عبدالڪريمؒ ۽ مخدوم بيبن محمدؒ جي رهنمائي هيٺ پنهنجي تعليم جي تڪميل ڪئي.[2]

دائري جي درسگاهه جي انتظام لاءِ سندس رسمي دستاربندي نه ٿي پر مئي ڪرائي ويئي هئي.[3] علم جي تحصيل کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ اندازاً ۱۲۴۵ھ/۱۸۲۹ع ۾ علمي طرح هن درسگاهه جو انتظام سنڀاليائين ۽ درس تدريس جي ڪم ۾ مشغول ٿيو.[4]

سندس وفات سنه ۱۲۸۷ھ/۱۸۷۰ع ۾ ٿي.[5]

تصنيفات :- سيد علي محمد شاهؒ جي ڪل تصنيفات جي هن وقت تائين معلومات ملي چڪي آهي تن جا نالا هي آهن.

۱. مصلح المفتاح (سنڌي) ۲. مختصر مصلح المفتاح (سنڌي) ۳. ڪڙي جي پاڻڪ جي فضيلت (سنڌي) ۴. بيان من سيدي (عربي ۽ پارسي) ۵. حضور صلى الله عليه وسلم جن جي ولادت ۽ سيرت بابت رسالو "زبدة الموالد" (عربي)[6]

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 436

مصلح المفتاح عرف دائڑي وارن جي سنڌي

تصنيف : قاري حاجي سيد علي محمد شاهه دائڑي وارو.

تاريخ تصنيف: ۱۲۷۰ھ/۱۸۵۴ع کان ۱۲۷۸ھ/۱۸۶۱ع آئين

وارو عرصو.

ڪتاب مُصلح المفتاح، مُفتاح الصلوٰة فارسي جو نه فقط سنڌي ترجمو آهي

پر سنجهس مفتاح الصلوٰة جي شن سمان ڪافي گهٽا اضافا ڪيا ويا آهن. مصلح المفتاح

جو مصنف ڪتاب جي ابتدا ۾ چاڻائي ٿو ته:

هاڻي ساڻ ٻيلڻي الله جي ڪريان ٿو بيان مسئلا،

جي مسئلا عبادتي آهن سنجهه ڪتاب مفتاحا.

جو لغت فارسي آهي تصنيف سنڌي مخدوم فتح محمدا،

سو سنڌي وائي سهڪو ڪيون باب بيانا،

ڪ بيا مسئلا زياده ٿي هن سنڌي ۾ اٿون آندا.

مصلح المفتاح جي تصنيف جو سبب

مصلح المفتاح متعلق مٿيون احوال ڏيڻ کان پوءِ مصنف ڪتاب جي تصنيف جي سبب بابت هيٺيون احوال ڏنو آهي.

ڪ سبب تاليف هن سنڌي جو سٺو سبو سمجها،

نه هيڪو درس خدا ترس هوندڙ پوٺ تالي عبدالله جا،

سوڻي بخت گهٽو ڪنان ابرار نٿا،

تنهنڪي شوق هو ڏاڍو ڏاڍ پڙهڻ علما،

تاڻي پڙهڻ وهو مفتاح کي سنجهان سمجهنا،

جو سنڌي وائي ۾ تصنيف ڪيو هو مخدوم نورا،

سڏال رحمتون رب رحيم جون هون تنهن سڳوري کا،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 437

جنهن کيو تصنيف سنڌي ۽ کي کنا فارسيا ،
تنهن ۾ تکرار مسئلن جو هو ۽ پڻ اطالو اختلافا ،

. . . . . .

پوءِ درس سگوري کي ٿيو اهڪو سمجهڻ منزسند ونقاحا ،

. . . . . .

تابي ٿري مون سکين آڳيان کيائين عرض احوالا ،
ته ڇي منجهه وات الله جي کرهو هن نسخي کي اختصارا ،
۽ هٿ کنيائين دعا گهر يائين منجهه حقير جي مقا ،
تڏهن مرورشيم ان گاڏهه جو گهوڙو ايرانداز ا ،

. . . . . .

اسم مون عاصي ۽ جو آهي علي محمدا ،
ولد آهيان سيد نيڪ محمد جو شال رهيس خدا ،
ساکن آهيان دائڑي شريف جو جو آهي ملڪن ۾ مشهورا ،
کيم شروع هن نسخي کي واسطي اوهان ٿوا با ،
کنان نسخي فارسيءَ جو ڪيم کري سنڌي عبارتا ،
ساسنڌي وائي سهڪي اچي ابوحسن کا ،
۽ گهڻين کتين عبارت آنديم کنان سنڌيءَ مخدوم الورا ،
منجهه مهيني جمادي الثاني جي تاريخ بادي ها ،
پوءِ گذريا هئا هجرت کي بارهن سو اٺهتر ورها ،
پوءِ ستڙين ورهيه ۾ شروع ٿيو هي نسخو نامزدا ،
نالو رکيم تنهنجو مصلح مفتاحا ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 438

مصلح المفتاح جي طباعت

مصلح المفتاح سنہ ۱۳۲۴ھ/۱۹۰۶ع ۾ محمد دم حاجي عبيد الله مطبع فيض سبحاني جامع مسجد ڪوٽڙي مان ڇپائي ۾ روڪيو. هن ڇاپي جي اختتام تي جا ٽائيل آهي ته "ڪتاب لاجواب سمي بمصلح المفتاح جنهن جو مصنف علمائن جو سينگار عالم رباني جناب شاهه صاحب والا مراتب حاجي حافظ قاري سيد علي محمد شاهه صاحب رحمة الله عليه (آهي) صفائي ۽ صحت سان جناب حاجي محمد دم عبيد الله صاحب جي ڪوشش ۽ همت سان مهيني ربيع الثاني جي تاريخ ڏهين سال ۱۳۲۴ھ/۱۹۰۶ع ڪوٽڙي بندر جي مطبع فيض سبحاني مان ڇپجي تيار ٿيو..... پورو ٿيو هي ڪتاب مصلح المفتاح هٿان عاصي عبد الڪريم ساڪن ڪوٽڙي". هن طباعت جو ڪاتب سيد احمد علي شاهه بخاري برليس مين سڪونه پسرور پنجاب منجه سيالڪوٽ، آهي.

مصلح المفتاح کي ٻيو دفعو جناب ڊاڪٽر بي بخش هان بلوچ تصحيح مقدمي ۽ فهرست سان سينگاري ۾ روڪيو. جنهنکي سنڌ يونيورسٽي ۽ جي اداري سنڌ الاجي طرفان ۱۳۲۴ھ/۱۹۰۶ع مصلح المفتاح يونيورسٽي برليس مان ڇپائي شايع ڪيو. هي ٻئي نسخا راقم الحروف حقير جي سامهون آهن.

مصلح المفتاح جو مواد

مصلح المفتاح جي اهميت ۽ افاديت ۽ فقهي حيثيت سنڌي بولي ۾ مسلم آهن. پر سندس مواد جو اختصار ۽ انتخاب هڪ ٻئي شي پيش ڪرڻ ضروري نه ٿو ٻڌي. جنهن جا به سبب آهن.

۱. مصلح المفتاح، مفتاح الصلوٰة جو ترجمو آهي ۽ مفتاح الصلوٰة جي هڪ ٻئي سنڌي ترجمي جو تعارف هن ساڳئي مقالي ۾ پيش ٿي چڪو آهي.

۲. مصلح المفتاح ۾ مفتاح الصلوٰة جي مٿن ساڳئي گهٽ وڌ ڪيو ويو آهي، پر مصلح المفتاح

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 439

جي مواد ۾ مزيد اضافو مختصر مصلح المفتاح ۾ ڪيو ويو آهي ، جنهن جي مسائل جو انتخاب هن مقالي جي اينڊ ۾ صفحن ۾ موجود آهي .

۳ . جناب ڊاڪٽر بني بخش بلوچ صاحب جن ملڪان مصلح المفتاح جو تصحيح ٿيل نسخو مقدمي ، فهرستن ، حاشين سان مزين ڪري ٿورا سال اڳ منظر عام تي اچي چڪو آهي ، جنهن جي اشاعت مان اڄ اسان کي مذڪور نسخا دستياب ۽ آهن تنهنڪري به مصلح المفتاح مزيد تعارف جو محتاج ناهي .

جناب ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ جي تصحيح ڪيل ڪتاب سان گڏ ڪيترائي ٻيا مفيد فهرستون شامل ڪيل آهن . جن فقهي ڪتابن جو الاصلح المفتاح ۾ ڏنل حوالا آهن تن جي مڪمل فهرست به ڪتاب سان شامل ڪيل آهي . تنهنڪري انهن ڪتابن جي فهرست جو شامل ڪرڻ به مزيد ضرورت سمجهي نه ويئي آهي .

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 440

مختصر مصلح المفتاح

تاليف: سيد حاجي حافظ قاري علي محمد شاهه دائري وارو .

تاريخ تاليف: ذوالحج ۱۲۷۷ھ/جون ۱۸۶۱ع

مفتاح الصلوٰة نالي هڪ ڪتاب فارسي بولي ۽ يم نماڻ جي مسئلن
تي مخدوم فتح محمد سندي برهان پوري جو تصنيف ڪيل هند ۽ سنڌ ۾ مشهور
آهي [۱۲] هن ڪتاب جا سنڌي ۽ يم ٻي ترجما ٿيل آهن، جن مان آخري جناب
سيد علي محمد شاهه دائري واري ڪيو، جو سنڌ ۾ دائري واري وڏي سنڌي ۽
جي نالي سان مشهور آهي [۱۳] پران جو نالو مؤلف سيد علي محمد شاهه مصلح المفتاح
رکيو. زير بحث ڪتاب، هن ڪتاب مصلح المفتاح جو اختصار آهي. جو سنڌ ۾
دائري واري نسبي سنڌي ۽ جي نالي سجاول وڃيٽو . ۾ ڪتاب سنه ۱۳۲۲ھ/۱۹۰۴ع
۾ مطبع فيض سبحاني جامع مسجد ڪوٽڙي منڊي دادو، مان لٽو ۽ مخدوم ٻيان
حاجي عبيد الله ابن حاجي ٻيان ابوبڪر ساڪن منياري ۽ جي اهتمام سان ڇپائي
شايع ڪيو ويو [۱۴]

مختصر مصلح المفتاح جو ديباچو

مختصر مصلح المفتاح جي ديباچي ۾ مؤلف جا ٽائي ٽو
ٿه هن ڪتاب ۾ فقط فقهي مسئلا لکيا ويا آهن ۽
مصلح المفتاح ۾ جي ترجيحون ۽ تحقيقاتون ٻيان ڪيل آهن سي هن ڪتاب ۾ ڏنل
نه ويون آهن . سڀاڳي طرح مصلح المفتاح ۾ جن ڪتابن جا حوالا ۽ نالا لکيا ويا آهن
سي به هن ڪتاب ۾ نڪتل نه آهن . پرهن ڪتاب ۾ جي مسئلا اهڙا به آهن . جي
مصلح المفتاح ۾ موجود نه آهن يعني ان مان زياده آهن . تنهنڪري هن زائد
مسئلن جون ترجيحات ۽ تحقيقات ڪل ضروري ٿيون . ۽ جن ڪتابن مان هي نوان
مسئلا جمع ڪيا ويا آهن تن جا نالا به هت ڄاڻايا ويا آهن . مصلح المفتاح جي مسئلن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 441

کهي هن کتاب ۾ آساني ۽ سان بيان ڪرڻ جو مقصد انهن ماڻهن کي مسئلن سمجهڻ جي سهولت مهيا ڪرڻ آهي جي علم فقه جي تحقيقاتي پهلوءَ سان گهٽي دلچسپي نه رکن. پر جن کي سندن مسئلن جي جاڻ جي سخت ضرورت آهي.

فقهي مسائل جاڻڻ جي فضيلت ۽ اهميت

مختصر مصباح المفتاح جي ابتدا ۾ علم فقه جي جاڻ حاصل ڪرڻ جي اهميت ۽ فضيلت بابت شرعي احڪام درج ڪيا ويا آهن جن جو خلاصو هي آهي.

الله تعالىٰ وٽ نماز، روزي ۽ الله جي ذات ۾ عمل جتڪ ڪان فقه جا مسئلا سکڻ وڌيڪ چڱا آهن. حديث شريف ۾ آهي ته فقه جي مسئلن جي هڪ باب جو علم حاصل ڪرڻ، هزار رڪعت نفلن جي ثواب کان ثواب ۾ وڌيڪ آهي. جاهي ان ڪي عمل نه ڪيو ويي. ٻي حديث ۾ آهي ته فقه جو هڪ مسئلو سکڻ سڄي سال جي عبادت کان ۽ باقي آزاد ڪرڻ کان بهتر آهي. حديث شريف جو ارشاد آهي ته جيڪو شخص موت تائين مسئلا سکي ۽ دين جي قوت لاءِ سيکاري تو ته ان ۽ انبياء عليهم السلام جي وچ ۾ جنت ۾ فقط هڪ درجي جو فرق آهي. حديث شريف ۾ هيئن به فرمايل آهي ته انسان فقط به آهن. هڪ عالم ۽ ٻيو علم جو سکندڙ. باقي بين ۾ ڇڪائي نه آهي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کان روايت آهي ته لڳين حضرت حبيب خدا صلي الله عليه وسلم فرمايو ته عالم ٿي يا علم جو سکندڙ ٿي يا علم جو ٻڌندڙ ٿي يا هميشه عالمن سان دوستي رکندڙ ٿن مان ٿي. ۽ انهن ڇٽي حسن مان نه ٿيندين، نه هلاڪ ٿيندين. فقه جي ڪتاب درمختار ۾ فرمايل آهي ته جيڪڏهن فقه جي مسئلن جي ڪتابن جي اکرن ڏانهن فقط ڏسندو رهندو ته به سڄي رات صبح تائين جاڳي عبادت ڪرڻ کان وڌيڪ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 442

چگو آهي. ۱۶

فقه جي علم جي فضيلت جي بيان کان پوءِ ڪتاب جو اصل متن شروع ٿئي ٿو. جنهن ۾ نماز جي مسئلن کان سواءِ ڪيترا بيا مسئلا به تڪميل آهن مٿ زياده تر انهن فون مسئلن مان انتخاب پيش ڪيل آهي ٿو.

حنفي مذهب ۾ ڪو مسئلو نه ملي ته ڇا ڪجي.

جيڪڏهن پنهنجي مذهب يعني حنفي مذهب ۾ ڪو مسئلو نه ملي ته ان حالت ۾ شافعي، مالڪي يا حنبلي مذهب جي ڪنهن به مستند ان مسئلي جي عمل ڪري. ۱۷

وضوءَ جو گناهن تي اثر

ڪنهن گناهه ڪرڻ سان پوءِ جڏهن وضو سان جي ٿو ڏيئي اهو گناهه بخشي ٿئي ٿو پر شرط صغيرا گناهن مان هجن و. ۽ جيڪڏهن ڪبيرا مان هجن نه بخشي ٿيندو پر هلڪوئي صغيرا مان ٿيندو. ۱۸

وضو وقت اچڻ تي پورو ڪرڻ جو حڪم

حديث شريف ۾ آيو آهي ته وضوءَ ۾ سنن ڏوڻو وقت جيڪڏهن اچون ڪيون ڪيون نه قيامت جي ڏينهن اهي اچون دوزخ نه ڏسنديون يعني وضوءَ وقت اچون بند نه ڪجن. پر مؤلف هن طرح ان حديث شريف جو مطلب سمجهايو آهي نه اچن جو اچون حصو ۽ پيڙون جيڪي طرح هٿ لائي حوضيءَ ۾ ڏجن ۽ پير به اچون کوڻي پوءِ اسن تي پاڻي وجهجو نه انهن کي مرر ٿيندو. ۱۹

دنيا جي ڪلام جو مطلب

وضو ڪرڻ وقت دنيا جو ڪلام ڪرڻ مڪروهه آهي. دنيا جي ڪلام جو مطلب مؤلف هنطرح سمجهايو آهي ته دنيا جو ڪلام ان جماعت ڪي چئجي ٿو. جنهن مان دين ۽ دنيا جو ڪو به نفعو نه پهچي. پر جي دنيا جو ڪو نفعو پهچي سگهي ٿو پر ان وقت جماعت ملڻو ڪرڻ سان ساڳيو نفعو پوءِ به حاصل ڪري سگهجي ٿو نه وضوءَ وقت اهو ڪلام دنيا جو ڪلام ليکبو. ۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 443

وضوءَ ۾ پانهن ۽ پيرن ڏوئڻ جي حد وضو ڪرڻ وقت پانهون ڏوئڻ جي اڻ ٿائين ڏوئڻ گهرجن ۽ پير ڀي ۽ جي اڻ ٿائين. ڪن عالمن جي راءِ آهي ته پانهون نوڙڻين تائين فقط ڪهڙ مٿيرو ڏوئڻ ۽ پيرن تائين ڪهڙ مٿيرو ڏوئڻ مستحب آهي. پر ڪن عالمن جي بلڪل بي راءِ آهي. انهن جو چوڻ آهي ته پانهون ڪلهن تائين ۽ پير گوڏن تائين ڏوئڻ مستحب آهي. جيڪي ته هي نبيءَ قول حديث سان ثابت آهن. تنهنڪري ڇڪو آهي ته گذهن ڪهڙن تي ۽ گذهن ڪهڙن تي عمل ڪجي ته جيئن هر هڪ قول تي عمل ٿي سگهي. بهتر آهي ته اڏ ڏورن ۽ اڏ بهين تائين واري قول ٻي ڪنڊ عمل ڪجي. ۲۱

وضوءَ ۾ منهن اگهاڙو ڪرڻ فقه جي ڪنڊ ڪتابن ۾ لکيل آهي ته وضو ڪرڻ وقت منهن اگهاڙو ڪرڻ مستحب آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو چوڻ آهي ته ان قول جي مخالفت ۾ ڪهڙ به دليل ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. ۽ مخدوم عبدالواحد سيوستاني پڻ ان قول تي اعتبار ڪيو آهي. پر غازي مخدوم عبدالحڪيم گرهوڙي ۽ مخدوم محمد عاقل ٻيا راوي هن راءِ جا آهن ته وضو وقت منهن اگهاڙو ڪرڻ مڪروهه آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي تحرير ۾ لکيو آهي ته مفتيٰ به قول موجب مڪروهه آهي. ۲۲

مسجد جي پاڻي ۾ مان پيشاب جو حڪم مسجد جي پاڻي ۾ مان پيشاب مسجد ۾ ئي درست آهي پر ٻئي هنڌ درست ناهي. مسجد جي پاڻي ۾ مان وضوءَ غسل ڪري يا وضوءَ مسجد ۾ نماز نه پڙهڻ جائز ناهي. مسجد جي پاڻي ۾ مان اڏ ڪوهڙ بلڪل ناجائز آهي. ۲۳

وضوءَ ڪان پوءِ لڳ اگهڙ : وضوءَ ڪا بنو ۽ بنا سبب عضوا اگهڙ مڪروهه آهي

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 444

پرهنن کي هٿن سان اگهڙڻ ۾ ڪابه ڪراهت ڪانهي. ۲۴

جيتن جي چڪن جو وضوءَ تي اثر

سڀ ڪڪڙ يا ڪارڙا مانڊو تي بدن مان ڪيترو به رت پيئن تہ به ان جو وضوءَ نہ ڀڃندو. پر ڏڏي جريا وڏي ڇڇرڙ مانڊوءَ جي بدن مان جي گهٽو رت پيتو تہ اندازو ڪري ڏسبو تہ رت جو مقدار ڪيترو هوندو. جي وڌ ڪيترو رت پيتل هوندو تہ وضو ڀڃندو. ۲۵

ڪلڙ جو حڪم: ڪل جي گهٽي عادت ڇڏي ناهي. ڪنڌ هن ڪنڌ نهڪ ڏيئي ڪلڙ درست آهي، پر مسجد، قبرستان يا قرآن شريف پڙهڻ وقت ڪلڙ مڪروهه آهي. ۲۶

قرآن شريف يا ڪنهن ٻئي ديني ڪتاب مان استفادي جو حڪم

جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ قرآن شريف يا ٻيو ڪو ديني ڪتاب آهي، پر انهن کي نڪي پڙهي ٿو نڪي انهن ڏي نهاري ٿو ۽ نڪي ڪنهن ٻئي کي ڏئي ٿو تہ اهو حرام آهي. پر مصحف شريف تبرڪ طور رکڻ ثواب آهي. باقي ٻيا ڪتاب فقط تبرڪ ڪري رکڻ ثواب ناهي. انهن کي پڙهڻ لاءِ ڏيڻ ۾ ثواب آهي. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي مان ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ کڻي ايڇي ۽ ان مان ڪا غلطي نظر ڇڪي تہ اها صحيح ڪري ڇڏي، جيڪڏهن مالڪ ناراض نہ ٿئي. غلطي درست نہ ڪرڻ ۾ ڪو گناهه ڪونهي. پر جي قرآن شريف ۾ اهڙي غلطي هوندي تہ درست نہ ڪرڻ ۾ گناهه آهي. جيڪڏهن آڱ ٽڪيل اکرن سان اکر ملي ايڇن تہ درستي ڪبي، پر جي آڱ ٽڪيل اکرن مان پهنجا اکر زينت ۾ گهٽ هجن تہ نہ ڪبا. ۲۷

قبرتي نالي ۽ تاريخ جي تختي لڳائڻ جو حڪم

قبرتي ميت جي نالي ۽ وفات جي تاريخ جي تختي لڳائڻ درست آهي. جيڪڏهن اکرن جي حرمت فائدو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 445

رهي سگهي. ۲۸

حروف تهجيءَ جي حرمت } جن ٻولن ۾ لکي پڙهڻ لفظ استعمال ٿيل آهن يا عربي جا حروف تهجي شامل ٿيل آهن تن کي سرن ٿي لکي ٻاهر ۾ بيحرمتي ڪرڻ ناجائز آهي. پر جڏهن اهي ٻولا يا حرف ٻاهر وڃڻ ڪان سواءِ ضروري مقصد حل نه ٿئي تہ ٻاهر وڃڻ گناهه کونهي. مثلاً مزبحاني ۾ لکي جوڙڻ وقت لکي جي منهن تي مُهر لڳائڻ لاءِ. پٽراليٽي يا ڏهاڙي ٿي پاڻ حروف يا لفظ ڪاڻ ٻڌ مڪروهه آهن. پر عربي حروف ۾ ڪاغذ جي ٻولن ڪاڻ ٻاهر ۾ سازڻ يا وڃائڻ ۽ ڏهاڙن ٿي ڪاڻ ۾ ڪراهت ڪانهي. وهٽ کي داغ ڏيڻ جو ساڳيو حڪم آهي. ۲۹

کوهه کي پاڪ ڪرڻ لاءِ يا ٻاٽي ڪيڙا جو دلو } کوهه کي پاڪ ڪرڻ لاءِ جيڪو دلو لاڪيو يا انهن جو تعداد ڏسڻي خاطر جي ڪتابن ۾ لکيل آهي پر اڪثر ڪتابن ۾ جا ٽاڪ آهي تہ کوهه ٿي عام طرح استعمال ٿيندڙ دلو يا ڏول هن مقصد لاءِ حڪم آٽي سگهجي ٿو، پر مختصر مصلح المفتاح جي مؤلف جي راءِ آهي تہ اهو دلو يا ڏول گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڪلو ٻاڻي جو هجڻ گهرجي. ۳۰

موذي جيتن جي مارڻ جو حڪم } حديث شريف ۾ سانڊي ۽ ڇپي ۽ کي مارڻ جو حڪم موجود آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي جي مارڻ ۾ ثواب آهي. ساڳيءَ طرح ناڱ، ڏاهن، ڪٿ، ميرو، سرڙ، ڏاڙهيندڙ ڪتو، ڪاڙهي ماکوڙي، ڏينهو يا ٻيو جيتن کي مارڻ سنت آهي. ڪاري ماکوڙي کي جيڪڏهن ايذاءِ نه ڏيڻ واري تہ مارڻ نه ڪجي. جنهن ڪنهي يا ٻيلي ۾ دم جيترو نقصان ڪيو آهي ان کي ماري ڇڏڻ گهرجي. دم جي قيمت پنج ڇهه پيسا ٿيندي. ۳۱

ڏيڏيا يا ڏڪيرسان گڏ جي ڪاڻ: ڏيڏيءَ ڏڪير جي ٽانگن ۾ ڪاڻ ٻڌڻ درست

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 446

آهي. ڏيڙڪان پاڻي وٺي وضو ڪرڻ يا ساڻن گڏ جي ڪاڻ ۾ گوارهم ڪوٺي ۳۲

ڪتي جو جسم پاڪ ۽ وات پليت آهي

جيڪڏهن ڪتو ڪنهن پاڻيءَ جي تلاءَ وغيره مان گهڙي نڪري وڃي ته اهو پاڻي پليت نه ٿيندو. پر جيڪڏهن ان پاڻيءَ ۾ وات وجهندو ته پاڻي پليت ٿيندو. جيڪڏهن ڪتي جي پسيل بدن مان ماٺوءَ جي بدن يا ڪپڙي تي ڇنڊو ٿيو ته اهو بدن يا ڪپڙو پليت نه ٿيندو. ۳۳

اوباري جو حڪم: هر ڪنهن انسان جو اوبار پاڪ آهي چاهي ڪافر هجي. ٻي ٻڌڪي نامحرم عورت ۽ عورت کي نامحرم مرد جي اوبر مڪروهه آهي. هي حڪم پڙهي شي جو آهي، پر ڏاڍو طعام جهڙوڪ پٽ، ماني، گوشت بنا شوربي هوندو ته نامحرمن جو اوبر به درست آهي. جو صحابيائن به ڪاڏو آهي. اوبار وڪاڻ پيڙ ڏوڻ جي نشاني آهي. حديث شريف ۾ آهي ته ان ڪاڻ پيڙ ۾ ڇڪائي نه آهي جنهن ۾ اوبار نه ٿئي پر نه بچائڻ ۾ ڪاوڙ عي قباحت ڪانهي مومن جي اوبر ۾ شفا آهي. ۳۴

تيمم: جيڪڏهن ڪنهن وٽ پاڻي نه هجي ته وري آهي جو اٺي ڪوهڙ ۾ پيٽ ياڏال رڌڻ لاءِ مس ڪافي آهي ته تيمم ڪيو. پر جي پاڻي گوشت رڌڻ لاءِ گهر جي ته گوشت نه رڌجي پر وضو ڪيو. ۳۵

حلال پڪي: هن ملڪ جا ڪانگ حلال آهن ۽ سندن ونڊ پاڪ آهي چاڪاڻ ته رڳي پليتي کين ڏاڪائين ۽ هر ڪاشي ڦهرين جيئن ۾ کين ڏاڍن ساڳي طرح ڪبرين، هيڏهن ۽ ڏهين جا سبب هتم حلال آهن ۽ سندن ونڊ پاڪ آهي. پر مفتي عبدالغفور صاحب ڪي فتوىٰ آهي ته هن ملڪ جو ڪانگ حلال نه آهي. ۳۶

حلال ميڻ: عنبر مڇ، هوت الحيض، ناطوس، مار ماهي جا نانگ جهڙي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 447

شيندي آهي ۽ جريت، ميڪي جانور ناڪ جهڙي ڪاري ۽ ڊگهي شيندي آهي جنهنکي يهودي بلڪل نه کائيندا آهن، علامات ميڪي جا سڀني ۾ ڊگهي ناڪ جهڙي شيندي آهي جنهن جو ٻيو نالو مارزه آهي، اربيان ميڪي ۽ جراد البحر يعني ملخ آب يا گانگٽ ۽ تمام سڀني ميڪي سي سب حلال آهن. پر گانگٽ ۽ سڀني ميڪي نه کائجن تہ افضل آهي پر جي کائبا تہ تمام هلڪي ڪراهت شيندي. ۳۷

خوشبودار قيمتي شيون: ڪتوري جو ٻيڙو هر حال ۾ پاڪ ۽ حلال آهي. سانگي طرح زباد جو بلن جي پيڇ هيٺان نڪري ٿو ۽ عنبر جو سمنڊ جي ڪنهن جانور جو ڇيڙو آهي ۽ زعفران جا ڪنهن ميڪي جي جلڙن مان ٿئي ٿي سي سب پاڪ ۽ حلال آهن. ۳۸

بليت تيل ۽ گهي: تيل ۽ گهي بليت ٿين تہ مسجد ۾ نہ وڃجن پر باقي قرآن شريف پڙهڻ لاءِ ان مان ڏيو ٻارڻ جائز آهي. بدن ۾ ياجتي ڪي ان مان ملڻ به جائز آهي پر کائڻ حرام آهي. ان مان ميل بدن ۾ ياجتي ۽ ڪي وري ڏوٻو تڏهن پاڪ ٿيندا. ناپاڪ تيل ۽ گهي جو ڪرو به جائز آهي. بشرطيڪ خريدار ڪي ان جو عيب ظاهر ڪيو ويجي. خريدار جي ڇڙ ٻي ۾ جو ڪرو عيب ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻوڙي به ناجائز آهي. ۳۹

بليت ست ۽ ڪپڙو: بليت تيل ست ڏوئڻ کان سواءِ پاڪ نہ ٿيندو. ڪپڙو ڇيتو ٽيڪ کائڻ يا ڇوسين جو اٽل هجي تہ به ناپاڪائي جي شڪ سبب ان کي ڏوئڻ بدعت آهي. پر ان کي ايئن ڪرڻ لاءِ درست آهي. حربين ۽ ڏين جي پائل چادر ۾ نماز پڙهڻ ڪراهت درست آهي، پر اڻن جي پائل شلوار ۾ نماز پڙهڻ مڪروه آهي. ۴۰

نانگ جي لاتل ڪل: نانگ جيڪا ڪل از خود لاهيندو آهي سا پاڪ آهي. ۴۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 448

مردار ٹيل حلال جانور جي کل جو حڪم حلال جانور جيڪو بنا ذبح مري ويو ۽ مردار ٿيو، ان جي کل لاهي، ان مان نفعو وٺڻ حديث شريف جي حڪم موجب جائز آهي. ۴۲

بار کي تعليم يا هدايت لاءِ مارڻ جي حد استاذ يا والدين، شاگرد يا اولاد کي علم يا ادب سيکارڻ لاءِ مارڻ جا مجاز آهن. پر ان مار جي حد هڪ غلطيءَ لاءِ ٽي وڇڙيون جسم تي هڻڻ آهي. لکڻ به اهڙو هٿيار جنهن سان ڪو به جساني نقصان نه پهچي. جيڪڏهن ان کان زيادهه سزا ڏني ته اها بي انصافي آهي جنهن جو قصاص قيامت ۾ ڏيڻو پوندو ۽ اهڙي مار سبب علم جي برڪت به وڃندي.

قيامت ۾ ڏيڻ استاذن کان اهڙي بيجا ڏنڊي جهڙي ڪنهن حاڪم کان سندس رعيت سان ٿئي. ٽهڪري جيڪڏهن ڪنهن استاد کان ڪنهن بار کي حد کان زيادهه سزا ڏيڻ جي غلطي ٿي وڃي ته ان تي واجب آهي ته ان بار کي ڪهڙ ڏني ۽ برڇائي ڇڏيس. سائيو حڪم مائٽن لاءِ به آهي. ۴۳

مهمان کي ترٽ پوڻ جو مسئلو ڪنهن مهمان کي پراڻي گهر ۾ ليڪو پر جي غسل ٿو ڪري ته ڏيڻ ۾ ٽل نه ڪر جي ڏنڊيءَ کي ٽنگ پوندو ته ان مهمان لاءِ بهتر آهي ته بنا غسل نماز پڙهي ۽ پوءِ غسل ڪري، نماز قضا ڪري. ۴۴

عورت جو ستر : عورت کي نماز ۾ يا نماڻ کان ٻاهر سڄو بدن ڍڪڻ فرض آهي. ان جو چهرو، پيرءِ کرائين تائين هٿ اڳهٽ ۾ شامل نه آهن، پر جوان عورت کي شهوت جي ڊپ سبب مردن ۾ منهن کولڻ ڪان منع ڪيو. عورت جو آواز اڳهٽ نه آهي پر ساڻس سبب ان جي به منع ڪيس. خاص ڪري خوشيءَ جو آواز يا گائڻ. ۴۵ ان جي برعڪس ڪن عالمن عورت جي آواز کي اڳهٽ ڪيو آهي. ۴۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 449

طبيب لاءِ مريض جي اوگهڙ ڏسڻ جي حد

مريض هرد هجي يا عورت، طبيب لاءِ ضروري آهي ته وس پڄندي ان جي اوگهڙ ڏاڪڻ نه ڏسي. پر جي مريض جي مرض زيادهه ٿيڻ جو انديشو هجي ته مرد يا عورت جي اوگهڙ جو اوترو حصو ڏسڻ، جيترو نهايت ضروري آهي، طبيب کي جائز آهي. ۴۷

هٿ ڏيئي ڏاري عورت کي پيڙ ڪرڻ جو مسئلو

عام ماڻهن ۾ مشهور آهي ته جيڪڏهن ڪنهن نامحرم مرد غير عورت کي هٿ ڏونهن اهاسڻ سان پيڙ ٿئي. هي مسئلو ڪنهن به فقهي ڪتاب ۾ موجود نه آهي. بلڪ نامحرم مرد ۽ عورت جو هڪ ٻئي کي هٿ ڏيڻ منع آهي. جاڪاڻ ته هٿ به جسم جا عضوا آهن ۽ نامحرم عورت جي جسم سان جسم ملائڻ حرام آهي. تنهنجي پنهن جي زال کي هٿ ڏيڻ جائز آهي، جاڪاڻ ته ڪنهن به شرعي مسئلي ۾ جاڻايل نه آهي ته هٿ ڏيڻ سان زال کي پيڙ ٿي پوندي. بلڪ ان سان هٿ ملائڻ اهڙو ئي جائز آهي جهڙو جسم جا ٻيا عضوا ملائڻ. ۴۸

بار جي ستر جو حڪم

جيڪڏهن سائين جي عمر نائين سال جي اوگهڙ ٿيڻ کان شرعي ذميداري ٿا هجي. جيڪڏهن ڪا ڇوڪري بار جي جسم جا خاص حصا ڍڪڻ ضروري آهن. ۽ ستن ورهين کان ٻوڙ مسورو جسم ڍڪڻ لازم آهي. ۴۹

نماز جي نيت: ڪتاب بحرالرائق ۾ جاڻايل آهي ته نماز جي نيت ۾ لفظ نيت ڪيم نه چئبا. جاڪاڻ ته ان ۾ گهڻيل وقت ڏاڪڻ اشارو ٿئي ٿو. پر نهرالفائق ۾ هن قول کي رد ڪيو ويو آهي. نماز جي نيت ڪرڻ وقت امام لاءِ ضروري آهي ته جماعت جي نيت به ڪري. يعني اهي جماعتي جي موجود آهن ۽ جيڪي اڃا ايندا آهن سڀني جي امام هجڻ جي نيت ڪري. جيڪڏهن نه ته جماعت جو ثواب نه ملندس جڏ منفرد نماز پڙهيا ٿين. جيڪي جي نيت ۾ هي لفظ ڪافي آهن "نيت ڪيم نماز جهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 450

جي ڪارڻ الله تعالىٰ ۾ رکعتون فرض، سمائڻ ڪيم يا رقبلي الله اڪبر". ۵۰

نمازيم حضورقلبي: نماز جي نيت دل سان ڪرڻ فرض ۽ زبان سان مستحب آهي. پر تڪبير تحريم وقت حضور قلبي فرض آهي. حضور قلبيءَ جو مقصد هي آهي ته ان وقت الله تعالىٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي ياد گيري نه هجي. پر غفلت ۽ فڪرن سبب جيڪڏهن ڪوشخص ان تي قادر ٿي نه سگهي ته فقط زبان سان نيت ڪرڻ ۾ معتبر آهي. ۵۱

نمازءِ ريا: جيڪڏهن ڪنهن نماز خالص خدا ڪارڻ نيتي پر بوءِ رياءِ پيدا ٿيس ته اها نماز درست ٿي. پر جيڪڏهن نماز يا ڪابي عبادت رياسان شروع ڪيائين ته اها عبادت درست ٿيندي پر رياجو عذاب عليحده ملندس. پر عبادت جو ثواب نه ملندس. رياجو مطلب آهي ته ڪوشخص ماڻهن آڏان عبادت ڪري، پر اڪيلائيءَ ۾ بلڪل عبادت نه ڪري. جو شخص ماڻهن جي آڏان نماز جنگي طرح ادا ڪري ٿو، اڪيلائيءَ ۾ نڪري پڙهي ٿو ته ماڻهن آڏان پڙهيل نماز جو به اهڙو ثواب ملندس جهڙو اڪيلائيءَ ۾ پڙهيل نماز جو.

فرض نماز يا روزي ۾ جيڪڏهن رياپيدا ٿئي ته پڙهندو رهي ته انهن جي فرضيت ادا ٿئي. اهڙن فرض جو مڪمل ثواب رياسبب حاصل ٿي نه سگهن و. آنحضور صلي الله عليه وسلم ٿي صلوٰة سگوري، جا حضورؐ جي ادب ۽ محبت کان سواءِ فقط رياسان پڙهي ڏيي. ان جي قبوليت ۾ ٿي رايا آهن. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته اهڙي پڙهيل صلوٰة سگوري قبول نه ٿيندي. ڪن جو چوڻ آهي ته آنحضورؐ جن جي حق ۾ قبول ٿيندي ۽ پڙهندڙ جي حق ۾ قبول نه ٿيندي. پر صحيح قول هي آهي ته بنهي جي حق ۾ قبول ٿيندي ۽ پڙهندڙ کي ان جو پورو ثواب جنهن جو ذڪر حديث شريف ۾ آيل آهي سو حاصل ٿيندو. ۵۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 451

حقوق الله ۽ حقوق العباد جو موازنو

جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪنهن بئي شخص جي مال مان ٿڪي جيترو مال ناحق غصب ڪيو مثلاً سو ڏينهن جو ثواب ڪنهن شخص کي ڏياريو ويندو، جنهن جو اوترو مال غصب ڪيائين. پر الله تعالىٰ جي خوف سبب اوترو ئي مال اصل مالڪ کي موٽائي ڏيائين ته ان جو ثواب ستر هزار حج يا فقط ستر حج جي برابر آهي جي روايتن ۾ آهي ته جيڪڏهن هڪ پيسي جيترو مال اصل مالڪ کي موٽائي ڏئي ته ان جو ثواب هڪ سو پنجاهه خيرات ڪرڻ کان زياده آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص جو ثواب ستر نبين جيترو آهي پر ان کي فقط هڪ پيسو قرض آهي جو ادا نه ڪيو اٿس ته به بهشت ۾ نه ويندو. هن سلسلي ۾ ڪافرن ۽ مسلمانن جو حق برابر آهي. ۵۳

شفق جي وضاحت: شفق ۾ اختلاف آهي. ڪن عالمن فتويٰ ڏني آهي ته جڏهن اڇاڻ ڪي شفق چئجي ٿو. پين عالمن جي راءِ آهي ته شفق اڇاڻ کي چئجي ٿو. پر اڇاڻ وارو قول معتبر آهي. اڇاڻ مان مراد گهٽي اڇاڻ آهي. جڏهن گهٽي اڇاڻ ٿورڙي اڇاڻ گهٽي رات جو ڪنهن به حصي ۾ ظاهر ٿئي تڏهن اها شفق نه آهي. اڇاڻ جي گهٽي مدت ايترو قدر آهي، جيترو ۾ پره جي اڇاڻ جڏهن ڏهاڙي ڪان اڳي ظاهر ٿئي ٿي. ۵۴

تثويب: بانگ يا تڪبير ۾ صلوٰة، صلوٰة يا قامت، قامت جا لفظ تاڪيد لاءِ ورجائي ڇوڙ کي تثويب چئبو آهي. تثويب کي سيد علي احمد شاهه مستحب ڪيو آهي. پر مولوي هدايت الله شتاق بدعت ڪيو آهي. ۵۵

مسجد ۾ نماز قضا ڪرڻ

نماز مسجد ۾ قضا ڪرڻ مڪروهه آهي. پر جي اهڙي نموني قضا ڪري جيڪو به سمجهي نه سگهي ته يوءِ درست آهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 452

مثلاً اشراق يا تهجد يا زوال وقت يا سمهڻي ۽ وچين نماز جي فرضن کان آڳ سنت بدران. پر سانجهي نماز جو فرض ۽ وتر کڻڻ به وقت ماڻهن آڏيان قضا ڪرڻ نه گهرجي. قضا نماز جي بانگ ماڻهن آڏيان وڏي آواز سان ڏيڻ نه گهرجي. انهيءَ جو سبب هي آهي ته ماڻهن کي پڻ جي گناهن جي خبر نه ڏجي نه ٻئي کڻڻ سبب مسجد ۾ نماز قضا ڪرڻ- مڪروهه ناهي. ۵۶

فاسق عالم ۽ جاهل متقي

بانگ ۽ تڪبيرات فاسق عالم کي جاهل متقيءَ تي سبقت حاصل آهي. چاڪاڻ ته عالم جيتوڻيڪ فاسق آهي ته به جاهل متقيءَ کان اصلا ڀلو آهي. ۵۷

بنا وضو نماز پڙهندڙ جو حڪم

بنا وضو نماز پڙهندڙ کي ڪفر جو حڪم آهي. پر جي نماز پڙهندي کڻڻ جو وضو ٽٽي وڃي سبب نماز مان باهر نه نڪتو ته انکي حڪم نه ڏجي. پران لاءِ لازم آهي ته نماز جي نيت ڇڏي ڏي ۽ قراءَ ۽ تسبيحون نه پڙهي. پر بهتر آهي ته نڪ جهلي نماز مان باهر نڪري ته جيئن ماڻهو سمجهن ته نڪسيري آئي اٿس. پليد ڪپڙي جو به سا ئيو حڪم آهي. ۵۸

ٻڙي ۽ ايم نماز پڙهڻ جو حڪم

ٻڙي ۽ ايم جو نماز ۾ واه نفل ڪجي ڏانهن منهن ڪري، شروع ڪيو. پوءِ ٻڙي فرض سبب جي ڪجي سمان رخ هٿي وڃي ۽ نماز ۽ جي ڪعبت الله طرف رخ ڦيرائڻ جي قدرت هوندي ته ٻڙي ۽ جي فرض سان گڏ هوبه پنهنجو رخ ڦيرائيندو رهندو. ۽ جي اهڙي قدرت نه هوندس ته رخ ڦيرائڻ شرط نه آهي. ۵۹

نماز ۾ قراءَ، دعائون ۽ تسبيحون عربيءَ کان سواءِ ٻي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ

نماز ۾ التحيات، رڪوع ۽ سجدي جون تسبيحون، اعوذ، ثنا، صلوٰة، دعائون، بشمول دعائ قنوت سڀڪنهن ٻوليءَ ۾ بنا عذر پڙهڻ درست آهن. پر قراءَ ۽ جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 453

بولي ۽ ۾ پڑهڻ ڏڏ هن جائز ٿيندي. جڏهن عربي بلڪل نه ڄاڻندڙ هجي. پر نه ۾ تڪبيرون، التحيات، ثناء کي ڀيا ذڪر بين بولين ۾ پڑهڻ ڪراهت تحريمه آهي. خطبو عربي ۽ سواءِ ڀي بولي ۽ ۾ پڑهڻ جائز آهي. ٦٠

بيماري ۽ سبب فرائض جي ادائگي ۽ ۾ رعايت

جيڪڏهن بيهي نماز پڑهڻ ۾ مرض زياده ٿئي يا ان جي تڪليف زياده ٿئي يا گهڻي دير جناڪري يا منڊڙي ۽ سور ٿئي ته ان صورت ۾ نماز ويهي پڑهڻ جائز آهي. روزي ۽ جهي جڏڻ لاءِ ۽ تيمم لاءِ بيماري ۽ جي اهائي حد مقرر آهي. پر جي بيماري ايڏي آهي جو ان سبب نماز جو قيام، روزو، جمعي جي حاضري ۽ پاڻي جو استعمال خطرناڪ ٿيڻ ڪا يقين ٿاڻ ته ان سبب اهي سڀ حڪم ترڪ نه ڪبا. جي بيماري ويهي نماز پڑهڻ سبب به نقصان رسائي ٿي ته اشاري سان نماز ادا ڪبي. اهڙي حال ۾ جهڙ نمازون يا زياده ضايع ٿيون ته انهن جي قضا ڪرڻ لازم نه آهي. جاهي بيهاري هوش ۾ هجي. پر جي هوش جي حالت ۾ پنج يا ان کان گهٽ نمازون ضايع ٿيون ته پوءِ قضا ڪندو. بي خبري ۾ گهڻيون به نمازون ضايع ٿين ته قضا نه ڪبيون. جيڪڏهن کو بيمار جماعت سان نماز پڑهي نٿو سگهي ته ان لاءِ جماعت ضروري ناهي بلڪ علحده بيهي نماز پڑهي. ٦١

امي ۽ جي تعريف: گونگي ۽ امي ۽ تي قراءة فرض نه آهي ۽ نڪي چپ چورڻ فرض آهي. امي ان کي چئبو آهي جو پڑهي نه ڄاڻي ۽ صفائيت هجي. ٦٢

نماز ۾ سورة فاتحه پڑهڻ جو حڪم

نماز ۾ الحمد شريف پڑهڻ واجب آهي پر جهڙ جمعي ۽ عيد نمازن ۾، جي وقت وڃڻ جو ڊپ هجي نه يهي ٻن رڪعت ۾ الحمد شريف..... سڀني نمازين پڑهجي ۽ باقي هر هر رڪعت ۾ پڑهي پورو ڪجي ۽ جي ڪا به سورة ٻنهي رڪعتن ۾ نه هجي ته نماز درست نه ٿيندي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 454

پر وقت اچائي ٿورو هوندو ۽ نه گهڻو هڪ ننڍي آيت ئي رکعت ۾ پڙهڻي ٿئي ۽ نماز جائز ٿيندي. جي وقت گهڻ زياده هجي ته ٻنهي رکعتن ۾ پورو الحمد شريف پڙهڻ گهرجي. مذکور نمازن سوا ۽ بين نمازن ۾ وقت وڃڻ جو انديشو هوندو ۽ نه ضروري قرأة ضرور ڪبي. فرض جي پوين ٻن رکعتن ۾ سورة فاتحه پڙهڻ سنت آهي. ٦٣

نماز جي درست ٿيڻ يا نه ٿيڻ بابت فتوىٰ

جيڪڏهن ڪنهن سبب نماز جي درست ٿيڻ يا نه ٿيڻ ۾ راين جو اختلاف هجي ته فتوىٰ درست نه ٿيڻ ۾ ڏبي، پر قرأة سبب جي ان جهڙو اختلاف پيدا ٿئي ته نماز درست ٿيڻ ۾ فتوىٰ ڏبي. ٦٤

انسان ۽ ملائڪ ۾ شرف جو موازنو

ماڻهن مان جي ڪامل ڏسبي جا مالڪ آهن جهڙا انبياء عليهم السلام سي سڀئي ملائڪن کان پلا آهن. باقي عام ماڻهو جن ۾ فاسق جهڙا ڪبيرن گناهن جا مرتڪب، شرابي، ننگي، بي نمازي وغيره به شامل آهن، سي سڀ امام اعظم رحمه الله جي قول موجب عام ملائڪن کان بهتر آهن. هن قول جي درمختار، بحرالرائق ۽ تنوير ۾ پڻ ساڳي ڳالهه ڏيئي آهي. پر صاحبين جي راءِ آهي ته نافرمان ۽ ڪبيرن گناهن جي مرتڪبن کان عام ملائڪ بهتر آهن. مؤلف رحمه الله جي راءِ آهي ته جاکاڻ ته قرآن شريف ۾ بي نمازين ۽ شرابين جي خرابي بيان ڪئي وئي آهي ۽ عام ملائڪن جي تعريف ڪيل آهي. تنهنڪري اهڙن ماڻهن کان عام ملائڪ بهتر آهن. پر ڏيڍ سو سال اڳ ٿيل محدث هاشم ٽٺوي رحمه الله عقائدن جي سنڌي ڪتاب (انباء الاسلام) ۾ صاحبين سان هم راءِ ٿيو آهي. ٦٥

مشڪل وقت فجر نماز ۾ وتر پڙهڻ

حنفي مذهب جي فقهي احڪام موجب فجر نماز جي فرض ۾ انفرادي يا اجتماعي مشڪل جي وقت ۾ دعاقنوت

© 2019 Dr. Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 455

پڑھڻ جو حڪم آهي پر عام حالتن ۾ ان جي همیشه پڑهڻ وارن جي منع آهي. مثلاً جنگ، ڏمار يا ڪنهن وبا جي وقت لاءِ مڙس جي مرض جي ڪري ڪعبي ۾ قرآن ڪريم پڙهڻ يا ٻڌڻ لڪير هيٺي دعا قنوت پڙهڻ جي اجازت آهي. ٦٦

سجدهء تلاوت : مسجد يا گهر جي ايراضي جيڪا هن هڪ جريب کان وڏي آهي تہ ان ۾ بن جاين تي ڪيل تلاوت جي سجدا مجلسون ليکيون ويندلون. پر مسجد يا گهر جيڪا هن ان کان ننڍي اهوند اتي هڪ وقت ۾ مختلف جاين تي ڪيل قرآن شريف جي تلاوت هڪڙي مجلس ۾ پڙهيل ليکي ويندي.

سجدي جي آيت ماڻهن جي سامهون آهستي پڙهڻ جهڙي. وڏي آواز سان پڙهڻ منع نہ آهي. پر عبادت ۾ عام ماڻهن جي سستي ۽ جي پيش نظر مصلحتاً هي حڪم ڪيو ويو آهي. پر جي معلوم هجي تہ سجدي ڪرڻ ۾ بندڻ کي ڪا به دقت ڪانہ ٿيندي تہ وڏي آواز سان پڙهڻ مستحب آهي. جيڪڏهن انجاڻ جي اڳيان سجدي جي آيت پڙهي وئي، جنهن کي خبر نہ پئي تہ اهو ڪا سجدي جي آيت آهي تہ پڙهڻ ٻڌڻ انهن کي ٻڌائڻ واجب نہ آهي. پر مستحب آهي جاڪار نہ ٿيڻي ڪري ٻيهر آيت پڙهي. پر جيڪڏهن ۾ اهڙو اطلاع ڏيڻ ۾ گهر جي نہ هن زماني جي جاهلن ۾ ثواب حاصل ڪرڻ جي سبب اصل ڏوس ڪانہ ٿي آهي تنهنڪري جي خبر پئي ۽ پوءِ به سجدو نہ ڪيائون تہ گنهگار ٿيندا. پر خبر نہ پوڻ جي حالت ۾ جن سجدي جو حق نہ رهندو ۽ گناهه کان بچي ويندا. اهڙن جاهلن جي سامهون سجدي جي آيت وڏي آواز سان پڙهڻ منع نہ آهي. ڪنهن اهڙي ماڻهو جي اڳيان سجدي جي آيت پڙهي وئي ۽ بندي نہ ڪنهن ڪم ۾ مشغول هجڻ سبب نہ بندي ۽ سجدو ادا نہ ڪيائين تہ پڙهندڙ گنهگار ٿيندو. تنهنڪري پڙهندڙ کي گهر جي ڪنهن اهڙي هنڌ قرآن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 456

شريف جي تلاوت نہ ڪري، جنهن پيا ماڻهو ڪنهن ٻئي هم يا حسب هم مشغول هجن. قرآن شريف هم تلاوت جا محل چوڏهن (۱۴) سجدا واجب آهن پر سورة حج جو آخري سجدو حنفي مذهب موجب مستحب ۽ شافعي مذهب موجب واجب آهي. ۶۷

قرآن شريف جي تلاوت بدڙ جو حڪم

جيڪڏهن قرآن شريف جي تلاوت وڏي آواز سان ڪئي پئي وڃي تہ ان جو ٻڌڻ واجب آهي. قرآن شريف جي هيءَ حا مس تعظيم آهي جا ٻئي ڪنهن ذڪر، تسبيح، تهليل وغيره جي حاصل نہ آهي. تنهنڪري جنهن کي ماڻهو ڪنهن حسب يا هم هم مشغول هجن انهي قرآن شريف جي قرآت وڏي آواز سان ڪرڻ سبب پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ قرآن شريف جي مذڪور تعظيم جو تارڪ ٿئي ٿو. ديني تعليمي ادارن هم جنهن جي يا شخص ڪنهن ٻئي علمي هم هم مشغول هجن انهي وڏي آواز سان قرآن شريف پڙهڻ جي اجازت آهي. جاڪاڻ تہ ديني علم جي پڙهڻ مشغولي سبب قرآن شريف جي تلاوت ڏاڍي جيڪڏهن لوڪ نہ ڏاڍو ويڙهيو پوي معاف آهي. ۶۸

شڪراني جو سجدو

شڪراني جو سجدو ڏيڻ مستحب آهي، پر فرض نماز پوءِ شڪراني جو سجدو ڏيڻ مڪروه آهي. وتر نماز پوءِ به سجدا ڏيڻ يا نفل نماز پوءِ سجدا ڏيڻ، جن جو وڏو ثواب مشهور آهي سي سڀ مڪروه آهن. ۶۹

سجدهء سهو: به رڪوع يا ٻئي سجدا ڪرڻ سان يا امام وقت ويهڻ ۽ ويهڻ وقت قيام ڪرڻ سبب، سجدا سهو لازم ٿيندا. جيڪڏهن امام کي سهو ٿيو، پوءِ ڪنهن سبب ڪنهن ٻئي کي خليفو ورتائين، ان کي به سهو ٿيو نہ فقط هڪ ڏهن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 457

سهو جا سجدا ڏيا. مقتدي ۽ ڪان امام جي اقتدا ۾ ڪو سهو جهڙو حڪم ٿيو ته ان ۾ ڪا سهو آهي ۽ نه جبر. مسبوق سهو جا سجدا ڏيندو ۽ پر سجدن ڪان اڳ سلام نه ورائيندو. پر جي ويسر ڪان ورائي ويو ته به نماز درست ٿيندي. مسئلن جي انجاڻائي سبب يا اراد تا سلام ورايائين ته ان جي نماز درست نه ٿيندي.[٧٠]

امام جي متابعت جي حد

امام جيڪڏهن ڇهين مقدي ۾ ڏيئو يا عيدن جون تڪبيرون نه هنيائين يا سهوء تلاوت جا سجدا نه ڪيائين ته مقتدي به ان جي متابعت ڪندا. جيڪڏهن امام دعا قنوت نه پڙهي ۽ مقتدي سڄهن ته دعا قنوت پڙهي رڪوع ۾ ڏيي رسندا سين نه دعا قنوت پڙهن، نه ته ڪري امام جي متابعت ڪن. جيڪڏهن عيدن جون تڪبيرون امام سورهن ڪان به زياده هڻي ته مقتدي ويڙهه تڪبيرون نه هڻن. سائي طرح جنازي نماز ۾ جيڪڏهن امام چئن تڪبيرن ڪان زياده تڪبيرون هڻي ته مقتدي ان جي متابعت نه ڪن. تڪبير تحريم امام هٿ ٻڌي نه ڪنا يا هڪ رڪن ڪان ٻئي رڪن ۾ وڃڻ لاءِ تڪبيرون نه چيائين رڪوع نماز خم ٿيڻ ۾ سلام ورايائين يا ٻيون جون تڪبيرون نه چيائين يا رڪوع ڪان اٿڻ ۾ سمع الله نه چيائين ته مقتدي اهي سڀ ڪم ازخود ڪندا ۽ رڪوع ۾ ربنا لڪ الحمد چوندا.[٧١]

نيت: ڪن ٻي هٿ رکي ٻوءِ نيت ڪرڻ مڪروهه آهي. نفل ۾ ثناء پڙهڻ ۾ ٻوءِ "انى وجهت..الخ" پڙهڻ مستحب آهي. پر وتر ۽ فرض ۾ تڪبير ڪان اڳي ٻوءِ "انى وجهت" نه پڙهجي.[٧٢]

آمين: لفظ آمين قرآن شريف مان نه آهي. تنهنڪري ڪٿ وقت الحمد شريف ڪانپوءِ ڪلي نه ڏيندو. پر پڙهڻ ۾ ٻڌڻ وقت الحمد شريف ڪانپوءِ آمين

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 458

جوڙ سنت آهي ۽ ان جو وڏو اجر آهي. ۷۳

نماز ۾ قرأة جي ترتيب

جيڪڏهن پهرين رڪعت ۾ سبب الحمد شريف کان پوءِ سورة الناس پڙهيائين ته پوءِ ٻي رڪعت ۾ الحمد شريف کان پوءِ ساڳي سورة پڙهڻ گهرجي ۽ ٻي رڪعت ۾ سورة الناس پڙهڻ گهرجي. ۷۴

نبين ۽ ملائڪن کان سواءِ بين تي سلام پڙهڻ

نبين ۽ ملائڪن کان سواءِ بين تي سلام پڙهڻ درست نه آهي. جيڪڏهن ڪوه مُل جي ڪاميءَ تي ملڻ وقت سلام چوڻ سنت آهي. نبين ۽ ملائڪن تي به فقط سلام چوڻ ۽ صلوٰة شامل نه ڪرڻ بدعي ڪراهت آهي. بين نبين يعني آنحضور ﷺ کان الڳ نبين تي صلوٰة پڙهڻ مستحب آهي ۽ ملائڪن تي پڻ. پر حضور ﷺ تي صلوٰة پڙهڻ واجب آهي. جو رڳو صلوٰة يا رڳو سلام سان له ادا ٿيندو. ۷۵

حضور ﷺ جي ذاتي نالن مبارڪن سان "يا" ملائڻ

آنحضور صلي الله عليه وسلم جن جي ذاتي اسمائ پاڪ يعني محمد صلي الله عليه وسلم ۽ احمد صلي الله عليه وسلم جي الڳ الڳ "يا" جو لفظ چوڻ حرام آهي. باقي جي ٻين نبين جا نالا آهي تن سڀ سان گڏ "يا" جو لفظ چوڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. پر جيڪڏهن حديث شريف ۾ "يا" آيل هجي ته ان کي هرگز نه بدلائبو. ۷۶

نماز جي آخري قعدي ۾ جي صفت

حديث شريف ۾ آهي ته آخري قعدي ۾ سڀني موٽن ۽ مؤمنات لاءِ دعا ڪرڻ گهرجي نه ته نماز ۾ نقصان ٿيندو. جنهن جا ماءُ پيءُ ڪافر هجن انهن کي ماءُ پيءُ لاءِ به دعا گهرڻ حرام آهي. دين دنيا جي ڪنهن لاءِ عربي بولي ۾ دعا گهرجي. پر فقط امڙ ۽ ابي جي ڪنهن لاءِ دعا گهرجي جي مخلوق سان به ٿي سگهي نه ته نماز درست نه ٿيندي. التحيات ۾ اشهد وقت آڱر سان اشارو ڪرڻ ڪن عالمن جي راءِ موجب مڪروهه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 459

آهي پر صحيح قول موجب سنت آهي. التحيات ۾ هڪ اهڙو لفظ زياده چوڻ، جو ڪنهن به حديث ۾ نه آيو هجي ۽ مڪروه آهي. پر جي هڪ اهڙو لفظ پڙهيائين جو ڪنهن حديث ۾ موجود هجي ۽ نه ڪراهت کانپي. تنهنجي الا الله ڪا بيوءَ وحدهٗ لاشريڪ له چوڻ ۾ ڪو به ڏوهه ڪونهي. بلڪ اهي لفظ چوڻ مستحب آهي. ۷۷

عمل لاءِ احسن وات: بهتر آهي ته عمل لاءِ اهڙي وات منتخب ڪجي، جنهن ۾ ڪوبه نقصان نه هجي بلڪ فائدو هجي. جنهن وات ۾ هڪ سبب نفعي جي اميد هجي ۽ ٻئي سبب ڪري نقصان جو اندیشو هجي ان کي ترڪ ڪجي. ۷۸

جن حالتن ۾ سنت ۽ مستحب فرض ۽ واجب کان افضل آهن

سلامات وقت سلام چوڻ سنت ۽ انجو جواب ڏيڻ هڪ جي حالت ۾ فرض عين ۽ ڪنهن جي حالت ۾ فرض ڪفايه آهي. پر پهرين سلام چوڻ جو فقط سنت آهي ان جو ثواب جواب ڏيڻ جي ثواب کان زياده آهي جو فرض آهي. مقروض کي قرض بخش ڪرڻ مستحب ۽ مهلت ڏيڻ واجب آهي، پر بخش ڪرڻ جيڪو مستحب آهي ان جو ثواب مهلت ڏيڻ جي ثواب کان زياده آهي جيڪو واجب آهي. وقت ڪان اڳي ۽ موسارڻ مستحب ۽ وقت ٿي سارڻ فرض آهي. پر وقت ڪان اڳي سارڻ جيڪو مستحب آهي، ان جو ثواب وقت ٿي سارڻ ڪان زياده آهي جيڪو فرض آهي. ۷۹

عورتن ۽ ڪافرن تي سلام چوڻ ۽ انجو جواب ڏيڻ

ڪافر سلام ڪٿي ته ان جي جواب ۾ فقط عليڪم چئجي. جنهن مجلس ۾ ڪافر ۽ مسلمان ڏين ٿا هجن ته سلام چوڻ درست آهي، پر جي اڪيلو ڪافر هجي ته سلام چوڻ درست ناهي. جيڪڏهن ڪافر ۾ ڪو ضروري حڪم پوي ته ان کي سلام چوڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 460

تعظيم ڪرڻ، هٿ ڏيڻ ۽ پاڻ ۾ جهڙ ڏسڻ آهي. پر انهن سڀني ڪمن ۾ هي نيت
ڪجي ته سلام، تعظيم وغيره انهن ملائڪن لاءِ آهي جي سائل گذ آهن. ڪافر
کي هٿ ڏيڻ ته هٿ ڏيڻ سان پاڻ اهو ڏسڻ. ڪافر کي ”پلي ڪري آئين“ به نه چئبو، ”ڪاڪا
سان زياده چئبس ته ”خوش آهين“. پر هر وقت ”پلي ڪري آئين“ به چئبس.

محرم عورت ٻي پهرين مرد کي سلام چوڻ لڳي جي. سائڪي طرح ڏاڙهين عورت
جا پوڙهي آهي، ان ٻي سلام چوڻ به درست آهي. ڏاڙهين جوان عورت ٻي جيڪڏهن
مرد سلام چوي ته هوءَ اندر دل ۾ جواب ڏيندي ۽ نه ظاهر. سائڪي طرح جيڪڏهن
ڏاڙهين جوان عورت ڪنهن مرد ٻي سلام چوي ته هو ان کي دل ۾ جواب ڏيندو ۽
نه ظاهر. جيڪڏهن زال سان گڏ هو غير مرد به ويٺل آهي ته ڏاڙهين جوان عورت
لاءِ انهن سڀني ٻي سلام چوڻ درست نه آهي. ۸۰

نابالغ جي سلام جو جواب

نابالغ جيڪڏهن سلام ڪري ته ان جو جواب ڏيڻ فرض
آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن مجلس ٻي ڪنهن شخص سلام
چيو ۽ ويٺل مان فقط ڪنهن نابالغ جواب ڏنو ته بالغن تان سلام ڏيڻ جو فرض ادا نه
ٿيو. ۸۱

Gul Hayat Institute

متبرڪ جاين کي چمڻ

جن جاين کي چمڻ جو حڪم حديث شريف ۾ آيل آهي انهن
کان سواءِ بين کي چمڻ، درست نه آهي. پر قرآن شريف
يا الله تعالىٰ ۽ بين جا نالا، ڪعبت الله جو غلاف شريف ۽ روضي اطهر جو غلاف
شريف چمڻ جائز آهن. جيتوڻيڪ حديث شريف ۾ اهڙو حڪم آيل نه هجي. ۸۲

راند روند جو حڪم

سيڪاريندڙ راند روند حرام آهي سواءِ تن راندين جي. جن جي
اجازت آهي. اهي هي آهن: گهوڙي دوڙ، ٽائڻ، نشان
جنڻ ۽ پنهنجي زال کي وندرائڻ. ننڍن بارن کي گدين راند ڪرڻ حرام

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 461

منع نہ کبي. پر بالغن کي گڏ ۾ راند ڏسڻ درست نہ آهي.

ٻار کي لڪائڻ لاءِ ٻاڻ تي بهتان يا عيب رکڻ

کن خاص حالتن ۾ کن خاص ماڻهن تي کي خاص هم کن خاص وقتن ۾ کوڙ جائز هوندا آهن. جي عام ماڻهن لاءِ ناجائز هوندا آهن. اهڙن کمن جو ظاهر ظهور کوڙ درست ناهي. جيڪڏهن ماڻهن جو اراد و پيٽ لاءِ کي حقير اهڙا هم کن ته انهن کي به درست ناهي. هن زماني ۾ خصوصاً حرام آهي. پياکاڻ ته ماڻهن جي گمراهه ٿيڻ جو انديشو زياده آهي. ۸۴

کنئي ڏونتان کيڙي جي ميل جو حڪم

کنئي ڏونتان جيڪڏهن کو اهڙو کيڙو پلجي ملي جو اصل جهڙو يا ان کان گهٽ هجي نه ان کي رکي چڏڻ ۾ حرج کوڏهي. پر اصل کيڙي کان زياده هجي نه ان ۾ هي حيلو هجي نه پلجي آيل کيڙو کهن مسڪين کي بخشش کجي جوڙي ونائي بخشيندڙ کي بخشش کري. کنئي جيڪڏهن کيڙو بدلائي ڏنو نه ان کان اصل کيڙي جي قيمت پرائي وٺڻ جائز آهي. ۸۵

زالن لاءِ کوڙن زيورن سان زينت کرڻ جو حڪم

کج، قلعي، کٽ، ناهي ۽ پتل جا هر قسم جا زيور پائي زالن کي سينگار آهن. اهڙا زيور پائڻ من ۾ چهو پيدا ٿئي، زالن يا ڏينهن بارن ۾ هي کي جائز نه آهي ۽ جيڪڏهن من ۾ خيال جي اچڻ ۾ انهن زالن ۽ بارن جا وارث به گنهگار ٿيندا. ۸۶

نيت ۽ عمل: سينڌ سرهون کوڙ وار کائڻ، ڏهر کوڙ ۽ سماهوڙ سهڻ، ماڻهن ۽ پيٽ ۾ پنهن جي زال سان محبت کوڙ هي سڀ اهڙا کم آهن، جي جڳي نيت کوڙ سان جڳا ۽ بچڻي نيت کوڙ سان بچڻا ٿيندا. پر هن عمل ۾ جڳي نيت جو ضرور ناهي. اهي بنا نيت جي ٻي ثواب جو باعث ٿين ٿا. مثلاً قرآن شريف جي تلاوت کوڙ، هنن کي وات ڏيڻ، قرض ڏيڻ، امانت سلامت کوڙ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 462

واٽ تان گندا يا پليتي پري ڪرڻ، علم پڙهڻ وغيره. ۸۷

